هڪڙي ڏينهن جي ڳالهه...

ماڙيوالا

هڪڙي ڏينهن جي ڳالهہ......

مصنف

چيتنرام ليکراج ماڙيوالا

اتهاس آڌياپڪ،

جئه هند ڪاليج،

چرچگيٽ، بمبئي - ۲۰

جنوري ۱۹۷۵ع

دفعو پهريون   ملهه پنج رپيا

مهاڳ

مون کان جيڪڏهن پڇيو وڃي ته هن جيون ختم ٿيڻ تي هوند ڇا چاهين، ته مان هڪدم وراڻيان ته مان هوند وري منش-جنم وٺي، هن دنيا ۾ موٽي اچان. حياتيءَ جي هر روز نت نئون ۽ نرالو ناٽڪ پيو رچجي، جنهن ۾ هر هڪ جيو کي پنهنجو پنهنجو پارٽ ادا ڪرڻو آهي. انهيءَ ڪري ئي حياتي رنگين ۽ رسيلي بڻجي ٿي ۽ اُن ۾ خاص طور پنهنجو پارٽ روچڪ نظر اچي ٿو. پارٽ جي نامياري ليکڪ، ڊي ايف ڪراڪا، جنهنجي مهاتما گانڌيءَ جي عمدي ۾ عمدي جيونيءَ "منٽيءَ مان منش" لکيل آهي، تنهن پنهنجي تازو ڇپيل جيون پاترا "پوءِ حضرت علي نظر آيم......" ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي ته منش جي زندگيءَ جو سار ڪن ساعتن ۾ ئي سمايل ٿئي ٿو. اهي اهميت-ڀريا لحظا خاص طور سنڌس لاءِ ئي ملهائتا ٿين ٿا؛ پوءِ چاهي اهي پلڪ پيار، جذبات، شوق، موج ۽ ڪاميابيءَ جا هجن، جن جي ڪري منش ڦوليو نه سمائجي، ۽ جن جي اظهار کان هوءَ پاڻ روڪي نه سگهي، يا وري اهي گهڙيون ناڪاميابيءَ ۽ شڪست جون هجن. انهن پوئين ساعتن مان ئي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هو ڪيتري قدر اندر جي جهوريءَ تي قابو پيو آهي ۽ پنهنجي اکين ۾ پرجهي آيل آب کي لڙڻ اچڻ کان روڪڻ ۾

Printed by Asudomal Rochiram Punwani
at the CROWN PRINTERY, Sane Guruji Road, Bombay 400 011
Published by Prof. C. L. Mariwalla, Hari-Kripa, Block 7,
Behind Market, Sion, Bombay 400 022

ونود، ارڙُن

۽

ٻين ڏوهٽن پوٽن جي ونڊر لاءِ

کهڙي حد تائين ڪامياب ويو آهي. منش جي جيون اُهڃاڻ پلڪن جو ئي جوڙ آهي."

پنهنجي وچولي جيون واري پنجاهن ورهين جي عرصي مان پنجونجاهه ڏينهن چونڊي، اُنهن جي اَنوکي لطف جو هٿ وٺڻ ڪيو اٿم ۽ انهن مان حاصل ڪيل آزمودن جو نقش پڻ چٽيو اٿم. مان هڪ ساڌارڻ منش ئي آهيان، ۽ پنهنجي جيون مان هيءَ لطف ڀريا پلڪ انهيءَ مراد سان پيش ڪيا اٿم ته پل ته سمجهي - جن - جن ۾ وڏا ماڻهو پڻ اَچي ٿا وڃن، ڇو ته منجهن پڻ ساڌارڻ منش سمايل آهي - پنهنجو ڪجهه وقت وندر ۾ گذارين. ساڳئي مقصد سان ئي ڪي سال اڳ "ساهيڙ جي درسنيءَ تان" نالي ڪتاب شايع ڪيو هوم، جنهن ۾ انيڪ پڻ جون تصويرون پيش ڪيون هيم. آرزو اٿم ته شل هيءَ "هڪڙي ڏينهن جون ڳالهيون" پڻ ساڳيءَ ريت سنڌي سڄڻن جي طبيعت کي تفريح ڏين.

چيتن ماڙيوالا

٢٦ جنوري ١٩٧٥ع،
"هري - ڪرپا"،
سيان، بمبئي-٢٢.

۲۲. ڏاهو ٿيڻو ٿي پيو ۱۲۱
۲۳. اهو اونداهو ڏينهن ۱۲۶
۲۴. وطن جا وڻ ڪياسين پار ۱۳۲
۲۵. احسان ڪيئن وڃائبا ۱۳۷
۲۶. نوڪريءَ جي تلاش ۾ ۱۴۵
۲۷. چٽاڀيٽي ۱۵۱
۲۸. هيڪڙ گنهگار، هميشه جوابدار ۱۵۷
۲۹. اڳڪٿي ۱۶۳
۳۰. چغلي ۱۶۹
۳۱. ڪملا ۱۷۵
۳۲. پروفيسر ۽ واسر ۱۸۱
۳۳. اڪ جو انصاف ۱۸۶
۳۴. گستاخي معاف ۱۹۱
۳۵. چت - چور ۱۹۶
۳۶. الوڪو اجورو ۲۰۱
۳۷. ٻتي - راند ۲۰۸
۳۸. ٻرام دادا ۲۱۴
۳۹. ڪندن ۲۲۱
۴۰. اجائي هوشياري ۲۲۶
۴۱. قدرشناسي ۲۳۳
۴۲. ولود جو جنم ۲۳۹
۴۳. ويهين صديءَ جو شيام ۲۴۵

هڪڙي ڏينهن جي ڳالهه..........

١. مڱڻو طيءَ ٿي ويو	١
٢. ڦليءَ ور نه سڄالو	٧
٣. ليما ٻاڻي لوچ	١٢
۴. انعام ڪٽيم	١٧
۵. ......نهه ٻهه	٢٢
٦. "ٻٽهين"	٢٨
٧. سؤمان جو سوال	٣۵
٨. مٽس ني ڏڏي ويو	۴١
٩. لصيب ڪليم	۴٧
١٠. ڪاليج ۾ پهريون ڏينهن	۵٣
١١. "سائِين، هِجي"	۵٨
١٢. پهرياس جا سور	٦٣
١٣. ڪلاس ۾ ڏيڏر	٦٨
١۴. سولهن جو مسئلو	٧٣
١۵. "ٻوڻيسر"	٨١
١٦. هڙتال	٨٦
١٧. امتحان ۾ ڪاپي	٩١
١٨. سفيد چمڙي	٩٧
١٩. سالورو سڄان	١٠٣
٢٠. ڪليءَ جي ساهيڙي	١١٠
٢١. مير صاحب سان ملاقات	١١۵



C. L. MARIWALA Esq., B. A.,

First Sir Evan James Prizeman after many years.

Since its institution in 1925, the Sir Evan James Prize offered every two years for the best essay on a subject connected with the History or Literature of Sind, has not been awarded to a single candidate. The reasons are significant :—Either no Essays were received, or, the attempts submitted were not deserving of the award in the opinion of the Judges. The Prize, offered again in 1937, after an interval of five years, was carried off at last by Mr. C. L. Mariwala with his brilliant Essay on "Ancient Sind Civilization, as known from Recent Archaeological Excavation."

Mr. C. L., Mariwala who holds the Post of Tutor in History in the College, and was the Sind delegate to the recent History Congress held at Lahore, is a prolific contributor to Indian Historical Journals, and an assiduous worker on the Ancient Records of this Province.

جڏھن اِنعام کٽيم - ص ٢١

۴۴. راشٽرپتيءَ جو ٽالي-پانيوار	۲۵۱
۴۵. هوليءَ جو د ل	۲۵۶
۴۶. ماڻهوُ اَڇي مُوَن مان ڪڪ ٿيا	۲۶۲
۴۷. ٻاڙ ٻٽوڙين ڪوهه	۲۶۸
۴۸. ”اَوهين ڪملا ڪي وڌيڪ ٿا ڀانيو“	۲۷۴
۴۹. لڄس ڪنجوُس	۲۸۰
۵۰. ”هيڏانهن، هوُ ڏس“	۲۸۸
۵۱. گوُرو ۽ آچاريہ	۲۹۴
۵۲. محفل جو مور	۳۰۰
۵۳. ”اَسانکي متان هٿ لائو آٿو	۳۰۶
۵۴. پٽ ٿي پوٽايم	۳۱۱
۵۵. سلڪ جو سوُٽ	۳۱۶

هڪڙي ڏينهن جي ڳالهه......

١. هڱٽو ٽيءَ تي ويو

روز مره موافق باوا جن (منهنجو ڏاڏو) شام جي چانهه ورتائي، ڪتا تي اڪري ويا. ناني ڌرمداس جن تازو ڪراچيءَ آيا هئا ۽ اسان جي گهر جي ويجهوئي ڪٿي لٿل هئا. ناني جن جي گيان گوشٽ مان باوا جن کي خاص آنند ايندو هو. ان ڪري جڏهانڪر ناني جن پاڙي ۾ اچي سهڙيا هئا تڏهانڪر باوا جن چار وڄن ٻڌڻ خاطر سندن سنمک ويندا هئا. اَڄ ٻڻ اوڏانهن ئي ويا هئا.

منهن اونداهي ٿي ته باوا جن موٽي آيا، پر هونئن کان اَلبت چڙڪو. اَڄ ٻاوا جن اَلبت چست ۽ سرها ٿي لڳا. آءٌ ٻاوا جن کي نوڪريءَ تي ويندو ڪين سڃاڻان. ننڍي هوندي ڪين پٽڪو سو پهريل ڏٺو هوم، باقي نوڪريءَ واري سمي جي ٻي ڪا به نشاني ڪين سڄهيم. پٽڪو پهريل ٻاوا جن چڱا ڪڙا لڳندا هئا. پر جلد پوءِ گهر ۾ جو هڪ ٻئي پٺيان قضيا ٿيا — وڏو پٽ، ننڍو پٽ، ننڍي نُهن، پوٽو...... تنهن جڙ سندن چيلهه ڀڃي وڌي. صبر ۽ سنتوش باوا جن برابر ڪين ڇڏيو، پر اندر ۾ لڳل چٽڪ جي لهس جا چهه سندن چهري تي چٽا ظاهر ٿي بيٺا هئا. باوا جن هاڻي پٽڪو

هو، جنهن جو حل سولو ڪين ٿي سجهيو: آهڙي ڪا ڳالهه هئي جنهن ۾ پيءُ پٽ سهمت نٿي ٿيا ۽ ان سبب قصو ايترو اڻگهڙي پيو هو.

ڳچ ويرم بعد دروازو کليو. بابوجن هوندءِ کان وڌيڪ گنڀير ٿي لڳا. مولڪي ڏسندي ئي اشاري سان مولڪي پاڻ وٽ سڏيائون. منهنجي اچرج جي حد نه رهي. آخر وڏن جي ڳالهين ۾ منهنجو ڪهڙو واسطو! وسوسا وڌي ويم ته مولڪان ڪا اربع خطا ته ڪانه ٿي گذري هئي، جنهن ٿي اهي ڪن سن جون ڳالهيون ڇيڙيون هيون!! پر مولڪي اهڙو ڪجهه به خيال ۾ ڪين آيو، موڙ ڳو من جو موڳهارو ٿيائين وڌي ويو. بابوجن مولڪي پاڻ وٽ گهرائي، پنهنجي پاسي ۾ پيل ڪرسيءَ تي وهڻ لاءِ چيو. منهنجي اڻ تڻ ڇوٽ چڙهي ويئي. بابوجن چيو، ”باواجن چاهين ٿا ته توکي مڱائجي.“ ڳالهه ڇٽي هوندي به مولڪي سمجهه ۾ ڪانه آئي. اهو ڪيئن ٿي ٿي سگهيو! مان ته اڃا ڪاليج پئي پڙهيس، پوءِ مڱڻي ۽ شاديءَ جو سوال اٿيوئي ڪٿي ٿي! ائين نه پڙهڻ ۾ رخنو پئجي ويندو!! مان جڏهن مئٽرڪ پڙهندو هوس تڏهن اميءَ جي اڇي دل سرڪي ته ڇوڪر مڱايان. پر بابوجن اعتراض ورتو هو- سبب اهو ئي ته اهڙيءَ حالت ۾ پڙهڻ ۾ رنڊڪ پوندي. ڪاليج پڙهڻ جو شروع ڪيو هوم، سو مولڪي ان ڪان

پهرڻ ڇڏي ڏنو هو ۽ اُن بدران ڪاري بنگلوري ٽوپي پائڻ لڳا هئا.

پر اَڄوڪي ڇنڇر ۽ منهن جي مهڪ سندن اڳين ڪڙائيءَ جي ياد کي تازو ڪرڻ کان ڪين رکيون. ڪوٺيءَ ۾ ڪپڙا بدلائي، باواجن رنڌڻي وٽ اَچي، ڏاڍي پابوهه مان تنهن کي سڏيو- ٽن مان اِها هڪ ئي سدوري نه وڃي بچي هئين-، ”ڪنوار ڳالهه نه ٻڌ.“ اَميءَ، ڪم اَڌ ۾ئي ڇڏي، باواجن جو سڏ اونائي، سندن ڪوٺيءَ ڏي وک کنئي. باواجن جي چوڻ تي هن ڪوٺيءَ جو در ڪٽي بيڪڙيو. هيءَ در-پور ڪانفرنس اَسانجي ڪٽنب ۾ شايد پهريون ئي دفعو ٿي هئي- اِهو هڪ عجب اِسرار هو. اَندر ڪهڙي چرچا ٿي، تنهن جي ڪل فقط تنهن ۽ سهڙي کي؛ ٻي خبر ڌڻيءَ کي.

در جهٽ ئي کليو. منهن ۾ تنهن جي پيار سي عالي سرڪار جي حضور ۾ حاضر ٿيڻ جا حڪم تعميل ٿيا. بابوجن (منهنجو چاچو ۽ گرو-پتا) سڏ ٿيڻ تي هڪدم باواجن وٽ ويا. وري دروازو بند ٿي ويو. هيئن اَسان جي گهر ۾ ڪڏهن ڪين ٿيو هو. هنن ڳجهه ڳجهاندڙ ڳالهين جو آخر پريوجن ڇا؟ مطلب ڪهڙو؟ ڪجهه به سمجهه ۾ ڪين آيو. هن دفعي دروازو ڳچ دير تائين بند رهيو. شايد اَهڙو ڪو پيچيدو مسئلو

ڇوڪري هئان ڇڏڻ نه گهرجي. جڏهن باوا جن ائين چاهين ٿا ته تنهنجو مگڻو اُنهيءَ سان ٿئي ته اوکي ڪوبه اَعتراض هئڻ نه گهرجي. وڏن جي ڳالهه کي وزن ڏيڻ گهرجي.”

جڏهن گهر جي ڀاتين جو رايو ساڳيو وڃي بيٺو ته مان لاچار ٿي پيس. منهنجا اَعتراض هڪ هڪ ڪري اڏامندا ويا؛ ”ها“ ڪرڻ کانسواءِ مون لاءِ ڪوبه چارو ڪونه رهيو. بابوءَ جن منهنجو اَندر جهٽ پرکي ورتو؛ اَسين ٻئي باوا جن وٽ وياسين.

باوا جن پاسي ۾ وهاري ڏاڍي پاٻوهه مان شام جو جيڪي ٿي گذريو هو، سو مونکي پيرائتي ريت ٻڌايو- شام جو ڀائي ٽرمداس جي ڪٿا لاءِ جڏهن هنن سندن ميزبان جي گهر جو در وڃي کڙڪايو ته اهو ڪنهن لينگر اَچي کوليو. لينگر کي ڏسندي سندن دل سرڪي ويئي ته ڪيس ٻوڙي ڪنوار ٻڌايان. ڪٿا پوري ٿيڻ تي باوا جن شب ۾ ڇوڪريءَ بابت پڇا ڳاڇا ڪئي؛ پڪو پهه ڪيائون ته ڪيئن به اهو سڱ ضرور ڪبو. جڏهن ڳالهه سرٻستيءَ طرح ٻڌائي پوري ڪيائون، تڏهن ڳراٽڙي پائيندي، باوا جن چيو، ”ڇوڪري ڏاڍي سٻاجهي هئي، تنهن ڪري مونکي هڪدم پسند آئي؛ وتر جو پڇا مان پتو پيم ته ڪنهن جي ڌيءَ آهي ته باقي رهيو کهيو حجاب پڻ ڪافور ٿي ويو. بار اَڪثر طرح

والدهه لاءِ بابوءَ جن هرگز تيار نه هئا. انهيءَ سبب قصو اُنهيءَ ختم ٿي ويو. بابوءَ جن تڏهن نه پيال جو ڪم ڏنو هو. پر هيئنر سندن رخ ڪجهه قدر بدليل هو. بابوءَ جن مونکي ڳالهه ٻيرانيءَ ريت سمجهائي- "باواجن چون ٿا ته مان هاڻي ڪافي ٻيرسن ٿي چڪو آهيان؛ پرون پيا پوڻم ته گهڻو وقت جٽاءُ ڪين ڪندس. سالن کان هڪ ٻئي پٺيان ڏک پئي سٺا اَٿم. منهنجي آس آهي ته پوٽو مڱائي، ڪجهه دل کي سيتل ڪريان." آخر فيصلو مولتي ڇڏيو ويو. منهنجي منهن ۾ اَعتراض جو ريکائون مڙنديون ڏسي، بابوءَ جن چيو، "مان خود هن ڳالهه جي برخلاف آهيان. پر باواجن جي خواهش به اَڻ واجب ناهي. هن وهيءَ ۾ کين ناراض ڪرڻ واجب نه ٿيندو. مون تنهنجي پاران هڪ شرط وڌو آهي ته شاديءَ لاءِ زور اَصل نه ڪندا جيسين تو بي. اي پاس نه ڪئي آهي. باواجن خاطري ڏني آهي ته "مان فقط مڱڻو ڏسڻ ٿو چاهيان، مان شاديءَ لاءِ اَصل کين چوندس." اَسان ٻاڻ ۾ ويٺي ڳالهايو ته اَمي به ڪمري ۾ گهڙي آئي. سندس منهن تي مٺي مرڪ ڦهليل هئي. چوڻ لڳي، "متان ناڪار ڪئي اَٿيئي. ڇوڪري اَها ساڳي ئي آهي، جنهن جي مائٽي ٻه سال اَڳ، آئي هئي، جڏهن تون مئٽرڪ پڙهندو هئين. منهنجي ته تڏهن ئي مرضي هئي. اَهڙي گل جهڙي

٢. وَنيءَ وَرُ نه سڃاتو

منهنجو مڱڻو ني ڏينهن مهل رکيو ويو. ڇو! اَسان وٽ ته مڱڻو پسند هو. ڪنوار وارن کي به ڳالهه خاص طور وڻي هئي. هنن ته به سال اڳ ڳالهه ڇوري هئي، پر اَسان ئي "نه" ڪئي هئي، جو مون اَڃا مئٽرڪ ئي ڪانه پاس ڪئي هئي. هاڻي جڏهن ٻئي ڌريون راضي هيون ته باقي دير جو ڪارڻ ڪهڙو؟ ڇڱي ڪم ۾ دير اَصل نه وجهڻ گهرجي! پر بابن جو چوڻ هو ته جيستوڻي ڇوڪر، ڇوڪري ڏسي، "ها" نه ڇئي آهي، تيستوڻي مڱڻو ڪين ڪبو. وقت ڦيرو کائي چڪو هو. ڇوڪرين ڏسڻ جو رواج شروع ٿي ويو هو. وڏن لئي چاهيو ته ڪڏهن به نديا مٿن ميار رکن ته سندن قبوليت کانسواءِ ڪين گهنڊڻي پڏائي وئي هئي. هوڏانهن منهنجا خيال ڪجهه نرالائي هئا. مائٽ پار کي ڪس ٽوروئي لائيندا. باواڻن جي ته ڇوڪري ڏسڻ سان ئي دل سڙڪي هئي! اَميءَ ته اِها تيڪر سالن کان ئي اَک ۾ رکي هئي! تنهن کانسواءِ منهنجي وڏي ڀيڻ کي به ته ڇوڪري وڻي هئي. باقي مون کي ڏسڻوئي ڇا هو! تنهن کان سواءِ ڪنهن کي هڪ دفعو ڏسڻ سان ٽوروئي عمر ڀر لاءِ ڪو فيصلو ڪري سگهبو! سو به جي اَڳلي کي اَڳواٽ اِطلاح مليل هوندو ته هوءَ ڇنجي ڏکجي وهندو ۽ حد خبرداريءَ سان پيش ايندو. اِهيءَ حالت ۾

ماءُ پيءُ ني ئي وڃي ٿو. ڪلولت مائٽن جا ٻار ڪڏهن ڪما نه ثابت ٿين. منهنجي حياتي اڃي پئي آهي. دل هيم ته گهر ۾ ڪو نه نئيو وڏو جشن ڏسي وڃان- حشر ته حشام ڏنا اٿم. هاڻي تنهنجي مرضي؛ سڀ واڳون تنهنجي وس ئي آهن." باواجن جڏهن سڀ ڪجهه چئي پورو ڪيو ته ڏٺم ته سندن اکيون پرجي آيون هيون.

انهيءَ وچ ۾ امي به چپ چاپ ۾ منهنجي پر ۾ اچي ويٺي هئي. مولڪي فيصلي ڪرڻ ۾ ويرم اصل ڪانه لڳي. منهنجي لاءِ ٻيو ڪجهه پسند ڪرڻ جي واهه وسيلو ڇڏيو ئي ڪٿي ويو هو! سڀني کي ناراض ۽ نراس ڪرڻ سان سڪ ماڻڻ جو آسرو خير ٿي نظر آيم. تنهن ڪري ڏاڏي جو چوڻ مڃيم ۽ مڱڻ قبوليم. سچ ٿو چوان ته وڏن جي صلاح وٺڻ ۾ ڪس اصل ڪانه لڳي اٿم، ڪسر ئي نصيب ٿي اٿم.

ڪرڻ لاءِ گهريو، تنهن ڪري ڪڇيم ڪين، پر اندر ۾ ڪاميس ضرور، جو مان هن ڏي- وٽ جي سخت خلاف هوس، ۽ سا بہ فقط هڪ طرفي. پر ڪڏهن غم ڪانٺوڻي ٿو پوي. جنهن چاهہ ۽ چوچ مان اميءَ مولڪي پاليو ناتيو هو، ۽ پاڻ هڄائي مولڪي هيڏو ڪيو هو، تنهن جي خوشيءَ ۾ رخنو وجهڻ مولڪي ڪين ٿي آئڙيو. تنهن ڪري صبر ۾ رهيس. نيٺ صاحب منهنجي پڌي- هفتي کن کان پوءِ ڪورٽ جي وئڪيشن پوري ٿي، جنهن ڪري منهنجا ساهرا پنهنجي ماڳ- وريا ۽ روزانا ٽالهہ اچڻ کي ناپر آئي.

ائين وقت وهامندو رهيو، ٽانجو سال کن تہ واهہ جو گذري ويو. هڪڙي ڏينهن شام جو ڪا ٽڪڙي شيءِ گهربي هيم، سو سنڌي وڃي ۾ ئي نڪري پيس باسي واري گانڌي بازار ۾. اچا هڪ چؤسول ٽپي اڳتي ٽيس تہ جيناننڊ گڏيو. جيناننڊ منهنجي ماروٽ جو گهوٽ هو. مون کي جو ڏائين تہ پرپان ئي ڪيڪار پائين، هؤ قرب پيار ڪالسواءِ ٻيو ڪين ڄاڻندو هو، تنهن ڪري سندس صحبت ۾ الوکو لطف هو. مان پڻ ڪيس پاپوهہ مان وڃي گڏيس. هڪ ٻئي کان حال احوال ورتوسين. ساڻس ڪا ليکر گڏ هئي. پر جڏهن تہ هن ڪاہ واقفيت ڪاڻ ڏني تہ مون پڻ هن ڏانهن ڪو خاص ڌيان ڪين ڏنو. هوءَ اسپيشل ليکر جيناننڊ جي کبي کان پٺي

ڪهڙو فيصلو ڪري سگهبو! ساهيڙپ سنگت ۾ گڏجڻ مسجڻ سان اڳاڻي جي سڀاءَ فضيلت، پلنگ ٻول، وغيره، جو ڪجهه مڙئي تذميندو لڳائي سگهجي ٿو؛ باقي هڪ دفعو گڏجڻ سان نالو ٻ ڪجي ۽ ڪو خاطر خواهه فيصلو ٻ نه ڪري سگهجي، ته اُن مان سوُدني ڪهڙو! تنهن ڪري منهنجو اهوئي ويچار هو ته مون لاءِ ڇوڪري ڏسڻ جي ڪا ٻ ضرورت ڪانه هئي، خاص ڪري جڏهن منهنجي گهر جي ڀائين کي ڇوڪري پسند هئي ۽ ڇوڪريءَ جا مائٽ تاڃيءَ پيٽي پت هئا. پر ٻابوُجن کي اها ڳالهه قبول نه هئي، جنهن ڪري مڱڻو مهمل رکيو ويو. اها رد بدل ٽي ڏينهن هلي. جڏهن مان پنهنجي ارادي تي اَڏول رهيس، تڏهن لاچار ٻابوُجن کي مڙڻو پيو ۽ مڱڻي جي رسم اَدا ڪرڻ جي موڪل ڏناءون. مان جو پنهنجي هرڻ تي قائم رهيس ته هوءَ پڻ مات ۾ رهي، ڇو ته ڇوڪرين جي ڪچڻ جو زمانو اَڃا ڪونه آيو هو. ان ريت ٻنا ڏٺي هڪ ٻئي جو خيالي چتر چٽيندا رهياسين.

پڪ جا ٻ روپيا رپيا، مصري، ناريل، وغيره، ڏيڻ سان ڏيتي ليتيءَ جي جڻ ٻيگهي مچي وئي. هر روز سڄ اولهه طرف ٿيو ناهي ۽ ساهرن ڦَڙان مال مليندا آيا ناهن- لمت لوان، نرالاءِ لذيذ! مولکي ڳالهه اَصل نه پيٽي ڦَٽي، پر اَمي طعام ڏسي پيٽي ٽڙي!! مون ڪيس ناراض

ڏيان ڇو ڏيان؟“ جيئانند ڏوهٽيءَ کان وڌيڪ ڪونئيندي پڇيو، ”ڪيئن ٿي چئين ته هُو اوپروءَ پرائو هو؟ هُو پنهنجو ئي ته هو. تو جو اک کڻي به نه نهاريس ته هُو وري ڪيئن ڪڇي. اهي تنهنجا ڪم آهن نه! تون اڃا ٻار کي ننڍڙي ٻيٺي سمجهين!“ ليکگر اَبوجهائيءَ مان چيو، ”ماما، اڃا پيا موسان لنڊي هولڊي وارا چرچا ڪرڻو. پوءِ به چئو ٿا ته وڏي ٿي وئي آهيان. جي هُو پنهنجو ئي هو ۽ مون نه سڃاتو ته توهين ٿي ڪڻي ٻڌايو ته هُو ڪير هو؟“ الهيءَ تي وراڻيو، ”هُو نه تنهنجو ئي نه پنهنجو هو“ ۽ ڪمرو ٽهڪڙي سان ڀڪي اٿيو.

هلي ۽ مان سندس ساڄي پاسي هوس، تنهنڪري پڻ
آسانجو هڪ ٻئي ڏانهن ڌيان ڪين ڇڪيو. هن
نڪي مونکي ٻڌايو ته هوُ ڪٿان اچي رهيو هو ۽
ڪيڏانهن ٿي ويو ۽ نه مون ئي وري ڪانئس ڪا اهڙي
پڇا ڪئي. ٻيون اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ لاءِ هيون جو
هن پڇا ڪي وارو ملڻ وارو ڪين هو. ڪجهه وکون مس
کنيوسين ته ٻيو چوسول به اچي ويو. مونکي ساڄي
طرف ڦوٽو هو ۽ چينانند کي سڌو اڳتي وڃڻ جو
ويچار هو. شايد اڳيان وڌي اڳئين اسٽاپ تان گهر
لاءِ بس پڪڙڻي هيس. ان ڪري ڪانئس موڪلائي،
مون پنهنجو رستو ورتو ۽ هوُ پنهنجو ڳس ونئي، راهي
ٿي ويو.

ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته منهنجو انومان بلڪل سچو
نڪتو- چينانند برابر بس ۾ وڃي چڙهيو. گهر پهچڻ
سان سندس اشاري تي گهر جا سڀ ڀاتي ڪمر
ڪري اچي ڪمري ۾ ويٺا. مس ڪري سندن ڏوهٽيءَ
ماھ پيءُ کان سواءِ ٻئي ناناٽي ڏکڻ قبوليو هو. انهيءَ
ڪارڻ سڀاويڪ سڀ خوش ٿيا- هرڪو پنهنجي سر
ساٽيس ڳالهائڻ لاءِ منتظر هو. جڏهن سڀني پنهنجيون
پڇائون پوريون ڪيون، تڏهن چينانند پڦاٽ کان پڇيو،
”توهوُ ڇوڪر سڃاڻو ته ڪير هو؟“ ڇوڪر ورندي ڏيندي
چيو، ”مونکي ڪهڙي سڌ! مان پراون ڇوڪرن ڏانهن

ڪجهه، اوتري رقم ۾ اڳتي مڙئي هيرا ملي ويندا هئا.

هر قسم جي تياري ٿي چڪي؛ شاديءَ جو ڏينهن پڻ مٿان اچي سهڙيو. سات سڳڻ ۽ اڳئين ڏينهن کان ئي شروع ٿي ويا هئا. گهوٽ ماءُ گهڙي ڪٿي پنهنجي لاءِ اچي ساڙهي سيڻن کان چڪائي. گهوٽ جو هوس ۽ مولکي ڪاٽي ڏني ويئي، جا جيءَ سان جڙي رکيم؛ ۽ پيٽيوڙو مون لاءِ آهنو (رکوال) پٽجي، پوري سجاڳ رهيو. مٽ مائٽ سڀ اچي ويا ۽ ڏينهن رات لاڏن جي ڌم مچي رهي. اهو ڏينهن ۽ آلائي ڪيئن جهٽ ۾ لبري ويو. پاچولا لڙڻ لڳا ۽ گهوٽ جي گهوڙيءَ تي چڙهڻ جا سانباها ٿيا- گهوڙيءَ جو رواج البت گهٽبو پئي ويو؛ هاڻ موٽر جي سواريءَ جو دستور پئجي چڪو هو.

اهيءَ ڏينهن آلائجي چو صبح کان وٺي اندر ۾ ڪنهن قسم جي ڌرڪڻ مچي چڪي هئي؛ ڪجهه اڻ لڻ ۽ اتاولائي. وڌيڪ ڪجهه به سمجهه ۾ ڪين ٿي آيو. شايد اهيءَ ڪارڻ ئي شاديءَ جي هرقسم جي سانباهي ۾ اڳرو ئي ثابت ٿي ٿيس. پاليڻ ڏک لاءِ آيو ته مان بلڪل ئي تيار هوس؛ سينگاريل موٽر در تي مس پهتي ته مان اُن ۾ براجمان ٿيڻ لاءِ هڪدم هڪيو اچي حاضر ٿيس.

٣. ليڊا ڀائي لوچ

ٽي سال جهٽ ۾ گذري ويا ۽ مان بي اي جو امتحان ڏيئي آيس. اڃا نتيجو ظاهر ئي ڪونه ٿيو هو ته چٺي آئي ته شادي جلد ڏيو. البت عجب لڳو ته سڄا سارا ٽي سال توسط تي ڪوبه اعتراض ڪين ورتو ويو، باقي امتحان جي نتيجي تائين توسط محال ٿي چڪو هو! اسان ٻڌا ويم چٺيءَ جي ورندي ڏني ۽ ڪين ڪجهه وقت توسط لاءِ لکيو. لکڻ جي لوح مان اڳلا سمجهي ويا ته تڪڙ ڪرڻ مان خاص ڪجهه ورتو ڪين هو، تنهن ڪري وڌيڪ لکپڙهه ڪانه ٿي.

جڏهن ئي امتحان جي خبر پيئي ته شاديءَ جي تِٿ تاريخ مقرر ڪرڻ لاءِ رقعو آيو. هاڻ اسانکي شادي وڌيڪ وقت ترسائڻ جو ڪوبه عذر ڪين رهيو، ڪي ڪي ورِي اسان جي ڪا اهڙي نيت ئي هئي. برهمڻ کي مهورت ڪڍڻ لاءِ لکيو ويو ۽ ڪرشن-جنم جي شپ ڏينهن شادي رٿي وئي. اهڙو اطلاع سيٺن کي موڪليو ويو ۽ شاديءَ جون تياريون شد مد سان شروع ٿي ويون. انهيءَ وقت ۾ ڪنوار جو زر زيور ۽ ڪپڙو لٽو ساهرا ئي ٺهرائيندا هئا- تنهن پاڻ سينگاري وٺي اچڻ ۾ ئي فخر ورتو ويندو هو، ۽ نه هاڻي وانگر ڪنوار پيتا لڏ به ڏين لڏاڻي به ڏين. انهن ڏينهن ۾ سستائي به چڱي هئي- جيتري رقم ۾ اڄ هڪ سنو هيرو ٿو خريد

شروع ٿي ٿي ته منهنجي دوست لارائڻ اچي ٻڌايو ته
منهنجي اُهو ڀيڻيوئي جون ڀيڻ رسي، مورڳوئي گهر
جو ڪس وٺي وڃي رهيون هيون! هاڻي ته قصو ٿي
ڪڙيو. اڳ ۾ ٻڌئي ڪجهه ٿوري ڪوڙت ٿي ٻڌي هئي،
مٿان جو هيءُ ڇوڪريون رسي وڃي رهيون هيون ته
اَنديشو اهو هو ته اَهو جو خود شاديءَ مهل وڳهن
ڪاهجي پوندو. ان ڪري دوست کي منٿ ڪيم ته
تون ڪيئن به ڪري کين ڦهي سرچائي وٺي اَچ.
مس ڪري ڪٿڪٿو لٿو ۽ شاديءَ جي سرگس هلي.
شرنائيءَ وارن به سر آلاپيو- ”گهوٽ چڙهيو گهوڙيءَ
تي، هوجمالو.“

ٻي ڀمڪ ٻي ڀمڪ ڪندي ٻتين جي جهڳ مڳ ۽ ٻين
باجن، دهلارين ۽ ڳائڻن جي راڳ-۱ ۽ جهمر سان ليٿ
اَچي ساهري گهر لٿس. وقت ٿي جـڻ وڌي پيو.
شروعاتي ڪٿ پٽ سبب جـو گهران ڪتائي ڇرڪو
هتاسين، سو ساهري گهر سڀ ڪجهه ڪڙو ٿيڻ لڳو،
پر مولڪي انين ٻئي لڳو ته اَجائي ايڏگهه ٿي رهي هئي.
ساهري ڀهر آءَ ٻاءُ ۽ آجيان ڪرڻ مان ڪٿي لٿي پڳي،
ته به آنڙي ڪجهه نه پيو. لمڊڙي ۽ هڪڙائي سالي
اَچي ٻر ۾ ٻيٺي. ڏاڍي ٻاٻوهه مان ٻيٺي ٻيش اَچي،
اَهڙي خوش جو جڻ سندس لاءِ آسمان مان ڪو تارو
هيٺ لهي پيو هو- ٻلا لٿون دادا جو ملپس ٿي، سو
ڪپڙن ٻرانه ٻيٺي ماٻي، ته به مولڪي اُجهي ڪي ڪين پيو.

موٽر ۾ اَچي وينس تہ پيئرن جو پڻ شروع ٿيو-
منهنجون پيئر، منهنجي ڀاءُ جون پيئر ۽ منهنجي اَمڙ
جون پيئر- هرڪنهن جي حجت اِها تہ مان گهوٽ سان
موٽر ۾ چڙهان!! آخر هڪ موٽر ۾ گهڻا ماڻهو چڙهي
سگهندا. منهنجو اَمڙ تہ ضرور موٽر ۾ چڙهي، ڇو تہ
هوُئي تہ منهنجو رکوال هو. ڀاءُ بہ تہ هڪڙوئي هوم،
تنهن کي ڀاڻ واري موٽر ۾ وهڻ کان ڪيئن واجهيان.
ننڍي گهوٽ پڻ بہ ضرور ساڻ چڙهي، جو ڪنوار جو
زرزيور ۽ ٻيو هار سينگار جو سامان وٽس ئي هو ۽
ساهري گهر سان سگهڻ لاءِ هوءَ ئي هٿيڪي گهربي هئي.
موٽر ۾ وڌيڪ ماڻهو چاڙهڻ تہ هو ڪچ ڪرڻو. هاڻي
ڪجي سو ڪجي ڇا؟ ڪنهن کي ناڪار ڪجي. وڏن
تہ وڏي عقل ڪارڻ ڪٽي چپ ڪئي. ٻين ٻاجا،
دهل دمام، شرنايون ۽ واڄٽ وڄڻ شروع ٿي ويا، پر
ڄڃ اَڳتي وڌي ڪيئن؟ آخر موٽرڪي ئي اٻيرو ڪرڻو
پيو. موٽرڪان هاڻ دير سهڻ مشڪل ٿيندي ٿي وئي.
مون رايو ڏنو تہ گهوٽ جي موٽر ۾ فقط گهوٽ جون پيئر
چڙهن، ٻين يا تہ پنهنجن پائون جي شاديءَ پيري وارو
ورتو هو يا هن ڪان پوءِ وٺڻ واريون هيون. منهنجي
ليکي تہ معاملو طيءِ ٿي ويو. پر نہ. مون تہ فيصلو ڏنو،
پر ڪي واسطيدار چوڪريون اِهو ٻڌڻ لاءِ تيار ئي ڪين
هيون. زالن جو زور ٿيندو آهي رسڻ تي- ڄڃ هاڻ

۴. اِنعام کٽڻ کنيم

مان هوس ڏاڏي - پوٽو پهريون، سو لاڏلو ٿي پيس. پر اَلائجي ڇو ڏاڏي کي ڏوهٽا، پوٽن کان وڌيڪ پيارا هئا. هُو مٺائون لهندو ٿي ڪين هو. هُو هميشه سندن ساراهه جا ٻول پيو پڙهندو هو، ۽ اُن مان ٻاڦندو ٿي ڪين هو. مونکي اِنهيءَ تان سخت چڙ لڳندي هئي. ڏاڏو هميشه پيو چوندو هو، ”هي ڏسو منهنجا ڏوهٽا!“ مونکي عجب پيو لڳندو هو ته ڏاڏي صاحب منهنجن مِٽيان اَلائجي ڪهڙي ڏٺي آهي، جو ڪين پيو ٻڌائي!! وِت ۾ وت منجهانئن ڪي اسان کان عمر ۾ ڪجهه وڏا هئا ۽ اِنڪري سياڻپ اَسان کان مٿي پڙهندا هئا؛ باقي پڙهڻ ڪرڻ ۾ هنن کو خاص پورو ڪونه ٻارو هو؛ پوءِ ايڏي اُذام ڇو؟ اڳي اَدب قاعدا ٻيا هئا. وڏن جي منهن سامهون ڪين پئبو هو؛ سوُر ٻي وڃبو هو. پر اِئين ته ڪيترو وقت جالبو!!

هڪڙي ڏينهن ٻاواڄن وٽ ويٺا هئاسين ته ساڳي ڳالهه نڪتي. ٻاواڄن جڏهن ته ڏوهٽن جي ڳالهه ڪندا هئا ته پٽن جي ڪاميابي پڻ ساڻن ڳنڍي ويندا هئا. چوڻ لڳا، ”منهنجا ڏوهٽا ڏسو، پٽ ڏسو، ڪيترا نه اِنعام کٽيا اٿن، سونا پهلا حاصل ڪيا اٿن؛ توهان ۾ ته مان اهڙو اَفعال ڪين ٿو ڏسان.“ مان هوس سو اڇا نِنڍڙو، مگر جوش جهٽ وٺي ويندو هوم. سو هي

آخر جڏهن هٽيالو ٻڌو، تڏهن دل جي ڌڙڪڻ پنهنجو پاڻ ٻري ٿي ويئي. پر هڪ اُٽڻ اچي ورايو ته، جا منهنجي جيون ساٿڻ ٿي ٻڻي تنهن کي جو هيلتوڻي ڏنوئي ڪونه، هوم سو هينئر هڪ دفعو ڏسائس ته، سهين! پر ڏسان ٻه ڪيئن؟ هيترن ماڻهن جي منهن تي ڪيئن ڪنهن کي چئائي ڏسي سگهبو!! سو هيڏانهن هوڏانهن نهاري، جڏهن ڏٺم ته، ٻين جو ڌيان آسان ڏانهن ڪونه هو، تڏهن ڪڻي ڦائيء کي ليئو پائي ڏٺم. اِهائي منهنجي شادي هئي! هاڻي ته منهنجي هرروز نت نئين شادي ٿيندي رهندي آهي، جو هرروز نئين نينهن سان ليئا پائي پيو ڪنوار کي ڏسندو آهيان، ۽ مولڪي منجهس ڪا نه ڪا خوبي نظر ايندي ئي رهندي آهي، جا دل کي شاد ڪندي رهندي آهي. جي ايشور ٻي - اَنت آهي ته اِنسان پڻ گڻن جي گهٽ ڪاڻ ڪانهي!

امتحان جو نتيجو ظاهر ٿيو ته مون ۾ پڪي ڏاڍي-پوئي
جيئوءَ انگريزيءَ ۾ سڀ سيڪڙي کان پهه سوالون
مارڪون ڪنيون. ڏاڍو گدگد ٿيو ۽ آسانکي پوڄوائي
پهرئون سونارن جي دڪان تان هلي چانديءَ جا پلا قدر
طور وٺي ڏنائون!! نندي هوندي جو ته انعام پاڙ يوسين،
باقي رهيو وڏي هوندي جو اقرار!

مان ڪاليج ۾ اچي پڙهندو هوس ته باواجن ٻلوڪ
پڌار ٿيا. سوٽ جيئو پڻ مئٽرڪ ۾ اچي هو تنهن اسان کان
هميشه لاءِ موڪلائي ويو، جنهن ڪري ڪيل قول مون
سان اچي لاڳو رهيو. ڪاليج ۾ منهنجو پڙهڻ ۾ آهڙو ڌيان
نه لڳو جهڙو پهن ڪتابن، رسالن ۽ مورتن وارن مخزنن
طرف ٿيو. تنهن ڪري پڙهڻ ۾ وڏن وانگر ڪو پڙنو
ڪونه پارسم. بي. اي جو امتحان ته ساڌارڻ رهت پاس
ڪيم. پر دل ۾ نندي هوندي جي ڏاڍي سان هڪيل
ڌاڙ هر ڪڻ لڳي. انڪري سوچيم ته ڪو انعام ضرور
ڪٽندس ۽ ڪيل اقرار پاڙيندس. پل ڏاڍو ڪٺي حيات
ڪونهي، هوءَ جتي به هوندو اتي انعام ڪٽڻ جي سڌ
سڻي، سندس روح خوب راضي ٿيندو. چو نه ته منهنجي
اندر جي آرزو ملائڪن جهڙي. منهنجي ڪاليج وارن
انعام جي آڇ جو اشتهار اخبارن ۾ ڏنو. ٻراچين سنڌو
سيپتا تي هڪ چڱو چوکو مقالو لکڻو هو. اهو مقالو فقط
ڪاليج جا سڀن سالن اندر ٿيل گرئجيوئيٽ اچي لکي ٿي
سگهيا. واه جو وجهه لهي آيو! ٻڇا مان پٺو پيو ته هيءَ

اهڙي ساراهه مونکان سهي ڪين ٿي. مون ته چئي ڏنومان، ”هيءَ جو هر روز ڏوهن کي پيا ڇڏايو ۽ اسانکي پيا گهٽ ڪريو، سو اوهانجي ڏوهن ڪهڙا مير ماريا آهن؟ هوءَ عمر ۾ جو اسانکان وڏا آهن، سو اسانکان ضرور مٿي ٿي پڙهندا؛ باقي منجهن خاص ڪهڙو نئون ٿو نظر اچي! پنهنجن پٽن جي ڀل ڳالهه ڪريو، جيءَ ٻيري ڳالهه ڪريو؛ هنن بيشڪ پاڻ موڪيو آهي. پر هنن جي ڀيٽ ۾ اسين اڃا ڪڏ ۾ ڪتا پيا آهيون؛ وڏو سو ٿيڻ ڏيو، پوءِ ٻاٽيهي ڏسندا ته اوهانجا پوٽا پڻ پٽن وانگر ڪيئن نٿا جس ڪڍن. هرو ڀرو ته اتاولا نه ٿيو نه. اسانکي ته ڪجهه اسرڻ اهڙڻ ته ڏيو!“ باواجن کي ته خواب خيال ۾ به ڪونه هو ته سندن پوٽو اهين ايري ايندو. چوڻ لڳا، ”منهنجا پٽ ته ننڍي هوندي کان ٿي هوشيار هئا. انگريزيءَ ۾ چا ته مارڪون ڪٽي ايندا هئا! اوهان اڄ سوڏو ڪهڙي ڪيمپ ڪٽي آهي. اڃايو سڪٽو جوش.“ پر مان ته مڇڏو هوس، سو جواب ڏيڻ کان ڪٽي ٿو هٽڪان. چيومان، ”اسان مان ڪس ڪهڙي لڳي اٿو. انگريزي سڪٽي سال ٻه مس ٿيو اٿئون. ساليانو امتحان ٿيو ڪي ٿيو. ٻاٽيهي ٽٽو پتڪي ويندو نه. ڪهڙي ٻاٽيءَ ۾ آهيون. باقي وڏي هوندي جا پاڳه وڏي هوندي. ننڍهن هوندي ته هيڪڙٿي خاطري ٿو ڏيانو ته وڏي هوندي ته ناموس وجهڻ ۾ اسين ٻيڙن کان پٺتي ڪين پونداسين.“ مس ڪري ڏاڏي جي منهن ٿي مرڪ آئي. جڏهن ساليانې

آيو. خط کولي پڙهان ته لکيل هو ته فاضل مصنف انعام لاءِ مونکي ئي لائق ٺهرايو هو!

پر رڳو اهو انعام پلئه ڪين پيم. وڏن سان ڪيل قول جو پاڙيو هوم ته سنڌن جي مون تي وڏي آسيس پڻ ٿي. چو ته ته مصنف ڪاميٽيءَ تي ڪاليج جو اتهاس جو اُڌياپڪ پڻ هو. منهنجو مقالو پڙهندي، انعام مونکي ڏيڻ کانسواءِ هن ٻيو به هڪ اهم فيصلو ڪري ورتو. ڪيس پراچين سڀيتائن سيکارڻ لاءِ قابل ماڻهو مقرر ڪرڻ ۾ ڪافي اُرچڻ ٿي رهي هئي. پر منهنجو مقالو نظر مان ڪڍندي هن هڪدم محسوس ڪيو ته سڀيتائن جي وشيه خاطر ڪيس مونکان بهتر شخص ملڻ مشڪل هو!!

نعام هرهڪ سال اُرڙهن سالن لاءِ آڇيو پئي ويو هو، پر هيلتائين اهو ڪنهن کي بہ ملڻ ڪين ليو هو. هن حقيقت تہ ٽيهائين انعام ڪڍڻ لاءِ منهنجو چاهہ وڌايو. جو انعام ليو ڪونہ ڪٿي سگهيو هو، سو ڪڍڻ ۾ وڏيڪائي شان هو. سو جنبي وس ڪم ڪي.

گوڏا کوڙي ڪم ڪرڻو پيو. ايڏا تہ وڏا پستڪ واچڻا پيا جي لک رپئي جي آڄ تي بہ هوند نہ ڇهان! وٽندڙ ڪم ٿوروئي هو. پنج هزار ورهيہ اڳہ ماڻهن جي سنڌوُ واديءَ ۾ جيون ڪهڙي هئي، تنهنجي کوج ڪرڻي هئي. ودوانن جي متڀيدن کانسواءِ سڙي کانہ، سو ڪنهن نہ ڪنهن ڳالهہ تي اچيو اٽڪن. اِنهيءَ ۾ هوُ پنهنجو شان ٿا سمجهن! مقاڪوہ جو ڪم هو. پر منهنجي لاءِ اهو وڏو امتحان هو. انجي نتيجي تي وڏن جي اندر جي ترپتيءَ جو مدار هو. تنهن کانسواءِ مقالي جي وشيہ قومي نقط نظر کان پڻ ڪافي اهميت واري هئي، تنهن ڪري ڪم ۾ چاهہ قائم رهيو. ڪهي وڃي موهن جو دڙو ۽ پيا دڙا نظر مان ڪڍي آيس، جنهن منهنجو حوصلو وڌايو ۽ اُتساهہ آيارئو. محنت وٺي وقت سر مقالو تيار ڪري، ڪاليج وارن کي پهچائي آيس. مقالن جو قدر ڪرڻ لاءِ ٽن ماهر جاڻن جي ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي. ٽاڻ ۾ چڱا پهت ڪيائون. آخر فيصلي ظاهر ڪرڻ جو ڏينهن بہ اچي سهڙيو. ٽپالي لفافو ڪڍي

چاهيو هوم ته هوند ماستر ٿيان. اسان جي ڏينهن ۾ ڇا ته ماسترن جي ڦلڪ هئي! ڇا سندن رعب هو!! خاص ڪري سرڪاري اسڪول ۾، جتي مان پڙهندو هوس، سڄ جڻ چڙهيو اٿو ماستر جي موڪل سان لسي! ان ڏينهن ماسترن جي وڏي عزت هئي. انگريز جو راڄ هو، جنهن ۾ انتظام جو مان هو ۽ ننڍي وڏائيءَ جو خيال رکيو ويندو هو. مائٽ خود ماستر ڏو وڏو مان ڪندا هئا، ڇو ته ڪين سمجھ هئي ته ٻار جي سڌاري جو دارو مدار ماستر جي چٽ چماٽ ۽ ڏٻان تي هو. انهيءَ ڪري ٻار پڻ اهائي اوت وٺندا هئا، "جي ڏاڇي هٿي ڏه، ته ٿوڏو هٿي ٿيو هان." تنهن ڪري شان مان جي اهاط ڪان ماستري ڪڙي نوڪري هئي، سو ماستري ڪرڻ جو پڻ پڇاڻي، گھر ۾ ڳالهه ڇوريم ته پر ڳالهه ڪنهن کي به پسند ڪين آئي. اسڪول ۾ مغز ماري وڃي اچي گھر ۾ مشڪون ۽ ڪاپيون جاچ ۽ ٽور تيڇوءَ- پوءِ به ملندو ڇا؟ مهني ۾ مڻيون پنجيتاليهه ٽڪريون! گھر جي ڀاتين کي پرانهي ڳالهه نه وڻي ڇو ته پگهار جي رقم ڪين آخر ۾ ڪمن لڳي آئيءَ پر ڪين اهو خيال ۾ ڪين لڳي آهو ته ملڪ ۾ کهڙو ٻارڻ ٻري چڪو هو. نوڪريون هيون ڪٿي! ڊهه آناف لڳي پيئي هئي!! ويچارا جوان آئي اٽي همه ڪرڻ لاءِ حيران هئا.

خير، مان جو هڪ ٻي ٻي ايمس ڪرڻ سوال اٿيو ته ماستري نه چڱي، پر اسڪول ڪهڙي ۾؟ پرائمري هاءِ

۵. ...... ته ٿيهه ٻيهه

ڪيترن سالن بي- اي پاس ڪيم ۽ شادي به ڪيم، پر ٿيو ڇا؟ اهو سوال مون لاءِ خاص اهميت رکي ٿو ڪين هو، ڇو ته مائٽن جو ڇوڪرو هوس ته جيستائين ڪنهن سٺي نوڪريءَ جي آڇ نه ٿي آهي، تيستائين ماٺ ڪري ويٺو هجان. اهڙي نوڪريءَ جي تانگهه ڪانهي، ٻئي جي ڏاڍهه ڪانهي، جو جهڙي تهڙي نوڪري، جيڪا منهن سامهون اچي، تنهن کي ئي ڇهي ٻڌجي. مائٽن جي فراخدلي ته، آهڙي. سو مان ٽڏو مانجهاندو ڪيو ويٺو رهيس. انهيءَ عرصي ۾ ڪنهن مقرر وقت تي ليک (مقالي) لکڻ لاءِ انعام آڇيو ويو، سو دل ۾ سوچيم ته بيڪار ويهڻ بدران ڇو ڪين انهاسڪ ڪوچ ۾ وقت صرف ڪريان! انعام جو ڀاڳي ٿيڻ ۾ ته پاڻ شرف ۽ شان آهي!!

ان طرح سڄو سال نڪري ويو. لکڻ جو ڪم پڻ پورو ٿي ويو. هاڻي ته بلڪل ئي واندو هوس. مٿان ”بابا“ ٿيڻ جي نوبت پڻ اچي سهڙي. تنهن ڪانسواءِ مونکي بنهه واندو ويهڻ اچي ڪين. ڪو ڪم، ونڊر لاءِ ئي سهين، ڪيم ضرور. هونءَ به سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي، ”ويٺي کان وڳندي ڀلي.“ سو بنا ڪرت، ٻئر جوڙ لبي پيا. سوچڻ لڳس ته ڪهڙي نوڪري منهنجي دل وٽان ٿيندي. لوت لري آهر ته ننڍي هوندي کان ئي پٽي

چئبو چارڻ لڳندي! اندر جي آنڌ مانڌ ڪجهه قدر پوري
ڪرڻ خاطر لنگهي ويس پيءُ جي مامي وٽ. پر ٽاپراء
شوائيءَ ڪي ڪير نه سمجهائي! تعليم کاتي جا انسپيڪٽر به
سنڌس ڳالهه ٻڌندي چرڪ پوي، ڪڏا ئي وهندا هئا!!
وڏي مامي وٽ انهيءَ ڪارڻ لنگهي ويس ته وڃانئس
ٿوري ۾ ئي پاڙهڻ جا اُصول سکي، سمجهي اچان. مامو
مونکي ڏسي ڪي قدر اَچرج ۾ به پيو، پر گهڻي قدر
سرهو ٿيو. سنڌس منهن تي چڙهڻ اهڙي جهڙي جو
ڪم نه هو- سکيا جو سکاڻي هو، گهٽ ڳالهه ڪانه هئي!!
چيائين، "ڪر خير، مس ڪري پير وڏا ڪيا اٿيئي؟"
ڳالهه پيرائتي ڪري ٻڌائيمانس. ورائي ڏنائين، "ڳالهه
به ايتري!" پوءِ ته پاڻ ٿيو اُستاد ۽ مان ٿيس سنڌس
شاگرد. سکيا جا اُصول سرستيءَ رِيت سمجهائيندو
هليو، اهڙي سرل رِيت، جو اِهي عمر پيو نه وسرندا.
پوءِ ٽول ڪارائي، واتمٿو ڪرايائين، جنهن تي پيمت
ڪي به ڪجهه جهلو مليو ۽ اندر ۾ به ڪجهه ساهه پيو.

پوءِ سائين ٿي "انٽرويو" وڏي مامي وٽان ئي
اچڻ ڪارڻ منهنجو حوصلو بيشڪ وڌيو هو، سو جڏهن
مونکي سڏ ٿيو ته مان بي-فڪر ۽ ڦڙتائيءَ سان ڪمري
۾ لنگهي ويس. سامهون هڪ وڏي ڪاپا وارو سرڪاري
بالا سرڪردو ويٺو هو. مونکي ايندو ڏسي سامهون پيل
ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيائين. پوءِ درخواست جي دفتر

اسڪول جيتوڻيڪ وڏي ڌڙڪاءَ ۾ کليو هو، تڏهن به جهٽ ۾ نالو چڱو ڪڍيو هئائين. سو دل هيم ته ماستري ڪندس ته انهيءَ اسڪول ۾. ويتر جو ٻڌو هيم ته اسڪول جو پرنسپال هو انتظام جو ڪوڏيو، سو مون جهٽ فيصلو ڪري ورتو ته ڪنهن به ٻئي اسڪول ۾ آءٌ نوڪري ڪين ڪندس. تازو ئي نوان ماستر مقرر ڪرڻ لاءِ اسڪول وارن اخبار ۾ اشتهار ڇپايو هو. پر جيستائين مان درخواست تيار ڪريان تيستائين درخواستن موڪلڻ جي آخرين تاريخ گذري ويئي. جيتوڻيڪ منهنجي درخواست اسڪول وارن کي دير سان پهتي، تڏهن به اها ردي ڪاغذن جي ٽوڪريءَ حوالي ڪين ڪئي ويئي، انهيءَ لحاظ کان جو منهنجو گرو-پتا پرسڌ پروفيسر ۽ ناميارو ودوان هو. ڪجهه ڏينهن ۾ اسڪول وارن ورتان ورندي آئي ته فلاڻي تاريخ فلاڻي وقت "انٽرويو" لاءِ اسڪول ۾ اچي حاضر ٿج.

"انٽرويو" جو نالو ته مليو، پر منهنجي اندر ۾ جنسي ٿرٿلو مچي ويو. پگهار ٽڪ ۾ ٻئي پڌرهيون، تنهن لاءِ وري "انٽرويو!" وڏن نوڪرين لاءِ سي "انٽرويو" پڌا هئا، ماستريءَ لاءِ ڪهڙي "انٽرويو" ٿيندي!! پلا نوڪريون ٿوريون، گريجوئيٽ گهڻا، ته اميدوار ڏيڏڙن جا من نه وڻندا!! وڏو سوال ته اهو ٿي اٿيو ته "انٽرويو" ۾ آخر الائي پڇندا ڇا؟ منهنجي شخصي "انٽرويو" ٿيندي، يا نه ڄاڻان منهنجي علمي ڄاڻ جي

سيکاري سگهندس، (جو انهن وشين جو پڻ عهدو آئيپاس ڪيل آهي)، پر خاص انگريزيءَ جي ايپاس وارو گريجوئيٽ انگريزيءَ کانسواءِ ٻيو ڪي ڪين سيکاري سگهندو."

صاحب جواب ڏنو، ٺڙي ٿيو. چيائين، "بس بس، مون سمجهيو. اسان کي تو جهڙا ئي ماستر گهرجن. تون ڀل سڀاڻي کان ئي اچي نوڪريءَ تي چڙهه."

جا ڪاغذ اُٿلائيندي سوال پڇيائين: ”اسان کي فقط انگريزي وشيه وارن گريجوئيٽن کان درخواستون گهرايون هيون. اوهين اتهاس ۽ مالي علم ۾ گريجوئيٽ آهيو. پوءِ اوهان درخواست ڪهڙي ويچار سان ڪئي آهي؟“ منهنجون ته ٻه ٻه ويٺيون، ڇهه ٻه ويٺيون؛ پر هڪو ٻڪو ٿيڻ آءٌ سکيو ئي ڪين آهيان. هن قسم جي سوال جو جواب ديسي ڪتابن کي ته ڇڏيو، ولائت جي ڪتابن ۾ به ڏنل ڪونه هو. هاڻي جواب ڇا ڏيان! ان ڪري ڪاڙهي ڪڍڻ لڳس ته جواب جهٽ سجهي آيو. ٿهه پهه چيومانس، اوهان جو چوڻ سورهن آنا ٺيڪ آهي، پر جيئن ته اوهان کي ماستر جي ئي گهرج هئي ته مون سوچيو ته اسڪول لاءِ فقط خاص انگريزيءَ جي ايپاس واري گريجوئيٽ کان مان وڌيڪ ڪارائتو ٿيندس.“ جواب ٻڌي صاحب جي منهن تي مرڪ ڦهلجي ويئي. حقيقت ۾ پڇيل سوال جو خاص جواب ته هوئي ڪونه، پر جوان جو نڪتو ڦڙت، سو صاحب جي دل سرڪي وڌيڪ سوال پڇڻ تي. جواب جي موٽ ۾ مون کان پڇيائين، ”سو وري ڪيئن؟“ انهيءَ جو جواب ته مون وٽ تيار هو. وراڻي ڏنيمانس، ”انگريزي، جنهن جو عام ايپاس سڀني گريجوئيٽن لاءِ لازمي آهي، سا ته مان آسانيءَ سان پاڙهي ويندس. پر اُن کانسواءِ اتهاس، پونءِ ودياءِ، وغيره، پڻ مان ڪاميابيءَ ۽ سولائيءَ سان

هلڪائي ٿئي. اڃا پندرهن منٽ ئي مس گذريا ته
پٽيوالي اچي سماءُ ڏنو ته ڪو ماڻهو مون سان ملڻ آيو هو.
مان ڪجهه وائڙو ٿيس ته جي هيءُ ماڻهو منهنجو واقف
هو ته مونکي هتي گڏجڻ جو آيو هو، گهر اچي ها نه؛
۽ جي هوءَ اڻواقف هو ته مون سان گڏجڻ آيو ٿي ڇو هو!
اِئين اڃا سوچيم ٿي پئي ته هڪ ماڻهو ڪمري ۾ پهچي
آيو ۽ ساڻس هڪ گهنڊڻي پڻ ساڻ هٿي. هاڻ سمجهي
ويس ته ڪنهن ٻار جو مائٽ دانهين ٿي آيو هو.

آئل ماڻهوءَ جو آءُ ڀاءُ ڪيم ۽ کيس پاسي ۾ پيل
ڪرسي وهڻ لاءِ آڇيم؛ پر مڙس وهي ڇو ٿو! چي،
”آفيس وچ ۾ ڏاڍو ٿي ڏٺيم.“ دل ۾ چيم ته جي ڏاڍو
ٿي ڏٺيس ته هتي آيو ٿي ڇو هو؛ مون ته کيس اچڻ لاءِ
ماڻهو ڪونه موڪليو هو! پر ٻاهريون پنڌ وڪي، وري
به وهڻ لاءِ چيومانس؛ ته به جڏهن مڃي نه پيو، ته به همٿ
مٿي هوا ۾ پيو اڏامي!! اِنهيءَ تي مان اَلبت ڪڙهي پوڻ
لڳس، ۽ پڇيومانس، ”آخر ڪهڙي پنڌ ڪيو اٿو؟“
تڏهن چيائين، ”زمانو سڌري ويو، پر ماستر صاحب ڪين
سڌريا!“ مونکي اِنهيءَ تي ذرا چڙ آئي ۽ اِنڪري
ڪجهه ڪڙڪيءَ سان پڇيومانس، ”نيت ڳالهه ته ڪندا،
ڪين ڳجهو فيصلا ۽ رايا ٿي ڏيندا ويندا. آخر آهي خير!!“
تڏهن مس ڪري مڙس ڪجهه ٿاميو؛ پر تڏهن هو زندگي
۽ جوش مان چيائين، ”سڀو ڏينهن آفيس ۾ گهمي، شام
جو ڪجهه ساهه پٽڻ لاءِ اَچون گهر، ته دانهون ته جڻ

٦. پڙهڻ

سٺ ڪرڻ ته سولي، پر اُن مان آس پوري ڪرڻ ڪڏهن مشڪل ٿيو پوي. ماستر ته ٺيس، پر پوءِ ٿي سٺ پيئي ته ماستري ڪا گلن جي سيجا ڪانه هئي! مون سمجهيو هو ته ڪا راجائي وڃي، ماڻهپي، ٻارن تي رعب رکبو ته سڀ سٺائي ٿي ٻوندي. پر زمانو ڦري چڪو هو. ٻار به سياڻا ٿي ويا هئا، ٿئين رعب رکڻ ڏين چو ٿا! ماستر جي عزت ۽ مان جو مدار سندس سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ ۽ ٻارن جي ڌيان کيڻڻ تي ٿي هو. ڦران دائيءَ جو ڪاڪرو ڪنيو هوم، سو آواز هوم ٻلند ۽ ٻر جستو، وٽر جو پيشو ئي، پنهنجي پسنديءَ، چاه ۽ چوچ مان چونڊيو هوم، سو سچائي سان شروع کان چٽي پئي هڪي، جڏهن ڪارڻ ٻارن کي انتظام ۾ رکڻ مون لاءِ ٻلڪل ٿي آسان ٺيو، پر هيءُ جي ٻاهريان مٽي جا سوُر ڪاهي پيا هئا، تن ماستر جي گديءَ ۾ جڙ ڪنڊا اُيا ڪڙا ڪري ڇڏيا هئا. گانڌي مهراج جو آزاديءَ جو آندولن شروع ڪيو هو، تن مائٽن کي ڇيڪ ڇيڙي ڇڏيو هو- گهر ڪان رسن ته ڪاه ڪن اسڪولن تي ۽ غصو اُچيو ماسترن مٿان ڇنڊين.

هڪڙي ڏينهن مس ڪري هڪ پيريڊ پاڙهڻ کان فارغ ٿيو هوم، سو ماسترن جي ڪمري ۾ ڪجهه آسائش پئي ورتيم، جڏهن پٽيان چار لاڳيتا پيريڊ پاڙهڻا ۾ ڪجهه

ملاقيءَ کان پڇيو. "مار ڀلا سمجهائڻ وري ڇا آهي!"
هن ذرا خفي ٿيندي چيو، "مار معنيٰ ڇڳيون چماٽون،
لتون، ٺونشا، وغيره."

"جي ائين آهي ته جڏهن ته اوهين ٻنهي ڀار کي ساڻ وٺي آيا آهيو ته هوءِ شاهد ڀٽجي، اسڪول ۾ دوستن کي ۽ گهر هلي ماءُ کي ٻڌائي ته سندس ڀيءُ سندس ماستر کي سخت ذمال چاڙهي هئي، ته اوهين ٺي اَمين ٿيو. ڀار کان منهنجي منهن ٿي ٻڌو ته سهين ته سائينءَ توکي کهڙي مار ڏني؟" ڳالهه واجب سمجهي، مائٽ پٽ کي ڀاڻ وٽ سڏيو ۽ پڇيائينس، "ماستر صاحب توکي ڇا ڪيو؟" ڀورلن ته چرکر اٿيو ٻيٺو رهيو، پر ڀيءُ جي ٺڙي ڪيڻ ٿي مس چليو: "ماستر صاحب مونکي ٿي چماٽون لڳيتو واهي ڪيون." انهيءَ تي مون مائٽ کي مدمت ڪئي ته جتي هيتري مهرباني ڪئي آتو اٿي ڀهو ته، ڪٽي پڇوس ته ماستر آخر چماٽون هنيون ڇو؟ مائٽ ڀرلن وار ۾ جو هاريو هو، چاڪاڻ ته سندس ته رقميءَ موجب ته ٿي چماٽون مار ڪين ليکجي، سو ڪافي هيسيو، ۽ پٽ کان پڇا ڪيائين - "آخر ماستر جي مار ٿولي نازل ٿي ڇو؟" انجي ورندي پٽ ڏني ڇو ٿو! اهڙو ڪيي جهڙي پيت. نيت دڙڪي ملڻ ٿي چپن ۾ چوڻ لڳو، "مون ٿي مهدا في ڪانه ٻري آهي، ٿن مهدن کان متي کان وٺي رپورٽ ڪاپيءَ ٿي اوهان کان

هڪيون حاضر نه ٿي رکيون آهن." اندر ۾ چيم ته ڀائي گهر جون ڳالهيون هٿ اَلائي ڇو کڻڻ آيو آهي. پر ڳالهه جو سلسلو جاري رکندي، هوءَ ڳالهه جي ڳاٺي تي آيو. "ڪالهه شام جو جڏهن گهر موٽيس ته، گهر واريءَ رونٺهار ڪو منهن ڪري چيو، "موهن ماستر جي مار کائي اَڄ مُنو ٿيو اندر پيو اَئو." اَوهانجا ٻه اِنصاف چئبا! سرڪار ٻارن کي مارڻ برخلاف جي هدايتون ڪڍيون آهن، تن جو ته توهان تي ڪو اَثر ڪونه پيو آهي؟" اَثر ڏيندي چيومانس، هن باري ۾ ته ڪوبه سرڪاري سرڪيولر ڪونه نڪتو آهي." ڳالهه ڦيرائيندي چوڻ لڳو، "ولائت ۾ ته ماسترن جي مار تي ته بنهه بندش پيل آهي." ورندي ڏيندي سوال ڪيومانس، "اَوهين ولائت مان ٿي آيا آهيو ڪيئن؟ يا ولائت ۾ سکيا تي خاص ڪ تازا ڪتاب پڙهيا اَٿو؟" ڦڙس ڦري ويو. بوٿي ٿي لهي ويس. اِنهيءَ جو عمدو فائدو وٺندي چيومانس، "اَوهين جو اڪڙجي آيا آهيو ته اوهانکي آفيس ۾ دير ٿي ٿئي، پر اوهان ڪا گهر ۾ پڇا ڪئي ته ماستر آخر ٻار کي ڪهڙي ڪارڻ مار ڏني هئي؟" "پڇا وري ڪنهن کان ڪريان؟ ڇوڙو اُونگهه پيو هو." پلا اَوهان کي ڪي اهڙا اَرڪان نظر آيا ته ٻار کي سچ پچ ڪا مار ملي هئي؟" ڦڙس وري ٻگڙجي ويو. "زال چيو، اِهو ڪافي نه هو ڇا؟" "اِهوئي ته رولو آهي نه! پلا "مار" مان اَوهان جو ڪهڙو مطلب آهي؟" مون پڇندي

زور سان پڙهي ٻڌايم، جيئن اهو سندن ذهن تي چڙهيو
وڃي. اسڪول وارن گهرجائو ٻارن کي ڪا سهوليت
ڏيڻ لئي گهري، جنهن لاءِ هن سرڪيولر دوارا ٻارن
کان درخواستون گهرايون ٿي ويون. سرڪيولر ۾ ڳالهه
سڌيءَ ۽ چٽيءَ ريت ڄاڻايل هئي. مون ننڍن ٻارن کي
سرڪيولر وڏي آواز ۾ ۽ آهستگيءَ سان پڙهي ٻڌايو.
ڪنهن به قسم جي منجهيل يا مبهم ڳالهه لاءِ هئي ئي
ڪانه. مون سرڪيولر تي صحيح وجهي، پيئوالي کي
ٽرت اماڻيو، جيئن باقي وقت پاڙهڻ جي وشيه کي گهڙي،
هوريان پورو ڪريان. اڃا ڪنڌ مٿي ڪيان ته جوڙو آيو
بيٺو هو. جوڙو جسم جو جاندار، پر قد جو ٺڪل ئي
ٺيٺو هو. هو پيٺ ۾ اول نمبر جو هو. جي ڪا ڳالهه
دماغ ۾ نه وهندس ته وٺي پڙهنگ ڇڏيندو. ٿوڙ پڻ
هڪڙو ئي هو. انهيءَ ڪري ڪير به ڪيس ٺيٺو نه سهندو
هو. هوءَ جو آئي ٺيٺو هو ته ڳالهه اصل ڪين آئڙيم. اشارو
ڏيڻ لاءِ جوڙي پڇيو، "سائين، درخواست ڪير ڪري؟"
اڳي ئي خفي ته ٿي چڪو هوس، مٿان جو جوڙي پڇيو
سوال ۽ سو به وري نجسائيءَ جو، تنهن ته مون کي جنسي
ٻاهيءَ کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ جوش مان چيومانس،
"پٺاڻ."

جواب ٻڌي ٻارن جا نڪ لڳي ويا. پر جوڙو اٿين
ساٿ ٺيٺ وارو ڪٿي هو. مونهن ٽامڙي هٺي واس ۽

صحيح ڪانه ورتي اٿم ۽ لڳي پيو ايتري عرصي لاڪر گهر جا ڪم ڪونه ڪري سگهندو آهيان.”

”انهن مڙني خطائن خاطر فقط آن ڇماڻن جي سزا جڙي ۽ تعميل ٿي اٿس. ڇاڻ اوهين خود امين ٿيو؟“ ماستر جي مڙهن جو پنو لهي ويو ۽ هو پنهنجا ڪجهه وڌيڪ ڪپڙا جي ۽ پنهنجا مسوڪلائڻ جي آفيس ڏاهي ٿي ويو.

هيءَ آسائش ٿي نصيب ٿئي!!

انهيءَ ڏينهن نه ڪو ڏسادول ويٺو ٿي ڏنو. مصيبتون ۽ مٿي جا سور اڪيلي سر ڪين اچن: اهي هميشه هڪ ٻئي پٺيان وار ڪيو اچيو ڪڙڪن. اها سڌن ويمه ۽ ڏورنت آهي. ڇهه پيريڊ ختم ٿي چڪا هئا ۽ ستون شروع ٿيو هو. اسڪول وارن جا نه انصاف هئا جو هر هڪ ماستر مٿان هميشه اندا پيريڊ ڪٽي مڙهيا هئائون! ري پاڙهڻو نه هو، ۽ پاڙهڻ جي پٺ هڪ وشيه به ڪانه هئي- همت نه لانديو لڳي پيئي هئي. انهن ڪانسواءِ ڇوڪرن جي انتظام لئي به نه ڏيان ڏنو هو. مٿان جو هڪ ٻئي پٺيان پيريڊ هلندا ٿا هلن نه. اهي لاڳيتا پيريڊ ماسترن جي جسمي جان ڪڍيو ٿا ڇڏين. خاص طور ڇهاڙيءَ واري پيريڊ ته اصل جس ڪين رهي. ان ڪارڻ ان ڏينهن ڇهاڙيءَ وارو پيريڊ جڏهن لاچار ٿي پاڙهيم، جسم مان جسمي ساهه ٿي نڪتو، نه پيدالو سرڪيولو ڪٽي آيو. سرڪيولو پارن لاءِ ٿي هو، انهن ڪري اهو ڪين

٧. سؤمان جو سوال

ٻار سنڀالڻ ڪو سولو ڪم ڪونهي؛ ۽ وڏا سنڀالڻ به ڪافي ڪٺن ڪم آهي. اها چوڻي گهڻي قدر درست آهي ته ”ڇوڪر ڇٽيءَ ذات جا، پئن پوُن ڪن بازار ۾.“ وديارٿين ڪي، خاص طور اسڪول جي وچولن درجن وارين، قاعدي قانون ۾ هلائڻ لاءِ طرز ڪجي. ماٺت ته ٻار ڇڏي ڪيو ٿلها ڪن، پوءِ جند لئي وڃي آهن ۽ ماستر ماستراڻين جي. استاد پنهنجي پنهنجي نموني پنهنجي همت هيت ٻارن کي قابو ڪيو وٺن، پر هو، جن کي اختياريءَ وارا ڪري ٿو سڏجي، ليڪي سرچاڻ جهڙي ماجرا ٻي ڪانهي. پيا سمجهن ٿا ته اسين آهيون ان-داتا، سو هيءُ ماستر ڪير، جي اسانجي سامهون ڪر کڻي بيهي ۽ سبق ساهين! سندن دماغ هلي ٿي آلڳ، پڙهن تان ٿو. پهرين ۾ خود-داري ڪين اصل ڪين آئري، پڙهيءَ ڪين پاءِ پون. ڪٿي ڪا لات اسرندي شل نه ڏسن، انهن مٿان الٽي وهدس جهڙي ڪيهر شيهن!!

سومر جو ڏينهن هو. آرتوار جي موڪل ڪاڻي، ڪجهه پوڊ ۾ آهي، ڪم لئي چڙهياسين. اندر ۾ اساھ ۽ دل ۾ چاھ ته ٻارن جي ذهن لئي لهاس جون ڳالهيون ۽ هڪيڪتون آهڙيءَ رهت درج ڪريان جو ڪين پاڙيءَ نه وسرن. اها ٻاڙهڻ مس شروع ڪيم ته مٿان پرنسپال صاحب جو پٽيوالو اچي سهڙيو- ”پرا صاحب ٻلا رها هيءَ.“ وڏي

هڪدم چيائين، ”سائين ڇنو ڇا ٿيا؟“ مان ته سمجهي ويس ته ڇوڪر ڪٿان لڌو اٿي. تنهن ڪري زوردار نوع ۾ چيومانس، ”درخواست پڙهين ته ڪندو ته تون ڪندين؟ پوري لکڻ اينديئي سهين؟“

جواب ۾ تي جوڙي جي منهن جو رنگ مٽيو. مرڪندي چيائين، ”سائين، ڳالهه ڦيرايو ڇو ٿا!“

کي پياري آهي، ڪڙو ڪو پنهنجي عزت جو خيال رکي. مان پسري ويس، هيءُ آسانيءَ سؤالن جو سوال هو. هيئن ڇڙيون ڪائي اڄ لاءِ مان پڙهڻ تيار نه هوس. سو انهيءَ وچار سان ته صاحب کي وڏي واڳ ڏجي ته پل لڙيون ڪيئي پوڻ ڪري، پوءِ نوڪلو سائيس ڳالهه نرمي ڪجي، مان ماستون جي قطار ۾ بلڪل پڇاڙيءَ ۾ وڃي ايٺس.

ڪيون سان آخر مهنجو وارو آيو. ڪمري ۾ پيهڻ سان پرنسيپال صاحب کي ڪارئو ۽ سامهون خالي ڪرسيءَ تي وهڻ لاءِ چيائين. اهو سندس نيم ۽ سڀاءُ هو- اڳلي سان پهرين آءُ پاءُ ڪري، ڪيس آڏو ڪجي، ۽ پوءِ مٿس وار ڪجي. ڪرسيءَ تي ويٺس مس ته سوال جواب شروع ٿي ويا. پاسي واريءَ ڪوٺيءَ مان بند دروازي جي شيشن مان اسڪول جو ڪلارڪ آلارام سارو لقاءُ ڏسي رهيو هو.

”توهين ڪالهه دبيت تي ڪو نه آيا هئا، ڇو؟“

مون اندر ۾ چيو ته هيءُ جو وٺي ٿو ڏاڙهيءَ کان ته نون مورڳو وٺيس سڱن کان. سو سوال جو سڌو جواب ڏيڻ بدران مون مورڳو ڪانئس سوال پڇيو:

”سائين، دبيت ٿي هئي ڇا؟“

”چو اوهانکي خبر ٿي ڪانهي ته چنڊ ڏينهن کا دبيت هئي؟ اسڪول ۾ ڪين هئا ڇا؟“

مون ورندي ڏني: ”اها ته اوهانکي به سڌ آهي

صاحب کي صبوح ساڍ آلائي کهڙي وڳار اچي ورايو هو، جو ڪمهلو سڏايو هئائين! ٻارن جو ٻيڙو سير ٿـي، آءٌ ڪپڙا ڇنڊي، هليس وڏي صاحب جي سلام ٿي. سنڌس ڪمري وٽ پهتس، ته ڇا ڏسان! ماسترن جي سموري لڏ ڪمري جي ٻاهران بيٺي آهي ۽ واري وٺيءَ ٿي هرهڪ ماستر پيو اندر وڃي ۽ منجهن ۾ ڇنڊ ڪائي، منهن پيلو ڪيو پيو ٻاهر نڪري!! هيءُ اسرار سمجهه ۾ ڪين آيم جو آءٌ اڃا نول هوس. ڇهه مهنا ماستري ڪئي مس ٿيا هئم. نيٺ خبر ڪيائم ته هيءُ حشر ڇو مٿو هو. گذريل ڇنڇر ٿي هيٺين درجن جي ٻارن جي ٽورٽري ڇٽاڻيءَ (دبيت) ٿي هئي ۽ هيءُ سڀ ماستر اُتي غير حاضر رهيا هئا. اِنڪري ڪاڻن پڇا ٿي رهي هئي، ۽ جيڪُن ته وٽن غيرحاضريءَ لاءِ ڪو وزنائتو عذر هونئي ڪونه، سو صبوح مرداني جو صاحب جي ٽڙي ڪائي، منهن ٿي موچڙو چاڙهي، پنهنجي پنهنجي ڪلاس ڏي روانا ٿيندا پئي ويا!!

مونکي هيءَ ڳالهه اصل پسند ڪين آئي. هيءُ جو ماستر صاحب لٽڙ منهن سان شاگردن وٽ ويندا، ته ڇا شاگرد ٽاڻي ڪين ويندا ته "سائينءَ" سان مڙٻوٺي ڪا ٽعليءِ ڪئي ويئي هئي! شاگرد ته اُستاد آهن، ڳالهه جهڙي ۾ ڪين جڙ ولسرمڻي ڪين لڳي. پوءِ ٻلا ٻارن ۾ ماسترن جي عزت ڪهڙي رهندي، ۽ هو ڪين ضابطي ۾ ڪيئن رکي سگهندا!! پنهنجي عزت ته هرڪنهن

خبر ملي ٿي، باقي اوهان ٿائين اها ڪانه پهتي! اها نه اڻ ٿيڻي ڳالهه ٿيندي،" رعب ڄمائڻ ڪاڻ مون ٿي ٺوڪي هڻندي صاحب چيو.

"اوهانجو انومان پڻ بي بنياد آهي. پاڻ ٿي نه قبول ڪيو آهي ته ڊبيٽ جي مڙني سرڪيولرن مان هڪ ٿي ته منهنجي صحيح ڪانهي. وڌيڪ بي ڪهڙي ثابتي گهرجي؟" مون نه ڦهڪائيندي چيو.

"اهو ڪداچت ٿي نٿو سگهي ته توهان کي ڊبيٽ جي خبر ڪانه هجي."

"اها ته عجيب ڳالهه آهي. ڊبيٽ جو هڪڙو سرڪيولر لوروني نڪتو هوندو. گهٽ ۾ ٽي سرڪيولر نڪتا هوندا. ڀر جي اسڪول ۾ ڀربند آڌرو هوندو ته ان ۾ منهنجو ڪهڙو قصور؟"

"بس هاڻي ته ثابت ٿي چڪو ته توهانکي ڊبيٽ جي سڌ هئي، نه ته جي ٽي سرڪيولر نڪتا، ان جي اوهان کي ڪل ڪيئن پيئي؟"

"بلڪل آسانيءَ سان. منهنجي ماستر مقرر ٿي اچڻ کان اڳ اوهانجي اسڪول جي ڊبيٽنگ سوسائٽي سانمع ۾ هئي. منهنجي اچڻ ٿي اهو، انکي جيڏارڻ جو ڪم، مونکي سونپيو ويو. مون سڄي سال جو پروگرام تيار ڪري، انجا نيم ۽ دستور ٺاهيا هئا. انڪري مونکي خبر آهي ته ڊبيٽ جا ٽي سرڪيولر نڪتا هوندا."

"اوهان سان پڻ مثال آهي."

۽ مونکي ٽيسٽ جي ڪابه ڄاڻ ڪانه هئي.“

”سو وري ڪيئن؟“

”بلڪل سولي ۽ سڌين سنواٽي ڳالهه. اوهين ڪڏهن کي ڇيڇاڙڻ کان اڳ، سندس سڄو پوتاميل جاچيندا آهيو. سو اوهان ٽيسٽ جي باري ۾ نڪتل سرڪيولر ضرور نظر مان ڪڍيا هوندا، جن مان اوهان کي پتو پئجي چڪو هوندو ته هڪ ٽي. بي. منهنجي صحيح ڪانهي. پوءِ مونکي ڪيئن سڏ پوندي ته اسڪول ۾ ڪو اهڙو شغل رکيو ويو آهي.“

صاحب مرڪي ڏنو. ”ها، اهو مون ڏسي ته رکيو آهي. انهن سرڪيولرن مان هڪ ٽي. بي. توهانجي صحيح ٿيل ڪانهي.“

”جڏهن مونکي اطلاع ئي مليل ڪونه هو، ته مان ايندس وري ڪيئن؟“

”پر اوهانجي ڪلاس جي ٻارن کي ته سڌ هئي! اوهانجي ڪلاس مانيٽر موليءَ ته بڪٽ ۾ نوٽ ڪري ورتو. پوءِ اوهانکي خبر ڪيئن نه پيئي؟“

”اها خبر خداوند کي. پر جن ڳالهين جي سمڪ منهنجن شاگردن کي آهي، تن جي سڌ رکڻ لاءِ مان ٻوروٽي پدل آهيان. ڪين فلمي اداڪارن جي چڱي چوکي ڄاڻ آهي، پر مونکي ته انهيءَ باري ۾ خبر ڪا خبر آهي.“

”اها ته اوهانجي اڳائي هوڏ آهي. شاگردن کي

٨. مُرس ئي ڏڏي ويو!

ٻيا اسڪول ڇڏي جو مون پرائيويٽ هاءِ اسڪول ۾ ماستري ڪرڻ لي هرڪ هاريو هو تنهنجو مول ڪارڻ هو اسڪول جو انتظام. انهيءَ سبب ئي اسڪول جي ساريءَ سنڌ ۾ هاڪ هئي. اسڪول جو پرنسپال نه فقط پاڙهڻ ۾ هوشيار هو، پر انتظام رکڻ ۾ پڻ پڙ هو. انهيءَ لاچار جي ڪري ئي سنڌ جي هاءِ اسڪولن جي هيڊ ماسترن ۽ پرنسپالن ڪيس بمبئي وشو ودياليه جي وڏان سڀا ۾ پنهنجو عيوضي چونڊي موڪليو هو. وشو ودياليه جي وڏان سڀا جي بيٺڪن ۾ شريڪ ٿيڻ ڪارڻ آسانجو پرنسپال پڻ چوڏهين مهني چند ڏينهن ڪاڻ بمبئيءَ ڪهي ويندو هو.

هڪ اهڙي بيٺڪ ۾ ٻهرو وڃڻ لاءِ هو هيل اُ، لياو ٿيو. پر وڃڻ وقت هو هڪ نادري حڪم ڪيئي ويو. ان سلسلي ۾ پئي ڏينهن مونکي وائيس پرنسپال جو سڏ ٿيو ۽ مونکي چٺيءَ رات ٻڌايو ويو ته پرنسپال صاحب جا حڪم هئا ته سختي ئي اسڪول ۾ شاگردن جي ”لوڪ سڀا“ برپا ڪئي وڃي ۽ سندس بمبئيءَ کان واپس ورڻ کان اڳ ئي اسڪول پارليامينٽ جو ڪاروبار جاري ٿي وڃڻ گهرجي. انهيءَ ٻاري ۾ پرنسپال صاحب جون وڏيڪ هدايتون هيون ته شاگردن جي هيءَ نئين

"هن ۾ پڙهڻ ڪرڻ جي ڳالهه نه آهي ٿي ڪا." پاڻ اوهانکي اسانجي عزت ۽ سنمان جو ويچار رکڻ گهرجي. جي ذري پرزي ماسترن جي پٺ ۾ ڀيرو هٿ پوندو ته هو پاڙهڻ ۾ ڌيان ني کڙو ڏيندا. هو پڪ پڇاڻ لاءِ فڪر ۽ تنخواه وصول ڪرڻ جي اوني ۾ ئي رهندا. پوءِ شاگردن جو ڪيو پلو. ڏيو ڏيڻ ڏس، ڏياءُ ۽ دهشت سان ڪم ڪين هلندو."

"مون ته اوهانکي اڳي ئي چيو آهي ته توهين اسان وٽ آهيو سانگي پکي؛ انهيءَ ڪري انهين جيڪي اچيو ٿو سو چيو وڃو".

"انهين آهي نه ڪونه، پر جي اوهين انهين سمجهو ٿا ته ان ڪارڻ مون سان پڻ جهڙي ورلي نه اختيار نه ڪئي وڃي نه."

"خير توهان جيڪي سوال اٿاريا آهن، انهن تي جوڳو ويچار ضرور ڪيو ويندو."

اڳيان هٿ ڏنگڙو ٿي پيو؛ مٿان چوڪسيءَ ڪاڻ هڪ
خاص پٽيوالو رکيل هو، جو چڪر ماري جاچ رکندو هو
ته ماستر سچ پچ ڪم پيا ڪن، ڪين کاٽيون ڪري
پيا ڪم ٽپائين؛ خالي پيريڊ ۾ ٻاڻ سندن اسڪول کان ٻاهر
وڃڻ تي بندش پيل هئي. ماستر نه هئا، اسڪول جا
ٻڌا ٻانها هئا. ته به صبح کي وقت ڏيو، شاگردن اڳيان
سيٽيا پئي هلبا. هاڻ اهو ٻاهريون مان شان پڻ ٻهار جي
ٿي ويو. حق ٿي منجهن واويلا مچي هئي. حالتون
برداشت ڪرڻ کان ٻاهر ٿي چڪيون هيون.

پر ويچارا ماستر آخر ڪن به، ڪن ڇا؟ پرنسپال
صاحب جي مرضيءَ کان اڳ ۾ ته پارليامينٽ جو ڪارڻ
چالو ٿي ويٺو هو! هڪ دفعو پارليامينٽ بند ٿي چڪي،
ته ان تي پوءِ ڪهڙي بندش پئجي سگهندي! لائيءَ
ڪري ڪنهن ٻئي تدارڪ جي ئي درڪار هئي. پارٽي
پارليامينٽ جي اگرن نتيجن جي انديشي کان ماسترن
۾ جڏسي ٽاه پئجي ويو ۽ هو پڪارگيءَ ٻڌيءَ ۾ اچڻ
لاءِ مجبور ٿيا، ته به ڇهه مهينا اڳ اسڪول جي هڪ
ماستر کي جڏهن پرنسپال رخصت ڏئي گهر جي فرصت
ورتائي هئي ته ڪنهن به ماستر پڪو به ڪين ڪيو هو
۽ پرڪ به نه ٻولي هئي، جيتوڻيڪ ماستر سان نسورو
ناحق ڪيو ويو هو. هاڻ ته جڏهن سندي مٿان ٻري آئي
هئي. سو ماسترن ٻڌا ٻير ٻڪمشت ٿي، پنهنجي جماعت

”ماجرا“ ٻڌي منهنجي سر تي هڻي وئي. سو مان هڪدم پنهنجي ننڍن جوابداري سنڀالڻ ۾ جنبي ويس. ڪم جو ترت راس ڪرڻو هو سو فرصت جو سڄو وقت ان ۾ ئي ڳنڍيو رهيس. مونکي هيئن ڳڻندو ڏسي، ماسترن ون کان پڇيو ته هيڏي مڙاڪوه ڇا لاءِ ڪري رهيو آهين؟ مون کين سڄي ڳالهه ٻڌائي ڪري ٻڌائي ته مڙس ٻگڙ جي ويا، پنيور کي جهسي ٻاهه لڳي وئي. رنا ڪي اڳيئي ويٺا هئا، مٿان آين هيءَ ٻڙڪو! اسڪول جي ٻارن کي ڪي ڏجي پارليامينٽ! ٻيءِ ماسترن جي ڏاڙهي ڏي وڌ پارڻين وهيڻي!! هونءَ ئي هڻ ماسترن ٻنسبت ٻيا ٻڪن ٻٽيين؛ هاڻ موريو ٿيو خواه مخواه کين همت ۾ هٿيار ڏيڻو. پارليامينٽ ۾ هڻ ڪنهن جي ته ٻگي ۾ همت وجهڻ کان کين رهندا ۽ انهيءَ ٻاري ۾ جهڪڙهن کين ڪٽي ڪجهه چئبو، ته ٺهه ٻهه چوندا ”اسان ته اهو رڳو مسخري ۾ چيو، ساڀيا ۾ ٿورو ئي.“ ماسترن لاءِ جي ٿنوليون ٿينديون ته سندن عزت آبرو ڪڏڙي رهندي. تنهن کان سواءِ ڇرچي مان ساڀيا ٿيڻ ۾ دير ڪهڙي لڳندي.“

ماسترن ۾ هام گهوڙا مڇي وئي. ماستر اڳيئي ڏٺا ويٺا هئا، مٿان جا هيءَ سندن عظمت لاءِ ننڍين هلان ٿي لڳي، تنهن ڇڏ کين ٻانولو ڪري ڇڏيو. پيٽ جي ٻالڻا ڪاڻڻ کين ڪيڏا نه عذاب ٿي سهڻا پيا. اسڪولي ڪم خاطر ٻڌي پينسل ۽ مس قلم لاءِ ٻڻ کين لهر نسنسال

آخر حالتن تي قبضو حاصل ڪرڻ لاءِ مٿن هڪو
ڪري چوڻ لڳو، ”اَوهان کي ٿي ڇا ويو آهي.“
پرنسپال صاحب جا هيءُ سخن سڻي ماستر مرڪڻ لڳا.
هو پاڻ ۾ مڙي ۽ اَڏول هئا، ويتر ته هئي وڏي
اُستاد سان! پڻ ڪي ڊڊائيندڙ اَڄ پاڻ ٿڏي رهيو هو-
همت پئي لڏيس، ٽنگون پئي ٿڪيس، ۽ ڳالهائڻ ۾ پڻ
پئي ٿڙيو ۽ ٿاٻڙيو. چوڻ لڳو، ”مونکي ته ڪا خاص پڪ
ڪانه پئي هئي، جنهن تي هيترو لهي آئيا آهيو.
شاگرد مون وٽ ميڙاڪو ڪري آيا هئا ۽ مون سندن
گهر واجب سمجهي، ڪين فقط دلاسو ڏنو هو ۽ وائيس
پرنسپال کي پڻ رڳو هدايت ڪئي هيم ته هن باري ۾
عملي قدمن جي جاچ ڪري.“ ماستر لڌو پرسوي آئيا.
ڪيهر شينهن مثل ڪر کڻي گجڪارون شروع ڪري
ڇڏيائون - ”نسورو ڪوڙ. اَوهان جون هدايتون بلڪل
صاف هيون ته پارليامينٽ فورن چالو ڪئي وڃي.“
”شاگرد آهن اسڪول جا اَن-دانا، ان جي ته مڃڻي ئي
پوندي؛ ماستر آهن پيٽ جا ڪتا، ان جي ڪهڙي
ڪٿي هئي. ٽئرن واءُ لڳي رهيو آهي، لڌهن کي پٽ
ڏيڻ خاطر جي گڏدام ماستر صدقي جي ٻڪري ڪيا
ويا ته ڪهڙو مڙڻ مڃئو هو!“ ”وائيس پرنسپال وڏي
صاحب واري ڇڪي پيش ڪري ته لاٻئي ڳالهه نرنئه
ٿي وڃي.“ وائيس پرنسپال ويو ڇڪيءَ جي تلاش

(آسوسيئيشن) ٺاهيا ڪري ورتي. ڏالو واهه قاعدا قانون ٺهي راس ٿي ويا، عهديدار چونڊجي ويا ۽ ٺهراءُ پڪڙاءِ بحال ڪيا ويا.

پرنسپال صاحب جو بمبئيءَ مان موٽي اچڻ ڪم ٿي چڙهيو ته ميز تي مٿان ٿي منهنجي صحيح ڪيل خط ۽ اُن سان شامل ڪاغذن تي هڪدم نظر چڙهيس. جنهن ۾ ماسترن جي طرف ۾ مون اڳ ڀيرو ورتو هو، ان ڪري پڪراءُ موڪلي ٿي ماسترن آسوسيئيشن جو سيڪريٽري ڪري چونڊيو هو. ڪاغذ پڙهي هن موڪلي سڏايو ۽ ماسترن جي ميٽنگ ڪرائڻ لاءِ چيو، جو ته اسڪول جي ماسترن جي ڪامن روم جو سيڪريٽري پڻ موڪلي ٿي مقرر ڪيو هئائين.

ماسترن جي ڪمري ۾ هر ڪو وقت سر اچي سگهيو. وايو منڊل ۾ چڪتاٽ چانئجي چڪي هئي، چوطرف سناٽو ڇانيل هو. آخر پرنسپال صاحب ڳالهه جو ذڪر ڇيڙيو. ٻس، جڻ بند ٽٽي پيو. جتي اڳي پرنسپال صاحب جي حاضريءَ ۾ ماستر ڪوئي مشڪل پيا هڪ ٻئي ڀنڀان اکيندا هئا، سي اڄ ستل شينهن وانگر جاڳي اٿيا هئا. جنهن کي جيڪي ٻه جتان ٿي آيو، تنهن اتان ٿي زباني ظاهر ڪيا. هيءَ روهڪار ڏسي پرنسپال صاحب جي منهن جو رنگ ٿي اڏامي ويو؛ سرور و رعب غائب ٿي ويس. ڪيڏانهن ويئي مڙس جي دهشت، ڪيڏانهن ويئي سندس حشمت!

٩. نصيب ڪليم

دل ڏاڍي هيم ته چاچي مٿل مان پڻ پروفيسر ٿيان. هن پڻ مون لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪئي ۽ وسئون نه گهٽايو، پر ڀاڳ ڪم پرايو. منهنجي ڊگري اهڙي زوردار نه هئي جو پروفيسر جو پد ڪٿي ماڻيان. آخر آسرو ڇڏي ويٺي رهيس، ۽ ٻيو ڪو چارو نه ڏسي، ماستريءَ تي وڃي چڙهيس. ڪجهه وقت ڪانپوءِ ڪاليج ۾ جاءِ خالي ٿي، پر هيئن ته الماس جي اڏياپڪ اُتيءَ جي آڇ منهنجي پيٽيوٽي ڪي ڪئي هئي، تنهن ڪري مون همت ڀير ڪين هلايا ۽ پنهنجي ڀاڳ تي ٻڌو رهيس.

پر ڏٺيءَ ڪي ٻيو ڪجهه منظور هو. ٽئين سال ۾ ڪاليج ڪلاڻ ۾ ٻاقي ڪي ڏينهن وڃي اچيا هئا ته هڪ ڏينهن چاچو صاحب ۽ الماس جو اڏياپڪ ڊاڪٽر ڊوڙارت جو اسانجي گهر جي نزديڪ ئي رهندو هو، پرنسپال سان صلاح مصلحت ڪرڻ ڪاڻ گڏجي نڪتا. ٻئي منجهند ٽاڻي موٽيا. چاچي صاحب، ٻڌا ڪنهن لک ڏڻ جي مونکي فقط اهو ٻڌايو ڏنو ته الماس جي اڏياپڪ چاهيو ٿي ته مان ڪيس پنهنجا جدا جدا رسالن ۾ لازو چيٽل الماسڪ ليک پڙهائي اچان. مونکي ڪجهه ا سمجهه ۾ نه آيو. جوان ٻيو ته مونکي کهڙي ٻئي آهي جو ڏر لتيءَ جو ٽپر سازي، الماس جي اڏياپڪ کي پنهنجا ليک هينئر ڏيئي اچان، خاص ڪري جڏهن

۾. پلا هئي ڪاغذ جي ندارد ٽڪري سا سٽرو لڳي ڇو ٿي!! آخر هٿ آئي ۽ لاچار صاحب کي ڪنڌ جهڪائڻو ٿي پيو.

تڏهن ته مٿس حد صفا ڪين چڙيو. مورڳو وڌيڪ فضول اپچار ڪرڻ ۽ ٻارن کي وڌيڪ ڦاسائڻ لڳو: ”مون کي شاگردن کي خاطري ٿورپائي ڏني آهي. آءٌ ڪنهن سان به پڪو انجام ڪين ڪندو آهيان!!“ ماسترن جا هڪواريءَ ٻاڙي ماري هئي، سو هاڻ هوءَ ڪجهه سٽڻ وارا نه هئا. لاچار جڏهن پرنسيپال هٿ تان هيٺ لٿو ۽ صاف لفظن ۾ قصي جي پڇر ڇڏيائين، تڏهن مس وڃي ماستر ملائم ٿيا ۽ سڏن ٻريو اندر ٺريو. انهيءَ ڏينهن واه جو مير ماري، مڏهن مٿي ڪموسين!

ڏنا هئا، ته به هن ڪٿي رستي ۾ ڪانئس پڇيو، ”خالي جاءِ ڪيئن کي ٿا ڏيو؟“ ته هن ٻي ڏڦڪ ڪيس چيو ته ”مون پنهنجو ارادو مٽايو آهي. مان اها جاءِ پنهنجي پاڻيءَ کي ڏيڻ ٿو گهران!“ چاچو صاحب اهو جواب ٻڌي، واتڙو ٿي ويو ۽ الهاس جي اَڌپاپڪ کي چيائين، ”تو ڪجهه سوچيو آهي ته ائين ڪرڻ سان تون منهنجي گهر ۾ گهوڙالو ڪاهي ويهندين؟ توکي جي ائين ڪرڻو هو ته منهنجي گهر جي ناڻيءَ کي دلاسو نه ڏين ها. هينئر هر ڪو اهو ئي اَگم ڀڙهندو ته ناڻيءَ کان پاڻيهو وڌيڪ پيارو لڳس، جنهن ڪري هن کي رکيو، پاڻيءَ کي نوڪري ولـي ڏنائين. مون لاءِ ته ٻئي هڪ سرڪا آهن- هڪ هڪ پاءِ جو پٽ، ٻيو ٻئي پاءِ جو ناڻي. ٻر اَڳا اها ڳالهه سمجهن ڇو ٿـا!“ انهيءَ جـو الهاس جي اَڌپاپڪ نِدارڪ ٻڌايس، ”توهانجي ناڻيءَ کي نوڪريءَ جو دلاسو به مون ڏنو هو ۽ ناڪار ٻڻ مان ئي ڪندو ساڻس ۽ ڪيس: خاطري ڏيارينديس ته انهيءَ فيصلي ۾ اوهانجو ڪوبه هٿ ڪونه هو.

ٻئي ڏينهن ڪاليج پهتا ۽ الهاس اَڌپاپڪ پنهنجي ارادي کان پرنسپال صاحب کي واقف ڪيو ۽ زوردار سفارش ڪئي ته هن صفا ناپري وارِي: ”مان ڪاميٽيءَ کان اها ڳالهه بحال ڪرائي نه سگهنديس.“ انهيءَ تـي الهاس اَڌپاپڪ اچي معمو. چي، ”اوهانجي دل سرڪي

منهنجو ساڻس ڪو خاص تعلق ئي ڪونہ هو. پر وري سوچيم تہ متان ڪٿي انهيءَ ۾ بہ ڪو مطلب رکيل هجي، سو چٺل ليک ڪڇ ۾ ڪري، نڪتم اُس ۾، جڏهن ڪانوَ جي اک ئي نڪتي، تڏهن مان نڪتس اِتهاس اَڌياپڪ سان سندس گهر ۾ گڏجڻ. سندس گهر پهتس تہ ڇا ڏسان تہ دلاڻ ۾ هوءُ ڪيهر شينهن جيان پيو اَچي وڃي!! دل ۾ چيم تہ اَڄ خير ڪونهي.

در کڙڪائڻ تي هن اَچي اِهو پڇيو ۽ پوءِ پڇي اچي ڪوچ تي ويهاسين. هن ليک مون کان وٺي ميز تي رکيا ۽ منٽ اَڌ پڪ ٽڪ منهنجي منهن ۾ نهاريو. هوءُ ڪرستان هو ۽ سنئون سڌو ماڻهو هو. منهنجي منهن ۾ ڪا بہ خاص ريکا نہ ڏسي، مون کان پڇيائين، ”ڇو، ڇاڇهن جيڪي ڪاليج ۾ وهيو واپريو هو تنهن کان واقف ڪين ڪيئہ ڇا؟“ مون تہ ڪجهہ بہ نہ سمجهيو، سو وائڙن جيان ڏانهنس نهارڻ لڳس. اِنهيءَ تي، ڪاليج ۾ جيڪي ڪجهہ ڏينهن جو ئي گذريو هو، سو هن مونکي سراسريءَ رپٽ ٻڌايو.

هوءُ ۽ منهنجو چاچو پنهنجن ڪلاسن ۾ جاڻن پيڙن لاءِ پرنسيپال صاحب سان گڏجڻ ويا هئا. جيتوڻيڪ چاچي صاحب کي خاطري هئي تہ اِتهاس ڪالي جي خالي جاءِ گهر جي ناڻيءَ کي ملڻي هئي، ڇاڪاڻ جو اِتهاس جي اَڌياپڪ هن کي اهڙو پڪو دلاسو ڏنو هو ۽ مون ئي کيس ڪاليج لئبرريءَ مان ضروري ڪتاب ڪيائي

الهاس آڏيانڪ ٻاران ته ڳالهه اڪل ۾ ٺيڪ هئي، پر فيصلو ٻڌندي ئي منهنجي پٽيوني جي پيرن هيٺان زمين جڻ سي ڪسڪي ويئي. هن جي پروفيسر ٿيڻ ۾ خاص دلي چاهنا هئي. ٿيڻ نهي ته سنو آيو هو. ڪيس لائق امر اي جي ڊگري به هئي، ته به سونو وجهه ٿڪي ئي ويس! سو همت ۾ ڪنيل ڪم آڏو ٿي ڇڏي، ٻ وڏيو گهر، ۽ آئان ڇني ڪٽي، پگهو سڏو ٻانهڻ وت. ”مهراج اوهان ڇيو ته ٻڪ پروفيسر ٿيندين، پر هاڻي ته وگهن ڪاٺجي پيو آهي. هڪ پيڙو ڇڏاپڻيءَ لاءِ ڪڙو ٿي ويو آهي. ٻڌايو ڇا ٿيندو؟“ براهمڻ سمجهائيندي چيس، ”ودڀيا نسبت تنهنجا گره ٻلوان لڳم، تنهن ڪري توکي اهڙي خاطري ڏنيم. پر لاهيءَ جو مطلب اهو ڪين هو ته ٻئي ڪنهن جا گره تنهنجي گرهن کان وڌيڪ ٻلوان ٿي نه سگهن!! تون مهاڀلي ڪندڙ جو نالو ٻڌاءِ ته لائي جو ٿو حساب لڳايان ته ٻڌي مان ڪيو ڪامياب ٿيندو؟“ پر هوءَ نالو ٻڌائيس ڇو ٿو!! اهو براهمڻ اسانکي ٻڌ چگيءَ رمت سڃاڻندو هو ۽ واڪڙائيءَ ۾ منهنجي ڇٺي جاچي هئائين، جي منهنجي پٽيوني نالو نه ٿي ٻڌايس، ته ٻانهڻ ڪجهه به نٿي ٻڌائي سگهيو! گهٽيائي رد بدل هلي. براهمڻ منهنجي پٽيوني کي ذهن نشين ڪرايو ته جيسين هن نالو نٿي ٻڌايو تيسين هوءَ ڪجهه به ٻڌائڻ لاءِ اسمرٿ هو، ڇو ته نڪشترن جو

ته ناچن ۽ ناٽڪن کي به نوڪريءَ ۾ رکو، پوءِ ڀل سندن ڏڳري کهڙي به هيٺين طبقي (درجي) جي هجي، باقي اسانکي ڪو ڪارگر ماڻهو سمجهي، ته اوهانجو ننڍو اکر ٿيوڻي رکيو آهي!" انهاس الڊياڪ جو پرنسيپال صاحب گهرو دوست هو، سو نه فقط هن گفتار تي غم کائي ويو، پر ڏس ڏانيندس ته هو ڪيئن پنهنجي دل پوري ڪري ٿي سگهيو: "ڪاميٽيءَ جي ميمبرن کي تون خود سڃاڻين ٿو؛ تون ڪين وڃي ڏس؛ جي هو سرچڙهي نه منهنجون اکيون ٽڪيون." انهيءَ ڪري ئي انهاس الڊياڪ مونکي ٽرتيءَ جو ڊوڙايو هو.

هو ڏانهن هو منهنجي پيٽيوني کي پڻ موٽندي گڏيو آيو هو ۽ کيس سرسٽي ڳالهه ٻڌائي، ڪانئس اوسڙي ۽ تڪليف لاءِ معافي پڻ وٺي آيو. هن کيس سمجهائيندي چيو، "مون جڏهن توکي دلاسو ڏنو هو ته هن منهنجو ننهنجي سالي ۾ تو مالي سو چاه ڪونه هو. پر هيءَ جا تازو انهاسڪ مقالن جي چٽايلي ڪئي ويئي هئي، تنهن لاءِ مان به هڪ جج مقرر ڪيو ويو هوس. سندس مقالو پڙهي مان حد خوش ٿيس ته جنهن خاص ڪم ٻارهڻ لاءِ مونکي، ماڻهو کپندو هو تنهن لاءِ هن مقالي جو ليکڪ ئي بلڪل ڪارگر ٿيندو. مقالن تي ليکڪن جا نالا ڏنل ڪين هئا. پڇا مان ئي پتو پيم ته اهو دلپسند مقالو ننهنجي سالي جو لکيل هو. الڪري مون پنهنجو اراد و ٻاڻ ڦيرايو هو."

١٠. ڪاليج ۾ پهريون ڏينهن

ڪاليج ۾ نوڪريءَ جي آڄ اَزغٽيي اچي پلاند ۾ پيئي. اِتهاس جي اَڌياپڪ جي ڪوشش هٽي وڃي هند ڪيو. هڪ ڏينهن اسڪول ۾ ٻئي پاڙهيم ته اوچتو موٽر ۾ نياپو آيو ته سگهو، ٻه منٽ اُبي سهڻ، ڪاليج مان اچي لُبي وڃ. مان ته سڀ ڪجهه سمجهي ويس. دل ٿپا ڏيڻ لڳي. اَڌڪل وڙهائي، اَڌ ڪلاڪ جي، اسڪول مان موڪل وٺي، ڪاليج ۾ آيس. پرنسيپال صاحب سان مکاميلو ٿيم. سندو سوال پڇيائين، ”ڪاليج ۾ نوڪري ڪندين؟“ اِها ڪا پڇڻ جي ڳالهه هئي! ڪاليج جي نوڪريءَ لاءِ ماڻهو لڇا سڪن؛ اُو وٺي لُو آسرو ملين، ته وٺي ٿا سڪائون پاسين!! نصيب ڪليو هوم. جتي ايم. اي وارن پئي ٿاپا جهليا، اُتي بي. اي وارو چڙهي لوي، لخت پيو چاڪي چڱبو آهي! مون هڪدم ”ها“ ڪئي. منهنجي آنهه ڪرڻ ۾ پئي سوال جو اُلٽ، ”نوڪريءَ لئي ڪڏهن اچي چڙهي سگهندين؟“ اسڪول مان جند ڇڏائڻ سوري ڳالهه لوڙيائي هئي. اِها ڳالهه ته مونکي ڪاليج ۾ نوڪري لئي ملي، سا پڻ شايد اسڪول وارن کي پسند نه اچي! حسد!! سو ڪي قدر هلڪندي چيم، ”جيترو جلد لئي سگهيو. اسڪول وارن جي راضپي سان لئي سڀ ڪجهه ٿيندو.“ دلداري ڏيندي ڪاليج جي پرنسپال چيو، ”اسڪول جي نوڪري ڇڏڻ جو

حساب ناڻي تي ئي منحصر هو. آخر ٻئي ڪا واهه نه ڏسي، پيٽيوالي صاحب لاچار منهنجي ناڻي جا ڀريان آڳر ظاهر ڪيا. ٻراهمڻ ٻٽ وڃڻ ڪان ورلي. چيائين، "مون هن جي چٽي ٿورو ڏني آهي، هن جا گرهه ننهنجن گرهن ڪان گهٽو ٻلوان آهن، نوڪري هنکي ئي ملندي!"

الٻين، ٻيا درخواست، ڪاليج ۾ نوڪري ملڻ.

مطلب ۾ نئون پيريڊ شروع ٿيڻ وارو آهي. اهو وڃي وٺ." ڪم لاءِ چڙهڻ جا حڪم مليا ويا. مان گڏ گڏ ٿيس. ڪاليج پرنسپال جي آڇ تي، اسڪول ۾ به پيل ماستري ڪندو رهان، مونکي ڪانه آڙي، ڇو ته اسڪول ۽ ڪاليج جي پڙهائيءَ وچ وڏو فير آهي، پنهنجي هيڊ پاڙهڻ سان پڻهي پاسي نڪار ثابت ٿيڻ جو انديشو هو! مان فقط ڪاليج جي نوڪريءَ ۾ ئي خوش هوس- ڪاليج جو ناليوئي ڪافي هو، پوءِ پگهار ڇو نه ڪيترو نه ڪٿي گهٽ هجي!

گهنڊ لڳو ته مان ڪلاس ڏانهن ويس. ڏٺم ته هيءَ ڪلاس ته نج ڇوڪرن جو هو!! رڳو ڇوڪريون سنڀالڻ ذرا ڏکيرو ڪم هو، پر هيڪڙو ته هوئي ڪونه. سو پڻ هيڪ ڪلاس ۾ گهڙي ويس. ڇوڪريون البت واڙيون ٿي ويون ته هيءَ نئون پروفيسر ڇو آيو آهي. پر جهٽ ياد آين ته الهاس آڏيائڪ ڪين اڳوات اطلاع ڪين ڏنو هو ته جلد ڪين هڪ نئون پروفيسر اچي پاڙهيندو! اها ڳالهه ياد ڪندي، سندن رخ ڦريو- هڪ نئين پڙن پوُن شروع ٿي وئي. "پروفيسر ته پهه پدرو آهي؛" "هيءَ ڪيئن اسانکي پاڙهيندو؛" وشيه هيڏي وڏي (وشو الهاس جي) ۽ پروفيسر اوڙوئي نديڙو!" ڇوڪرن ۾ ان ريت سر پر هلندي هلي. مون ٻڌڻ ڪين وڏي واڃ ڏني ته پيل پاڻ ۾ ڳالهائي ٿيهن. تنهن وچ مونکي پڻ ڪلاس جو جائزو ملڻ جو وجهه مليو ۽ پاڻهي وٺندس

ٿو؟ هتي ڪو خاص پگهار ٿورو ئي ٿو ملئي! پر اسڪول ۾ ته ماستري چالو رک ۽ ڪاليج ۾ به اچي پاڙهه." دل ۾ چيم، "ڪاليج جو پرنسپال ڪيڏو نه قدردان ۽ فراخدل آهي! شل اسڪول جو پرنسپال دل وڏي ڪري!!" اسڪول وارن پڻ گهڻو ڪين ستايو. وڃي اسڪول جي وائيس پرنسپال کي ليڳس. هن اُن جي اهميت محسوس ڪئي ۽ چيائين، "اهڙو وجهه ڪو هر گهڙيءَ ٿورو ئي هٿ ايندو. مان پنهنجي پاران ضرور ڪجهه ڪندس، پر موڪل ڏيڻ ته پرنسپال صاحب جي ئي وس ۾ آهي نه. مان سمجهان ٿو ته هو وگهن ڪونه وجهندو." وائيس پرنسپال ته واه جي دل وڌائي ۽ دلاسو ڏنو، پر پرنسپال چوي ته مهني جي نوٽيس جي عرصي عيوض موٽ ۾ ڪو ماستر ڏي! هاڻي مهني لاءِ ماستر مان آڻيان ڪٿان!! اٽي ياد آيم ته منهنجي دوست ڪرتار اُنهيءَ سال بي-اي پاس ڪئي هئي ۽ اُها گهر ۾ ويٺو هو. ڇو نه چڙهي وٽس ويس ۽ ڳالهه چوريانس. هن چيو مڪيو، ڇو نه. هڪ ته هو بيڪار ويٺو هو ۽ ٻيو ته هو اسڪول جي بلڪل نزديڪ ئي ته رهندو هو. اِنڪري هفتي اندر اسڪول کي الوداع ڪري اچي ڪاليج ۾ حاضر ٿيس.

ٻهرين ويس پرنسپال صاحب وٽ. هن چيو، "اڄ کان ئي وڃي ڪم ٿي چڙهه. الهاس اَڌ ٻاڪ کان وڃي پڇ ته ڪهڙا ڪلاس وڃي وٺان." آئس الهاس اَڌ ٻاڪ وٽ ۽ ڳالهه ڪئيمانس، ته مرڪندي چيائين، "ها. ڏهن

پاڻ اس هلندو هليو، اکيون هڪ طرف ڪان ٻئي طرف
ڦرنديون رهيون، ٻانهون ۽ هٿ پاڻ کي وزنائتو ڪرڻ
ڪارڻ ڪچندا رهيا؛ ڪنهن کي ۾ ڪو وجهه نه مليو، نه
وري ڪنهن کي ڪاه سس پس ڪرڻ جي همت ٿي
ٿي. سڀ ٿامڃي پاڻ سٽنديون رهيون، ايتري قدر
جو جيتوڻيڪ طنزي نوع ۾ ڪين ٻڌايم ته انسان پولڙي
جو اولاد آهي ۽ ان ڪارڻ ٿي مڃڻ اَهل ڪرڻ جي
قدرتي علت پيل آهي، تڏهن ٻڻ ڪنهن ٻڌڪو ۾ ڪين
ڪيو. پاڻ لئه ۾ هلندو هليو، تان جو پيو پٺ پوزي
ٿيڻ جو گهنٽ ٻڻ وڄو ۽ مان ڪم پورو ڪري ٻاهر آيس،
ته ۾ ڪلاس ۾ اَچا سانت ٿي چانيل هئي- ڇوڪريون
شايد اَچا سوڌو انهيءَ ٿي ٿي اَچرج کائي ۽ سوچي رهيون
هيون ته سوچيو ڇا هوسين ۽ ٿي ڇا ويو!!

ته آخر هُو ڪهڙي ٻاٽيءَ ۾ آهي. ڪن اُٻهو روڪڻ مان سندن منن ورڻ جوڻي اَنديشو هو، انڪري ٻڻ کين ڪجهه چوٽ چڙهيم.

موٽڪي جنهن وقت ٻاڙهڻ لاءِ چيو ويو هو سا هڪ ته وسيع هٽي ۽ ٻيو ته مان جيڪي چار سال ڪاليج ۾ هوس، تنهن عرضي ۾ اِها ڪانه سيکارڻ ۾ آئي، جنهن ڪري اُنچو آئياس موٽڪي کين نصيب ٿيو هو. موٽڻ اِها بلڪل ٿي نئين وقت هٽي ۽ مان ٻڻ نڪورو پروفيسر ٿي ته هوس! پر ڀنيان هٽڻو ته هو ٿي ڪونه. سو مان ڪتاب چڱيءَ طرح پڙهي، تيار ٿي آيو هوس. مون جو ڇو ڪرڻ کي چيڪ چڙهيو هو ته هُو ٻاٽيهي ماٺ ڪرڻ وارڻ ته هيون ٿي کين، سندن ٻڌون ٻڌ ٿئي ڇو ٿي - "اسان کي ٻاٽڻ مزو. هن پروفيسر کي ٻڌائڻ اسان لاءِ آسان ٿيندو. هڪڙو آهي ٻ ٻنڌو، ٻيو اسين سڀ آهيون چوڪرئون، سو هن لاءِ اسان سان پهچڻ محال ٿيندو!" بس، هاڻ گهٽو ٿي چڪو. ورڪ ٻهود ڳي ٻڌڻ لاءِ مان هرگز تيار نه هوس. انڪري هٿ سان اشارو ڪيم ته "چپ ڪري وهو." الائجي ڇو ڪلاس ۾ هڪدم سانت ٿي وئي. چوڪرئن شايد سوچيو ته جي ماٺ نه ڪبي ته پروفيسر کي ٻڌائبو ڪيئن! پل نه ڳالهائڻ شروع ڪري!!

چوڪرئن ڏانهن سنڌو ۽ ڪي قدر ڪرڙائيءَ سان نهاريندي، مون ٻنهنجو ٻاشڻ ٻلند آواز ۾ شروع ڪيو.

ڏاءِ وارا اُن پاڙيڪ انگريزي راڄ جي فائدي ۾ ۽ اُنهيءَ خلاف، ڪيترن ڳالهائي رهيا هئا. هُو مونکي سخت ڪٽر پٽي لڳو.

پوءِ ان خيال آيم ته ڪيس جهٽ ۾ آماڻي ڪيان. هن ڪا ڪاليج جي فيءِ ٽورڻ پئي پري هوندي، جو منهنجو پاڻ پٽڻ آيو هو! پيءُ دل چيو ته لڳي شريف ٿيو ۽ هيڏي ساري ڪي هڪالي ڪيڻ سهٽو ڪين ٿي لڳو. تنهن ڪانسواءِ مان ته اُصلي قومي ويچارن جو هوس. جيتوڻيڪ اَنگريزي لباس جي پٺيان آيا ڪانه ڇڏي هيم. سو خيال آيم ته جي هُو منهنجن ويچارن کان واقف ٿيندو ته سندس پرچار سبب منهنجو به ناماچار وڌندو! انهيءَ سمي شروعات ۾ ناسي ڪيڻ جي تمنا ضرور هيم!! سو پاڙهڻ شروع ڪيم. سڄو پيرڊ پاڙهي ته ويس، پر آندر ۾ اُڻ تڻ ضرور رهي. ڪلاس پورو ٿيو ته هُو پاڻ اچي مون سان مليو ۽ پنهنجي سڃاڻپ ڏنائين، جنهن مان پتو پيم ته هُو عمر ۾ مونکان پنج سال وڏو ٿي هو! پر ڄڄ چگو ڀڙس نڪتو. چيائين، ”سائين، سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ نوڪري ڪندو آهيان. ڪانگريس هلچل ۾ سرگرم ٿيو وڃڻ سبب ٿرنگ جو ٽيرنٽ پڻ ڪري آيو آهيان. اُنڪري سڀني ڏي ساڌو ڪانگريسي ڪري. سيڪريٽريٽ ۾ ڪنهن ڪان به پڇندا ته هُو مون وٽ پهچڻ جو جهٽ ڏس ڏيندو. ڪوبه ڪم ڪار هجيو ته حجاب نه ڪجو. حاضر آهيون. اَوهانجي هاڪ پڌي هيم، اَڄ اِها هاڪ

١١. سائين! مڃي!!

مان جڏهن پروفيسر مقرر ٿيس تڏهن ڪاليج ۾ ڏگها، ڏگها چوڪرا هوندا هئا، چالاڪ ته گهٽ شاگرد نوڪريون به ڪندا هئا ۽ پڙهندا به هئا. اهو رواج تازو شروع ٿيو هو. ان ڏينهن چوڪريون اڪثر نوڪريون ڪين ڪنديون هيون ۽ انڪري هوءَ ڪاليج ۾ ننڍيون نينگريون ٿي اينديون هيون. باقي چوڪر ته وڏي وهيءَ ۽ وڏي ڪهيءَ وارا هوندا هئا. ڪي ته ديو-ديهه هوندا ۽ ڪي وري اڄگو لڳندا هئا. ڪن کي ته وسهڻ ۾ ڪين ايندو هو ته هو ڪو ڪاليج جا وديارٿي هوندا. مثال وٺو ساڌو ڪانگريسيءَ جو! هڪڙي ڏينهن جو ڪلاس ۾ وڃان ته پهرين ئي پهرين بينچ تي هڪ ڪرڙو کاڌي پوش ويٺو هو. مٿي تي گانڌي ٽوپي براجمان هيس ۽ چشمن تي ٿلهي شيشن وارو چشمو، جهڙو ٺڪاڪا پائيندا هئا. ڊگهو ٻڙرڪ ۽ پوشيدو پئي لڳو. کاڌيءَ جو ڪوٽ پيل هوس، پر پيرن ۾ بوٽ بدران چمپل هوس. ڪٽر ڪانگريسي پئي لڳو. مان ڪيس ڏسي، منجهي اٿئي رهيس. ڪير ڪين چوندو ته هو ڪو ڪاليج جي پهرين سال جو شاگرد هو! مونکي ائين ته هو ڪو واٽهڙو هو، جو رستي تان لنگهندي ڪلاس ۾ گهڙي آيو هو. شايد ڪاليج جي حاطي وٽان لنگهندي ڪيس ويچار آيو هو ته ڏسان ته هيءُ ڪهڙو

لفظ جي هجي نٿي آئي! وسهڻ جهڙي ڳالهه ته ڪين ٿي لڳي، پر جي هن کي ڇڏيو ته ڪوڙ ٿو ڳالهائين ته قصي ڪرڻ جو امڪان هو. هو ۽ سندس دوست هيڏي ساري دوڊ دوستيءَ جي عزت جو سوال اٿاريندا؛ واد وواد شروع ٿي ويندي، ۽ ڳالهه ٺهڻ بدران بگڙجي ويندي. ٻيو رستو هو ته، مان کيس چوان ته هيءُ ڪو اسڪول ٿورو ئي هو، جتي هجي ڪري پڙهائجي. پر انهن ڪرڻ سان شاگردن ۾ اهو گمان جاڳي ٿي سگهيو ته شايد خود سائينءَ کي به هجي ڪانه ٿي اچي ۽ انڪري ئي اسڪول جو عذر ڪاهي وڌو اٿس. پنهنجي گهٽتائي ڪير ڪرڻ ڏيندو! هن قسم جي سوال پڇڻ جو هڪ ئي مطلب ٿي ڏٺو ته حيلي بهاني ڪلاس ۾ ٺهڪڙو مچائجي - ڪهڙا پروفيسر ۽ ڪهڙا هجيئون!!

ٺهڪڙي جي برخلاف ته مان به ڪونه هوس، پر جي مان چوڪر جي چوڻ موجب هجي ٿو پڙهايان ته، سيئي مڙهنجي ڦلهڙائپ تي ئي هسيون اڏائيندا، ڪير ٻارڻ کلائيندو، ڪير ٻارڻ تي ٺهڪڙو مچائڻ پسند ڪندو!! مڙهنجي ته مرضي هئي ته چوڪر انهيءَ اڳر جيڏي جانڊي مڙس تي کلن ۽ نه مون تي!! پر اهو ڪيئن ٿي ٿي سگهيو؟ سوچڻ جو وقت هو ڪٿي!! پر چاهندا جا هيم چرچي ڪرائڻ تي ته طرفن ٻڻ جهت سڀجهي آهر. گڏيئر ٿي چوڪر کي چيم، "ٻيڪؤ، توکي هن لفظ جي هجي ڪانه ٿي اچي! مان سمجهان ٿو ته تون انهيءَ ۾ پليل

سچي ثابت ٿي ۽ دل شاد ٿي اٿم. اسين اوهان جي خدمت لاءِ هميشه حاضر رهنداسين ۽ آزمائي ڏسو. ان ڪري اسانکي استاد جي شيوا جو پڻ وجهه ملندو." ساڻو اُها حيات آهي ۽ جني ۾ ڏسندو آهي ته سڀيو ڪري اُچي قرب سان ڳنڍيو آهي.

ٻه سيٺيون قداور ۽ ڳاما جهڙا شاگرد هڪ قسم جا ٿورونئي ٿيندا آهن! انهيءَ ڏينهن جو ڪلاس ۾ وڃان ته سارو ڪمرو شاگردن سان اُمڙار پريو پيو هو. شاباس هجي شاگردن جي صبر کي جو هڪ خشڪ وشيه تي ڀاشڻ ٻڌڻ جو شوق رکيو هئائون. ڳالهايم ٿي دنيا جي اصلوڪن رهاڪن لئي! خير. ٻاڙهڻ شروع ڪيم. ڀاشڻ فصاحت سان پئي هليو ته اُچانڪ ڪلاس ۾ ڪنهن همت مٿي ڪئيو. هوَ پڇاڙيءَ واري قطار ۾ ويٺو هو. پڇيو مانس، "چاهي؟" ته ورندي ڏنائين، "سائين اِهو وڏو اکر ڪهڙو ڳڌوَ؟ مونکي اِنهيءَ جي هجي اُچي ڪانه ٿي. مهرباني ڪري ٻڌائيندا؟" سوال ٻڌي سيٺي جي منهن تي مرڪ ڇانئجي ويئي. پر مان مڙجهي پيس. ڪلاس ڏانهن نگاهه سو نهاريم ته هڪ نگاهه رونق نظر آيم- ڪلاس جا سڀ مڙلائي مڙس اڄ ٻنهين قطار ۾ ويٺا هئا! ليکو اِلين پئي جڻ سندن من ۾ ڪا شرارت هئي. جڏهن شاگرد سوال پڇيو هو سو قد بت ۾ مونکان ٻيڻو ته ٻيڻو ته ضرور ٿيندو. هن ڪي نوڪري ڪئي ۱۰ ڳچ سال ته واهه جهڙا ٿيا هوندا. ٿڌهر هر ندي ۾ ڪس هن

١٢. ڀريات جا سُور

مونکي ڪاليج ۾ نوڪريءَ لاءِ چڙهئي مهنو مس ٿيو ته هڪ وڏو ڪارنامو ٿي گذريو. منهنجي پيريڊ شروع ٿيڻ ۾ اڃا ڪجهه وقت هو، تنهن ڪري مان ليبرريءَ ۾ وڃي ويٺس. اِتي ٿي اوچتو هڙٻڙيءَ جو آواز ڪن تي پيم. سياڻپ منهنجو ڌيان اُن طرف ڇڪيو. آواز ڪنهن ڪلاس مان ٿي آيو رهيو هو. سمجهيم ته شاگرد ڪنهن پروفيسر کي تنگ ڪري رهيا آهن - اهو ته، هڻ پنهنجو مرڪ ڪري سمجهندا آهن. ايتري ۾ آواز ڪجهه قدر گهٽيو ۽ ڇانگ ڇوڪرن جي ليبرريءَ ۾ پهچي آئي. پيا گلو گلو ٿي، ٻاهر سبزگاهه جي پٽ ر تي ٽڙي پکڙي وڃي ويٺا. ڪنهن ڇوڪر کان پڇيم ته گوڙ ڇاجو هو، ته هن ٻڌايو ته فلاڻي پروفيسر کي ڇوڪرن ٽي ٻٽايو. پر اُهين ڇئي هن بس ڪانه ڪئي. ڳالهائڻ جو سلسلو جاري رکندي، هن چيو، "شاگردن ٽي چيو ته ٻئي پيريڊ ۾ باقي هن ٽئين پروفيسر کي سڃيون ڪرائينداسين!" هيءَ ڳالهه ٻڌي مان ڪي قدر ٿيءَ ۾ پئجي ويس، پر هن اڳواٽ مليل اطلاع ۾ اهڙيون ڳالهيون چڱيون ڪيون - هڪڙ ته مان ٿوري سڄاڳ ٿي ويس ۽ ساڳئي وقت دماغ کي ٿڌو ۽ سالم رکڻ جو پڪو ارادو ڪيم.

ٺيڪ وقت وهامي ويو ۽ گهنڊ وڳو. مان اُٿيس ۽ ڪلاس طرف رخ ڪيم. اتي اچان، ته مار! مورڳو

آهين. چڱو، توکي جي هجي پڪيءَ طرح ياد ڪرڻي آهي، ته تون جيئن هجي توکي ايندي هجي تيئن ڪري ٻڌاءِ؛ جتي به غلط ونئين، اُتي مان توکي درست ڪندس. پوءِ ته بس!" منهنجي اُنهن چوڻ تي ڪلاس ۾ ٽهڪڙو مچي ويو، جنهن تي ٽيڪؤ ذرا واڙو ٿي ويو، پر جيئن ئـي ڳالهه سمجهيائين تيئن ڪانئس ٻڙ ڪل ڇڏڪي ويئي. چيائين، "سائين، اوهين بيشڪ اُستاد نڪتا. مون هجي ٻچڙ کان هميشه لاءِ "هان" ڪئي."

غرض هئي!! پئي ٻاهر نڪري پيا ٻانهون ڇنڊين ۽ اُٻاسيون ڏين. پر شاگردن کي اُن سانت اچي ڇو نٿي! سو منجهائجي ٻه چار وڏي اچي دروازي وٽ بيهي رهيا- مرضي هئي ته پروفيسر آسانکان کي ڪجهه پڇي ته ڳالهه ڇڙ ڪيون! منهنجو ته سندن سان ڪو ويرو ڪونه هو، سو سانئن ڳالهائڻ ڪري منهنجي ڪا لهي ڪانه ٿي پيئي. چيومان، "ائي اُن بت ٿيا ڇو بيٺا آهيو؟" وراڻي ڏنائون، "شاگرد اوهان سان ڪجهه ڳالهائڻ ٿا گهرن." انهيءَ تي چيومان، "ڳالهائڻو ڪين آهي، تنهن لاءِ مان وٽن ڪهي وڃان! اهو سندن مطلب هو ڇا؟" "نه نه، اُن هرگز نه، اجازت ڏيو ته سڀ اندر اچي وهون ۽ خيال جي ڏي-وٺ ڪريون." "اندر اچڻ جي نيڪي ته گهڻي اوهانکي اڳيئي ڏني آهي. وڏا نام نياڻا ڇڏيا جو اچا تنهن ئولي جي آسري ۾ ترسي بيهي رهيا آهيو! ڪجهه ته چوڻو آئو ته اندر اچي ڳالهايو نه! سڀ اچي ڪلاس ۾ وهو، پنهنجا عيوضي ۽ اڳوان چونڊيو، پوءِ جيڪي واجب هوندو، سو ڪبو."

هوءُ ابتري لاءِ ترسيا ويٺا هئا. منهنجي ڪين تسلي ڏيڻ ۽ ڊسيلي جو ڊسيلو اچي اندر ويٺو. پنهنجو پاسو ثابت نموني پيش ڪرڻ خاطر پنهنجا ماڻهو مقرر ڪرڻ ۾ دير ڪين ڪيائون. معاملو هن ڳالهه تان اچي مڙيو هو جو مون ڪانسواءِ اڪثر طرح پروفيسر شاگردن جي حاضري ڀرڻ جي شروع ۾ ئي وٺندا هئا ۽ حاضري

ڪلاس ۾ بند لڳو پيو هو!! ڊهليس اصل ڪين. هڪدم آفيس ۾ موٽي آيس ۽ هيڊ ڪلارڪ، مسٽر لمڪيءَ کي وڃي چيم، "پائي، ڪلاس ته کولرائي ڏي، نه ته پاڙهيندس ڪٿي!" لمڪي صاحب ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ پٽيوالن کي هڪل ڪيائين. پاڻ خود وڃي ڪلاس کولرايائين. ڪلاس ۾ شاگرد نه هئا. سڀ ڀڄي واڪا ڪيا. سڀ شاگرد ٻاهر سرسبز گاهه تي ويٺا هئا. مونکي ڪلاس ۾ اڪيلو ويٺل ڏسي، هو ٽهه ٽهه ڪري کلڻ لڳا. انهيءَ تي مسٽر لمڪيءَ کي ذرا خيال ٿيو- پروفيسر نٿون، پرنسپال ويو هو بمبئي وشو ودياليه جي بيٺڪ ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ انگريزي تي شر شاگردن جي مٿي هئي بيگهي! هو مون وٽ وڏي آيو ۽ واهر ڪرڻ جي آڇ ڪيائين. مون انهيءَ لئي سندس مهرباني مڃي ۽ چيومانس، "تون آفيس ۾ وڃي ويهه. مونکي گهرج پيئي ته توکي سڏ ڪندس." هو موٽي ويو ۽ مان وري پنهنجي ڪرسيءَ تي اڏول ٿي وڃي ويٺس.

شاگردن جي ٽهه ٽهه جو مون تي ڪوبه اثر ڪونه ٿيو، ۽ وٽن به جو کلڻ کانسواءِ ٻيو ڪو شغل ڪونه هو، ته هو ڪجهه قدر ششدر ٿيڻ لڳا. دل جو دل ۾ چوڻ لڳا، "هيءَ ته عجيب قسم جو پروفيسر چئبو! شاگرد ڪلاس کان ٻاهر ويٺا آهن، تن کي سڏي به نٿو!!" مان ڇو سڏيان! گهنڊ ڪين ڪين سڏيو هو ڇا!! جي ڪين منهنجي پرواهه ڪانه هئي، ته مونکي وري سندن کهڙي

جيئن پنهنجي خوشيءَ آيا هئا، تيئن منهنجي خوشيءَ موٽي ويو. ڇا مان توهان سان ڊانڊل ٿو ڪريان ۽ نه اُهين ڏري کو ڏوڙ ميڙيو." انهيءَ تي سمجهه آئين ۽ سڀ يڪساهيءَ ڪلاس ڇڏي هليا ويا؛ ۽ مان وري پڻ پنهنجي ڪرسيءَ تي اڪيلو ۽ اڏول ويٺو رهيس.

ڇو ته ڪرن سمجهيو هو ته مان ضرور مڙندس، پر مان پنهنجو اڏ ڪار ڇڏڻ لاءِ تيار نه هوس. اِلي پيريڊ پوري ٿيڻ جو گهنڊ لڳو، اُڌهن منجهانئن ٻه ڪي ٽي ڄڻا مون طرف وڌي آيا. اچي چيائون، "سائين پيريڊ نه اِنين ٿي اڪلي ويو پٺي واري ڪان اسين سڀ باقاعدي اوهان جي پيريڊ ۾ اچي حاضر ٿينداسين." مون وري ڪين دلداري ڏيندي چيو، "اهو ته ڏاڍو سٺو. پر وري به تو ماڻهي مرضي."

پٺي واري ڪان سڀني ٽيڪرن منهنجي پاسڻ پڙهڻ ڪارڻ ٽئين نينهن سان اچڻ شروع ڪري ڇڏيو.

وٺڻ اچا چالوئي هوندي هئي ته، چوڪر ٻرڪر ڏئي ٻاهر هليا ويندا هئا. ٻيءَ پڙهڻ کي ٿيو سلام. هنن جي مرضي هئي ته مان پڻ ٻين موافق حاضري شروع ۾ وٺي ختم ڪريان ته هوءَ شغل ۽ شڪار لاءِ نڪري وڃي سگهن! پر چڪر چاريءَ يا ٻاهر تماشي جو ته هو ذڪر ڪيڏي نٿي سگهيا، سو سندن طلب هئي ته مان پڻ ٻين جي دستور موجب هلان. منهنجو چوڻ هو ته شاگردن کي اهڙي حجت اُٿارڻ جو ڪوبه سبب ڪونه هو. حاضري وٺڻ پروفيسر جوئي خاص اَڌڪار آهي، ۽ انهيءَ ۾ دخل جو شاگردن کي ڪوبه حق ڪونه هو. انهن ته شاگردن کي ڪڏهن ڏيهن ويچار ۾ ايندو ته اَج يوناني اتهاس بدران ايراني اتهاس جو ابياس ڪجي، ته چا پروفيسر کين ايراني اتهاس پاڙهيندو ڪيئن؟ باقي سوال رهيو سندن سهوليت ۽ سک جو. سو حاضريءَ مهل مان ته ڪو اعتراض اُٿاريندوئي ڪونه هوس- ڪڏهن ڪان کين پڇندو هوس ته هو ڪلاس ۾ ڪيڏي مهل اچي ويٺو هو. پوءِ باقي اَرچڻ چاجي؟ جڏهن مهل مون حاضري ٿي پڙهي تڏهن وهل جيڪو به حاضر هوندو اُنکي حاضري ملندي. پر شاگردن کي اها ڳالهه ڪين آئڙي. سمجهيائون سڀ ڪجهه ٿـي، پر پنهنجي هٺ تان هيٺ لهن ڪيئن! دليل ته سڀ ختم ٿي ويا، هاڻ زور رهيو گوڙ ڪرڻ ٿي. مون انهيءَ ٿي ٺهي آواز ڪرڻ ڪان کين ٻاز اَچڻ لاءِ چيو: ”اَوهانکي جي منهنجي ڳالهه پسند ناهي، ته

ويچاريندو. روز مره موافق اُنهيءَ ڏينهن به مان ڪلاس
۾ ويس. سڀ ٺهي ٺڪي پاشڻ پڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويا.
مون ڳالهائڻ شروع ڪيو ته اُن سان لاڳيتو پيو سر پيا آلاپڻ
شروع ٿي ويو. اِهو رهنگت وري ڇاجو هو، سمجهه ۾ ئي
نه پيو اچي. هيڏگ نه نه هئي، نه هئي هٽڪار؛ سُر ئي
نرالو! سو به ڪٿي ڪنهن خاص طرف کان اُڀندو هجي،
نه به نهيو؛ اِهو هڪ ئي وقت هر طرف کان اچي رهيو
هو!! منجهي، پئجي رهيس. اُنهيءَ جو ڪارڻ سمجهڻ
ڪاڻ دماغ ڊوڙايم، پر سمجهي ڪجهه به نه پيو. انهيءَ
ڪري پيو ڪو تدارڪ نه ڏسي، گفتار وري شروع
ڪيم. مون جو مات ڪئي هئي ته اِهو نرالو سر به ساڻمت
۾ اچي ويو هو. مون اُنهيءَ مان اُنومان ڪيو ته ڪڏهن
ڪڏهن شاگردن کي جن ڪٽيندو آهي پروفيسر کي ڪجائڻ
جو. پر اِهو ٿورو وقت هلي، پاڻيهي ختم ٿي ويندو
آهي. ايترو عقل شاگردن کي ضرور آهي - ڇرچي جو
مزو چار منٽ، وڌيڪ اينگهه ٿي پوندي. سو ڪجهه
وڌيڪ گذري ته مون وري پڙهڻ پاشڻ شروع ڪيو. پر اَج
شاگرد شايد گهران رسي آيا ٿي ڏنا، سو پڄر ٿي نه
ڇڏين. مان ڳالهايان ته "ڻان ڻان" به شروع ٿي وڃي؛
مان بس ڪريان ته اهو ئي ٽالو سر به بند ٿي وڃي! هيءَ
نه وڏي جٺ ئي!! شاگردن کي گهڻو ئي سمجهايم، پر
اَج هُو پڙهڻ لاءِ هرگز تيار ڪين ٿي ڏنا - سندن مزاج
اَج ڪاهه اوڙ ٿي نظر آيو. هڏن وقت سر سر ائند

۱۳. ڪلاس ۾ ڏيڏر!

اِئين ڇوڪرن ۽ ڪنهن پروفيسر جو هڪ ٻئي لاءِ دلپسند ٿئي ٿو؛ اِها ته اَجائي ڳالهه آهي. ڪا ڪا اهڙي خشڪ وشيه ساموهون اَچيو وڃي، جنهن کي وڻندڙ ٻڌائڻ مشڪل ٿيو پوي. ڏاڍن کي کهڙو ڏيک ڏيئي سگهبو! ڪڏهن ڪڏهن وري پروفيسر جو مزاج ڪنهن ڪارڻ پاڙهڻ تي مائل نه هوندو ۽ نه انهيءَ ڪري پڻ وشيه جي وياڪيا ۾ جس نه رهندو. ڪڏهن وري خود وديارٿين جي دل ۽ ڌيان پڙهڻ ۾ نه هوندا، ۽ نه مزو نه ٿيندو. سو ڪنهن نه ڪارڻ جي ڇوڪرن کي پاشڙ پاءِ نه ٿيو ته پُڙن پُون شروع ڪري ڇڏيندا. انهيءَ ڪري ٿي ته سنڌيءَ واري چئي ڦٽو ڪيو:

”ڇوڪر چٽي ذات جا، پُون پُون کن بازار ۾.“

سا پُون پُون اِن وري اَهڙي جو بازار مٿي تي کنيو ڏين. جي من مستيءَ کٽين ۽ پاشڻ جو ٿيو حشر! جي پروفيسر جو پاشڻ طبيعت تي نه ٻوين ۽ کٽي ”زا، زا“ ڪري هليا وڃن، ته به چڻ لک ڪٽيا، پر هو انهن کن ڇو ٿا! هو پنهنجو شغل شروع ڪري ڇڏيندا!! پوءِ پِل ۽ پروفيسر پنهنجي. پاشڻ جي ۽ ڪري ۽ هڻن جي بي-سرائيءَ ڪي به منهن ڏئي!!

اَهڙو ڪارنامو ڪنهن مهل نه ڪنهن نه پروفيسر اَڳيان پيش ٿي ٿو سگهي، پوءِ اُنجا نازڪ ۽ اُگرا نتيجا وت

پوئين قطار ۾ ٿي هئا. پڙهيان پٽ تي ٽيڪ ڏيو، انهيءَ آڌار تي، پڙهندا ڪنهن جسماني چرپر جي، هو ڏيڄر وڃائي ٿي سگهيا. ساڳئي وقت جدا هندن تان ڏيڄرن وڄڻ ڪارڻ گڏيل آواز ۾ ڪنهن خاص ڏيڄر واري کي پڪڙڻ ڪافي ڪٺن هو. پر ڪيهن رات مونجهائڻ هڪ ڪئي ڪيئن ته همت ضرور ڪرڻو هو. هڪڙو ڄڻو جهليو، ته اڏو ٿي ليءِ ۾، هدن جڻ بازي هارائي.

هيءَ ڳالهه جا ڪلاس ۾ ڏسڻ ۾ آيم سا اها هئي ته انهن شرن جي مٿهن تي هلڪي مرڪ ڇانيل هئي. انگريزي شاعر شيڪسپيئر ائين ٿي ته ڪين چئي ويو آهي ته مرڪي مٿهن ملوڪ ڪر، پر شر اڪي ڇو نه! پڪ ٿي ويم ته حريف اهي ئي هئا. هاڻ مونجهائڻ فقط هڪ چوندڙو هو، جنهن جي اُڻ سان ڏيڄر ڏيکاءُ ڏئي! ان ڪري وڃي ڪين وڃائي نظر مان ڪڍيم، ۽ هو، جو اڳين جي ڊاڪٽر جو فرزند وينو هو، تنهن کي فورن هڪل ڪري چيم، ”زي فلاڻا، منهنجي ڪلاس مان ٻاهر نڪري وڃ.“ منهنجي همت پرئي حڪم تي هن ڊبو-مڙس جو هنياءُ ڪاڇي ويو ۽ هو ٻاهر نڪرڻ ڪاڻ اٿي کڙو ٿيو. هونءَ نه ته ضرور همٿ ڪري ها ته چو نڪران؛ پر اندر جو پولپس، سو آڻ مڪيٽي ٿي پيس ۽ جيئن هو پڌ پيو: ليئن سڌس جنيءَ ۾ اڪل ڏيڄر، سر آلاپڻ لڳو! انهيءَ جي پوت پڌ ڪرڻ خاطر

ڪرڻ جي واهه جي رمز پڪڙي هئي، ڇو ته پروفيسر لاءِ هڪ ئي وقت ٻه ڪارا اُڪلائڻ، پاڻ ڪرڻ ۽ ساڳي مهل شاهينگن کي جهلڻ، مشڪل هئا. تنهن ڪري هنن ”ٽان ٽان“ فقط پاڻ هلندي ئي ڪئي، مٿان ماٺ ۾ پروفيسر کنهن شرطاڪ کي پڪڙي وٺي!!

هيءَ ڇا! اڪ-ڇپ راند هئي. ”ٽان ٽان“ شاگردن پاڻ نه ڪئي ڪانه ئي، اُهيءَ لاءِ هو ٽين جا ڏيڏر ڪٺي آيا هئا. هڪڙو ڏيڏر وڃڻ جي حالت ۾ سڀ لـي وڃائيندڙ کي پڪڙي سگهجي ٿو، پر جي سڀئي پاسن کان هڪساهي ڏيڏر جا آواز اچڻ شروع ٿي وڃن ته پتو لڳائڻ ٻهه مشڪل اٿجيو پوي. شاگردن جي روش مان اهو پڻ چٽو پئي ڏٺو ته جيستوڻي کين پڪڙيو نه، ٿيستوڻي اهو رنگت چالو ئي رهندو، ٻند اَصل ڪين ٿيندو. پر جي کنهن کي پڪڙيو نه، ته اهو اڳتي وڌي پئي ٻيري کو وڏو وٺاءُ ڪري وجهي، اُنجو پڻ گهٽو آنديشو هو. تنهن ڪري قصو ان وقت ئي ختم ڪرڻ جي سخت درڪار هئي.

ڪو خاطر خواهه نتيجو ڪرڻ خاطر مون ڪلاس ۾ ويٺل شاگردن ڏانهن ڇتائي نهاريو. هڪ ڳالهه ته چٽي نظر آئي. ڪلاس جا جانٺا جوان هڪ ئي قطار ۾ وچونئين لـي وِٺا هئا. اُنهيءَ مان اهو ئي آنومان ٿي نڪتو ته هيءُ ڪارنامو سندن ئي سڪيل هو. ٻر شاگرد ويٺا به

۱۴. سؤٽهن جو مسئلو

روز مره موافق اُنهن ڏينهن شام جو بہ نڪتو هوس چڪر لاءِ. ڪليٽن روڊ لتاڙي جيئن گانڌي-هال وارو موڙ ڏنم تہ ڪنهن پاسيرو سڏ ڪيو، ”سر.“ ٻ-قيمتي لانڍرڪي جڙ اُچانڪ ٻرڪ اچي ويو ۽ آءٌ بيهجي ويس. ”مان پاڻ لوهاڻ وٽ پئي آيس،“ هن مونهن سامهون بيهندي چيو. ”چڱو ٿيو جو رستي ۾ ڳڏجي ويا، ڏاڏا ٿنواس لئي وانس وڃڻو پوي ها.“ ڇوڪري مون هڪدم سڃاتو. هوءَ اُسان وٽان بي-اي پاس ڪري، هاڻ بي-ايڊ. ڪري لاءِ ڄمرو مقالو لکي رهي هئي. اُمبئي وشو ودياليہ جي بي. اي ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ سنڌ مان ڪو ڇڏو پاڙ ايندو هو. سو هن جو بي. اي فرسٽ ڪلاس سان پاس ڪئي هئي تہ سڀاويڪ مونکي هن جي ڇڏي ياد گيري هئي، ۽ ويتر جو ڊگري ۾ اِلهاس ۾ حاصل ڪئي هئائين، جنهن ۾ آءٌ اُڏياپڪ هوس، تہ قدر لئي مان هنکي ٻلڪل ئي ڇگيءَ طرح سڃاڻندو هوس. ٻنهن ڪانسواءِ هوءَ پهرئين سال کان اُساڻجي ڪاليج ۾ ئي پڙهي هئي، تنهن ڪري بہ ٻيهاڻي هوءَ مونهنجي وڌيڪ واقف هئي ۽... مطلب تہ هن کي ڳڏجڻ لئي مونکي خوشي ٿي لئي، جيتوٽيڪ مونهنجي گهمڻ ۾ اُلجهہ رهندو ٿيو. پر اُهڙو رهندو آرمان جو ياعث بڻجي نہ سگهيو.

اوچتي ڳڏجاڻي جهت موزون ملاقات ٿي پئي؟

ته شهر مٿس وٽ ڪو وسيلو ئي ڪونه هو!!

اس، هڪ ڇٽو لڌو ته سپ سٽائي ٿي بيٺي. پاڻ ٽپڻ سر شروع ڪيم ته سپ چپ چاپ ڀڄڻ لڳا، تنهنجو ڏهڻ وڄڻ تي ڪم سر انجام ڪري مان ڪلاس مان نڪري آيس. اُن ڏينهن واهه جي سوپ ڪئيم! هن ڪانپوءِ شاگردن وري مونکي تنگ ڪرڻ جي ڀڄرائي ڇڏي ڏني.

جا دفتر نظر مان ڪيڻ لاءِ مونکي موڪل ملي، ته
ٻهرين ته اهو عملدار مونکي پير رکڻ نه پيو ڏئي. انهن
ته اوهانکي چيم ۽ اُوهانجي سفارش ۽ ٻي چوءُ چاءِ تي
مس ڪري موڪل ڏنائين. پر منهنجي آفيس ۾ وڃڻ
شرط ميز ڪرسيءَ کي پنهنجي ڪنڊ مان سيري، اهڙي
هنڌ تي آڻي رکيو ويو، جو هوءَ ڪاغذن مان ڪنڌ مٿي
ڪڍي ته نظر سڌو مون تي پويس. مون ميز ڪرسيءَ جي
بدليل جڳهه خلاف جوڳا دليل پيش ڪيا، پر هن هڪ
به نه ٻڌي. چوڻ لڳو ته سرڪار وٽان تازيون هدايتون
آيل آهن ته شاگرد جيڪي جهونن سرڪاري دفترن تان
ڪجهه نقل ڪن ٿا، انهن لاءِ چوڪسي رکڻ گهرجي،
وغيره، ۽ انهيءَ ڪارڻ اها ميز ڪرسي جڏهن جاءِ تي
رکي ويئي آهي سا اتان ڦيرائي نٿي سگهجي... خير،
انهيءَ ڪري مان پنهنجي ماستر کي ساڻ وٺي وڃڻ
لڳس. هن هلڻ کان ناڪار ڪانه ڪئي، پر جيئن ته هُو
به آهي پير مرد، سو سندس گهڻو وقت ٻيا ڪنهن ڪم
ڪار جي وهڻ ڏکيو ٿي پيو. انهيءَ ڪارڻ ڪجهه وقت
پڄاڻان مونکي اڪيلو ئي وڃڻو پيو. بس، منهنجو اڪيلو
وڃڻ ۽ هن جي جڻ ٻيگهي مڇي ويئي- سڄو وقت
پوٺ تي سگريٽ چڙهي پيئي آهي، ڪم ڪار جو ڇيو
پلوءَ سڄو وقت مون طرف وينو نهاري!! مان ڪوشش
ڪري پنهنجو سارو ڌيان سرڪاري دفتر نظر مان ڪيڻ
۾ پيئي لڳايان، پر هوءَ جو فقط مون طرف پيو نهاري ته

مون يڪدم پڇيومانس، ”ڪيئن پنڌ ڪيو هوءِ؟“ جواب ڏيڻ ۾ البت هٻڪي. مگر ڪن اکر ۽ ڪين اٽڪيس؛ پر پوءِ پاڻ پختو ڪري، ساڌارڻ نموني حقيقت پيش ڪيائين. چيائين، ”توهان تڪليف وٺي مونکي سرڪاري ڪاليءَ ۾ جهوني لڪڙه نظر مان ڪڍڻ جي رخصت ته وٺي ڏني، پر هاڻ مون کان پي. ايچ. ڊي ڪرڻ نهه ڪاڻ ٿي پئي!“ ”ڇو، ايتري ۾ ٿي ڪڪ ٿي پيئي آهين، کهڙي اُرچڻ ڪاهي پيئي آهي؟“ مون ڪاڻس پڇيو. اُن ڏيندي چيائين، ”انهيءَ ڪاڻ ٿي ته اَوهان وٽ اچي رهي هيس، جو سمجهيم ته اوهان کان سواءِ ٻيو ڪو، منهنجو مسئلو حل ڪري ڪين سگهندو.“ عجب ۽ حيراني وٺي ويم. ڪجهه اڻ ڄاڻ ۽ اَناوائي پڻ وڌي ويئي. سمجهي ڪين سگهيس ته، مان ڪاليج جي اَڌياپڪن جي ڏاڪڻ ۾ اَڃا بلڪل ٿي هيٺئين ڏاڪي تي ته هوس، سو مان کهڙي باغ جي مُوري، جو هن نيڪر جي سهائتا ڪري سگهان!

پڇيومانس ته آخر آهي ڇا، ته ورنديءَ ۾ پنهنجي ويڌن پيرائتي ريت ورڻن ڪري وئي: ”رڪارڊ آفيس واري سپرنٽنڊنٽ ته مونکي ننهن اُر ۽ بور (bore) ڪري ڇڏيو آهي. شروع ۾ شاگردن لاءِ ميز ڪرسي پاسيري پيل هئي، جنهن ڪري وديارٿي پنهنجا رنڪ ۽ پنهنجي مهڙ ڪم ڪري ٿي سگهيا. جڏهن مون درخواست ڪئي ته رڪارڊ آفيس ۾ رکيل جهونا سرڪاري لڪڙ

ايندي هئي. اِس، پروفيسرن جي ڪمري ۾ سندس ڏاڙهي ۽ سندس آجيان ۾ سندن اُٿي بيهڻ!! پوءِ جي محمد اَحسان سندس اهڙي خاطرداري نه ڪئي ته انهيءَ ۾ عجب نه کڙو!!!

پر هاڻي ڪجهه مڃڻو ئي ڪرڻو ضرور هو، جڏهن ۾ ڳالهه رهجي اچي- ڇوڪري- ايڇ. ڊي لاءِ مقالو لکڻ ۾ به ڪامياب ٿئي ۽ محمد احسان پڻ ورچي نه. وڏي سوچ ۾ پئجي ويس، ڪلاونتي واه جي ڪمال وديارٿڻ هئي؛ هزارن ۾ هڪڙي. ڇا ته سندس لکڻي هئي! ته ڳڙو ڪاليج جي پهرئين سال ۾ سيٽڏي ڪان گهوءِ ڪٽي ويئي هئي، پر بي. اي امتحان ۾ پڻ پهريون نمبر آيئي!! ڪلاونتي هرحال ۾ فرسٽ ڪلاس هئي. ڪاليج ۾ ايندي هئي ته مون سان ملڻ ڪانسواءِ اصل نه موٽندي هئي، نه نه مان ڪاليج ۾ اچا جيئاهڙو ئي نه هوس. جي هن جو مون ۾ وساه هو ته سچاوڪ منهنجو به هن ۾ چاه هو. شاگرد آهن ٻالڪن مثل؛ ڀاڻ وٽانئن سان به جي اَڏ پاڪ ڪين پنهنجو ڪري نٿا ليکين، ته پوءِ ڪين پنهنجو پيشو ڀلائڻ ئي گهرجي. پر هن حالت ۾ ڇا ڪرڻو هو، ڪنهن لاءِ ترت تيار جواب نه هوئي ڪرن. ساڻس ڳالهائيندو نه رهيس، پر منهنجو دماغ هن جي مسئلي حل ڪرڻ ۾ رڌو ئي رهيو! آخر هڪ تجويز سجهي آيم، پر اُن جو نيڪر سان ذڪر ڪرڻ ۾ ذرا هٻڪيس. هن زور ڀڏو ته "اَوهان ڪانسواءِ نه مان ڪنهن سان اَندر

ڪڏهن ڪڏهن وٽن منهنجو ڌيان ڇڪيو ٿيو! سو به ٿيو. پر ٻين جا ماجرا اُنس، تنهن به مونکي ٻڌائي ڇڏيو آهي. ڪن ڪن ۾ ٿيو پڇي: "ڪجهه پيئندڙن - چانهه، سوڊا، ليمن، آرينج، وغيره، وغيره!" مون هزار ڀيرا چيو ٿيماس ته مونکي ڪجهه ڪين گهرجي؛ مان ستو گهران ٿي اچان، جنهن ڪري ٿي چار ڪلاڪ ته مونکي ڪڏهن به شيءِ جو ڪپ ڪين ٿو ٿئي، ۽ جيڪڏهن ڪجهه گهرجي ته توکي چوندس، اها دلجاءِ ڪر. پر هو اها ڳالهه سمجهي ڪٿي ٿو؛ سندس رهڻ هليو اچي، جنهن ڪري جنهن ڪم سانگي مان سرڪاري دفتر ۾ وڃان ٿي، سو ته ڪين ٿو اُڪلي. اهڙي عذاب پرٽي پي-ايچ-ڊي وچي ڪهڙي ٿئي. مان ته ٻڪل بيزار ٿي پيئي آهيان."
نيٺ گهر ڦهه شدر ٿي چڪي هئي.

ڇوڪري جي ڪهاڻي ٻڌي مونکي ڏاڍو ارمان ٿيو، پر اُنکي اندر ۾ دهرائيندي مسئلو البت پيچيدو نظر اچڻ لڳو، جنهنجو حل لهڻ اهڙو آسان ڪين هو. ڪجهه مهل ته مان پڻ ٿيءَ ۾ اٽڪي وئس. اِنهيءَ ڪان ته انڪار ڪري نٿو سگهجي، ته ڪلاونتيءَ ٿي سوپيا جي جنسي وڪا ٿيل هئي - سڀنهن منجهانئس ٻڌڪي ٿي ائي. جتي ٿي هوءَ پرگهٽ ٿي، اُتي سڀني جون نظرون وڃي ٿي منجهس کتيون! ڪاليج جا ڇوڪرا ته ڇڏيو، پروفيسر پڻ ڪيس گهٽو گهوريندا هئا. بي-اي پاس ڪرڻ ڪانپوءِ ته هوءَ صلاح مصلحت لاءِ ڪڏهن ڪاليج ۾

جي اُوهانکي اعتراض نه هجي ته مان هڪ به فائيل گهر کڻي وڃان ۽ سومر ڏينهن ساجهر ئي واپس کڻي اچان، اوهانجي اچڻ کان اڳ." مون اچا ڪجهه وڌيڪ چوڻ ٿي چاهيو ته ڪلاونتيءَ مونکي اڌ ۾ ئي ڪٽي چيو، "اهو ته محمد احسان ڪداچت ڪين مڃيندو. سرڪاري دفتر آفيس کان ٻاهر کڻي وڃڻ جو قاعدو ئي ڪونهي." چوڪر کي ٻڌائيندي، مون چيو، "محمد احسان مونکي ته اها سهوليت ڏيندو هو! تو ۾ جو هو ايڏو چاهه ٿو رکي ته توکي ته اهڙي سهوليت اوس ڏيندو. اُن ڏيڻ کان هو اصل نه ٽهندو." ڪلاونتي ذرا شرمائجي وئي. مون کيس آٿت ڏني، "تنهنجي حالت ۾ کليو ڳالهائڻ ڪانسواءِ ڪم نٿي ٿي سگهندو! ايشور توکي قدرتي سونهن ڏني آهي ۽ هن عملدار کي انجو پورو احساس آهي؛ تنهن ڪري انهيءَ سونهن جو سهارو وٺڻ ۾ ڪو به هرج ڪونهي." ڪلاونتي ڳالهه ته هڪدم سمجهي وئي ۽ جيتوڻيڪ مون واري تجويز کيس دل سان ڪانه آئڙي، ته به مون ۾ جو وشواس هوس، سو چيائين ته مان اوهانجي تجويز عمل ۾ ضرور آڻينديس ۽ اوهانکي انجي نتيجي کان پڻ پڪ واقف ڪنديس." قصو ختم ٿيو؛ نيٺگر مون کان موڪلائي هلي وئي ۽ آءٌ پنهنجي بنگلي ڏي راهي ٿي ويس.

منهنجو ڏسيل علاج ڪيترو مؤثر ثابت ٿيو. محمد احسان کي جو رويو ڪلاونتيءَ وات وڌو، سو

اوري نٿي سگهان ۽ نه ئي ڪنهن مان واهه ڏيکارڻ جو آسرو ڏسي سگهان.“ مون ۾ سندس اهڙو ايمان ٻڌيل ڏسي، منهنجي رهيل کهيل همٿ پڻ پري اڏامي ويئي ۽ مون پنهنجي رٿ سندس اڳيان رکي.

چيومانس: ”ڳالهه ٻڌ. جيڪا تجويز مونکي سجهي آهي، سا جيڪر مان سگهي ڌيءُ کي ڏيڻ ۾ پڻ هوند هيڪان. پر ٻيو چارو ئي ڪونهي. تو جو مون ۾ هيڏو ويساهه رکيو آهي ته انهيءَ جي حمايت ضرور ڪبي. تون رڪارڊ آفيس ۾ ٻين ڏيهن اندران فقط ڪنهن چپڙ تي ٻارهين ٻجي ڪانپوءِ وچ ڪلاڪ کن جيئن تيئن ڪري دفتر ۾ منهن ۾ وجهي ويٺي رهه. ڏيڍ ٻجي ڌاري تون پنهنجي جاءِ تان اٿي اچي محمد احسان کي چئج، ”صاحب، هتي جي جهونا دفتر رکيا آهن، ان مان ته اٻس پيئي اچي، جنهن ڪري ڪم ۾ من لڳائڻ محال آهي.“ هو هڪدم ورندي ڏيندو، ”انهيءَ کي مان ڇا ڪري سگهان؟“ تون نهه پهه چئجانس، ”انهيءَ ڏس ۾ جيڪي اوهين ڪري سگهو، سو ٻئي ڪنهن لاءِ محال آهي. اوهين وڏي وس وارا آهيو.“ اهو ٻڌي هو گدگد ٿيندو، ۽ هڪدم پڇندو، ”سو وري ڪيئن؟“ تون چئجانس، ”اهو ته بلڪل ئي آسان آهي. هيٺين ڏيڍ ته لڳو آهي. چپڙ هيٺيان ڪارڊ اڄ آفيس بي اجي بند ٿيندي ۽ باقي رهيل اڌ ٽڪلاڪ ۾ هنن پراڻن ڪاغذن جي ڪنهن کي غرض ڪانه ٿيندي. سو

١٥. پروفيسر

شل جڳ جيئي نالو جمشيد جو! ڇا مان، ڇا ڪري ڏيکاريائين!! هونءَ ته ڪراچيءَ جو شهر ڪياماڙي بندر کان شروع ٿيندو هو ۽ هڪ طرف گانڌي باغيچي، ته ٻئي طرف صدر ڇانوڻيءَ سان وڃي ڇيهه ڪندو هو. جيتوڻيڪ اُنجي ٻاهران اَڻاه زمين پيئي هئي، جنهن جو ڏنگ جيل سان ٿي وڃي ٿيو، ته به اهي ميدان اُهڙا ويران لڳا پيا هوندا هئا جو سنجها کانپوءِ ڏيئن ٻري اوڏانهن اڪيلي سر وڃڻ جي جان نه ٿيندي هئي. جمشيد نسروانجي مهتا، ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو پهريون ميئر هو. من ۾ اچي وينس ته اهي ويران پٽ وسايان. دورانديش، دل ۽ دماغ وارو مڙس هو. واه جي رٿ رٿيائين!

انهن ميدانن کي رٿائتي ريت وڙاهي، ٽڪر ٽڪر ڪري، سستي اگهه تي شهر جي نگروسين کي آڇيائين ته اُهي فرصت سان جايون اَڏين، وانڪا ٿي اچي وهن. ماڻهو به ڪي آنا وٺندا هئا، سي هٿ پائي ساري زمين خريد ڪري، ويا جايون ٺهرائيندا. جايون نه، پر بنگلا، هر هڪ کي پنهنجو خالص حاطو، جنهن گهر جي ٻارن کي راند روند لاءِ رستن تي ڀٽڪڻو نه پوي ۽ نه وري گهر اندر گهمسان مچائي، وڏن جو سک ڦٽائين. ٿورن ئي سالن ۾ ويرانيءَ ۾ اها وسونءَ لڳي ويئي، جو ٻاهر

مڙس ٺـڙي پيو. چوڻ لڳس، "اها ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي! اڳ ۾ ڳالهه ڪرين ها ته ڪڏهوڪو پنهنجو ڪم پورو ٿي وڃي ها. ٻاهر سرڪاري آفيس ۾ ڪم ڪرڻ جو وارو مقبول آهي ڪٿي! لوڪي جيترا به فائيل ڪڍن، اوترا پنهنجي گهر کڻي وڃ، پر سومر ڏينهن سوير وٺي اچي سڀ آفيس ۾ پهچي وڃڻ گهرجن." ڪلاونتيءَ گهر ۾ فائيل آڻي، سمجهه ڪري پراڻن پرڻن مان ڪم لاٿو. پوءِ اچي هندستان پاڪستان ٿيو ۽ اسين سنڌ ڇڏي بمبئيءَ هليا آياسين. نينگر پنهنجي پي. ايڇ. ڊي هٿ اچي ورتي ۽ اهو مقالو هاڻي تازو ۱۹۷۳ع ۾ دهليءَ مان ڇپجي ظاهر ٿيو آهي.

چون ٿا ته ڪلاونتي دهليءَ ۾ سرڪاري دفتر ۾ ڪنهن چڱي عهدي تي آهي. دهليءَ خاص وڃڻ ڪونه ٿو ٿئي، پر جي ڪنهن ويل ڪجهه عرصي لاءِ ويس ته ڪلاونتيءَ جو هاڻوڪو رعب ڏسڻ ڪارڻ پاڙيا کي رهمت ڪين ڪندس.

چوٽ چاڙهي ڇڏي- گراهڪن جي رنگ ۽ روش ان جي ڀيٽ ڪي ڪٿي ڏٺو هو. "نيُو ٽائون" ۾ اهڙو ڀيٽل ماڻهو ڪونه هو جنهن پنهنجا چرڻ لالا اسٽور تي ڪين گهمايا هئا!!

سوا ٻه هزار جا سڪر ماڻهو پڻ خريداريءَ خاطر لالا اسٽور تي ڪجهه ايندا هئا، پوءِ چاهي ڪين بسڪوٽ چاڪليٽ گهربا هئا يا پائوڊر ڪريم، وغيره، يا پيٽ پوڄا جا لذيذ اسم کپندا هئا، چاهي هار سينگار جون وڇڙ ۽ نراليون شيون.

سوا ٻه هزار ۾ مسٽر ڪهاڻيءَ نالي سرڪاري انجنيئر رهندو هو. پنجابي سک، هڪ قد جو ڊگهو، جريت پرو ۽ مڙس ماڻهو هو. اهي ايڪا سندس گهر جي مڙني پاسن ۾ هئا. هوءَ جا سندس کي امرت ڪؤر ڪاليج ۾ پڙهندي هئي، سا پڻ قداور، ڪڻڪ رنگي ۽ ار جسي نينگر هئي- ڪنهن جي وڻ جي ڪين هئي. ڪهاڻي صاحب جو بنگلو ذرا اوجهر پاسي هو، تنهن ڪري شام جو گهمڻ ڪارڻ يا ڪجهه ڇوٽي موٽي خريداري ڪرڻ ڪاڻ هؤ پاڻ ۾ ٽي چار گڏجي نڪرندا هئا. لالا اسٽور تي ڇا نه ملندو هو! وڌيڪ جو دڪاندار کي خبر هئي ته ڪهاڻي صاحب ڪير هو، ته هو سندس گهر وارن جي خاص خاطري ۽ سندن وڏو آڌر ڀاءُ ڪندو هو. انهيءَ ڪري ڪهاڻي ڪٽنب وارا لالا اسٽور اٿين اورانگهي

جا ماڻهو اهو اچرج ڀريو لقاءُ ڏسڻ لاءِ ڪٿان ڪٿان ڪهي اچڻ لڳا. هڪ نئون شهر اڏجي ويو- ٽنڊي جو نه، پر بنگلن جو، جنهن تي نالو پئجي ويو "نئون شهر"- "نيو ٽائون".

اهو نئون شهر جدا جدا ڪالونين جو ٺهيل هو. پارسي ڪالوني، ٺٽائي ڪالوني، عامل ڪالوني، سيوهاڻي ڪالوني، اپر سنڌ ۽ شڪارپوري ڪالوني، گجراتي ڪالوني، ڪاسماپاليٽن ڪالوني، وغيره. انهن مان پهرين ڪالونيءَ جي رهواسين کي ڇڏي، ٻيا سڀ، گهر جي رواجي خريداري اڪثر طرح گانڌي بزار ۾ ڪندا هئا. گانڌي بزار، جنهن کي ماڻهو گانڌي-هٽ به ڪري سڏيندا هئا، اڌ گول جي شڪل ۾ ٺهيل هئي، جنهن ۾ نه رڳو ڀڪوڙاين، حلواين، اَن ۽ ڀاڄين وارن، وکر وارن، وغيره جا هٽ هوندا هئا، پر ايراني ۽ سکي چانهه وغيره جون هوٽلون ۽ ٻيا عام خريداريءَ جا دڪان پڻ هئا. وڏيهوني ٽپال آفيس، ڪوئلن، وغيره جا دڪان پڻ هوندا هئا. انهيءَ ڪري صبح ۽ شام گانڌي بزار ۾ واهه جو چهچٽو لڳو پيو هوندو هو. هر روز شام جو اُتي بي مثل رونق لڳندي هئي. انهن گانڌي هٽن ۾ لالا اسٽور پنهنجو مٽ پاڻ هو. هڪ ته ايهڪ ڪيس ڪنيو ايتي هئي- بزار جو نڪ هو، هٽن جي قطار ۾ ٺهيل وچ تي، ڪشادي سڙڪ تي ٺهيل هو- ٻيو جو سامهون هيس عامل ڪلب، تنهن ڪري سڀ سنڌ گراهڪي

ان طرف ڇڪيو. ڏسان ته هڪ جوان جماعت نيڪگر ساٿس آيل ماڻهن ۾ ويٺي لڪي. هو سڀ وائڙا ٿي ويا ۽ پڇيائونس ته آخر آهي ڇا؟ جواب فقط ڇپن ۾ ڏنائين، "پروفيسر!" هن سڀني دڪان ۾ چوطرف نظر ڊوڙائي ۽ جهٽ ۾ پڇيائونس، "هتي دڪان ۾ ته ڪو به پروفيسر ڏسڻ ۾ ڪين ٿو اچي. خواب ته ڪين لهين ڇا؟ آخر هو آهي ٿي ڪٿي؟" ٻڌل هرڻيءَ مثل ٿرڪندي، ورندي ڏنائين، "ڏسو ڪين ٿا هو سامهون ٿي ته بيٺو آهي!" وري سڀني چوڌاري نهاريو، پر ڪين ڪو به پروفيسر نظر نه آيو. اَلائجي پروفيسر جي ڪا خاص نشاني يا پلو، يا ڪا پوشاڪ يا ٻيگهه ويکر ٿيندي آهي، جا ڪين دڪان ۾ نظر نه آئي!! اَمرت ڪؤر کي ته مون پرپان ٿي سڃاتو. هيءَ سس پس ۽ اشاري بازي جهٽ پاڻهي ورتم ۽ مون کان کل نڪري ويئي.

اصل ڪين ويندا هئا. پيو نه، نه ڪيا ڪمنڊڙا ٿي ڪٽي خريد ڪندا هئا.

مان ٺٺوڪ ۾ هوس ته اسان ڳاڙهي-ڪالو چنڊي، اچي "نئون شهر" وسايو هيو. لالا اسٽور وارن کي مان چڱيءَ طرح سڃاڻندو هوس ۽ هنن جو مون ۾ وڏو وساهه هوندو هو. دڪان جو مالڪ لڳ ڀڳ منهنجي ئي عمر جو هو ۽ منهنجي ساڻس دوستي پڪي ٿي وئي هئي. هن جو مون ۾ ايڏو ته ايمان هو جو دڪان تي پيهه يا پيو مهل هو مونکي نقدي سنڀالڻ لاءِ چوندو هو. لالا اسٽور تي منهنجو اچڻ وڃڻ چڱو ٿيندو هو. ڪنهن مهل ته ڪا شيءِ ڪٺي، ته لڳڻي وڃبو هو لالا اسٽور تي.

جيئن ئي مونکي ڪاليج ۾ پاڙهڻ جي نوڪري ملي، تيئن ئي منهنجي گرو-پتا، جو پاڻ پروفيسر هو، تنهن مونکي هدايت ڪئي هئي ته انتظام ۽ عزت جي خيال کان ٻاهر وڃڻ وڃڻ نهي نڪي نڪران. پر مونکي اها ڳالهه ڪٿان ٿي آئڙي! سو هڪڙي ڏينهن شام ڌاري سنڌي وڳي، مان ٿي نڪري ويس لالا اسٽور تي. جيئن ته ان مهل دڪان تي گراهڪ سرس هئا، تنهن ڪري دڪان جي مالڪ مونکي پئسن سنڀالڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ گراهڪن جون گهرجون پوريون ڪرڻ ۾ رڌل ويو. انهن ئي گهڙين ماڻهن جو ٿهڪو ڪندو دڪان تي چڙهيو. اڃا سڀ دڪان تي چڙهيا ئي ڪين هئا ته ڪلڻ ڳالهائڻ اوچتو ٻڌڻ ۾ ويو، جنهن ڪري سڀاويڪ منهنجو ڌيان

بدانتظاميءَ کي روڪڻ جو فيصلو ڪيو. ڪلاس جيئن
ويا خالي ٿيندا، تيئن شور وڌندو ويو. آخر شاگرد مون
واري ماڙي تي پهچي ويا. هاڻ آواز ايڏو ته وڌي ويو
جو پاڙهڻ مشڪل هو. پر تڏهن هوندي به مون ڪلاس
ڇڏي نه ڏنو. شاگردن کي اشاري سان ويٺو رهڻ لاءِ
چيم. هو به آهستا سدورا ٿي ڏٺا جو منهنجي چوڻ موجب
پنهنجين جاين تي ويٺا رهيا. شايد ڪين تماشو ڏسڻو هو
ته پروفيسر ڇا ٿو ڪري. مان آواز ويجهو آيل ڏسي،
اچي ڪلاس جي دروازي وٽ بيٺس.

انهين ئي جوانن جو انبوهه مون طرف ڊوڪندو آيو.
پر مان پنهنجي جاءِ تي پختو بيٺو ئي رهيس. شاگردن
جو سرڪردو ڪيرت هو. جڏهن هو منهنجي بلڪل
نزديڪ اچي پهتا ته مون هڪل ڪئي، "ڪيرت، خير
ته آهي! ڇا توکان وسري ويو آهي ته تون منهنجو شاگرد
آهين؟ پوءِ به تون هيئن بنا موڪل منهنجي ڪلاس ۾
ڊوڪندو ٿو اچين؟" ڪيرت ڏامجي بيهي رهيو. انهيءَ
تي مون کانئس پڇيو، "آخر آهي ڇا؟" جيتوڻيڪ
ڪيرت جانٺو مڙس هو ۽ وديارٿين جو اڳوان هو، ته به
ساڃهه اڃا ڪانه وڃائي هئائين. هن چيو، "سائين، سرڪار
وڏيڪ اڳوان گرفتار ڪيا آهن. اسين سرڪار جو هيءُ
قدم ننديڻ ٿا چاهيون. اسان وٽ هڙتال ڪرائڻ ڪانسواءِ،
ٻيو ڪو هٿيار نه آهي ڪونه. انڪري ڪاليج بند ڪرائڻ
لاءِ ڪهي آيا آهيون." مون گفتگو جو سلسلو چالو

١٦. هڙتال

١٩٤٢ع جو زمانو هو. سرڪار سڀني قومي اڳواڻن کي ڪيو بند هو. انگريزن سمجهيو هو ته ديش جو ٻوٽ اُهين سولائيءَ سان بند ٿي سگهندو. پر سرڪار اِنهيءَ ۾ بلڪل ڀليل نه ٿي. مورڳو ڳالهه هٿان ڪان ٻاهر نڪري وئي. جنتا جنسي چڙي پئي. جڏهن سرڪار فضيلت جو ليڪو لتاڙي، اڳواڻن کي ڪٺي نظربند ڪيو، ته جنتا چئو سرڪار جي رڪي. اهڙي ظالم سرڪار ڪسي جنتا اڏائڻ جو قسم کنيو. نه رهيو قاعدو قانون، ۽ نه رهيو ڪو انتظام!! جنهن کي جيڪي ٿي آيو، تنهن ائين ٿي ڪيو. اِنهيءَ ۾ شاگرد پڻ پٺتي ڪين پيا. هنن جي ته جڻ ٻيگهي مچي وئي. هر هنڌ هڙتالن جي ڌم لڳي وئي. شاگردن کي هيلي ٻهاني جي ڪا کوٽ! اسڪول ڪاليج بند ڪرائڻ لاءِ عذر نه، وڏن ٺهيو ئي رکيو هو، چئو ته،

"مولا مينهن وساءِ، ته ڪاڻيو چڻن ڪم ڪون."

هڪڙي ڏينهن هل هنگامو مچي ويو. هڙتال جو حڪم نڪري ويو. نعرا لڳڻ چالو ٿي ويا. ڪاليج ني شاگردن جي ڪاهه شروع ٿي وئي - ڪلاسن ۾ گهڙندا وڃن، ڪلاس ڦٽائيندا وڃن ۽ اهي خالي ڪرائي اڳتي وڌندا وڃن. مون مٿي ويٺي پاڙهيو. مونکي هيءَ روش اصل ڪين پسند آئي. اِن ڪري مون هن

ساٿين کي رهڪ ڪيو ته. هڙتال ڪجي ۽ ان ڪارڻ
اُوهانکي اُن مان نٿي نڪري اچڻ لاءِ ٻيائو موڪليو اٿن.
اِهو ڪيتري قدر واجب آهي؟ اِها ڪهڙي فضيلت
آهي جو ڪلاس ۾ اچو ۽ پنهنجي خوشيءَ ۽ نڪري
۽ وڃو پنهنجي رضامنديءَ سان، جڏهن پروفيسر هيڏانهن
هوڏانهن آيو آهي. جيڪڏهن پروفيسر جي عزت جي
اُوهانکي اون اَصل ڪانهي ته. هُو اُوهانکي پاڙهڻ ۾
چاهه ڪهڙي مڙهن سان وٺي؟"

اِتي ڪلاس جو هڪ شاگرد اُٿي بيٺو. هُو چوڻ لڳو،
"هڙتال جو اعلان جڏهن نڪرندو، تڏهن ته. هڙتال
ٿيندي نه؟" اُنجي جواب ۾ مون چيو مانس، "ڪلاس
پوري ٿيڻ تائين هڙتال ترسائي نٿي سگهجي ڇا؟ ڇالو
ڪم ۾ وگهن وجهڻ سان ڪو خاص پريوجن سڌ ٿيندو
هجي نه مڃجي." شاگردن طرف نهاريندي خاطري ٿيم
نه جيڪي ڪجهه چيو هوم تنهن شاگردن تي پوريءَ
طرح اَثر ڪيو هو ۽ هُو مون سان نٿي شامل راءِ هئا.

اِنهيءَ تي ساٿن ٻي هڪ ڳالهه پڻ چورلم — "تِنهي
هڙتال ڪرڻ مان خاص ڪُڙ ليل نٿو نڪري، ڪو ڪارڻ
سڌ ٿئي ڪونه ٿو. ڪلاس ڦٽائي، شاگرد ڪٿي ڪنا
ٿي ڦوي ڪارڻ لاءِ ڪجهه رٿين ته. اِها ڪارگر ڳالهه
ڇٽبي. ٻه جي رڳو ڪلاس اُتي ۾ ڇڏي، رلبو پنبو ۽
گهٽيون ڪڇيون ۽ گهر هوءَ ڪان ڊڪر سان پهچبو،
ته انهيءَ مان ڇا ورندو؟ انهن ته اُوهان ۾ فقط بدانتظاميءَ

رڪندي ڪيس ورندي ڏني، "ڳالهه ۽ اِيتري! اِن لاءِ ايڏو شور!! توهانجو مطلب آهي ته منهنجا شاگرد به هڙتال ۾ اُوهان سان شامل ٿين. اِئين نه؟" ڪيرت ڪنڌ سان "ها" ڪئي. انهيءَ تي مون چيومانس، "تون جي مونکي اِئين ٿي نيائو ڏيڻ لاءِ اَچي چئين ها ته مان ناڪار ڪريان ها ڇا؟" ڪيرت ورندي ڏني، "هڙتال مهل ڪلاس ڇڏڻ هڪ دستور ٿي ويو آهي. تنهنڪري توهانجي ڪلاس ۾ پڻ اِئين ڪرڻ جو ٿي ويچار هو." "پر جي مان اُوهانجو نيائو وديارٿين کي ٻڌائي ڏيان ته پوءِ ته توهانجو مطلب سڌ ٿي ويندو نه؟"

ڪيرت لاچار اِئين ڪرڻ قبوليو. مون کيس ۽ سندس سائين کي يقين ڏياريو ته سندن نيائو اڄ ٿو شاگردن کي ٻڌائي وڃي ۽ اِنڪري هو ڇٽي موٽ ڪائين. ٻهرين ته هنن جو خيال پڪو هو، ڇو ته ڪين اِهو ٿي اَنديشو هو ته مان سندن سڀني شاگردن کي ڏنڊس ٿي ڪونه. پر ڪيرت ڪين ٻاز آندو ۽ هو گهڻي پاڻي ڇٽي هٽي ويا. پر منهنجانئن کي ڪنهن پاسيرو لڪي ويهي رهيا ته خاطري ڪريون ته پروفيسر جيڪي چيو آهي تيئن ڪري ٿو ڪين نه. مان ڪلاس ۾ اندر آيس ۽ اِيندي شرط ڪيل قول پاڙيم. پر اُن سان گڏ شاگردن کي به ٿي پيون ڳالهيون ٻڌ سمجهايم. چيومان، "مان اُوهانڪي پاڙهڻ لاءِ گهران تيار ٿي آيو آهيان. اوهين پڻ پنهنجي خوشي رضامنديءَ ڪلاس ۾ آيا آهيو. پر اِئين ٿي اُوهان جي

١٧. امتحان ۾ ڪاپي

ڪاليج ۾ جا نوڪري مليم ته پهرئين پارڻ يونيورسٽي امتحانن ۾ ون پارٽين لئي امتحان هال جاچ ڪرڻ ڪاڻ سپروائيزر ٿيڻ جي پڻ آڇ ٿي. خبر ناهي ڇو اڄ لڻ ڇوڪرن لوڙي ڇوڪرن کي شوق ٿيندو آهي ته امتحانن ۾ سپروائيزر ٿيئي. سجا سارا ست ڪلاڪ سڌي ڪنڌي پيٺي اچ وڃ ڪجي، ٻه اڍائي سو نوٽبڪن تي صحيح ڪجي ۽ اهڙي ساري جاکوڙ لاءِ روز جا ملندا رپيا ساڍا ست، جنهن ۾ ڏينهن جي ماني، چانهه ۽ ڇپي ڇوڙي جو خرچ به آوڻ! باقي ڳرائي سا آهي - ڳرائيءَ سان پيو اچ وڃ ڪر ۽ اهو سارو وقت شاگردن جو ساهه مٺ ۾. پر سڀني ڳرائيءَ مان سوڌ ڪهڙو! مهانگو سودو ڇٽيو. پر جيئن ته هيءَ مون لاءِ نئين ڳالهه هئي، سو ان جو مزو وٺڻ لاءِ سپروائيزريءَ جي آڇ سويڪار ڪيم.

امتحان باقاعدي پوري وقت تي شروع ٿيو. سڀئي شاگردن کي پيپر ورهائي ڏنم، ۽ پوءِ ويٺس سندن منهن تڪڻ. آسانڪي پهريائين ئي هدايتون مليون هيون ته پهرئين ڪلاڪ شاگردن تي سخت چوڪسي رکڻ بلڪل ضروري آهي، جيئن هو سمجهي وڃن ته سپروائيزر پوري سجاڳ آهي، ۽ ڪين ڪاپي ڪرڻ جي همٿ اصل نه ٿئي. هڪ دفعو شاگردن تي رعب ڄمي

جي هيءَ ٻڌي ويندي! اها ڪا وڻندڙ روش ڪانهي!!“ شاگردن جي ڪنڌ ڌوڻڻ مان ظاهر هو ته جيڪي مون کين چيو، تنهن سان هو سهمت هئا. تنهن ڪري آخر رابعه مون کين چيو، ”تنهن هوندي به اوهين جيڪڏهن چاهيو ته پنهنجن ٻاهرين ساٿين سان وڃي شامل ٿي سگهو ٿا.“

منهنجي ڪلئي نولي ڏيندي به هڪ به شاگرد ڪلاس ڇڏي، ٻاهر ڪونه ويو. هن کانپوءِ منهنجي ڪلاس جا شاگرد ڪڏهن ڪين هڙتال وارن سان وڃي شامل ٿيا، جنهنڪري هڙتال ڪندڙن مونکي ۽ منهنجن شاگردن کي هلاڪ ڪرڻ جي ٻچر ٿي ڇڏي ڏني.

سفيد رومال مٿان هوس. امتحان جي ڏينهن ۾ پيلا اوجاڳا
نا ڪيڏا ٿيون ۽ راتيون ٿيون جاڳنديون ٿيون، پوءِ پڙهيو نه،
نه اکيون ۽ اک نه ضرور کي قدر انهيءَ جاکوڙ جي
ساک پيو پيدا، شاهدي ڏيندا! ظاهري نه ڪجهه نظر ڪين
آيو جو ڪنهن شڪ جو سبب هجي، پر ڪنهن سر پر
جو ڏيان چڪايو هو، سو ڪجهه ڪرڻي نظر رکڻ لازم
هُئي. مون واري ڪلاس ۾ بينچ هڪ ٻئي پٺيان ڪجهه
اڌاهين تي رکيل هئا ۽ منجهن پاسي کان وٿيءَ ۾ ننڍا
ڏاڪا هئا، جي چڙهي، ماڻهو پڇاڙيءَ واري بينچ توڻي
پهچي ٿي سگهيو. مون ويچار ڪيو ته انهي ڏاڪا چڙهي،
مان مٿي وڃي ويهان ۽ انهيءَ اوچائيءَ تان ڪجهه وقت
ودياٿين تي نظرداري ڪريان. اتان مٿان نظر به سڌي
تي سولي پئجي سگهندي ۽ هر ڪو جو پنهنجي ڪم ۾
منهن وجهيو رڌل ويٺو هوندو ته ڪنهن به شڪي حالت
جو جهٽ پتو پئجي ويندو. انهيءَ خيال سان، ماٺ
ميٺ ۾ پير پير ۾ ملائيندي مون ڏاڪا چڙهڻ شروع
ڪيا. پر جيئن ئي مون پنهنجو پهريون پير اڳيان وڌايو
ته هن نينگر جي مرگهه نظر منهنجو قدم هڪدم جهٽيو
۽ انهيءَ ئي دم هن پنهنجو سگهين سفيد رومال ڪڍي
پنهنجي ڪوٽ جي مٿين خال ۾ اڙڪايو. مان نه مٿي
چڙهي ويس ۽ اتان ڳچ وير تائين سڌي تي نظر رکندو
رهيس. آخر آهستي آهستي هيٺ لهڻ شروع ڪيم.
ڏٺم ته هن نينگر پنهنجو رومال وري ڪڍي نوٽبڪ

وٺو ته باقي وقت سڀني سان نباهي سگهجي ٿو. انگريزي ماستر مون پڻ سڌي ڪنڌي اچ وڃ شروع ڪري ڇڏي. شاگرد سمجهي ويا ته سپروائيزر جي مٿن تيز نظر هئي ۽ هو لڪڻ کي لڳي ويا.

منهنجي ڪلاس ۾ گهٽيون ٽيهون ڇوڪريون هيون. مٿن نظرداري ڪندي ڏٺم ته جيتوڻيڪ هو امتحان ڏيڻ آيون هيون ليڪن هوندي به جسم جي ٺاهه ٺوهه لاءِ ڪافي ڌيان ڏنو هئائون. هر ڇوڪريءَ پڻ ڪنهن قسم جي ڪسر ڪانه ڇڏي هئي. هڪ شاگرد منهنجو خاص ڌيان ڇڪايو. شڪل جو سانورو، جسم جو ٿلهو، هر ڪرڙو ٿي لڳو. ڦٽي ڏٺي، وارن کي خوب ٺاهي آيو هو. جيئن ٿي مان سندس ويجهو آيس ته منهنجي نظر سندس چوٽيءَ تي پيئي! چوٽيءَ مان اندازو ڪيم ته، هو شايد براهمڻ آهي. هر چوٽي واهه جي ڪري آيو هو! ڇوڪرين کي چوٽيءَ تي محنت ڪندو ڏٺو اٿم، پر هن مرد جي چوٽي زنانن زلفن کان گهٽ وڌيڪ زيبدار هئي.

اکيون تيز ۽ ڪن سولا ڪيو ڪلاس ۾ ٿي چڪر ماريم ته اٿين اوچتو ڪنهن چرڪ جو ڪن تي پڙلاءُ پيم. پڙلاءُ اڻلکوئي هو، پر پيو ضرور، ۽ ڪن هڪدم کڙا ٿي ويا. چوطرف گهوري نهاريم ته نظر وڃي ڪنهن سفيد ساڙهيءَ واري سنڌريءَ ۾ کتي. پر هوءَ به نظر پنهنجي نرڳ ۾ وجهيو، ڪنهن وڏي ويچار ۾ غلطان هئي. هڪ هٿ ۾ قلم هوس ۽ ٻيو هٿ هڪ ڳلن ٻر ڳل

ڪلاس جو چڪر هڻي جڏهن واپس مون وٽ پهتو تڏهن چيائين، "تون جيڪي چئين ٿو، سو بلڪل ٺيڪ آهي. پر خبر اٿيئي ته هيءُ چوڪر آهي ڪير؟" مون نفيءَ ۾ ڪنڌ ڌوڻيو، جيتوڻيڪ مونکي رڳو ايتري خبر هئي ته هوءَ اسانجي گهر جي ويجهو ئي ڪٿي رهندي هئي. گربخشاڻي صاحب انهيءَ تي چيو، "هوءَ ڪراچيءَ جي ميئر جي ڌيءُ آهي. هي ڪيس پڪڙبو ته ڳالهه لڪائي ڪين رکي سگهبي ۽ اخبار وارن کي ته اهڙيون سنسنيخيز خبرون کپن! جي ڳالهه ظاهر ٿي، ته سخت ڏوراپا ملندا ۽ دشمنيون شروع ٿي وينديون!! پر جي تون مونکي دانهه-دستيءَ دانهن ڏيندين ته مونکي ڪيس پڪڙڻو پوندو. انڪري مان ڏنو ضرور ڏيندس." مان منجهي پيس. پنهنجي صاحب جي ڪير گهٽتائي ڪرڻ گهرندو؟ انڪري پڇيومانس، "اوهانجي ڪهڙي صلاح آهي؟" چيائين، "اسانجو ڪم آهي جاچ رکڻ، جيئن ڪاپي نه ٿئي. تون چئين ٿو ته چوڪر کي ڪاغذ برابر ساڻ آهن، پر اهي هن اڃا ڪم ڪين آندا آهن." مون هڪدم وراڻيو، "ها، سائين، هن اڃا ڪاپي ڪرڻ شروع ڪانه ڪئي آهي." "ته پوءِ ته ڳالهه بلڪل ٿي سولي آهي،" ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ صلاح ڏيندي چيو. "تون هينئر کان هن تي اهڙي تيز چوڪسي رک جو هوءَ ڪاپي ڪرڻ جي جرئت ئي نه

ٿي رکيو هو ۽ اُن مٿان سندس کاٻو هٿ رکيل هو. مان لهندي هن ڇوڪر جي منهن ڏانهن اُڃ پي ڏٺس. ڀلا ڪنهن جي شڪ جاڳائڻ يا ڌيان ڇڪائڻ جي بون چوطرف نظر ڦيرائي. هيٺيرو نهاريم ته مار! اُن خال ۾، جتي هن نيڪر پهنجو رومال اٽڪايو هو، اُن ۾ هيٺئين ڪجهه سنها اٺئون ڪاغذ سوگها رکيا هئا ۽ سندس هٿ هيٺان رکيل رومال جي ا ت ۾ پڻ اهڙو هڪ ڪاغذ هو، جنهن تي ڪجهه لکيل هو! ڇوڪر بيشڪ اُستاد نڪتي. سندس جگر کي شاباس هجي! مان هيءَ ورڪار جاچي، جلد هيٺ ليٽي آيس.

هونءَ ته مان ڇوڪر کي هڪدم اُتي ئي پڪڙي ٿي سگهيس، پر ڇوڪرن جو ڪجهه وڌيڪ ليحاظ رکيو ٿو پوي. اسانجي سماج اهو داغ ڪڏهن به ڀلجي نه سگهندي- ساري عمر هن لاءِ اهو هر قسم جي واڌاري ۾ اَڏ ٿي پوندو؛ ڪنهن کان اهو وسرندو اصل ڪين. ڇوڪرن جي حالت ۾ اُئين ڪنهي. هنن جو پڪ پڪجيو وڃي. پر انهيءَ جو اهو مطلب نه هو ته هنڪي ڇيڪ ڇڏي ڏجي ته ٻيل ولي ڪاپي ڪندي. اُڪري ماٺيڪو موڪليم هيڊ سپروائيزر کي. سرڳواسي ڊاڪٽر هولچند گربخشاڻي جهٽ اچي سهڙيو. ڊر کان ٻاهر ٿي ڪيس ٻڌاري، حاضر "ماجرا" کان کيس واقف ڪيم ۽ پنهنجي سر پڪ ڪرڻ جو عرض ڪيم. ٻوءِ هوءُ اندر آيو ۽ ڪجهه ڳالهيون پولهيون ڪري اڳيان وڌيو.

١٨. سفيد چهڙي

مان جڏهن ڪاليج ۾ نوڪريءَ تي چڙهيس (١٩٤٠ع) تڏهن پروفيسرن جا پگهار تمام گهٽ هئا. گهٽ ۾ گهٽ ايم. اي پاس ڪيل تي ليڪچرر مقرر ٿيندا هئا ۽ ڪين ڏ ر مهني موريءَ ۾ ملندا سؤ رپيا ته ڪين هئا! تڏهن ڪري ١٩٤٦ع ۾ جڏهن آئون سالن ۾ ٻيو ڀيرو ٿي پگهار وڌايا ويا ته پروفيسر ڪپڙن ۾ نه ٿي ماپيا. پرنسپال صاحب ڏان ٿلهار ٿيا وڃن! خير ان سان سڀني کي اضافو مليو. فقط مان ۽ هڪ ٻه ٻيا رهجي ويا. ٻين کي... ڇو رکيو ويو اها ڳالهه ته ٿي نرالي، باقي مان ٿڪيان رهايو ويو هوس ڇاڪاڻ ته منهنجي ڊگري ساڌارڻ ۽ سادي هئي. اها ڳالهه سڄي منهنجا ته طاق لڳي ويا. ستن سالن ڪانپوءِ پروفيسر جي پگهار جي آڌارسي ۾ ڊگري ڪهڙي ڏسڻي هئي!! ڊگري جاچڻ جو سوال اڪثر ريت اٿندو آهي ڪنهن کي ڪنهن پد تي مقرر ڪرڻ مهل؛ باقي پوءِ ته سندس واڌاري جو مدار سندس ڪم ۾ ڪاميابيءَ تي ٿي هئڻ گهرجي. گذريل ستن سالن ۾ مون پاڻ چڱو موکيو هو. ودياٿين ۾ منهنجي پڙهائي ڪافي پسند پيئي هئي. تڏهن ڪانسواءِ مون سنڌ جي اتهاس جي کوج (Research) شروعات ڪان چالو ڪئي هئي ۽ منهنجا ليک روزانين، هفتيوار ۽ ماهوار مخزنن ۾ ڇپجڻ شروع ٿي ويا هئا، جي عام جنتا ۾ اڪثرائيءَ قبول پيا

ساڙي سگهي." "اوهين انهيءَ ڪان ڇا آهيو" مون
کيس خاطري ڏيندي چيو.

ڊاڪٽر صاحب ورڪي، مونکان موڪلائي هليو ويو
۽ مان نئين اُمنگ ۽ اُساهه سان پنهنجي ڪم ۾ جنبي
ويس. منهنجي مٿس سخت ڇاڇ رکڻ ڪارڻ نينگر سڀ
ڪجهه سمجهي ويئي، جيتوڻيڪ ٻئي ڪنهن ٻي اشر
کي اُنجي سٽس يا سمڪ نه رهي. هرڻيءَ مثل ٻالين
ٻولين اَکين سان هوءَ مون طرف نهارڻ لڳي. جيئن نه
مون ٻيو ڪو وڌيڪ قدم کونه کنيو تڏهن مس ٻيت
۾ ساهه پيس؛ ٻر ڪجهه نه وڌيڪ لکي نه سگهي ۽ اُچارا
صفحو نه جيڪي اَڳي ٻي رهڙيا هئالين، اُلي ٻي قصو
ختم ڪري، ٻيهر مونکي ڏنئي، هوءَ هلي ويئي.

هاڻ جڏهن نه هوءَ مونکي ڪٿي ڏسندي آهي نه
هڪدم سندس چهري تي هڪ معنيٰ ڀري مرڪ ڇانئجي
ويندي آهي ۽ ڪنڌ جي لوڏ سان مڃيندي آهي نه
ڪو مون ماٺهو کيس مليو ضرور هو!!

ٻاهر نه. ڪنهن جي ٻڌندو، ڪير هو ۽ چاچي صاحب
جي پڻ ڪنهن سان خاص لڳ وچڙ ڪانه هئي. ٻيوءِ
سرٽيفڪيٽ جي ڪنهن مان اميد رکجي ته ڪيئن!
اندر ۾ سڙان ٻوسڙان پيو. پيا سڀ چڙهي ويا، مان
ڪيئن ٿي پٺتي رهجي وڃڻ سهاري سگهيس!! لاڪري
ٻيون سڀ ڳالهيون وسري ويون، سڄو وقت انهيءَ
سرٽيفڪيٽ جي تات ستائيندي رهي. اهڙو ڪو
اونداهو گهڙو اچي ويٺو هوم، جو ڪوبه سوجهرو نظر
نٿي آيو.

آخر جڏهن دماغ کي زور ڏنائين تڏهن هڪ
ڳالهه خيال ۾ آئي. سنڌ سرڪار جي، چيف سيڪريٽريءَ
سان ڪجهه ڏيٺ ويٺ هيم. هو سنڌ جي اتهاس منڊل
جي ڪم ۾ چڱو چاهه وٺندڙ هو، جو نه شخصي طرح
اتهاس ۾ سندس خاص دلچسپي هئي. ڪجهه وقت اڳ
ڪري ڪيس منڊل جو ٻڙتان پڻ ڪري چونڊيو ويو
هو. هن ڳچ پيرا منڊل ۾ مونکي ڳالهائيندو ٻڌو هو.
مون انگريزن جي سنڌ سان لاڳاپي واري وشيه تي
خاص طور کوج ڪئي هئي، ۽ مون - سنڌ جي حاڪمن -
سان سندن روش تي ڪافي ڪڙي نقطه چيني ڪئي
هيم. تڏهن هوندي به گوري چيف سيڪريٽري، مسٽر
لي مينڊر کي مونجهارا مقالا خاص طور وڻيا هئا، ڇاڪاڻ
ته مون هر ڪنهن حقيقت لاءِ جوڳيون ثابتيون ۽ سندون
پيش ڪيون هيون. سو ويچار ڪيم ته وٽس لنگهي وڃان

هئا ۽ هر هنڌ منهنجي ناماُس ڦهلجي چڪي هئي. ڪراچيءَ جي نامي گرامي روزاني اخبار "ڊيلي گزيٽ" پنهنجي مهتمي چڪن ۾ اتهاس جي کوج لاءِ سرڪار کي آپارپندي مونکي سنڌ جي اتهاس جي کوج ۾ اڻ ڪامياب ۽ ناميارن ڄاڻن مان هڪ ڪري ڄاتو، ۽ مون سان شامل ڪيو ويو هو منهنجو مربي پروفيسر، ڊاڪٽر ڊبليو آرٽ!! ڪنهن ڪانسواءِ سنڌي خواندن جي سهوليت خاطر، ته هو پڻ منهنجي اتهاس کوج جو لطف ماڻين، مون سنڌي ۾ پڻ ڳچ ليک لکيا، جنهن جو قدر سڃاڻي، ١٩٤٢ع ۾ سنڌي ادبي صلاحڪار بورڊ (سرڪاري طور مقرر ٿيل، جيئن ڀارت ۾ هاڻي ساهتيه اڪيڊمي آهي) منهنجي "همايون جو خواب عرف اڪبر جو جنم" واري ڪتابڙيءَ کي ان سال جي بهترين ڪتابن ۾ شمار ڪري، مونکي انعام عطا ڪيو ۽ وري ٻيهر پڻ "تاريخي مضمون (١٩٤٥ع) تي بورڊ وٽان انعام جي نوازش ٿي. پر اهي سڀ ڳالهيون اسانجي ڪاميابيءَ جي آخر ۾ نه هيون - هنن وٽ ڊگرين جو ئي ملهه هو، منهنجي ڊگري هئي پليڊري ۽ ان ڪري ئي ان کي ڪنهن معتبر جي سفارشي سرٽيفڪيٽ جي پشٽيءَ جي ضرورت هئي.

مون وٽ ته ڪوبه سرٽيفڪيٽ ڪونه هو، نڪي ڪي اهڙو سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ جو ڪو آسرو ئي هو. خوشامد ڪرڻ ته اسانجي رت ۾ ئي ڪانه هئي.

سڄي ڳالهه پورائي ڪري ٻڌائي ۽ کيس سفارشي خط لاءِ واسطو وڌم. ورندي ڏنائين، ”اوهانجا ڪاليج وارا اوهانجا نيٺ ته ماڻهو آهن، پوءِ پنهنجي ڪنهن ماڻهوءَ کان ڇو ڪين ٿا چٺي وٺو؟“ انهيءَ جو اُتر ڏيندي مون چيو، ”ها، هو اسانجا ماڻهو آهن، پر منهنجي ڪنهن به اهڙي وڏي ماڻهوءَ سان واقفيت ڪانهي. مون لاءِ اوهين ڪي ڌاريا ڪين آهيو. اوهان کي سڃاڻان ۽ اوهين پڻ مونکي سڃاڻو، انڪري اوهان وٽ ڪاهي آيو آهيان. تنهن ڪانسواءِ سوراج لاءِ ٻراهر ڪوشش ٿي رهي آهي، پر اڃا سوڌو ڪارن ڪان گورن جي چٺيءَ جو وڏو مان آهي ۽ اها وڏي ڪارگر ٿي ٿئي.“ لي ميير صاحب اهو ٻڌي کلي ڏنو. هڪدم چيائين، ”توکي چٺي ڏيڻ ۾ مونکي گهڻي خوشي ٿيندي. تون گهڻو ڪارگر ڪم ڪري رهيو آهين. آءٌ نٿو ڄاڻان ڇو اوهانجا ماڻهو تنهنجي ڪم جو قدر ڪين ٿا سڃاڻن!“ انهيءَ جو ڪوبه جواب نه ڏيندي مون ڪانئس پڇيو ته ڪڏهن اچي چٺي وٺي وڃان؟ هڪدم چيائين، ”تون ڇو اچين، مونکي رڳو ٻڌاءِ ته سڀاڻي تون ڪهڙي وقت ڪاليج ۾ هوندين. مان توکي پنهنجي سوار هٿ پاڻيهي چٺي ڏياري موڪليندس.“

ٻئي ڏينهن ٻڌايل وقت تي سرڪاري سوار، گهوڙي تي ٽاپ ڪندو ڪاليج ۾ آيو، ۽ گهوڙو ٻاهر ٻڌي، هو پروفيسرن جي ڪمري ۾ آيو. سڀ وائڙا ٿي ويا.

۽ ڪانئس ڪا سفارش هٿ ڪري اها ڪري، ڪاليج وارن اڳيان پيش ڪريان، جيئن پڻ سولو اضافو نصيب ٿئيم.

اسانجو سرڪاري دفتر سان ڪو خاص تعلق هو ڪونه، انڪري انهي وچ ۾ ڪجهه اڙچڻ محسوس ڪيم. تنهن ڪانسواءِ ڪنهن جي سلام لاءِ وڃڻ نه ڪين سکيو هوس، جو بابو لوڙي بابو اهڙي گهٽتائيءَ کان گهٽو ونءُ ويندا هئا. انهيءَ ڪري پڻ چيف سيڪريٽريءَ سان وڃي ملڻ لاءِ ڪجهه هٻڪ ٿيئي ٿي. پيو ڪو واهه وسيلو نه ڏسي، دل پڪي، هڪ ڏينهن منجهند ڌاري سرڪاري دفتر ۾ لنگهي ويس. پنهنجو ڪارڊ چپراسيءَ کي ڏنم ته وڃي صاحب کي ڏئي. چپراسيءَ آهستي چيو، "صاحب ماني کائي، ڪجهه آرام پيو ڪري. ان ڪري ڪجهه دير ترسو." صاحب، جو آرام ڪرسيءَ تي ليٽيو پيو هو، تنهنجا ٽهن ويل ته ڪن سولا هئا- انگريز جي راڄ ۾ سرڪاري چٽ پهرڻ ڪا سٺي ڳالهه ڪانه هئي! سو هڪدم اٿي اچي ميز تي ويٺو ۽ گهنٽي وڄائي، چپراسيءَ کي سڏيائين. پڇا تي هن منهنجو ڪارڊ کيس ڏنو، جنهن تي مونکي هڪدم اندر گهرايائين. خوش خير عافيت کانپوءِ مون کان پڇيائين، "اڄ ڪيئن مس ڪري پير وڏا ڪيا اٿيئي، سو به ڏر لڳيءَ جو؟" مون ورندي ڏيندي چيو، "ها، توهان ۾ ڪجهه ڪم هوم، ۽ چيم ته ڪنهن نويڪلي وقت اچي اوهان سان گڏجان." يڪدم چيائين، "ها، چئو." مون کيس

١٩١٠ سانوڻ و سڄاڻ

سالن لاءِ هڪ دستور قائم ڪيو ويو هو ته جيڪو
ٻه ٻرڪ پارٽي آڳوان ٿيا نيتا ڪراچيءَ ۾ پڙهارجي، سو
ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج ۾ ضرور ڇرن گهمائي ۽
وديارٿين کي ڀاشڻ ڏئي. هن ڳالهه ۾ نه رڳو ڪاليج وارا
فخر ڪندا هئا، پر انهيءَ ۾ آڳوان پڻ پنهنجو شان سمجهندا
هئا. ڪراچي ڪاليج ۾ نه پڙهڻ لاءِ پارٽي نيتا سنڌ
جو دورو جتا آڌورو ۽ اڻپورو سمجهندا هئا. هيءُ دستور
برقرار رکڻ لاءِ ڪاليجي وديارٿين ۽ مڪاني آڳوانن وچ
۾ ڇڪتاڻ ۽ سخت چڪرون لڳنديون هيون.
هاڻ جڏهن ڪاليج پڙهندڙ هوس ته سنڌ وديارٿين جو
جو سميلن ڪراچيءَ ۾ ڪيو ويو. انهيءَ لاءِ ڀارت جي
بهترين فصيح زبان پارليامينٽرين سري ايس. سٽيه
مورتيءَ کي گهرايو ويو هو. سميلن جي مکين ڇوڪرن
لوڙي ڪانگريسي اڳوڻن جي اصل مرضي ڪانه هئي
ته ڪو شري سٽيه مورتي سنڌ ڪاليج ۾ شاگردن کي
ڀاشڻ ڏئي، ڇو ته ان حالت ۾ سميلن کي ڪافي شڪست
اچڻ جو انديشو هو. پر آسان لاءِ اهو ڪاليج جي آبروءَ
جو سوال هو. سميلن وارا مونکي شري سٽيه مورتيءَ
سان گڏجڻ نه پيا ڏين. پيو ڪو واهه وسيلو نه ڏسي،
آخر واڪي ڪرڻ جي ڏڪي سان ڪين هميانم، الڏهن هوءَ
مس مڙيا. شري سٽيه مورتيءَ سان ڀاشڻ جي ڳالهه ڇوريم ته

ٻچا ڪري وڏو سلام وراڻي، هن سرڪاري اڳافورن کي سونهين ڏنو. وري پڻ سلام ڪري سوار راهي ٿي ويو. مون آئل سفارشنامو ڪاليج وارن کي ٻئا ڏير پهچائي ڏنو. ڏسهه جادو ٿي ويو! ٻئا وڌيڪ ونيم وٽڻ جي ڪاليج جي ڪارڀردارن مونکي اضافو ڏنو. سفيد چمڙيءَ واه جو ڪم ڪري ڏيکاريو!! ۽ وري سندس فضيلت ۽ ڏسو ۽ سفارشي چٺي وٺڻ لاءِ مونکي ڪين ڊوڙايائين، اِها ٻاڻ مونکي پهچارائي ڏنائين! آنگريز جي آسان تي راڄ ڪيو نه حق تي!! زوراوري سان ڪيائين، پر اسان کي ڪجهه ڏاهي ٿئي ۽ سيکاري ضرور ويو!!! پر آسان آنگريز مان خاص ڪين آهي.

چونڊيو ويو. جڏهن جواهرلال نهروءَ ڪاليج ۾ آيو هو ته ٽنهي اُس لڳي پيئي هئي. مٿان وري ڪڪر ميڙاڪو ڪري پئي آيا ويا، لڪ-چپ راند رمي رهيا هئا. مان به پنهنجي سريٽو صف ۾ سهاڳ ٿي بيٺس. واري وٽيءَ ٿي هرڪو تصوير ڇڪيندو ويو، پر منهنجو فوٽو مٽني کان عمدو بيٺو ۽ ان ڪارڻ اُهو ئي ڪاليج مئگزن ۾ ڇاپيو ويو.

فوٽن ڪڍڻ ڪانسواءِ فوٽن ٿي اڳواڻن جون صحيون وٺڻ جو ذوق پڻ ٿي ڏينهن اُڀي جاڳيم. جڏهن جواهرلال نهروءَ کان فوٽي ٿي صحيح گهرڻ ته فائونٽن پين وري مون کان گهرائين ۽ جڏهن منهنجي ولائتي پين لکڻ کان نابري واري ته مون ٿي گهڻد پائي، منهنجي منهن ۾ سوال جهڙي نشانيءَ طور گهورڻ لڳو. مون به نهرو پڻ چئي ڏنومانس: "ديش جي شيدائن جي هٿن سان ونڊيشي پين لکندي ڪيئن! اُنکي اهڙو به حياءُ نه پوندو!!" مانجهي مٽس مرڪي ڏنو. نيتاجي بوس جي صحيح ڪارڻ ملير کهي ويس، جو ڪراچيءَ اسٽيشن تي پهه ۾ ڇپيائي ويڙ جو انديشو هو. ريل گاڏيءَ جي ملير اسٽيشن تي اچي بيهڻ تي مان سندس گاڏي جو در پٽي اندر ليس ۽ صحيح گهريمانس ته مٽس اچي ڏمريو، "مونکي بيو ڪم ڪار ڪونهي!" سوَمان جو شيدائي اهڙي شوق سهي چپ ٿيو!! مان هڪدم هيٺ لهي آيس ۽ صحيح وٺڻ جو ويچار دل تان صفا لاهي ڇڏيم. پر

هن هڪدم ۽ وڏي خوشيءَ سان ”ها“ ڪئي ۽ جڏهن ٻڌائين تہ ڪيئن مڪاني مکين مونکي ساڻس ملاقات کان محروم رکڻ جي سر ٽوڙ ۽ ذري گهٽ ڪامياب ڪوشش ڪئي هئي، تہ هن کي سخت ڇنڊڇاڻيائين. ان طرح دستور قائم رهيو ۽ هلندو آيو.

ان دستور پٽاندڙ جڏهن خبر آئي تہ ڀارت جي جڳ پرسڌ ۽ نامياري ويچارڪ ڊاڪٽر سروپلي راڌاڪرشنن ڪراچيءَ اچي رهيو آهي تہ ڪيس ڪاليج پروفيسرن سان چانهہ-نوشي ۽ ڪاليج ۾ ڀاشڻ ڏيڻ جي هارڊڪ نينڊ موڪلي وئي، جا هن سويڪار ڪئي. هن ڏاڻي مان ڪاليج ۾ آڌيانڪ هوس. جيئن تہ ڊاڪٽر راڌاڪرشنن ڀارت جي پراچين آدرشن جو حامي هو ۽ مان پهريون دفعو هن جي سنمک ٿي رهيو هوس تہ منهنجو اتساهہ چوٽ چڙهي ويو. سو ٺهڪ ٺهڪندو وڃو پهري مان ڪاليج ۾ وقت سر اچي سهڙيس. اوچتو منهنجو جهونو شوق ڀڙڪو کائي اٿيو. ڪاليج پڙهندي مون ۾ فوٽن ڪڍڻ جو ڏاڍو شوق جاڳيو. ڇهن سالن ۾ ڪيئي فوٽا ڪڍيم. ڪاليج جي سونهري جشن ويري فوٽن جي نماءَ ۾ مونکي پهرو نمبر انعام مليو. ڪاليج ۾ خاص طور اڳواڻن جا فوٽا ڪڍندي مونکي خاص مزو ايندو هو. اهڙن موقعن لئي ڇنڊڇاڻ ۾ خوب لڳندي هئي. ڪوشش اجائي هوندي هئي تہ فوٽو اهڙو ڪشش ڀريو ڪڍجي جو ڪاليج مخزن جي ساليانی انڪ ۾ شايع ٿيڻ ڪاڻ

عظيم شخصيت کي ڪيئن عرض ڪجو ته ٽرسو ته ڦوٽو ڪڍان! ودوان پرش کي آهڙي ننڍ شيءِ جي کهڙي ڪاڻ!! خير فوٽا ٻئي نڪتا. ان مهل شام جا چار، ساڍا چار لڳا هئا ۽ ڊاڪٽر سرو پليءِ سان هڪ طرف سنڌ ڪاليجن ڀاران پرنسپال ڀهلاجسنگهه، آڏواڻي ۽ ٻئي طرف سوامي رنگنٿن آنند، رامڪرشن مٺ جي ڪراچي شاخ جو پرمک، سنڌس ميزبان، ساڻ هئا.

جلد چانهه اڪلائي، سڀ اٿيا ڀاشڻ لاءِ. چانهه ڏيئي چڱين ئي ڳالهين جي چرچا ٿي، جنهنجو سڀني تي گهرو پرڀاوُ پيو ۽ ڊاڪٽر راڌاڪرشنن کي ٻڌڻ لاءِ هرڪو ٻئي کان وڌيڪ منتظر ٿيو. ڊاڪٽر صاحب جو ڀارتي سڀيتا تي ڀاشڻ شروع ڪيو ته هرڪو هن کي چت سان ٻڌڻ ۾ آهڙو لين ٿي ويو جو وقت جي ڪنهن کي به نه سمجهه ۽ نڪا وري ڪا پرواهه ئي رهي! سڀ پورن شانتيءَ ۾ ڪيس ٻڌندا ئي رهن ها جيڪڏهن سرو پلي راڌاڪرشنن پنهنجو ڀاشڻ پورو نه ڪن ها!! هڪڙو سنڌس آواز هو مڌر ۽ چٽو، ٻيو ويچار پڻ هئس اعليٰ؛ ٽيون جو سنسڪرت سلوڪن جو ڦهڪو ڏئي پيو، ته سڀ دنگ رهجي ويا. جيتوڻيڪ سنسڪرت کان ماڻهو سراسر اڻواقف ئي هئا، پر ڊاڪٽر اهي سلوڪ آهڙي شد نموني اچاريا جو انهنجو مطلب پنهنجو پاڻ چڱي پرسد ٿي پئي ويو. دل چون دل سان ڳالهيون برابر پئي ڪيون

ڊاڪٽر هاسارام پمناڻي، جو پڻ گاڏي ۾ ساڻ هوس، انهن سڌ ڪئي ته جڏهن فوٽو نڪتا جيءَ ڏانهن وڃايم ته مرڪندي دستخط ڪيائين ۽ اها مرڪ سندس سچي چهري تي رونقدار نموني ڪڙجي ويئي!! خان عبدالغفار خان، اهنسا جي مجسم، ۽ مانت ميٺ ۾ خدائي خدمتگار جهان صحيح ڪري ڏني جڏهن منهنجو سندس ڪيل فوٽو کيس صحيح لاءِ سپرد ڪيم. اهي سڀ فوٽا مون سانڍي رکيا آهن، جي ٿي شايد ملڪيت طور منهنجن پوين کي ورثي ۾ ملندا.

پر جڏهانڪر ڪاليج ۾ پاڙهڻ شروع ڪيو هوم، تڏهانڪر اها فوٽن ڪڍڻ جي پاڻي پاڻمرادو ڇڏائجي ويئي هيم. ڊاڪٽر راڌاڪرشنن جي آمد تي ڏاڍي ڪشش ٿيم ته هڪڙي ودوان جي تصوير ڪيرائجي، ان تي سندس صحيح وٺجي. پر انهيءَ مهل ڪئميرا آڇي ڪٿان! وڏن جهان هيڏانهن هوڏانهن پئي نهاريم ته سامهون منهنجو ڇهين وان شاگرد ماڌو موٽلداس ڏٺم - ڪئميرا ڪلهي تان لٽڪي رهي هئس. سڌ ڪري ڪانئس ڪئميرا گهريم ته چيائين، ”سائين، باقي ٻن فوٽن جي فلم بچيل آهي. فوٽا پل اوهين ڪيو، پر موڪلي انهن جون ڪاپيون ضرور ڏجو.“ ڳالهائڻ جو ته وقت ڪونه هو - معزز مهمان اچي سهڙيو هو. سٽ ڏيئي، ڊگهي جهلي، ڪئميرا ٺاهي پيئس. هڪ فوٽو ڪڍيم، پئي لاءِ اورو پڇيان هئيس. هڪڙي

پيئي، انهن سندس رنگ ۽ ڍول اهڙا اجاري ڇڏيا هئا جو فوٽي ۾ هوءَ ڇگو موهيندڙ پئي لڳو!! ان حسين عڪس جي ڪري ئي اهو فوٽو مٺ جي هر شاخ ڏي موڪلڻ جو پهه ڪيو ويو هو!!!

سوامي رنگناٿ آنند هن وقت سڄي ڀارت جي رامڪرشن مٺ جو سر سنگهه چالڪ آهي ۽ پنهنجي تازو لکيل پستڪ "بدلجندڙ سماج لاءِ اَمر آدرش (قدر)" ڪارڻ دنيا ڀر ۾ پرسڌ ٿيو آهي.

پڙهيون آهن، پر دماغ جون دماغ سان ڳالهيون هن دفعي ٻُڌي سُڻيون! ڇا ته انوکو لطف ڏٺيو! ماڻهن جو تعريف ظاهر ڪرڻ لاءِ لفظن جو واجهت شروع ڪيو، سو جڻ بند ٿيڻ جوڳي نه هو!!

فلم ڏيکارڻ سان پتو پيو ته فوٽا واه جا نڪتا هئا. سيگهه ڪري هڪ فوٽو تيار ڪرايم ۽ پنا ڪنهن دير جي اهو ڊاڪٽر راڌاڪرشنن ۽ سوامي رنگناٿن آنند جي صحين لاءِ رامڪرشن مٺ ۾ ڏياري موڪليم؛ جن فوٽي تي صحيون ڪري موڪليون. پر ان سان هڪ چٺي پڻ شامل ڪئي ويئي هئي ته مٺ وارن کي ڀارت ۾ مٺ جي سڀني شاخن لاءِ هن فوٽي جون ڪاپيون گهربل هيون. ڪاپيون ڪيترائي موڪلڻ لاءِ مان پڻ خواهان هوس ڇو ته ان دوران مونکي پنهنجي هاڪ پوڻ جي پڻ پڪ ٿي. پر مون ڄاڻڻ ٿي چاهيو ته مون وارو فوٽو مٺ وارن کي ڇو اهڙو پسند پيو هو. منهنجو انومان هو ته هڪ ته ڊاڪٽر راڌاڪرشنن جهڙو مهاودوان ۽ فيلسوف لٿو ٿي اچي رامڪرشن مٺ ۾ هو ۽ پيو وري مون واري فوٽي ۾ معزز مهمان ۽ سندس ميزبان ٻئي نظر آيا، ان ڪري ئي مٺ وارا مون واري ڪڍيل فوٽي تي مشتاق ٿيا هئا! پر پڇا مان پتو پيم ته هيت ته قصو ئي نرالو هو! سوامي رنگناٿن آنند هو شڪل جو سانورو، پر اڄ ته سج جي روشني جا سندس چهري تي ڪجهه قدر آڏي ٿي

پڙهڻ جو مزو آهي. خير، سائنس يا آرٽس تي پڙهين؟"
چندرا جي منهن جو رنگ بدلجي ويو. ورائيائين،
"پيءُ ته آلاڻي ڪيئن ٿا چاهين! منهنجو اڳ نمبر ته ڪو
چوءِ سان آئيو ٿي ڏٺو. هن سان جو ٻچي نه سگهيو ته
ڪسرون وري منهنجي سائنس پيءُ مان وٺي ڪڍيائين!
هٿي پالال ڪري ڇڏيائين- پنجونجاه مارڪن جون
پوريون پنجٽيه!! پر وري به شڪر جو پاس ته ڪيائين،
نه ته اَڄ تو وٽ ڪهڙو هنڌ ڏٺي اَچان ها!" سندس
دل وٺندي گليءَ چيو، "اهي آهن ٿي ڪي اَهڙا. قياس
جو منجهن قطرو به ڪونهي. مون سان پڻ اُهين ٿي ٿيـ
وٺل وهيو هو نـ؛ مان نه ته پڙهڻ جـي اَهڙي جڏي
ٿورياڻي هيس! مارن منهنجو ڪاليج پڙهڻ ٿي وڃائي
ڇڏيو." انهيءَ تي چندرا ساک ڀريندي چيو، "ڏيڏي
سليڇٽي اوهانجي هميشه ساراه ڪندي آهي. سو سائنس
جي پٺ ڇڏي، وڃي آرٽس جي پڙهين لئي پيئي آهيان."

گلي: اَرمان ڇا جو ٿي ڪرين؛ آرٽس ۾ ته پاڻ موج
مزا آهن. سائنس ۾ سڄو وقت ڪاليج ۾ پيو گهه؛ گهر
موٽڻ تي جهٽ ۾ ڪم اُڪلائي وري ويهه ٿور نچوئڻ.
باقي آرٽس ۾ ته فرصت ئي فرصت لڳي پيئي آهي- ڪهڙي
الميِن چاڪ، ٻئي واندڪر پيو هرهنڌ ٿهل، پوءِ به ٿورو ٿي
پيا اُڪلائي پاس ٿـي وڃ!! ڪيئن، ڪاليج ۾ اَڄ ڪالهه
مزو آهي؟"

چندرا: واه! مـوج لڳي پيئي آهي. گهران نڪر،

٢٠. گليءَ جي ساهيڙي

گلي منهنجي ڀيڻ پاروتيءَ جي نڻاڻ ٿئي. جيتوڻيڪ هوءَ ڪاليج ڪين پڙهي، تہ بہ هر ڳالهہ جو ڪيس اهڙو ڀَوَل ۽ ڄاڻ آهي جو ڪنهنکي هوند ايڪ ڪين هوءِ، تہ هوءَ ڪا ايڏو پڙهيل ڪينهي. راڻي ملي پڻ هيڪڙائي آهي. سياڻي پڻ اهڙو وڻندڙ اُلس ۽ ڳالهائڻ جي پڻ اهڙي چتر ۽ مٺي آهي جو هرڪو ڏانهنس ڪينچبو وڃي. وري ڳالهين جي بہ جا آهي ڳوڙهي ۽ چرچي گهٻي جي ڪوڏي، سو سائس ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويٺو هجي، تہ بہ ڪک اُڪل ڪين اچي - سچو وقت وڻندڙ بہ گذري وڃي ۽ سمي جي سمڪ ئي نہ رهي. سندس عقل ۽ فهم، چرچي ۽ ٽهڪ ۽ آءَ ڀاءَ ڪارڻ سالن جون ساهيڙيون سائس گڏجڻ اچن ۽ هوءَ پڻ سندن واءِ سڀاءَ مان اُپ-ٽوُ-ڊيٽ ۽ تازي توانائي ٿيو وڃي.

لڌهن ڏينهن سندس ساهيڙي سلڇڻيءَ جي نديءَ ڀيڻ چندرا وٽس آئي. اوڀاريون لهواريون ڪندي گليءَ چندرا کان پڇيو، "مٺي، هاڻي ڪٿي پڙهي آهين؟" چندرا چيو، "چڱو ڏيدي، توکي خبر ڪانهي! مون هن سال مئٽرڪ پاس ڪئي ۽ هاڻي ڪاليج جي پهرين سال ۾ آهيان." گلي ڏاڍي سرهي ٿي، "ڏاڍو سٺو. مئي مئٽرڪ پاس ڪئي تہ منهنجي بہ ڪانہ ڪارائي. منهنجيءَ جي ڪنهنکي بہ ڪانہ ڀائي آهي، پر واٽ منهنجي ڪرائڻ ۾

چندرا: آواز اُنس ٻڌڻ، سو ڳالهائيندي ڪاٿو وڃي. اُهڙو ٻه جهڙو؛ زوردار ڳالهائيندو آهي جو مستي ڪرڻ لي دل ڪڍي ٿئي ٿي، ته به همت نه هيو ٿوي.

گلي: چئو ڳالهائڻ ته ٻارڻ چگون. سڀ ڪجهه سوالن سان سمجهه ۾ ٿي ايندو ۽ ذهن ۾ ٻه جهت ويهي ويندو.

چندرا: واهه واهه! اسان سان انڪري جهڪا وهڻ ليندي آهي، سا ڪا سمجهو ٿا!!

گلي: سو وري ڪيئن؟

چندرا: هُوءَ جو ڳالهائي ته اسانکي ٻوت ٻڌي ڪيس ٿي ٻڌو ٻوي. اهو سوڌو اسانکي مهانگو ٿو پئي. اسانکي مات ڪري وهڻ ايندو ڪئي آهي. اسڪول ۾ ته سڀ متا هٽي ٻيٺا، ٻر اسانجي علمت مٽائي، ٿو روئي سگهيا!! ٻر هن جي حاضري ۾ ڳالهائي ڪير!

گلي: چو؟

چندرا: ڳالهائيندو ڏنائين سهڻ، ٻوءِ خير ڪونهي. نس پس نرگهت ڪان ونـي نگهوسار ڪرڻ ڪان سواءِ چڏيندو ڪين.

گلي: منـي، سو وري ڪيئن؟

چندرا: نظر اهـڙي ٿکي اٿس جـو سنڌس لائيٽ هائوس جي شمع وانگر اکين جي شعاع ڪان اڳي وڃڻ محال آهي. اکيون ٻڻ اهڙيون تيز اٿس جـو هرڪي ۾ ٻهيو وڃن ۽ ايڪس ري X-Ray جي ڪرڻن مثل

پوءِ ڪلاس ۾ وڃ ها ڪتابن ۾، ڪير پڙهڻ وارو آهي؛ مرضيءَ جون مختياڪاريون آهيون. جيترو ٽيڪ ڪتابن ۾ وڌيڪ ڇهل پهل آهي، ته به ڪلاس ۾ پڙهڻ چڱو ڇپيڙو اڳو پيو هوندو آهي.

گلي: سو وري ڪيئن؟

چندرا: پروفيسرن کي پڙهائڻ ۾ مزو ناهي!

گلي: ڇو، پروفيسر اهڙا ٻڌو آهن ڇا؟

چندرا: هو ته ويچارا ڪن ڇا! ڏيڍ سؤ جوان جوانڙيون سنڀالڻ ڇا سولو ڪم آهي ڪيئن؟

گلي: پروفيسر کي پڙهائبو وري ڪيئن؟

چندرا: بلڪل آسان. وچ ۾ سوال پڇين نه جواب ڏيندي اُلوڪي ڳالهه. صفا وسري ويندا ان! پوءِ ڇوڪرن جي کل ۽ ٺهڪ، جيستائين سالينءَ کي ياد اچي ته ڇا ٿي پئي ڳالهايائين!!

گلي: بس!

چندرا: واه واه. پڙهائڻ جا هر روز نوان نمونا پيا ٺيار ٿين. پروفيسر شل بورڊ طرف نهارين، پوءِ پڙهن جا ليڪ، واس ڊوپ جون اگربتيون، وغيره، مٿن وڪا ٿي وينديون.

گلي: پوءِ اوهانکي ڪير ڇوي ڪين؟

چندرا: گهٽي پاڳي نه. پر هُو جو ننڍو نيٺو، هندرو ۽ سنهڙو پروفيسر آهي، سو ته ڀلا لڳو پيو آهي.

گلي: سو ڪيئن؟

٢١. مير صاحب سان ملاقات!

سندس پُٽ الهاس جي ڪا خاص کوج ڪانه ٿيل هئي، تنهن ڪري انهيءَ ڏس ۾ ڦوهه وجهڻ ناموس ڪيڏا آسان هئي. الهاس ۾ منهنجو اُستاد ماستر وڙهيمل اسڪول وارن ڏينهن ۾ ئي جاڳايو هو. ويتر جو موهن جي دڙي جي سڀيتا جو اڀياس ڪري، اُن تي مقالو لکيم ته ماڻهن چڱو قدر ڪيو، جنهن ڪارڻ حوصلو گهڻو وڌيم ۽ وڌيڪ کوج تي چاهه ٿيم. الهاس جي ڪيل کوج جا نتيجا وزنائتي طور پيش ڪرڻ خاطر سندس الهاس محفل ۾ گهڙيس. سندس الهاس محفل ۾ سنڌ جا ڪي گويا عملدار خوب ايندا ويندا هئا. سندن الهاس جو اڀياس مٿاڇرو ئي هو، پر اُستاد جهجهو هون.

انهن ڏينهن ۾ هڪ نئون ڪتاب نڪتو هو- "انگريزن جا سنڌ سان ناتا ۽ نيتي". ڪتاب اڇارو لکيل هو، پر ڇاڪاڻ ته اُن جو ديباچو هڪ "سر" صاحب (سر شفيع احمد خان) لکيو هو، جنهن ۾ ڪيل کوجنا کي هن ڪٽي آسمان تي چاڙهيو هو ۽ ليکڪ کي خوب پڙهايو هو ته سچاويڪ هن ڪتاب سنڌي جو ڌيان ڇڪايو. ڪتاب پڙهي ليکڪ کان ڪجهه هيبت ٿي ويم ۽ اهو ڪا ڪان اندر پوسرڻ لڳم. ليکڪ ڪارڻ آيم ته اسين سنڌي ٿي، سنڌ ۾ رهي جڪ ماري رهيا هئاسين ۽ هيءَ پنجاب جو ماڻهو اسانجو ميدان ماري، اسانکان گوءِ کٽي ويو هو! اهو ڪا ان سبب جاڳيم جو هيءَ "ڌاريو" ماڻهو اسان کي

جيڪي اسان جي اندر ۾ پيو وهي واپري، سو جهٽ پر ڪيو وٺي.

گلي: پوءِ ڇا گهٽ وڌ ڳالهائو ٿا؟

چندرا: اصل نه! پر ٿورڪ هٽڻ ۾ لڙ پيداڪ آهي؛ ڪن جو سخت سرپلو. جاچي پڏي ته سڀ ڪجهه ٿو-ڪلاس ۾ ٿوري پاهر. پٽڪو نڪتو ناهي؛ هن اهو جهٽيو ناهي. اس، پوءِ ڪٽي وجهه مليس ته هڪ قابل سرجن جيان آهڙي نستر ٿڏبيندو جو خلل واري هند پهچي، هميشه لاءِ صفائي ڪري ڇڏيندو.

گلي: اوهين سڌر ندپون الٻن ٿي!!

چندرا: نظر لوڙي ٿرڪ آهڙيون ٿيز ائس جو مان چوندي آهيان ته هن کي پانهن ڏيندو ڪير؟

گلي: مٺي، ماٺ ڪر ته ڪير پڌ ٿي نه!

چندرا: ڇو؟

گلي: هوءَ مڌهدجي پاجائيءَ جو پاءُ آهي. پر ڏهدجي پٽ پارالي مان ورتو کي ڪيدهي. هوءَ اڳه ۾ لي سگهڙو ٿي چڪو آهي. ۽ چار پار پڙهُ ائس.

چندرا: سچ! مونکي اڳه ۾ ڇو ڪين پڌايو. اوهانجي پاجائيءَ ڪجهه پڌو نه ڪين؟

. گلي: ڇو؟

گلي: هرءِ جي پاءُ کي پڌانيدي ته مڌهدجو خير نه آهي.

گلي: تون فڪر نه ڪر، مان پاجائيءَ کي سمجهائي ڇڏيندس.

اتهاسڪ ڦولهڻ لاءِ جنهن مضمون تي پيو، چوڻ لڳو،
"ٽالپر-انگريز تعلقات جو مون ٻڌ ڇڱو اڀياس ڪيو آهي،
جنهن لاءِ مونکي هميشه ناز رهندو آهي، پر تو تہ
اسانجون اکيون ۽ ڪپاٽ کولي ڇڏيا آهن ۽ ثابت ڪري
ڏيکاريو آهي تہ هيستائين اسان فقط ڦوٽڙا ئي پٽيا
آهن- تون ئي اونهي ۾ پيهي، مهراڻ جا نج سچا موتي
لڌي آيو آهين." منهنجي ڪوجنا جو قدر-شناس، مسٽر
لئمبرڪ- جنهن پوءِ "سر چارلس نيپيئر ۽ سنڌ" تي
انگلنڊ ۾ هڪ چڱو ڪتاب لکيو، جو هاڻي ناياب ٿي
چڪو آهي- منهنجو دوست ٿيڻي ويو. مون اڳتي
وڌي، ساڳي وشيہ، "انگريزن جي سنڌ ڏانهن نيتي"
تي اڌ درجن ٻيا مقالا تيار ڪري ورتا، جن جي شايع
ٿيڻ تي مان رالو واهہ سنڌ جو هڪ نوڪ اتهاسڪار ڪري
مڃيو ويس.

سنڌ جي اتهاس جي کوج ڪندي، خاص ڪري
ٽالپرن جي زماني جي، مونکي حيدرآباد جي مير
نورمحمد خان بابت وڌيڪ جاچ ڪرڻ جي ضرورت
ٿي. وجهہ وٺي انهيءَ بابت مسٽر لئمبرڪ سان ذڪر
ڇيڙيم، جنهن تي هن هڪدم چيو، "اهو تہ تمام آسان
ڪم آهي. مان تو مير نورمحمد جي پوٽي ڏي چٺي
لکي ڏيان ٿو. هو مونکي چڱيءَ سڃاڻي. توکي جيڪي
ڪاغذ ڏيکارڻو هجي، سو خاطريءَ سان ڏيکاريان." مسٽر
لئمبرڪ هڪ چڱو عملدار هو. چهرو گورو ۽ ڏنهن جي

آگ، ئي ڏيئي ويو. سنڌ سان واسطو رکندڙ ڪاغذ پٽ
سڀ سنڌ ۾، تنهن هوندي به هو پنجاب جي دفترن
جي آڌار تي سنڌ تي ڪتاب لکي ويو! اوڏيءَ ويل
فيصلو ڪري ورتم ته ان وشيه تي وڌيڪ وزنائتو مقالو
تيار ڪري، سنڌن سان ثابت ڪندس ته هيءَ هڪ
پنجابيءَ جو سنڌ تي لکيل ڪتاب هڪ سطحي معيار
جو هو ۽ سراسر لائق خبر ڪي هو. سنڌ ۾ اتهاس ڪوج
جون سهولتون جن تان گهٽ هيون، پر جن سان جا
اُچي لڳي، سا ڪٿي ئي وهڻ ڏئي! اُن سمي اهميءَ
۾ ڪنهن سان ڪا خاص واقفيت ڪانه هيم ۽ ڪلڪتو
ته مورڳو اسانجي دائري کان ئي ٻاهر هو. تنهن ڪري
جنهن وٽس سنڌ ۾ موجود اتهاس جي وسيلن جاچڻ
ڪئي. سرڪاري دفتر ۾ جيڪي فائيل ڪڍي ڪنهن
پل کان ٻه ڪين اُٿلايا هئا، تن تي نئون نچوڙ نڪرني، هڪ
مقالو تيار ڪري ورتم: "١٧٩٩ع وارو انگريزن جو سنڌ
۾ ڪارنامو." سنڌ اتهاس منڊل اڳيان اهو اُچي پڙهيم
ته واه واه پئجي ويئي. جنهن ڳالهه کي پنجاب واري
ڪتاب ۾ فقط ستن سٽن ۾ اڪليو ويو هو، اُن تي سڄا
سارا ويهه صفحا ٽائيپ ٿيل بيان ٿيڻ، ڳالهه جي حقيقي
اهميت محسوس ڪري، سڀ حيران ٿي ويا ته ڪراچيءَ
جي ڪنڊ ۾ ويٺي مان ڪيئن هيءَ کوج ڪري سگهيو
هوس! گورا آءِ. سي. ايس عملدار ته مون تان جهڙي
قربان وڃڻ لڳا!! مسٽر ايچ. ٽي. لئمبرڪ منهنجي

زيباور ڪري سگهان. ان ڪري سندس پيءُ مير
مراد علي خان ۽ ٻار مون مان ألبت رنج ٿيا." مونکي
مسٽر اڪمبرڪ ٻڌايو هو ته "نور محمد خان جي تصوير
هٿوڪي مير وٽ آهي، جا مير صاحب جا پوٽا سانڍي سدا
۽ هميشه اڪل رکندا ٿا آچن، پر جيڪڏهن تون ڪين
چوندين، ته منهنجي صدقي اها توکي ڏيکارڻ بر مير
صاحب نه هٽڪندو. مون مير صاحب کي انهيءَ تصوير
ڏيکارڻ لاءِ وات وڌو. پهرين هو ذرا هٻڪيو، پر گوري
جي ناراضگيءَ کان پاڻ بچائڻ خاطر هن اها اسان کي
ڏيکارڻ قبولي. هو اٿي اندر حويليءَ بر ويو ۽ ڪجهه وير
ڪانپوءِ مس موٽيو. سندس هٿن ۾ هڪ سهڻي صندوقڙي
هئي، جا هن آڻي ٽپائيءَ تي رکي. پوءِ ان کي کولي
هن ان منجهان هڪ بخمل ۾ ويڙهيل آلبم جهڙو ڪتاب
ڪڍيو، جنهنجي ڪوراڻ سان اندر هڪ عمدي مڙهيل
تصوير نظر آئي. مير نور محمد خان هر ويرو ڪو بدصورت
ڪين ٿي لڳو، باقي پاڻ مير نصيرخان جي ڀيٽ بر
ڪجهه قدر اي - ر ٽق ارائر هو. مير صاحب آلبم کولي
آسانکي تصوير نه ڏيکاري، پر انهيءَ دم ست ڏيئي
ٿڪڙو آلبم بند ڪري، صندوق حوالي ڪري ڇڏيائين.

مير صاحب کي گهائل مائل ڏسي مون ڪري سائنس
سنڌيءَ ۾ ڳالهايو. منهنجي زبان مان اکر اڪليائي مس
هئا ته ڦرڪو ڦري ويو. مير صاحب جا رخ ۽ مزاج اٿي
بدلجي ويا. مونکي پارسي سمجهي، هن مون سان

وچ ۾ ڳٽيل ڪارن مڇن جو مچو، هلڪي اُڏاري ۾ هڻ هوند جهڙو چهرو لڳي! اهڙي هٿي سندس شوخ شڪل ۽ خدڪيءَ وارو ورڇي اهڙو هوندو هو جو ٻيا گورا عملدار پڻ ڪانئس کان هٽندا هئا!! اُن وقت کيس سنڌ ان پير پاگاري جي هرن جي شرارت جي پاڙ پٽڻ ڪاڻ خاص مارشل لا آفيسر ڪري مقرر ڪيو ويو هو. هر ڪو ڪانئس ٿر ٿر ڪنبي رهيو هو. رهيل ڪهيل مير پڻ سرڪاري شڪ هيٺ اچي چڪا هئا.

لئمبرڪ صاحب چٺي لکي ڏني ۽ چيو، "هو تولاءِ سڀ ڪجهه ڪندا، انهن ڪرڻ لاءِ هو پابند آهن." مان چٺي وٺي دوست هروءَ کي ساڻ ڪري، مير صاحب جي ديري ڏي هليس. پنهنجي اچڻ جو مون کيس اڳواٽ ئي اطلاع ڏنو هو ۽ مير صاحب منهنجي خط جو پڻ خاصو جواب ڏياري موڪليو هو. هن منهنجي آڪهه ڪارڻ مون کي ڪو پارسي عالم ڪري سمجهيو هو ۽ گوري صاحب جي چٺيءَ کي مان ڏيندي، مير صاحب مون سان وڏي ادب آداب سان اچي مليو. هن مون سان هندستانيءَ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو. مون خاص طور مير نورمحمد خان جي صورت ڏسڻ لئي چاهي. ڊاڪٽر جيمس برنس پنهنجي ڪتاب، "سنڌ دربار جي دوري لي" ۾ هڪ هنڌ لکيو هو، "مون وٽ ڪوئي اهڙو علاج يا ڪا جادوءَ جي لڪڙي ڪانه هئي جنهن جي استعمال سان مان هوند نورمحمد جي بدزيبي چهري کي بدلائي

٢٢. ڏاڍو ڏٺوئي پيو!

هندستان - پاڪستان جو ٿيو ته ٻيو نه، ته سرڪاري ملازمن جي لڏ پلاڻ ته ضرور شروع ٿي. ماڻهن جي انهيءَ مٽا سٽا سبب پاڙيسريءَ ڪجهه قدر مٽيا، پر عاقبت اڃا خير ڪا آئي ۽ اسين اڏول وٺا رهياسين. منهنجي سس ته اڳي کان اڳري رهي؛ ڪيس وطن ڇڏڻ جو ويچار اصل ڪين ٿي آيو. هوءَ پنهنجو ڇنو ڇڏڻ لاءِ هرگز تيار نه هئي- چوندي ته سندس جان هتي، سندس اجهو ۽ اٿو هتي. ماڙيءَ ۾ ماڻ ٿيءَ رهندڙن هيون ۽ هيٺين جاءِ جي مسواڙ مان سندن آجيوڪا سٺي پئي نڪرندي هئي. هن حالت ۾ ڪٿي ڪو ڪار لڳي. منهنجي سس ڏسي سڀ ڪجهه ليٽي، پر پورو ٻاهر ڪري نه پئي سگهي. منهنجي سهڙي جي سوڙت جڏهن ڪيس ساڻ وٺي وڃڻ جو ذمو کنيو، ته هوءَ هڪدم تيار ٿي وئي. هوءَ جهونن خيالن جي هئي- انهن، سانڍن ۾ ٿي سونهي! ڪيس ناٺيءَ سان نڪرڻ ۾ خيال ٿي ٿيو. خير، پر جڏهن جاءِ جي نيڪال جو سوال اٿيو ته صفا نابري واري ويٺي. چي، "هن روزگار لڳان هتي ڪيئن ڪٽيندس؟ مونکي ڪارائيندو ڪير؟ اهو ٿي ته منهنجو ڪاراڻو پٽ آهي." مونکي پنهنجي پٽ ڪار هئي ته ڪراچيءَ ۾ ڪيترو عرصو جاڳڻ ٿيندو، سو هميشه لاءِ سس جي ملڪيت سنڀالڻ جي جوابداري مان ڪيئن ٿي پاڻ ٿي

اٽمبرڪ صاحب جي نالي ڪجهه اَدب جو رخ اختيار
ڪيو هو، پر جيئن ئي هن کي پتو پيو ته مان سنڌي
آهيان تيئن ئي مونکي پنهنجي رعيت سمجهي پاڻ
رئيس اٽڪي ويو!! منهنجو ڪم ته پورو ٿي چڪو هو،
تنهن ڪري ڪانئس ڪڙو موڪلائي، مان ۽ منهنجو
دوست هليا آياسين، پر مير صاحب جو نوڪر اَندر
اوسيڙو ڪيندو ئي رهيو ته ڪڏهن ٿو مير صاحب
مزمانن کي سنڌس تيار ڪيل چانهه پيئاري!!

وڃي ٿاهه." مسٽر صديقي سنڌس پاڻيوارڻ جو به حساب ڏيڻو پيو، پر سڀ منو ڪري پوڳيم. آخر پنڌ سڄايا ٿيا ۽ باقي رقم وڃڻ جي نوبت اچي سهڙي، پر اها رقم رجسٽرار اڳيان ٿي ملڻي هئي. مقرر تاريخ کان ٻه چار ڏينهن اڳ، هن پاڻيوارڻ جي ناڻيءَ مون کان طلب ڪئي ته، جنهن صورت ۾ چاءِ هارڻ نيڪال ٿي ڪئي ويئي انهن صورت ۾ سنڌس مس کي ادائي سڀ رپيا، جي هن حوالدار طرف واري چاءِ ڪٽڻ پيٽي منهنجي مس کي ڏنا هئا، سي هاڻي واپس ڪيا وڃن. مون ٽائين ڪرڻ کان صفا ناهري واري چالاڪ ته هوا وارو طرف جو هن هيترا سال ماٺيو هو، سو ادائي سڀ رپيا ته ڪڍهو ڪو چڪتو ٿي چڪا هئا ۽ انهن جي واپس ڪرڻ جو سوال ٿيو ٿي ڪين ٿي. ان ڪري چالاڪي ڪري هو چاءِ جي خريدارن کي گهران ٿاهي آيو ته رجسٽرار جي حضور ۾ سڄي رقم ڪيس ٿي ڏني وڃي. هو ته هئا کي پورڙا، سو ائين ڪرڻ قبولياٿون. پر سنڌس منصوبي تي پاڻي ڦري ويو، ڇو ته سنڌس مس ڪيس رکي، دستاويز تي صحيح ڪرڻ جو حق پنهنجي پاڻ کي ڏيئي ويئي هئي، پر منهنجي مس سنڌس پاران صحيح ڪرڻ جي اختياري مونکي لکي ڏني هئي، جنهن ڪارڻ رجسٽرار ٻڌايا جي سڄي رقم مونکي ٿي ڏياري!! منهنجي مس جي نراڻ جي ناڻيءَ کي انهيءَ تي اختياري ولي واٺي، پر مڙس جو وس ٿي ڪونه هليو،

هوشيار ڪري سگهيس! جڏهن سمجهايو مانس ته جاءِ
سنڀالڻ لاءِ سر جو آهو ته ڪين ڪٽيندس، تڏهن مس
ڪري وڃي مڃيائين.

حقيقت ۾ سچي جاءِ مهندجي سس جي ڪانه هئي؛
لاڳيتو اُتي سندس ڏڪ گهٽ نراڻ جو هو، جنهن ڪري ته
مهندجي سس وانگر پٽ ڪونه هو ۽ اُتي ر ٽيل هئس.
هير، جاءِ جو سود ۾ ليو ۽ ڪل رقم جو ڳچ حصو مليو-
ڪجهه نقدي ۽ ڪجهه چيڪ جي صورت ۾. هوشياري
ڪري چيڪ وارا ڏهه هزار رپيا پائيوارڻ جي نالي ڪنيا
۽ نقدي رقم سس پاران مونکي ڏياريائين. هن نقد پئسا
ان ڪري ڪين ڪنيا جو اهي بئنڪ ۾ جمع ڪرائڻ لاءِ
کڻي ويندي ڦرجي وڃڻ ۽ انهن بسبب سرڪاري
پڇا ڳاڇا جو ڪافي انديشو هو. مان دل ٻڌي سس جا
پئسا بئنڪ ۾ پياري، رسيد وٺي آيس. جلدئي مهندجي
سس پهندجي ڏڪ گهٽ ڏيٺر سان موريءَ روانگي
ڪئي وئي.

پاڪستان سرڪار، جائداد جي وڪري لئي ڳچ
بندشون وڌيون- جائداد بدا نقعي جي وڪڻڻ، انڪم
ٽئڪس سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ، وغيره. سس لاءِ ته
مان سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار هوس- مهندجي ماءُ ٻي!
مهندجي ڪردار جي ماءُ ٻي!! وڃڻو ته هوئي ڪونه.
پر هوُ جو اُتي جائداد واريءَ جو نالي هو، سو ته گهوٽ ٻيءَ
ڪئي ويهي رهيو، چي، "مهندجي سس جا ڪاغذ ته ڪون

ڏانهس نه ڪرڻ. پاڻ ڏهه هزار چيڪ رکڻ شروع ڪم
ورتائين ۽ جونکي فقط ٽڪايا آٺ هزار رپيا ۽ ٻه هزار اڳيان
مليا! انهيءَ حساب سان منهنجا وٽس هزار رپيا نڪرن!
توهان ئي آهيو ٿي ته رقم ڪير ٿو ڦٻائڻ گهري ٿي؟"

هيءَ خبر پئي، فريادي پيرو ٿي ويو، ڇو ته مون
جيڪا نقد رقم ڏياري هئائين سا مونڊيءَ کان مٽي
واري رقم هئي، جنهنجي نڪا رسيد نڪا ڪا ٻي
نابتي. آئي هٿي سگهن ڪي، ڪن ته ڪمائي ويئي. رقم
وصول ڪرڻ ته پري رهي، مونکي هزار رپيا ڏاوڻ ٿي
پيس. مختيارڪار دهلجي، دنگ رهجي ويو. سس
جي پاڻ کي وڃي منٿون ڪيائين. ڏڪ گهڻ سالي جو
واٽ وڌو، ته مون رقم هڪدم ڪڍي ڏنيمانس. هڪ
دعوا اٿن ڏاهو ليٽو ٿي پيو، ڇو ته سپاهين جو فرمود و
آهي: چڪر سان لڙو پڙي!

جيتوڻيڪ عهدي پٽاندڙ هو مختيارڪار هو. مون گهڻوئي سمجهايومانس، پر مڙس مڃي ڇو ٿو! جوش مان چيائين، ”اِهن اَپائي سون لي اوهانکي ڪوه، اَڏڪار ڪرنهي؟ آءٌ اوهان کي ڏسي وٺندس.“ مون وري به ڪيس ٿڌو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اٽڪو ٻڌ چيومانس، ”جي هروڀرو ٿون ناراض ٿو ٿين ته اِهي اَپائي سڀ منهنجي مالت وٽ امانت ٿا رکون؛ هن اِنهن ٻنهي جي آڏڪار بابت جيڪو به فيصلو ڏنو، سو مان سوبڪار ڪندس.“ پر هو ٿو ان ٿيل لاءِ ڏني ڪٿان ٿو! جيتوڻيڪ مونکي جهگڙو جهٽو اصل پسند ڪين ايندو آهي، پر جڏهن هو اِت هٺي پيو، تڏهن مون به ڪيس چوٽ چڙي ڏنو. هن واقف وڪيلن جا در ٻيٽيا، پر دوس ڪنهن ڪونه ڏنس. پوءِ وري هڪ ٻي هوشياريءَ کان ڪم ورتائين - ناراڻ وڪيل کي وڃي دانهن ڏنائين ته فلاڻو منهنجي رقم هڙپ ڪري ويٺو آهي!

هڪ ڏينهن ناراڻ - جو هاڻي گجرات ۾ جج آهي - مونکي رستي ۾ گڏجي ويو. سخت ڏوراپو ڏنائين. ڏٺم ته هن منهنجي سس جي نراڻ جي ناتيءَ مونکي بدنام ڪرڻ لي ئي سنڌرو پڌو هو! انهيءَ لاءِ مان هرگز تيار نه هوس. پر ڪو چاڙهو نه ڏسي ڏاڍو ڏيٺو ئي پيو!! مون مورگو ناراڻ کي ڏوراپو ڏنو، ”ٻاٽي، اِنصاف ٿڌهجا نه ڪين وڃالنا. جيڪي ڪنهن ڪجهه چيئو، سو ڪري ڳنڍ ٻڌو. حقيقت ۾ ٻڌا منهنجا ٻٽسا

ڪاليج روانو ٿي ويس ۽ ڪم پورو ڪري منجھند ڌاري گھر موٽڻ ڪاڻ اچي بس پڪڙيم. بس بندر روڊ وارو چونڪ لتاڙي فريئر روڊ ورتي جڏهن وڏي ڪورٽ جي سنوت ۾ ڊاٻي وٽ اچي بيٺي ته منهنجي نظر ڪنهن طرف کڄجي وئي، جو انهيءَ پاسي دونهين جون لاٽون ۽ ڦڻيت زمين تان اُسري آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا. انهيءَ طرف اڪال پونگي جو گردوارو هو ۽ اوڏانهن دونهون اُٿو گھاٽو هو جو ڏينهن اونداهو ٿي ٿي ڏٺو. منهنجو من هن ڀيڪر نظاري ڏسندي ٿي پنواني ڌاني پنوي ٿي پورٽ ٿي هو، پر پاڻ سنڀالي ورتم. ساري بس ۾ نظر ڊوڙايم ته مڙني پاسينجرن ۾ مونکي فقط هڪ همڌرمي ڏسڻ ۾ آيو ۽ هو به مون طرف ٿي نهاري رهيو هو! پيو ته سڀ خير، دل جي ڌڪ ڌڪ زور وٺي ويئي. شايد اها ٻڌري ٿي وڃي ها جيڪڏهن حقيقت جي پروڙ پوي ها، پر تصديق ڪجي ڪنهن کان؟ تنهن ڪري آڏا اُتا خيال ايندا رهيا تان جو ماڳ اچي پهتس. وڪ وڪوڙي پرهندو اچي گھر وارد ٿيس، پر اندر ڪنهن سان ڪين سليم ۽ گھر جو هينئون دروازو پختي ريت بند ڪري ڇڏيم.

پر ڪلاڪن کن گذرڻ بعد نڪتس چانهه پيئڻ. چئين لڳي چار يار پوسٽ آفيس ۾ گڏ چانهه پيئندا هئاسين — مان، پوسٽ ماستر، جو پنجابي مسلمان هو ۽ ٻه ٻيا پاڙيسري. سڙڪ تي سامت لڳي پيئي هئي ۽ آءٌ گھر

٢٣. اُهو اونداهو ڏينهن

١٥ آگسٽ ١٩٤٧ع تي ڀارت جو ٻٽوارو ٿي گذريو. لڏ پلاڻ ۽ ڪڌهوڪو شروع ٿي ويا هئا. پنهنجا پراوا ٿي ويا، جنهنڪري دل البت سست لڳي ۽ هتان هتان جي خبرن سبب دل ۾ ڦوڪا اچڻ لڳا، جي ڪي قدر سک ڦهائڻ لڳا. تڏهن هوندي به دل ڏاڍي ڪري اسين ڪراچيءَ ۾ ٿي وڃڻا رهياسين. گهر اڪوڙڻ شايد سولو هجي، پر ٻئي ڪنهن هنڌ هلي اهو آڏ جي ۽ اُبي ٽانئيڪو ٿي ويهجي، ڪافي ڪٺن ڪم آهي. دل گهٽو ٿي ڇڪي پيئي ڏٺي ته گاڏي مهراج ۽ نهروءَ جي نزديڪ ٿجي، پر آسان لاءِ آئي ڪي طعام تورو ٿي تيار ڪيا هئا، جي هلي ور ٽاڙيا هئا. تڏهن ڪانسواءِ آسرو اهو ٿي هو ته حيواني جوش آخر پورو ٿي پيندو ۽ جنهن وقت اُن جي جاءِ هوش ورتي ته اسانکي ڪوبه لهر لوڏو ڪونه هو. باقي مال ملڪيت نيڪال ڪري نقد ناڻو هڪيو ڪرڻ ضروري هو. ڪنهن ويل به جي حالتون بگڙي وڃن ته ”ڏنو پٽ ڇڏي جو، ذات جو آسودو“ پهانڊز ڀيڻسوني ڪارگر ٿي ٿي سگهيو- هڙ ۾ ڪي هر پوڻ هوندا هون ته ڪٿب اچي سگهندا هون. آئينده لاءِ ٻيري تياري ضرور ڪئيسون.

نئين سال شروع ٿيڻ سان آڇا ڪارا ڇٽا ظاهر ٿي پيئا. روزمره موافق ڇهين جنوريءَ تي مان صبوح سان

ڪيئن اچي ويندو آهي. نيٺ سڀ لهڻ کان ٿورو اڳ فوجي سپاهي اچي سهڙيا. ڏاڍيءَ جا ٿورا مڃيندي اسان سامهن جو ساهه کنيو. اسانجي لاءِ خبر ڪل اچي، ٻه ٻه اٺ ڏٺ وٺي ويئي ته خبر ناهي ٻين مڙن ماڻهن جو ڪهڙو حال ٿيو هوندو. ان سان گڏ هيءَ اها آنڌ مانڌ ته آخر ٿيو ڇا ۽ ڪيئن!! پر ڪجهه به هڪدم معلوم ڪرڻ ناممڪن هو، جو فوجي قاعدو لاڳو ٿي چڪو هو ۽ ماڻهن جي گهر کان ٻاهر نڪرڻ تي بند بندش وڌي ويئي هئي.

ٻئي ڏينهن صبوح جو فقط ٻه ڪلاڪ ٻاهر نڪرڻ جي مهلت ملي. ٻڌڪڙ ۾ مارڪيٽ مان ڀاڄي ٻڪو وٺي، بازار مان واءُ سواءِ لهي، جهٽ اچي گهر ڀڙا ٿياسين. ماڻهن کي ته جيڪي ٿي آيو سو ٿي ٻوليائون. اهي اٽپٽانگ ڳالهيون ٿي ڪيائون جي هوند وسهڻ ۾ ڪين اچن. انگريزي خاص خبر ته لهي ڪين سگهياسين. فقط ايترو سو معلوم ٿيو تہ ماڻهو خاص طور ڪين ماريا ويا هئا، باقي ڦرمار مڪاني نموني نگر-ٻماني تي ٿيل هئي. هڪ ڏينهن پوءِ ٻاهر نڪرڻ جو وڌيڪ وقت مليو، جڏهن ڪري سڌ سماءُ لهڻ جو چڱو وجهه نصيب ٿيو. ويجهو رهندڙ مڙن ماڻهن مان پتو پيو ته ڀيو ڪو عزيز خاص طور ته ڪين ڦريو هو، باقي راميءَ جو گهر سو ضرور ٻهارجي ويو هو. ڏاڍيءَ جا ٻه اسرار چنبا جو ٻيا سٽيا ستايا گهر اورانگهي، ڦرايائين وري وڃي مدهنجي وڏي ماساٽ جو گهرا ولهاريءَ کي عيال هو وڏو ۽ پئسو ته ٻورو سارو. هن

ساموهون ميدان لتاڙي، سڙڪ اڪري اچي پوسٽ
آفيس ۾ پهتس. هميشه موافق چانهه نوشي ڪئيسين ۽
وارو آيو پٽ شٽ جو. پر اڄ مونکي پاسيرو
ڪري چيو، "ديوان، منهنجي صلاح آهي ته سيگهه
ڪري گهر موٽي وڃ، رهاڻ ٻئي ڪنهن ٽاڻي ڪنداسين."
وڃڻ وقت چيائين، جيڪڏهن در وٽ نالي جي ٽڪي
لڳل هجيئي يا پاڙي ۾ ٻين ڪن هنڌن جون ڦرهيون
ٽنگيل هجن ته اهي ٻئي هڪدم لهرائي ڇڏج ۽ دروازا
پٽ ٻوري ريب ڏئي ڇڏج." مونکي پهريان ته پوسٽ
ماستر جي هدايتن تي اچرج وٺي ويو، پر جهٽ منهنجي
وارو نظارو اکين اڳيان تري آيو ۽ سمجهيم ته اڄ خير
ڪونهي؛ ڦهو اچهو ڪڙڪيو ڪي ڪڙڪيو!

گهر پهچڻ سان پوسٽ ماستر جي چوڻ موجب
پيرانتي ريت اپاءَ اختيار ڪيم. اڃا انهن منجهان واندو ئي
مس ٿيس ته مٿان موٺ جا پڙلاءَ ڪن اچي پوڻ لڳا. هن
ويل ڪا دمشيري ڏيکارڻ ڪاهلي هئي، انهن ڪري
مصيبت ڪي مدهن ڏيڻ لاءِ گهر ٻار سڙي، هڪ هنڌ
ٿي ويهاسين. ٻارن جو ڌيان ڪنهن ٻئي طرف رکڻ
خاطر ٻڌڻ ٻڌن ڪيوسين. اندري ۾ چوطرف اوچتو سناٽو
ڇانئجي ويو، چپ چپات لڳي وئي، چڻ راڪاس
گهمي ويو. اهڙي سانت ٿي وئي جو ڪهڙو به جهيڻو
آواز چٽو ٻڌڻ ۾ ٿي آيو. ٻرڻان ٻاڪرڪڻي جا آواز ٿي
آيا. اهو وقت هو جڏهن آزمودو مليو ته ساه مٺ ۾

انڪري لاچار ٿي جي پاڪستان ۾ رهي پيئي سا سا
غلامي اختيار ڪرڻ کانسواءِ سندس لاءِ ڪو ٻيو چارو ئي
نه رهي. اهڙي حالت ۾ جي. ايم. سيد جو قول سچو
ٿي ٿي سگهيو ته انهن هندن، جن هيٺيون جاوا ڏٺي
ڪا آهن، تنڪان پنهنجي ڪڻو ۽ ڪانئين يوڻ جي ذلت
پري ڌيالي ڪانهي.

بس! هاڻ سنڌ رهڻ جهڙي ڪين رهي. بيعزتي ٿي
حياتيءَ جا ڏينهن ڪاٽڻ کان موت بهتر هو، جو نه مومن
نازل ڪرڻ کان نه ٽري ورلي. ساڳي پارت ۾ بشارت
ڪري مهندي جيون ڏنهن سو جوڙڻ جي آشا هئي.
وطن ڇڏڻ مشڪل هو، پر عزت ۾ خلل اهو ممڪن ڪانهي
ڇڏيو. جيڪي ڏئي ڪرڻ گهر يو سين، سو انهيءَ اوندهي
ڏينهن ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو. پنهنجيون ٻارڙن هڪ
ڏينهن جي رڻ ۾ هي ڇڏيون.

قمار سبب سندس ڪهڙي حالت ٿي هوندي، اهو خيال ڪندي اکين اڳيان آنڌي اچي ويئي. گهڻيئي ڪوشش ڪيم ڪيس ڳنڍڻ جي، پر اهو ممڪن ٿي نه سگهيو، جو پڻم ته ڪيس هڪدم هندستان روانو ڪيو ويو هو. پتو پيم ته جڏهن قمار سندس ڏنڊ چڙهي آيا تڏهن ڪک به نه ڇڏيائونس. هنڌ بسترا به گهلي ويس، پر پراڻي چمڙي به ڪين ڇڏيائونس، نظر جي عينڪ به ڪين ڏنائونس!! دادا رامچند کي پڻ قرب ويو. قمار ويل پاڻ حقو ويٺي چڪيائين. صندل تان اٿاري، پيو ته سپ ڪنيائونس، پر پيرن وارا پراڻا پادر به نه ڇڏيائونس!! قري پينگهو ڪرڻ جي ست سڄل ٿي ڏني. مارپائون فقط انهن کي ٿي، جي سندن ساڄون ٿي ٻيا، جن سان سيڙو ٿي ساهيو! قورن کي هڪ ڳالهه لاءِ داد ضرور ڏيو ته سڀ هڪ صف ۾ ايندا رهيا، ۽ جيڪي ڪين سامهون همت ٿي چڙهيو، سو ڪٽجي، رمندا ٿي رهيا. مفت جي مال تي هڪ ٻئي سان جهگڙو ڪير ٿي ڪيائون ته ڪنهن کي قيمتي مال مليو ۽ ڪنهن کي ڪين جهڙو. انهن کان سواءِ فقط قمار ڪرڻ ۾ سندن هڪ ٻيو پرپوچن به سڌ ئي ليو. قري ڪنگال ڪرڻ سان ماڻهو پنهنجي جڳان ڪان ٿي ويو - ڪنگال هئڻ سبب ڪير به هن جي ويجهو نه ايندو ۽ سندس هندستان وڃڻ به مشڪل ٿي پوندو. ڪو جيڪڏهن مفت جي ٽڪيٽ ٿي اوڏانهن روانو به ڪٽي ليندو ته اتي به سندس جياپو ڏکيو ٿي پوندو.

نيارائڻ ۽ ساڳيو اُتي ئي هو ۽ اڳي وانگر هر شام جو
هواخوريءَ لاءِ جبل جي پٺيان ويندا هئاسين. جبل جي
ٻاهران جبل جي ڏاڪڙ نهاريندڙ جا ٻار جي راند ڪندا
ڏٺا هئاسون- جي هاڻ پنهنجي حق ۾ ڏاڪڙ پڄي
چڪا آهن- سي جبل وڻن لنگهندي هميشه جيان ياد
ايندا هئا. گهڻي ڀاڱي ٻيو سڀ ڪجهه پڻ ساڳيو ئي هو-
بي پيڪ ٽاما رهل (ٽرام) ۽ ساڳي، بسيون ۽ ساڳيون،
گهوڙي گاڏيون ۽ ساڳيون. هڙ علي ٻهادر گاڏيءَ وارو
ٻا سندس پائيو علو جتي ۽ گڏيا هئا ۽ ڏاڍي قرب
۽ فضيلت سان ڪيڪاريندا هئا، ۽ اسين ۽ اسان جون
زالئون ٻنا هرج ۽ حجاب جي، ٻي ڏڙڪ سندن گاڏين
۾ چڙهي ڪم ڪار جهت ۾ اڪلائي ايندا هئاسين. جڏهن
ٿهڻي ڀاڱي سڀ ڪجهه ساڳيو ئي هو ۽ وطن ڇڏڻ جو
ڄڻ سبب ئي ڪين ٿي نظر آيو.

باقي جڏهن ڪي مائٽ وڃڻ کان اڳ موڪلائڻ ايندا
هئا، سي البت دل مايوس ڪندا هئا. ٻر ٻارت ۾ اسان
لاءِ ڪو سيڻو گره نهيو ۽ ڪين رکيو هو! هر ڪا ڳالهه
سوچي ويچاري ڪرڻ ئي سوڻهي. ٻر وقت گذرڻ سان
ڪجهه هراس مڙيوئي من کي ستائڻ لڳو. ڳالهيون ٻيون
ڪدين پونديون هيون- قرمار جون، بدفضيلت جون،
وغيره، وغيره. اهو ته سياوڪ هو. جيڪي ٻهنجو
اڳر لڳو وڃائي آيا هئا، تن ۾ ته وير وروڌ جڻ ٻريو پيو
هو ته! ٻوءِ وجهه ملندي آندر جي جاڻ جڏهن اڳرو روپ

٢٤. وطن جا وڻ ڪيا سڀني پار!

آگسٽ ١٩٤٧ع ۾ جڏهن ديش جو ورهاڱو ٿيو ته اسانکي وطن ڇڏڻ جو ويچار ڪونه هو. برابر ڪراچيءَ ۾ توڙي سنڌ ۾ ڪيترا ٻاهريان ماڻهو اچي رهيا، پر هو ڪي خراب ڪين ٿي لڳا. سندن مهانڊا سي نران هئا، مگر مذهبن انسانيت جو جزو اسان جهڙوئي ٿي نظر آيو. انهن ته پاڙيسري ٿي پيا وقت تي مڏجن، پر وقت پئي اهي اڳين کان به وڌيڪ مدد ثابت ٿيا. تنهن ڪري آدم جي بدل سدل سبب ڪو خاص فير ڪين پيو. ها، اسانجا ڪيترا دوست ۽ عزيز نوڪريءَ جي بهاني ڀارت هليا ويا، جنهن ڪري ڪجهه قدر ملولائي ضرور وٺي ويئي. پر ان ڪارڻ وطن جا وڻ ڇڏڻ جو ويچار من تي اصل ڪين آيو.

هيائيءَ جو ڪاروان اڳي جيان هلندو هليو - دڪاندار ساڳيا، چانهه وارا ايراني ساڳيا، پوسٽ ماسٽر ساڳيو ۽ پوءِ سڪ ڦٽي ڇو! تنهن ڪانسواءِ عزيز خويش ڪي سڀ ٿوروئي لڏي ويا هئا. هروڀرو اڳي وانگر هر روز گڏبو هو. ڪاليج ۾ پاڙهي گڏجي ٻاهر نڪرندا هئاسين ۽ جيڪي ڪجهه رستي تي ملندو هو، سو چرچر ڪندا هئاسين. هو ديو ته ته ساڳيوئي هو. هو اچا ته ٿوري گهٽي ڇوڙ ۽ چرچي تي ڳاڙهو پيلو ٿيندو هو ۽ اسين اهڙو موقعو اچا ٿوٽي ڪڏهن ته هٿن مان ڪين وڃائيندا هئاسين.

جي اسان وٽ ڪتابن جا ڍڳا لڳا پيا هئا، سي ڪيڏانهن ڪيا! مٿو ته ڪنهن مسواڙي جاءِ ۾ وڃي لڪائبو، پر ڪتابن لاءِ جاءِ هٿ ڪرڻ مشڪل هئي. آخر هڪ حل سجهي آيو ۽ اُن مطابق ڪتاب ڪاليج ۾ نيا ويا ۽ في الحال لئبرريءَ جي خالي ڪٻٽن ۾ اهي ڪتب پاسيرو رکيا ويا.

هڪ لڳا ڪنهن ڪتاب جي کوج پيئي، سو ساڳو پٽيوالي کي چئي اهو ڪٻٽ پٽرايم جنهن ۾ اسان وارا ڪتاب سٽ ٿيا رکيا هئا، ۽ پوءِ ويٺس ڪتاب ڳولڻ. مون اُتي گهڻا ڪتاب ويٺي ڳوليو ته ڪنهن نو-وديارٿيءَ مونکي ڏٺو ۽ ورتو. هن مونکي ڪجهه ڪين چيو، مون کان پڇيائين به ڪين ته آخر مان ڇا ۾ رڌل هوس. آک ٽيٽ ڪري هُو هليو ويو ۽ ٿورن ڏينهن ۾ پروفيسر ٽي. ايم. آڏواڻيءَ کي، جو ٿوري وقت لاءِ پرنسپال مقرر ٿيو هو، واردات ٻڌي وٺي آيو. ٽي. ايم. سان مونکي ننڍي هوندي کان سڃاڻندو هو- سندس بنگلو اسانجي بنگلي پٺيان، سڌ پٽ تي ئي ته هو. تنهن ڪانسواءِ هُو منهنجي ڇاڇي جو دوست هو. ٻئي ساڳئي ڪاليج ۾ پڙهيا هئا ۽ لڳ ڀڳ ساڳئي وقت اُتي ئي پروفيسر ٿيا هئا. ٽي. ايم. ڏاڍي پيار مان مون کان پڇيو، "ڇا ويٺو ڪرين؟" مون ٻڌايومانس ته هيءَ اسان جا خانگي ڪتاب هئا جن مان ڪو خاص گهربل ڪتاب ڳولهي رهيو هوس. ٽي. ايم. کي نه اعتبار آيو، پر هن

وٺندي هئي ته ٺهيڪ طور ڪجهه. اتفاق ۾ حادثو ٻڌڻ ۾ ايندو هو.

ائين وقت ڦهامندو رهيو. پر جيئن ئي سياري جا سيءَ شروع ٿيا تيئن نران ٻڙون ٿيڻ لڳا - ڪڏهن مهل به ممڻ مڇي ٿوي. ان ويل سر شايد ٻئي ٿوي، باقي گهر جاءِ تان هٿ ڪٽڻو ئي پوندو، اهڙا آرڪان ڏينهون ٿيو صاف نظر اچڻ لڳا. تنهن ڪري گهر وارو ٻنگلو نيڪال ڪري نقد ناڻو هٿ ڪيو ڪرڻ عقل جو ڪم ڀاسڻ لڳو. ڪڏهن به حالت ۾ جي پيٽو ٿوي، ته پئسي ڪانسواءِ ته ڪير ڪڏهن ڪي پڇڻ وارو ڪين هو! تنهنڪري جن دلالن کي آسان هيلتو ٿي ڪڏ ڏوڻ سان ناڪار ڪري نراس ٿئي ڪيو هو تن جي راهه تڪڻ لڳاسين. آسانجو ٻنگلو هو ڪشادو، ۽ وڏيڪ آڏاوت لاءِ اچا ٿيت ٿيو هو، سو جهجهن گراهڪن جي دل هرڪي هئي، پر آسانکي جو لڏو پوڻ جو وپار ني ڪونه هو، تنهن ڪري دلالن کي موٽائڻو ئي پيو هو. تنهن وچ ۾ وڏا گراهڪ وڏا ٻنگلا ۽ جايون خريد ڪري ٽانئيڪا ئي ويٺا هئا ۽ جيسٽو ٿي آسان ٻنگلي نيڪال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، تيسٽو ٿي سڀيا گراهڪ گهٽا ڏهڪجي ويا. ان ڪري هاڻي دلال آسانکي منهن ٿي ڪين ڏيڻ لڳا! خير نيٺ گراهڪ هٿ آيو ۽ ان سان ڇڻ ڦلن مٿ، ڪوشن ڪهڙن ٿي سودو طيءِ ڪيو ويو.

پيو ته سڀ ٺيڪ ٿيو، باقي سوال اچي اٿيو ته هيءَ

٢٥. احسان ڪيئن وڃائبا

آب مان ۽ ايمان ڪانسواءِ زندگي بي-سُود ۽ بي-معنيٰ آهي. جڏهن پنهنجي ڏيهه ۾ ئي پراوا بڻجي پياسين ته اُتي هڪ گهڙي گهارڻ به مشڪل ٿي پيئي. ان ڪارڻ ئي ته وطن جا وڻ ڪياسين پار. پر پارس جي پنڌ-پوءِ ۾ مٺي مرحبا به ڪين ٿي اُڪلي. پنهنجي سرجوشيءَ ڪانسواءِ ٻيو حيلو ڪونه هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن اُنهيءَ ڪري خنده جا نشان پڻ بڻياسين. مثال طور ڀورئين چوماسي جي نزديڪ اچڻ تي برسات کي منهن ڏيڻ خاطر هرڪنهن ٻيٽ کي پٽي ٻڌي ۽ چٽي، ڪوٽ ۽ رٻڙ جو بُوٽ ضرور خريد ڪيو. جسم جي بچاءَ جو اهو پربند ڪيوسين ته مڪاني ماڻهوُ اَسان تي مسخريون ڪرڻ لڳا - ”ڏسو، وڃو ٿا نرواسي!!“ اهو ٻڌي نظر ٻنيان ورائڻي پوندي هئي ۽ پاڻ کان سوال پڇڻو پوندو هو - پنهنجو ڪير ۽ پرائو ڪير؟ اِهيءَ نسبت ۾ ليوُ ٽائون پوسٽ آفيس جو نظارو هڪدم دل تي تري ايندو هو.

اُهيءَ ڏينهن مان ڪاليج مان اَلبت ڇڙڪو واپس موٽي رهيو هوس ته بس ۾ ياد آيو ته اَميءَ ڪنهن شيءِ آڻڻ جو تاڪيد ڪري ڇڏيو هوم. ڳالهه ته دل تان صفا لهي وئي هيم. پر جڏهن ياد آيم ته بس مان لهي گهر طرف وڃڻ بدران ڳالهي بازار ڏي رخ رکيم. منجهند

شاهه بيگ شاگرد کي خاطري نه ٿي. انهيءَ تي ٽي. ايم. ڪتابن جي هر هڪ پنيءَ مان ڪو ڪتاب ڪڍي کولي ڏنو. مڙني ۾ اسانجي مالڪيءَ جا ثبوت آئيني جيان چٽا پيا ڏنا. ڏينهن هوندي به هو چوڪر به به همت مٽي پيو اڏامي ته هيءَ پاڪستان جي ملڪيت هڙپ ٿي رهي هئي. شاگرد جي هيءَ روش ڏسي، منهنجي دل ڪڇي ويئي! اهو وطن ٿي گهوريو جنهن اسين پاڻ پنهنجا پر اسانجي ملڪيت پرائي!!

مان جو گهر موٽيس ته منهنجا پير ڳري پيا. مامي نهالسنگهه کي چئي جهاز جون ٽڪيٽون ورتيم ۽ جهٽ وطن جا وڻ ڪياسون پار! جنهن انسانيت ٿي نه رهي، اتي رهي ڇا ڪبو. جيئن ئي انگلستاني جهاز منهنجو لنگهي، اوڀهي ۾ اوهڙيو، ته مان پنهنجي فرسٽ ڪلاس جي ڪوٺڙي گديلي تي ڏاڍيڪو ٿي ويٺس ۽ روزاني ”ڊان“ اخبار پڙهيم. اخبار کوليندي منهنجي نظر هڪدم وڃي اٽڪي پيئي- ”پاڪستان کي ڌاڙو، ڪاليج جا ڪتاب غائب..“ سرو پڙهندي ئي اڇاٽڪ عورت کان نڪري ويو: ”هاڻ جيڪا ڪاهڻي اٿو، سا ڀل ڪاهيو!“

ڏاڍي ۽ ڪجهه دير توسط لاءِ چئي، مان پوسٽ آفيس ۾ گهڙي ويس. پوسٽ ماستر واقف هو، سو وڏو ڏوراپو ڏنوماڻس - واهه پوسٽ ماستر واهه! اَڳيون پوسٽ ماستر پڌري نات منهنجي هيڏي پارت ڪري ويو؛ اُنهيءَ جو اُجورو اِهو ته ڏيو جو هوءَ منهنجي ڳونائڻ پيرسن اُس ۾ بيٺي، سڙي، ۽ اُن جو ڪو تدارڪ ڪين ته ڪيو! پوسٽ ماستر دانهن ٻڌي مرڪي ڏنو. چي، ”دوستيءَ ۾ ٻڌائڻ ته گهرو؟ اَوهين ته پئسا وٺي روانا ٿي ويندا، پنڌيان پئسا غلط ماڻهن کي ڏيڻ جي تهمت هيٺ جيڪا اَسان تي پوي ايندي تنهن ۾ ڪير اَسان جو پاڳي پائي ٿيندو؟ هن پيرسن عورت جي صحي صفا ڪين ٿي ملي. مٿان جو صحي ڪري ٿي گرمڪيءَ ۾ ته اَسانکي تپهائين وڏيڪ جهوڙي وٺيو وڃي. هاڻ جيڪا اَوهانجي صلاح.“ پهرين ته مان پڻ منجهي پيهي رهيس، پر جهت ڪيس رپجهائڻ جي رمز سمجهي آيم. چيومانس، ”پــاڻ تي نالو رکايو اَٿــو محمد اَحسان ۽ اَحسان ڪرڻ ڪان ڦرڻ تـا وڃو. هيءَ ويل اَٿـــو خير-ڪنڻ جي، ڦري اَهڙو وجهه مشڪل ملندو.“ ڪلي ڏنائين. ”چڱو پائي، جيڪا تنهنجي مرضي. تون مائيءَ جي صحيءَ جي تصديق ڪر ته اُن جي آڌار تي مان ڪيس هيمٿ ٿي تو پئسا ڏيان“- اِئين چوندي هوُ پنهنجي ڪرسي ڇڏي ٽاڪ ڏرتيءَ جو ٻاهر آيو ۽ مائيءَ کي پئسن ڪيائڻ جو ٿون فارم هٿ ۾ ڏيندي، چيائينس،

جي مهل هئي. لڏهڻ اُن ڪاڻ ٿي آئي- ڪانءَ جي جهڙي اَک ٿي لڳي. پوسٽ آفيس وٽان جو لنگهيس تہ اُتي پيڙ لڳي پئي هئي- ماڻهو ايترا تہ هئا جو اَندر سمائجي نٿي سگهيا ۽ ڪيترائي ٻاهر اُس ۾ اُسرڪي رهيا هئا. اُنهن ٻاهر بيٺل ماڻهن مان هڪ پيرسن عورت جو مهانڊو اَلبت ڏٺل پئي لڳو. چٽائي نهارڻ سان ڪيس سڃاڻڻ ۾ دير ڪين لڳي- هوءَ ڪاڪي سڪرامداس جي گهر واري ئي تہ هئي. ڪاڪو سڪرامداس تہ ڪڏهوڪو سڪتام راهي ٿي ويو هو. سندس گهرڙ ڀاڻي پڻ اَڄ عاجز پئي لڳي- اُس ۾ جهڙي پاهہ پئي ٿي. ڏاڍو ڏک ٿيم تہ هن پيرسن اوسٿا ۾ هوءَ هيئن پنڪي رهي هئي. سو اَڳيان وڌي ويو سانس ۽ پاٻوهہ مان پڇيومانس، ”اَمي، اَوهين ڇو هن مهل هتي بيٺا آهيو؟“ بس پوءِ تہ هوءَ اَڇي پلٽي: ”ٿاڪ ٿي پير پيم جو پوسٽ آفيس ۾ پئسا رکايم. مهنو ڏيهن جو ساڻدهہ هر روز ايندي ٿيو اَٿم، پر جي ڪٽي پئسا پلہ پوڻم.“ ’سو ڇو؟‘ مون پڇيومانس. ”ماڙهن کي صحي صحيح نٿي لڳي. مان ٻہ صحيءَ ۾ سڌارو ڪندي اَچان، پر اَڃا سوڌو ڪاٻہ صحي ڪانہ ٿي لڳي. اَلائجي پئسا نصيب ٿيندا، ڪي مُئا ڪانئي ويندا؟“ اَمڙ جي دانهن ٻڌي پوسٽ آفيس ۾ ٻيهہ جو ڪارڻ جهٽ سمجهي ويس- وڌي پوسٽ مان پئسا ايندا ئي مڃهند ڌاري هئا ۽ هرڪو پنهن ڪڍائڻ جي فڪر ۾ هو. مون مائيءَ کي دلداري

ويا تان جو ديس جو ورهاڱو ٿيو. ڏيهون پوءِ جو حالتون ويئون بدلبيون، ته ليٽ پئسن ڪڍائڻ جي به نوبت اچي سهڙي. پر پئسا وڏي پوسٽ مان ڪڍائي حفاظت سان گهر کڻي اچڻ نهايت ڪٺن ڪم هو. نيوُن ٽائون ٿيو شهر جي ٻئين ڇيڙي تي، وڏي پوسٽ رهي ميل پري، ۽ وچ واري اراضي پناهگيرن سان سٿي پيئي هئي. انهن جي ٽاڪائو اکين کان موريءَ بچائي نيئي اچڻ جانبازيءَ جو ڪم هو. دماغ ڊوڙائڻ بعد وات سجهي آئي. نيوُ ٽائون پوسٽ ماستر کي وڃي وات وڌم ته منهنجي رقم موڪلي سٽي پوسٽ مان نيوُ ٽائون پوسٽ ۾ گهرائي ڏي. ساڻس جا ياراڻي هئي، سو هڪدم 'ها' ڪيائين ۽ درخواست هڪدم ڏياري موڪليائين.

پر درخواست جي جواب ۾ اڪو ڦوٽ نڪو ٻوڏ! انهيءَ تي پوسٽ ماستر موڪلي صلاح ڏني ته ڪاليج مان موٽڻ مهل مان وڏي پوسٽ ۾ واسطيدار ڪلارڪ سان وڃي ملان ۽ ڪيس ڪجهه "ها، ها" ڪريان ته ڪم جو اُڪلاءُ جلد ٿي ويندو. مان ڀلا لاچارو، سو صلاح کي عمل ۾ آڻڻ آتڙيم نه پيو. وقت وهو ٿي فضول ويندو، سو آخر هڪ ڏينهن دل ٻڌي لنگهي ويس سٽي پوسٽ ۾. واسطيدار ڪلارڪ هڪ هندوُ ئي هو. ڏوم-ڀائي ڏسي اڌ ۾ ساهه پيم. پڇيومانس ته درخواست

”ٽڪيءَ کي حاضر ناظر ڄاڻي، صحي ڪر ته جهٽ رقم ڏيانءِ.“ مائيءَ جا پنج هزار ڪن پاس بوڪ ۾ هئا. ڏاڍو زور ڪيومانس ته سڄي رقم ڪڍائي وٺ، ته ته هٿ هيٺ هجنئي؛ مگر مائيءَ نه مڃيو. چيو، ”ٻه هزار ڪافي ٿيندا. پُٽن کي ڪٿان سٽس پئجي ويئي ته ڪوڙي کين ڇڏيندم. ٻن هزارن ۾ بمبئيءَ تائين ٽڪي هلندا. باقي پئسا اتي هلي وٺندس.“ تنهنجي صحي هئي ئي ڪاڻ ٿي ملي ته اتي وري ڪهڙي هلنديءَ!“ ”ڪوشش ڪندس، پوءِ ٻه ڪٽيم نصيب.“ پوسٽ ماسٽر واهه جو ڀال ڀلايو. اُنهيءَ ويل پئسا پيرسن عورت کي کڻي ڏنائين، جي هوءَ چشمن ۾ رکي، ڪيس دعائون ۽ آسيسون ڪندي گهر روانِي ٿي ويئي.

پر جڏهن مونکي پوسٽ مان پئسا ڪڍائڻا هئا ته جن کي پنهنجو سڏبو هو، سي ئي اڌ ٻڌجي بيٺا ۽ بيڪ ڪڍي ويئون. ڏاڏو صاحب جو نوڪريءَ سانگي سيوهڻ ڇڏي، گهر ٻار سوڌو اچي ڪراچيءَ رهيو هو، ۽ پنهنجي موچاري موري محفوظ رکڻ ڪاڻ هن ڪراچيءَ جي وڏي پوسٽ ۾ کاتو کوليو هو. ائين انهن کي پيو ته ته اڌ صدي سالن جي ته ٿي هئي. وقت پوندي گهر جي جاءِ ڪاري ڊر ڪان گاڏي ڪاٽي ۽ آخر ليو ڏانون جي ڪليل اپراڌيءَ ۾ ڇوله وجهي ڇيهه ڪيو، ته ٻه پئسا ساڳي پوسٽ آفيس ۾ رهيا ۽ وڌندا وڃهندا

جو ڇپيو هوندو. اُوهان جا ڪاغذ موڪلي ڏنا اٿم.
هاڻي نيوُ ٽائون پوسٽ ماسٽر کان پڇا ڪريو." نيوُ ٽائون
واري مونکي چٺي ڇڏيو هو ته. جنهن ڏينهن وڏي
پوسٽ وارو ڪلارڪ چوي ته مون ڪاغذ نيڪال ڪري
موڪليا آهن ته اُوهين سڌا مون وٽ اَچجو ته مان
اُوهانکي هڪدم پئسا ڏيندس. سو مان ڪلارڪ جي
مڪاروند مان دل گهريا وچن سڻي، سڌو بس ۾ چڙهي
نيوُ ٽائون پوسٽ آفيس ۾ اَچي سهڙيس. پوسٽ ماسٽر
مونکي ڏسي مشڪيو، ۽ وهڻ لاءِ سندس سامهون پيل
ڪرسيءَ طرف اِشارو ڪيو. ويهڻ مس ته چوڻ لڳو،
"مونکي ٻڏائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو ڪيئن؟"
مون سندس مطلب ڪين سمجهيو. اَبوجهائيءَ مان
پڇيومانس، "سو وري ڪيئن؟" ته ورنديءَ ۾ چيائين
"هاڻي شايد جعلسازيءَ تي سندرو ٻڌو ٿو ڏسجيو!"
منهنجا ته ماشائي ٽٽي ويا. آخر هو ڇا! ڪجهه رولو
هو ضرور، پر اَهڙي ڪا نازڪ ڳالهه ڪانه ٿي ڏٺي،
جو ته پوسٽ ماسٽر مرڪي رهيو هو!! اِلڪري ڪجهه
ڏيو آيم، پر اَندر جي آنڌ مانڌ صفا ڪين لٿي. سو
حقيقت ڄاڻڻ لاءِ ڪي قدر اُتاولو ٿيندي پوسٽ ماسٽر
کي چيم، "اَج پرولين ڇو پيا ٻوليو؟ سڌي ڳالهه ڇو
ڪين ٿا ڪريو؟" گنڀير ٿيندي هڪدم ڦهڪائي ڏنائين،
"سچ سڻڻ لاءِ تيار آهيو؟" هاڻي مس دماغ ۾ ويٺم
ته هن هندوءُ پائيءَ ٽي داڻيون پاليون ٿي ڏنيون! اَلبت

جي نيڪال ۾ اهڙي اڙنگهه جو ٿي رهي آهي ته روڪ ٽوڪ جي ڏنائين، ”مان به هڪ ڇڙوئي نه آهيان. اُتاهه ڪم لڳو پيو آهي ۽ اُڃا به وڃي ٿو سست ٿيندو. جوکم ۽ جوابداريءَ جو ڪم آهي. ڪنهن کي پڇجي، ڪنهن کي پڇان!“ پر رعب سان جو انگريزيءَ ۾ لس ڳالهائي ويو سائس ته ڪم ڪرڻ کان صفا نابري سا ڪاله واريائين، پر زيارتون ڪرائي، حيران ڪري ڇڏيائين. لال جي پر جو آهيان، پر قلندر لال شهباز سوال اُگهائڻ ۾ اهڙي ويرم ڪڏهن ڪين ورتي جيڏي هن هندو منشيءَ هوڏ ٻڌي هئي. ٽئين پير جي روز زيارت ڪندي به ڪم نه اُڪليو. ڏٽيءَ جي ٽالي مان جڏهن نه وريو، تڏهن تاب ۽ داب کان ئي ڪم ونتو پيو. هڪ ڏينهن خفي ٿي چيومانس ته منهنجي درخواست اَڄ ٽتو نيڪال ڪرين ته، آءٌ تنهنجي ٻالا عملدار کي ٿو وڃي ڏسان، پوءِ جيڪي ٿي گذري، تنهن لاءِ مولٽي مهار نه رکج، مولکي ڏوهه نه ڏج. اهو ڪرستان انسپيڪٽر منهنجو واقف آهي. هاڻ مس ڪري سندس دماغ جي پردي اندر لرزش چالو ٿي ۽ يقين ڏياريائينم، ”اَڄ ئي ٿو اوهانجي درخواست نيڪال ڪريان.“

ٻڪ ڪرڻ لاءِ ٻئي ڏينهن پڻ ڪهي ويو سائس. هڪدم منهن مٺي ڪندي مرڪندي چيائينم، ”ڪالهه

٢٦. نوڪريءَ جي تلاش ۾

بمبئيءَ ۾ خيرن سان پهتاسين. مهنو ماس ملند ڪئمپ ۾ ٽاٽا جون هوائون کاڌيوسين، پر آميءَ کي بمبئي پسند ڪين پيئي، ڇو ته ڪان پولي (هاٽوڪي پٽي) ۾ انجنيري پڙهندو هو. سو مهانگي موٽر-گراج ۾ ٻي هڪ اَڌ ڪوٺي ۽ ٻيون گهر جي ڏاتو جون سهولتون هٿ ڪري، پولي ۾ وڃي ٽالٽيڪا تي ويٺاسين. پوءِ اَچي آجيوڪا جي آترو پلا ورايو. اَسان لاءِ نوڪريون سيڙيون نه ڪين رکيون هيون. وري جو زور ٻار هلائڻ جو ٻه حيلو جو گهٽ هو، سو هڻ پڇاڙ ۾ ٻڪ ٻوڙ جوڻي آسرو وڃي ٻچيو. توڪل جو ٽرهو ٻڌي نڪتس نوڪريءَ جي تلاش ۾. ٻارن کي مؤرويءَ ۾ ناناڻي ڇڏي، مان دهليءَ اڪري ويس. اُتي رهڻ ڪرڻ جي ته ٽرماٽر ٻه تڪليف ڪانه ٿي، ڇو جو دهليءَ ۾ ته مت مائٽ ايڏا ته وڃي گڏ ٿيا هئا جو رڳو هڪ ٻه ڏينهن هر هڪ وٽ رهندي ٻه مهنا اڪري وڃن ها. پر منهنجي ڏاتو جي نوڪري ڪا لکمٽي رلي ڪين پئي، جنهن تي فقط منهنجي هٿ رکڻ جي دير هئي. پروفيسريءَ جي پد ماڻڻ ڪان پوءِ ڪنهن رواجي نوڪريءَ ۾ ته منهنجي اَڪ ٻڌڻ واري ڪانه هئي؛ تنهن ڪري لائق مرتبي لاءِ مڙيوئي اوسيڙو ڪيڏو پيو.

پر خاص گهڻو عرصو انتظار ڪرڻ جي غرض ڪانه

گهٻرائجي ويس. پر پوسٽ ماسٽر ورائي ۽ مرڪندي چيو، "وڏي پوسٽ واري ڪلارڪ لکيو آهي، 'صحيون ڪٻن ٽيون ملن، پڪي سٽامپ لئي پئسا ڏيئي سگهو ٿا." مان ته ڍهلجي ويس. هڪ جي صحيءَ ۾ ڪو فير هجي ته ٿي سگهي ٿو، هت ته ڪوريءَ کي ٿي گهرو هو! پنجن ئي جون صحيون فربل!! هيءَ ته ڏني واڻي لپائي هئي، سا ب ڌرم پانيءَ جي! منهنجي مٺهن جو پنو لهندو ڏسي پوسٽ ماسٽر ٽهڪ ڏنو. انهيءَ تي ڏوراپي طور چيومانس، "مروان موت، ملوڪان شڪار!" جو ته پڪ هيم ته هن ڪمهل کير پنجاهه هزار رپيا پنهنجي سٽامپ ۽ جوابداريءَ تي ڪڍي ڏيندو!! پر مان پلپيل ثابت ٿيس. جڏن ئي وڏي پوسٽ مان پئسن جي ٿيلهي آئي ته پوسٽ ماسٽر پهرين پنجاهه هزار موڪلي ڪڍي ڏنا ۽ باقي رقم صف ۾ بيٺلن کي حصي-رسيءَ پٽالڊ ڦالنڊ ڪري ڏني. هيءَ احسان ڪيئن وسرندو!!

شڪرالا ۾ مڇيا، پر سملي وڃي ڪيڏا! ألي نه ڪو ٻئي
شهر واقف نه هوم ٿي ڪوله! مان ۾ جو هوس شرم- حضور،
سو بنا سياٽپ جي ڪنهن سان ڳالهائڻ اڪيم ڇو ٿو!!
فقط سملي جي هوا ڪائي اچڻ جو نه سموئي ڪوله هو.
سو اچي الجهڻ ۾ پيس نه هاڻي ڇا ڪريان! پيو ڪو
چاڙهو نه ڏسي، اڄ لاهڻ جو اچا وڃار ڪيم نه پولي
مان خط اچي سهڙيو: "پروفيسر ٽي. ايم. آڏواڻي
بمبئيءَ ۾ ڪاليج ٿو کولي. الهاس وياڳـــ، ۾ هوءَ ٿوڪي
رکڻ لاءِ تيار آهي. ٿوڪي جي پيو ٻهتر آسرو هجي نه واهه،
ڏ نه فورن هليو اچ. ٿوڪري ٿو لاءِ تيار رکي آهي."
تنديو الهيءَ ڪي ڇنبو آهي. مان سملي جو آسرو پلي،
بمبئيءَ جي ٽڪيٽ وٺي هليو آيس، جتن وڃين جون
تي ٿوڪريءَ تي چڙهي سگهان.

١٩ جون پولي ٥٠ان گاڏيءَ ۾ سوار ٿيس. فرسٽ
ڪلاس ۾ ڏاڍيڪو ٿي مس ويٺس نه سامهون ٻهڻجي
پولسيمال ڪي پاڻ طرف ايندو ڏٺم. منهنجي لڳا ٻئي
جايون خالي هيون، سو مان باادب اٿي بيٺس ۽ ڪيس
پنهنجي پاسي ۾ وهڻ لاءِ آڇ ڪيم. هوءَ ۾ ڪو ڳولا ۾ هو
نه اهڙو ماڻهوءَ ملي وڃيم، جنهن سان هولڊ 'آلڊر جا
اڏما' اوريان. سو سامان سنڀالرائي رکائي، هوءَ اچي
منهنجي پر ۾ ويٺو. گاڏي چُني نه هڪ ٻئي کان حال
احوال ڏيڻ وٺڻ شروع ڪيوسين. ڪاليج جي ڏينهن

ٽي. فوجي ڪاٽي وارن کي پارٽي فوجي اِتهاس لکڻ
ڪاڻ ڪي ودوان گهربل هئا. اِنهيءَ نسبت اَخبار ۾
اشتهار پڙهي خوش ٿيس ۽ بنا ويرم وڃائڻ جي درخواست
وڌم. اِنهيءَ نوڪري ملڻ جو آسرو پڻ چڱو ٿي نظر
آيو، جو اُنهن ڄاڻن پڙهڻ لاءِ ڪن ماڻهن سان ڪجهه
ڏيٺ ويٺ هيم. سنڌيءَ واري ڪنهن چيو آهي،
"بيڪار کان بيگر ڀلي." بنا ڪرت ڪار جي پير ٿي
جڙ ٽپي پيا هئم. سو جٿن ٿي سمجهيم ته درخواستون
لکوائجي واسطيدار عملدارن وٽ ڀيجي ڇڏيون هونديون،
تنهن ٿي لنگهي ويس واقفڪار عملدار وٽ. هن جي
روش ۽ همدرديءَ مان پڪي ورتم ته نوڪري ملي ڪي
ملي. گهڻيءَ وڃائي، هن پنهنجي سپرنٽنڊنٽ کي پاڻ
وٽ سڏايو. پر هن ته پٽ ۾ ڪير وارو قصو ڪري
وڌو. چي، فوجي ڪاٽي وارن اَڃا ڪو پڪو فيصلو
ڪونه ڪيو آهي ته اِهي ڄاڻون هڪدم پرائون وڃن،
يا ڪجهه عرصو ترسي! عجب ڪاڻڻ اڳيس ته پوءِ فضول
اشتهار وجهائي، ڇو خواه مخواه ماڻهن جو من لڀايو
ويو هو!! سپرنٽنڊنٽ کي ته صاحب جهٽ واپس روانو
ڪيو، پر هن مولڪي صلاح ڏني، "تون جي سملي
چڙهي وينداين ته ماڻهو سر مٿان آيل ڏسي، هُو منهن
موڙي نه سگهندا. ڪم اِئين ٿيهه پنهه راس ٿي ويندو."
صاحب صلاح ته ٺيڪ ڏني، جنهن لاءِ مون سندس

ڏٺو. شاگرد هڪ دفعو سو اُسانکي ڳالهائيندو ڏسي ۽ ٻڌن سهين، پوءِ ڏسجو ته ڪيئن نه داخلا لاءِ ڪٺڪ کاهي ٿا اُچن ۽ ڪاليج ڪيٽري ۾ ٿو ڀرجي وڃي."

"مولڪي ته، اَهڙا اَرڪان نظر نٿا اَچن. هتي جا ماڻهو اَسانکي هڪ بوجو ڪري ٿا سمجهن. اَسين پنهنجي پيرن تي بيهڻ ٿا چاهيون، پر هوُ اَسانکان ٿهندا وٺن."

"سائين، اِهو سندن اَجايو ويچار آهي ته، اَسين سندن واسطه مان لقمو لمائي ويندا سين. صبر ۽ سنتوش سان سڀ سٺائي ٿي پوندي."

"اِها ته ٿي فيسلوفي. ڪاليج سياڻي ڪلندا. جن کي ڪاليج پڙهڻو هوندو، تن هيلتوڻي داخلا وٺي ڇڏي هوندي. هن کان پوءِ ڪهڙا شاگرد پيدا ٿيندا، جي اَسانجي ڪاليج ۾ اَچي داخلا وٺندا!"

"سائين، معاف ڪجو. هيءَ آهي مهني جي پڇاڙي. ڪيترا اَهڙا شاگرد پڻ هوندا جي پهرين تاريخ ۾ اَکيون وجهيو ويٺا هوندا. اِهيءَ وچ ۾ ڏهه ڏينهن هوُ وٺندا ڪاليج پينتيندا. جنهن ويل هتي اَسانجا ٿٽا ٿت ليڪچر ٻڌا، تنهن مهل ٻين ڪاليجن ڏي هوُ اَک کڻي نهارين ڇو ٿا! اَسانجا پروفيسر، ليڪچر جا پنجيتاليهه منٽ ئي ڳالهائڻ تي هريل آهن؛ هوُ ليڪچر پورو ڪرڻ ۾ پنج منٽ وڌيڪ ئي لڳائيندا. تنهن ڪانسواءِ اَسانکي جي هتي منزل کوڙٽي آهي ته، اَسانجن پروفيسرن کي

۾ مان ونس انگريزي پڙهيو هوس. سندس پاڙهڻ جي ڍن ۽ فلڪ مون تي گهرو اثر ڪيو هو. پوءِ جڏهن پروفيسر پٽيس لاڏهن هن منهنجو عهدو آڄ پاڻ ڪيو- ”توهان هاڻي ٿيئين اَسانجو ليڊر و همڪار. شاگرد اُستاد جو اُستاد بڻجي، اِها اُستاد لاءِ خوشيءَ ۽ فخر جي ڳالهه ڇَٽِبي.“ اَٺ سال جڻ ڪنوڻ ڪٽي ويئي ۽ ٽپڙ سوڙي، اَچي بمبئيءَ وارد ٿياسين. هاڻ هوءَ صاحب منهنجو پرنسپال ۽ اَن-داتا بڻيو. اِها ڳالهه سندس دل ونان هئي. هوءَ اُنهيءَ جو ٿي خواهان هو ته ٻيا ڪيس پنهنجو پرورش-ڪندڙ ڪري ليکين. هن کي پڻ بمبئيءَ ۾ ڪا جاءِ ڪانه ملي هئي، سو اَسان جيان گهر ٻار ٻولي ۾ ٿي ٽانئيڪو ڪيو هئائين. مونکي اِها خبر اَڳي ڪانه هئي. خير.

ڳالهين ڪندي لٿين ڪاليج جو ذڪر لڳو. هوءَ هڪدم گنڀير ٿي ويو. زبان مان اَکر جڻ اَڪلاس ته پيا- حقيقت پڌائڻ ڪان جڻ هٻڪيو پئي. مان ڳالهه سمجهي ويس. چيومانس، ”سائين، بمبئي وارن لاءِ اَسين ته لوان، اَسانجو ڪاليج پڻ لٿون. سياوڪ داخلائون ڏيو سان ۽ ساهي سياهي ٿيندو نون.“ منهنجي همدرداڻي لوح ڪيس گهربل ڏيو ڏنو، جنهن ڪري ڪجهه چليو، ”اَچا ته اَٻائي سؤ شاگرد به داخل ڪين ٿيا آهن، اِنڪري اُلڪو ٿي بيٺو اَٿم. ڏسجي.“

”سائين سڀ چڱي ڪندو. ڪاليج سياڻي ڪلڻ

٢٧. چناپيڊي

فلم جڳت جو نامِيرو ستارو سنيل دت مون وٽ ئي پڙهي ويو آهي. بي. اي. ۾ هن خاص آئيپاس لاءِ انهاس ئي چونڊيو هو. اُن سال اسان وٽ انهاس اسپيشل ۾ شاگردن جو عدد هونئن ڪان سوس هو. هِن جو نه فقط انهاس جي آئيپاس ۾ اُتساهه هو، پر هُو نُ سڻ ڪرڻ ۾ پڻ اڳين سالن جي شاگردن کان وڌيڪ وٺندڙ هئا. سنيل دت سچ پچ ته بلراج دت هو - ٻ گهڙو، ڪڙيل منهن ۽ ڪليل رنگ وارو. هُو ساڌارڻ شاگرد هو. هونڏانهن وڏي رڪي وڏيو هئي، هر ڳالهه ۾ موچاري - آڪهه ۾، پٽسي ۾، ويس وڳي ۾، رانگ روش ۾؛ وڏي ڳالهه نه پڙهڻ ڳڙهڻ ۾ پڻ سيني کان اڳري - هرڪو پيو ڏانهنس نهاريندو هو. پيا ٻه ڪيترا وٺندڙ وديارٿي هئا- سروج، ڪيول، ڪندا، راج، سندر، ڪان، ڪندن، راجو، وغيره، وغيره.

وقت گذرندي ويرم ڪانه ٿي لڳي. سال اُئين لنگهي ويو جو لک ئي ڪانه پيئي. پرلمنري امتحان پڻ ٿي ويو. وديارٿين کي مارڪون مليون. مان جڏهن پروفيسرن جي ڪمري مان ٿي نڪتس تڏهن منهن ۾ نهه نهه ڪندڙ ليڪچرن جو جهڳڙ لڳو. سڀ انهاس اسپيشل جون ڇوڪريون هيون. پڇيو مان، ’آخر ڳالهه ڇا آهي جو اهڙو خوش ٿيندي نظر اچو؟‘ جواب مليو: ”پرلم

جانفشاني ڪرڻي پوندي. هتي جي پروفيسرن کان گهڻو نہ ڪٽڻ نہ ڇڏجو. هوُ جنسي جل ڦڻاڪا لڳا پيا آهن، پوءِ بہ اسان لاءِ ڏياري نہ ٿيندي!"

صاحب جي منهن ۾ پاڻي اچي ويو. سندس چهري تي مرڪ ڇانئجي وئي. چيائين، "تنهنجي وات ۾ گلاب. تون نہ چئين تہ بہ اسانجي ڪاليج ۾ پهرئين ڏوم ۾ ئي هزار کان متي شاگرد داخل ٿي ويندا؛ مان چوان ٿو تہ جي فقط پنج سؤ ئي داخل ٿيا تہ اوهانکي مهانگائي الاونس پڻ ڏيندس."

ايتري ۾ بمبئي اچي وئي؛ اسان هڪ ٻئي کان موڪلائي، پنهنجي پنهنجي ماڳ ڏانهن وک وڌائي. منهنجي اڳڪٿي سچي ثابت ٿي. پرنسپال صاحب پڻ پنهنجو قول پاڙيو. اڄ جنهن هند ڪاليج سان ڪير ڪلهو هڻي سگهندو!!

”ڪٿي هيٺ مٿي ٿي ويو هوندو“- ڪندا چيو. ’پر جي اهو پيپر مون وٽ جاچڻ لاءِ ايندو ته هن کي مارڪون سنيون ملنديون، هوءَ ٿي پهرئون نمبر ايندي، ڇو ته هوءَ اوهان کان وڌيڪ هوشيار آهي.‘ انهيءَ تي سروج ٻڙڪو ڪاڻي اُٿي- ”ته مان اهو پيپر گم ڪرائي ڇڏيندس، اهو اوهان تائين هرگز پهچڻ نه ڏيندس!!“

خير. انهيءَ ڳالهه کي گذرڻي مهنو ڪن ٿي ويو. هڪ ڏينهن مان ويس ڪاڪي چيتنرام کي ڪسمس ڪوارٽرس ۾ گڏجڻ، جو هن مولکي اهڙو ليابو موڪليو هو. ڪاڪي سان ڳالهيون ڪندي هن چيو، ”ٻاڙي ۾ هڪ ڪڪي رهندي آهي، سا اسان وٽ ٽيهن ڏينهن آئي هئي ۽ جڏهن پڙهائين ته تون اسان وٽ اچڻو آهين ته چيائين ته ’پروفيسر صاحب اوهان وٽ اچي ته مولکي ماڻهو موڪليندا؟ مولکي ڪالڇس ڪجهه پڇڻو آهي‘. سو جي چئين ته ڪيس ماڻهو موڪليون!“ مولکي ان تي ڪهڙو اعتراض ٿي ٿي سگهيو. امتحان جي مند هئي- جهڙو ڪاڪي جي پوٽن کي ڪجهه سمجهائڻو هو، اهڙو هن کي پڻ ڪري سمجهائيندس؛ ان ڪري لڳن ۾ لهي ٽوروڻي ويندس، مون سوچيو. ماڻهو ويو ۽ جهٽ ليڪو اچي سهڙي. اڙي، پر هيءَ ته رڪي هئي! مولکي ڪل ڪاله هئي ته رڪي ئي- ڪا اُهي

جون مارڪون مليون آٿون؛ اهي ڏسي گڏ گڏ ٿيون آهيون.” الهيءَ تي چيومان: 'اَجايون ۽ اَجهاڳـ، مارڪون مليون اٿو ڇا، جو هيئن نينگ ٽپا پيئيون ڏيو؟' ورنديءَ ۾ ڪيول چيو، ”آهيو ته انهين مارڪون سٺيون ڏيڻ وارا، جو اِڏيون مارڪون مليون هونديون! شينهن جي ڪن مان پشو ڇڏائڻ، اوهان وٽان مارڪن هٿ ڪرڻ کان وڌيڪ آسان آهي!!” 'نه پوءِ هيئن ڪپڙن ڇو ڪين ٿيون مايو؟' مون چيو. اتي سروج بالهورو هٽندي چيو، ”سر، هيل مان ٿي اِتهاس ۾ پهريون نمبر بيٺي آهيان. سيٺي ڪي الهيءَ تي اَچرج وٺي ويو آهي. پر تنهن هوندي به سڀ خوش آهيون.” 'ڪير به پهريون نمبر بيهي سگهي ٿو؛ اها ڪا ڪنهن هڪ جي ميراث ٿوري آهي!'- مون ورندي ڏني. سروج چلندي چيو، ”هميشه رکيءَ ڪي ئي ته پهريون نمبر ڏيندا آهيو.” 'اها ته اَجائي ڳالهه ٿي ڪرين. ششماهي امتحان ۾ راج ڪين پهريون نمبر بيٺي هئي؛ اهو ڪيئن ٿيو؟' مون چيو. پر سروج ڪي سالت نه آئي. چوڻ لڳي، ”اهو شايد پل ڪان ٿي ويو هوندو!”- ايرڪا جي آڳ سروج جي اکين ۾ پڙهي رهي هئي. اتي مونکي ڪجهه ياد آيو، سو پڇيومان، 'رکي امتحان ۾ ڪاله وٺي هئي ڇا؟' راج ورائيو، ”وٺي نه هئي.” 'پر سندس پيپر جاچڻ لاءِ مون وٽ نه ڪوله آيو هو.'

آسمان سان ٻيا ڳالهيون ڪن، ۽ سڀ ڪو وري اهڙا سڀ
آهن جو سندن ٿو جي گولائيءَ اندر مون جهڙا ڪيترا
ماڻهو هوندا ماٺي وڃن - ڊيو-ڊيهه لڳا پيا آهن. سو
مون جڏهن وک کڻي پهريون وڻ پار ٽي ڪيو ته اچانڪ
اَزغيبي آواز ٿيو- "سر!" مونکان سچ پچ ڇرڪ نڪري
ويو. ڇيم اَلائي ڪير ڪڏ پيو اٿم. پر نه. جڏهن پاڻ
سنڀاليم تڏهن رکي، جا اُن وڻ پٺيان بيٺي هئي، سا
ٻاهر نڪري آئي. چيائين، "معاف ڪجو، مونکي
ڪجهه اَڪيلو اُوهانکي ڇوڙو هو، تنهنڪري ئي هيڏن
اُوهانجو ڌيان اُچي ڇڪيو اٿم." 'ڇو، ڳالهه ڇاهي؟'
مون چيو. "هن سوچ نه منهنجيون مٽيون ئي منجهائي
ڇڏيون آهن. وري ٿي هرهنڌ مونکي بدنام ڪندي-
جي پروفيسر ڪيس گهٽو گهرندو آهي، تنهن ڪري ئي
گهٽيون مارڪون ڏيندو اٿس. يونيورسٽي امتحان ۾
پاٽيهي پتو پئجي ويندو. مونکي نه ڪجهه سمجهه پئي
ڪين ٿو اچي. پڙهڻ تي جڻ دل ئي ڪين ٿي ورمم.
اُوهين ڇا ٿا سمجهو؟" رکيءَ جي ڳالهه ٻڌي منهنجا
ته واجهت ئي وڃي وڃا. پر ڌيرج ڪري ڪجهه سوچيم،
تڏهن ڪٻاٽ ڪليا- مار! ايڏي ابرڪا!! پر ان ڪري
هئڙو هوشيار پار هيڏن دل صفا لاهي وهي، سو به ڪڏهن
ٻئي جي پاراٽيءَ سبب. مان ڳالهه پاڻپي وپس ۽ رکيءَ
کي سربستيءَ ريت ڳالهه سمجهايم- "رکي ٻڌ. ڳالهه

رهندي هئي. پروفيسرن جو گهڻو ڪم جو جاچ رکڻ ۽ سندن گهڻا شاگرد ڪٽي ٿا رهن. خير.

رڪيءَ کان پڇيم، "ڪر خبر". چيائين، "بي اي ۾ سنڌيءَ ۾ اوهان جو ڪتاب 'تاريخي مضمون' رکيل آهي، سو چيم ته اوهان کان ئي ڪٿي پڇنديس ته اُن تي امتحان ۾ گهڻو سوال اچي ٿو سگهي. ڀلا هرهڪ ڪتاب تي سوال ملي ٿو هڪڙو، سو اُن لاءِ ڪهڙو اَڀياس ڪري، ڪيترو ڪجي!" اِهيءَ تي مون چيومانس "اِهو ته آسان آهي، پر مان ٿورو ئي اَوهان جو پيپر ڪيندس! منهنجي ڪتاب ۾ اِتهاسڪ جس به آهي ۽ ساهتڪ رس پڻ، ان ڪري ئي هڪ اِتهاسڪ ڪتاب ساهتڪ اَڀياس لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. سو جي تو ڪتاب جا اِهي گڻ ۽ خوبيون جهٽي ورتا ته ڀل ته امتحان ۾ سوال ڪيئن به اَچي ته به تون اُنجو جواب سٺو ڏيئي سگهندينءَ." پوءِ ڪتاب مان ڪي مثال ڪڍي ڪيس جهٽ ۾ ڳالهه سمجهائي ورتيم ۽ هوءَ جلد موڪلائي، هلي وئي.

مان پڻ ڪجهه وقت ڪاڇوءِ آئيس. ڪرسمس ڪوارٽرس جو حاطو پار ڪري فوٽ-پاٿ تي پير رکيم ته رستي جي پاسن کان پنڊل اَڳڪر وڻن جي ڇانوَن هيٺ اَچي ويس. اِهي وڻ اِهڙا ته ڏگها آهن جو ڪنڌ مٿي ڪري ڏانهن نهاربو ته انهن محسوس ڪبو جڻ

٣٨. هيڪڙ گنهگار، هميشه جوابدار!

هڪڙي ڏينهن شيام جو ٻٻؤ، منهن ڦلهڙو، مون وٽ لنگهي آيو. هوءَ البت ڪجهه گهٻرايل ٿي لڳو. پڇومانس، 'ٻٻؤ، اڄ ڪيئن وڏا ٿيو ڪيا آتيئي؟' چيائين، "سائين، ڳالهه ئي نه پڇو. هڪ مصيبت مان مس ڪري جان بچائي آئم ته مٿان ٻي اچي نازل ٿي آهي. سمجهه ۾ نٿو اچي ته هيل جند ڪيئن ڇڏائبي!" انهيءَ تي پڇيومانس، 'ڇو، وري ڇا ٿيو آهي؟' چيائين، "سائين، ڳالهه ته لنبي چوڙي آهي؛ وهو ته ٻڌايانو."

ٻٻؤءَ پنهنجي وارتا پيرائتي ڪري ٻڌائي: "سائين، ڪالهه پولر امتحان هو. اسين آلمست، سو گوڏا کوڙي ته پڙهي ڪين جاڳئون. سڄو سال چرچي گهٻي ۾ گهاري، جڏهن ڪاتي ڪڍ مٿان اچيو ڪڙڪي، تڏهن مس ڪتابن کي هٿ لاتون. سو هيل ٻه اهائي ڪار ٿي. پيا سوڀ جاڳي ڪن سبحان کي سڏ، ٻاڏائين ۽ بخشائين؛ اسين اکيون مهٽي واون پراڻن پستڪن جا ورق ورائيندا. خاص ڪجهه سمجهه ۾ ڪين پئي آيو، تڏهن هولدي ٻه جيڪي ڪجهه پڙهي سگهيو، سو لباهيم. پر ڏنم ته وقت ڪٽي پيو. تڏهن ڪري شام واري پيپر لاءِ ڪجهه لکيل پنا کيسي ۾ وجهي، گهران توڪل تي پاڙي نڪتس. صبح واري پيپر ۾ ته پت رهجي آئي، پر سانجهه واري پيپر ۾ ايمان نه پيو ٻجهي. ڪتاب سڄو

کي سمجھ، عقل ۽ اُپياس ۾ تون سروج کان صد بار بهتر آھين. ھوءَ ھاڻ کي ڇا ۾ ڪٽي سمجھي، توکان امتحان ۾ ڪڍھن ۾. گوءِ ڪٽي نہ سگھندي. جڏھن منھنجي سمجھ ۾ تو اچي نہ ھيءَ سچو سالگ سروج ڪنھن مطلب سان سٽيو آھي. ھن کي ڏٺيءَ ڏول ڍلگ، قد ۽ بت، ۽ رنگ روش ۾ جا ڪس لائق آھي نہ ھوءَ پڙھڻ ۾ ھوشيار ۾ ھوشيار وديارٿيءَ کان گوءِ ڪٽڻ تي گھوري، جڏھن ڪو نہ ڪند ڪٽي ڏاڍھس نھاري نہ! اِھيءَ لاءِ ھوءَ سر توڙ ڪوشش ڪري رھي آھي. مولڪي پڻ ڇوايو اُتس نہ ڪيس ڪي ڳالھيون سمجھ ۾ نٿيون اچن سي مان ھوند ڪيس سمجھايان ۽ اِھو اَحسان ھوءَ ڪڍھن ڪين وساريندي. مان ضرور ڪيس سڀ ڪجھ سمجھائي ايندس. پر تنھن ھوندي بہ ڪجھ ڪين ورندو! سڪٽي ايرڪا، ايرڪا ڪندڙ کي ئي جلائي ڀسم ڪندي آھي. تنھنجي سمجھ توڙي لکٽي ٻين کان ايتري قدر بهتر آھي جو تنھنجين ۽ ھنن جي مارڪن ۾ ٻيو نہ تہ ڏھ سيڪڙو مارڪن جو فرق ٻيھندو ئي ٻيھندو. تون بي فڪر رھہ ۽ دل لائي وڃي پڙھہ.“

رکيءَ ڇيو مڃيو. امتحان سگ سان ٿي ويا ۽ جڏھن نتيجو ظاھر ٿيو تہ اُچا ڪارا ظاھر ٿي پيا. رکي مڙني کان اَڳري ئي ثابت ٿي.

ٿي هئي. مونکي ائين لڳو ته سپروائيزر کي مون ۾ سخت
شڪ آهي ته مان امتحان ۾ نقل ڪرڻ لاءِ سندرو ٻڌي
آيو آهيان. اَک ٽيٽ ڪري مون ڪيس ۾ چار دفعا
ڏٺو ۽ هر دفعي اهائي خاطري ٿيندي ويم ته هو پڪ
اَچي مون تي وٺ وجهندو. اهو ويچار ايندي ئي
مونکي پگهر اَچڻ شروع ٿي ٿي ويا. هڪ دفعو ته ڪري
منهنجو 'گناهه' معاف ڪيو ويو هو؛ ٻيهر ته پرنسيپال
هرگز معافي ڏيڻ وارو ڪين هو- بس مان گريجوئيٽ ٿي
ڪونه ٿيندس، ائين آوارو ٿي رهجي ويندس ۽ ساري
زندگي ٿاٻا ٿي کائيندو رهندس! نه، نه، نه!! دماغ
سخت ٻ وڙايم. آخر هڪ تجويز سجهي آيم- جيستوڻي
پروفيسر اَچي مونکان سوال جواب ڪري، تنهن کان
اَڳ ئي مان چوله ٻاهر وڃڻ جي ڪانئس موڪل وٺي
اهي ڪاغذ ٽائليٽ ۾ نيڪال ڪري اَچان! واهه جو
تز طريقو سجهي آيو هوم!! گهڻي ڳڻ ڳوت بعد موڪل
لاءِ سوال ڪيم. مدت اَڌ پروفيسر پڻ سوچيو- اهو
وقت ورهيه مثل ٿي پيو. پر آخر اجازت ڏنائين.
مان جڏهن ڪلاس مان نڪتس تڏهن ڏڪندو ويس
صحت خالي ۾ ۽ پيا ڪيسي مان ڪڍي، يڪدم ڪٽي گٽر
حوالي ڪيم ۽ مٿان ڪٽي ٽانڪي وهايم. هيلتوڻي جو
ساهه مٺ ۾ هو، سو مس سامت ۾ آيو. پر مصيبتون
اَچن ته هيڪاند بون؛ ڪنڪ ڪاهيو اَچن. ٻاهر اَچان

وراڻي پورو ڪيم، ڪيسي وارا پئا به پڙهيم، ته به دل ڀيڙي پئي. وري ورق اٿلايم ته به ڪو خاص فرق ڪين پيو. نيٺ نيت ڪري ڪاغذ تي نظر مان ڪيم ته مٿان امتحان جو گهنڊ لڳو. ٽڙ لڪڙ ۾ ڪاغذ، ڪتابن سان گڏ رکڻ بدران اهي کيسن ۾ ئي ڪٽي سوگها ڪيم.

”اڄي امتحان ۾ ويٺس. ساڻ آندل ڪاغذن جي ڪاٻه سمڪ ڪانه رهيم. سائين، پيپر ته مليو، پر سوال هڪ به نه پيو اڄي. من صفا بي ايمان ٿي ويو جي، ’پن وجهه امتحان ڪي، پئي سال ڏسي وٺبو.‘ پر مان من جي چنبي ۾ ڪين ڦاٿس. پين واسڻ ۾، ڪنڌ هيٺ ٿي، هٿ ٺوڻ تي سٽو ۽ ڏکهو، مان ڪجهه سوچڻ لڳس. ڪيتري مهل ٺوٺي سوچيندو رهيو هوس لنهن جي لڪ ڪانه رهيم، پر جڏهن ٿي منهنجي نظر پروفيسر تي پيئي ته ڏٺم ته هو پڻ شڪي نگاهه سان منهنجي طرف ئي گهوري نهاري رهيو هو. مان هن کي هيٺن نهاريندو ڏسي، سراپجي ويس. مولکي هڪدم چور ڪائي ويو- يڪدم ياد ڳيري آيم ته منهنجي کيسي ۾ ڪاغذ پيا هئا، جي درحقيقت مولکي پاڻ سان آڻڻ ئي نه گهرجا هئا!!

”پر هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ انهيءَ سوال منهنجا حواس خطا ڪري وڌا. هڪڙو اڳ ۾ ئي بي گناهه بدنام ٿيو هوس ۽ مٿان هيءَ ٻي مصيبت اچي نازل

ديش جا شيدائي - ص ١٠٥

ته پاسي واري غسل خاني مان سپروائيزر پڻ اچي وياڪ ٿيو. مونکي ڏسي منهن هڪدم ڳاڙهي ٿي ويس. چيائين، 'مان پرنسپال کي تو رپورٽ ڪريان.' سائين، مون ڪجهه ڪيمونس ڪين، پر اُن مهل کان مونکي ته ڦڙي وڃي ويئي آهي. سائين، ڪيئن ٿا سمجهو، ڇا ٿيندو؟"

سچي حقيقت سڻي، مون ڏڏوءَ کي آئت ڏنو- 'تو جهڙا شير پٽ، هيئن ڀرڪي وپندا آهن! جي سڀ سچ ٿو ٻڌائين ته تنهنجو وار ونگو نه ٿيندو!' هاڻ مس ڏڏوءَ جي منهن تي جهيڻي مرڪ آئي. ڏڏو، جمنا جو پٽ هو. جمنا اسانجي پاڙي جي ئي ته ڌيءَ هئي. هن جي گهر ۽ اسانجي گهر جو پاڻ ۾ گهرو رشتو هو. هوءَ شادي ڪري، ڌيءَ پٽ ڄڻي، گذاري ويئي. ماءُ مٺي ته پيءُ اڳــ ۾ ئي پرائو- سا پـر ڏڏوءَ سان پڻ ٿي. ڏڏو ننڍي هوندي کان ئي جڻ نڌڻڪو ٿي پيو. ويتر جو پڻس ڪئي ٻي شادي، ته گهڙو ئي پڪو. شاباس هجي سندس پڦيءَ کي، جنهن ڪجهه همٿ رکيس، جو هُو ڪجهه پڙهيو ۽ مئٽرڪ پاس ڪري وڃي پوسٽ ملازم ٿيو. جنهن ته هُو جمنا جو پٽ هو تنهن ڪري هُو جڏهن ئي ڪاليج ۾ داخل ٿيو تڏهن ئي منهنجي دل چاهنا ٿي ته هُو بي. اي پاس ڪري وڃي ڪٿي پاڻ ڪٽي. هڪ طرف ناناڻن مان نصيب ٿي همس بردباري،

محفل جو مور - ص ٣٠١

"سانوڻ سجان"، ڊاڪٽر سروپلي راڌاڪرشنن جي سنگ ۾ — ص ۱۰۸

جڏهن جان
سان لڳي

جڏهن وطن جا وڙ
ڪياسين پار

مان

راج منتري ڪرٽسنگ
جي سنگ ۾



جڏهن مڱڻو طيءِ ٿيو

وهانءُ وقت

ماڻ



ماستريءَ مهل

"أوهين ڪملا کي
وڏيڪ ٿا ڀانيو"
- ص ٢٧٤

★



سنيل دت - جڏهن مون وٽ پڙهندو هو - هو پهاڙيءَ واري قطار ۾ کاٻي کان ٽيون بيٺو آهي - ص ١٥١

نہ ٻئي طرف کان ڏاڏاڻن وٽان ورثي ۾ ملي هيس تيزفهمي. مولکي ان ڪري خاطري هئي تہ ڊگري ملڻ تي هوءَ پنهنجي حوصلي سان چڙهي ويندو، پوءِ جي ٻين ڪي اوچ نہ ڏيارئين تہ بہ نهيو، پنهنجو پاڻ تہ ڪڍي ويندو نہ! پر ڪاري ٻليءَ ڪا واٽ لتاڙي هيس، سو ڪاليج ڪميٽين ۾ ڪنهن ڳالهہ تان ڪنهن سان تڪرار ٿي پيس ۽ ٻئي پار اچي هٿين ٻڌين پيا. پيو تہ لهيو، هٿي ڪرسيون ميزون، ڪوپ پليٽيون ڀڃ ڀري ڪري وڌائون. هي مڙس سڳو سوڌو جهلجي پيو ۽ پرنسيپال ڪيس ڪاليج مان نيڪاليءَ جا ٽڪڙا حڪم ڪڍيا. ڏنم تہ هيڻن تہ ڳالهہ هٿن مان ٿي وڃي- هوءَ اڙٻنگ، نہ اڳيئي هو، هاڻ پڙهڻ ٻيا تہ هوءَ بنهہ هر ٻڌجي پولدو. تڏهن ڪيس ڊاهي ڍاڪي، سرچائي، پرنسيپال صاحب وٽ موڪليم ۽ ڪاٺس آڙي ليزاري ڪرائي، جند ڇڏائيمانس. اڃا انهيءَ آفت مان مس آزاد ٿيو هو تہ پروفيسرن جي خاص نظرن ۾ اچي، وري وڃي اڙيو. مولکي انهيءَ تي ڏاڍو ارمان ٿيو.

ٻڌو اڙٻنگ ڪري هو، پر شايد انهيءَ سبب ئي هوءَ سچار پڻ هو. جيڪي هن مولکي ٻڌايو ان مان سچ چڻ شاهدي پئي ڏني تہ هوءَ پل ڪان ئي ڪاغذ ڪيسي ۾ ڪڍي آيو هو، ڪيس امتحان ۾ اهي ڪم آڻڻ جو اصل ويچار ڪونہ هو. اڳين شرارت سبب ئي سپروائيزر جو

★

کٹن عان
کیع قب



جو اُلڪو، ڪلف وارو چلڪڻو ڪالر فقط ڇهين پئسي،
ڇهه دفعا ڌوئي ڪٽي ڦٽو ڪبو هو ته ارمان اصل ڪين
ٿيندو هو. ساڳيو وڳو ٻئي ڏينهن پائيندي ٻس ٻس ٻيو
ٿيو ويندو هو. ان ڪري ڪپڙن جو جهڳ ڪاٿو ئي
ڪين هو- هر روز ڌوٻي ڪندو وڳو، سيارو هجي يا سرءُ،
اونهارو يا بهار. حق لاءِ آساڻون ڌوٻين ڪٽيندي
پاڪستاني مزورن جي ٻهه چيلهه تي ٽڪي! اڄ پيا،
"سائين، اندر شيهو پيئو اٿو ڪيئن!!" ۽ ڪجهه اڄڪله
جو وقت هو ڪٿي! ڪن ٻوساٽي، ٻوٽ ٻڌي، ڪنڌ
ڌوڻ مان هو ڪم ڪيو. هوءَ پل ڪٽي سمجهن ته شيهو
تي پيو وياٿون، ۽ ڪپڙن جي سٽن سواءِ ٻيو ڪي
ڪين هو!!

هاڻي سنڌ ۾ جا راجائي ڪمائي آيا هئاسين، نه هئي
ٻمبئيءَ ۾ وري ٻڌي ڪيئن پئون! سو مهني جي
ڪجهه ٻئي لاءِ ميونسپالٽيءَ کان ٻٽ ورتي، ڪٺايم
اوساري. جهٽ جاءِ تيار ٿي وئي. اڏاوت نه فقط
هيٺ ئي ڪرڻي هئي، مون ڪٽي ماڙي به جوڙائي!
ٽالو جو اهڙو هوم!! ٻٽ مليو هوم ڪجهه ٻئي لاءِ، جاءِ
جوڙايم ٻڪسري؛ مٿان پلستر ڪرايو ماٺس ڳاڙهسري
ڪٺ ڪٺ جو، جڳ جوڙيو ٻوري پٿر جي ماڙي جوڙائي
هيم. اندر وري ڪراچيءَ جهڙا ٽائيلس جا فرش،
چيني جون گينديون، وغيره، وغيره، سڀ لڳارايم.

هو، جنهن ڪري اُن سالن اندر هان اسسٽنٽ پروفيسر ٿي ويس، ۽ پگهار رڳو رپيا ڏيڍ سؤ! وري به شڪر جو اعتباريءَ وارن کي ڪجهه ترس پيو هو، جو مهانگائيءَ جو ڪجهه معاوضو مقرر ڪيو هئائون، جنهن ڪري در مهيني ٻه سؤ رپيا اچي پلئه پوندا هئا.

پر انهن ٻن سون ۾ ڦڏياڻي برڪت هوندي هئي، ۽ خرچ جي پورت ٿي ويندي هئي. نوڪري ڪئي جو ڪجهه سال ٿيا هئا ۽ شادي به جا سويلي منائي هيم ته سياوڪ ڪٽنب ۾ ٻن اضافو ٿيو هو. انهن ڏينهن ۾ هيمشه واري تاڪيد ڪانه ڪئي ويندي هئي ته "اسين ٻه، اسانجا ٻه"- ڪجهه شرم حياءُ هو، ڀڪ پردو هو؛ گهر جي ڳالهه هوڪا ڏيئي واشگاف هرگز نه ڪبي هئي، اڄلو هرڪو وڏو اهائي آسيس ڪندو هو- "شل وڌين ويجهين." ڪنهن به ڳالهه جي چنتا اصل ڪانه هئي- حقيقت ۾ فڪر ڪرڻ جو ڪو سبب ئي ڪونه هو. ۽ جڏهن ندورو ديس جو بٽوارو ٿيو ته منهنجو پگهار هيمشه جي ڀيٽ ۾ ٽورو هو، ته به پنج بار ته پورگهت ٿي چڪا هئا ۽ وڌيڪ اچڻ وارن جي آس پڇي ڪانه چڪي هئي. جاءِ پنهنجي ۽ ڪشادي، اَن، ميوو ۽ مکڻ مٺو، سٺو ڪاڙهو. متارا ٿيو پيا گهمندا هئاسين. تنهن ڪانسواءِ ڪپڙي لٽي جو شوق پڻ سرسبز ٿي هو. جيئي بچي جاپان، خميص

٣٠- چغلي

اُنهيءَ سال مان ڏاڍو خوش هوس، جڻ ڪا وڏي ڪيپ کٽي هيم. اُئين گڏ گڏ ٽيڻ مان وري ڪين سنيران! بمبئيءَ ۾ ڪاليج ۾ پاڙهيندي ٽي سال پورا ٿي چڪا هئا ۽ چوٿون سال شروع ٿيو هو. ٿئون سال لوان مهالبا.

امتحان جا نتيجا ڪڏهوڪو ظاهر ٿيا هئا ۽ پيپرن چڪاسڻ جا پئسا گنديءَ ۾ سوگها پڻ ٿي چڪا هئا. پر منهنجي خوشي اَجا پئي هلي ۽ اُنهيءَ جو ڪارڻ پ هو. سالن لاڪر وشو ود ياليہ ۾ اِها ٿي دالهن ۽ پڇار هلندي ٿي آئي ته وشو- اِتهاس جا پيپر چڪاسيندڙ پيپرن ٽپاسڻ ۾ ڏاڍي دير ٿا ڪن ۽ ايڏي اينگهه، جو سڄي امتحان جو نتيجو وقت تي ظاهر ڪرڻ ۾ هميشه وگهن ڪاهجيو پوي ۽ ڪڏهن ته نتيجو مقرر تاريخ کان چگر پوءِ ٿي ظاهر ڪرڻو ٿي پيو. گذريل سال وشو- اِتهاس جي پيپر جو سرڪردو موکي ٿي مقرر ڪيو ويو ۽ ان ڪري پاڻ سان اهو اقرار ڪيو هوم ته پنهنجي آپامڪاريءَ ۾ اَهڙي دالهن ڪوُڪ ڪرڻ نه ڏيندس. تنهن ڪري ڪم جي پوري ورهاست ڪري، وقت بوقت تاڪيد ڪيڊي، چڪاس جو ڪم وقت سر پورو ڪرايم. پوءِ نه گوڏا ڪوڙي پيپر جي جدا جدا شعبن (Sections) جون مارڪون جمع ڪرايم، ۽ سڀ

باقي سوال هو هيڏي خرچ جو. اُن جو نه پر اُتر ڏيندي پروفيسر ڪلڪارڻيءَ ڪي چيو، ”دوست، جڏهان ڪو مان بمبئيءَ ۾ آيو آهيان تڏهان ڪو رڳو پنهنجي ڪمائيءَ تي نه آهيان. هيلتوڻي نه باپ ڪمائيءَ تي هلندو آيو آهيان ۽ جڏهن اِها ختم ٿيندي، تڏهن بيٺا ڪمائيءَ تي ٿيندس.“ سچ پچ ٿيو پڻ ائين ئي آهي.

بمبئيءَ ۾ اَچڻ سان گهر جي خرچ جو پورائو ڪرڻ خاطر پنهنجي پگهار سان گڏ پيءُ جي ڇڏي ويل ملڪيت کي ڀڃڻ ڪاٽ پئي هنيو اٿم ۽ جڏهن اِهيءَ ملڪيت ڦٽي نرو ورتو، تڏهن ٻارن ڪمائڻ شروع ڪيو، جنهن ڪري هيڏي مهانگائيءَ هوندي به خرچ جو پورائو ٿيو وڃي ۽ دانهن ڪرڻ جو سوال ڪڏهن اُٿيو ئي ڪينهي. هيڏي ملڪيت هيڻن پاڻيءَ جيان خرچي ڇڏڻ تي اَرمان اَصل ڪين اٿم، مورڳو ڌڻيءَ جا شڪرانا ٿو مڃان جو سکي جيون ماڻڻ ۽ ٻارن ۾ پڻ سکي جيون گهارڻ جو پڄ چٽڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهيان. هونءَ به پئسو آهي جل-ڌارا مثل، جي ڦهندو هليو ته واهه جو مزو ڪندو، پر جي ڪٿي سوگهو ٿي روڪجي ويو ته ڪالڪا ڪسائي ڪرڻ کان باز نه ايندو.

ڪتاب بازار ۾ وڪامجي ختم ٿيڻ تي اَچي پهتو هو، اهو ڪنهن کان ڪيئن لڪائي سگهندس! ٻيو الزام هو ته سوال سڀ مون پنهنجا ٺاهي ڏنا هئا- ٻين ٻن همشريڪن جا سڀ سوال ٽوڪنا ڪيا ويا هئا. عجب جي ڳالهه ڇٽي! هو ٻئي حاضر هئا جڏهن پيپر تيار ڪيو پئي ويو. جيڪڏهن سندن سوال وڌيڪ وزنائتا ۽ موزون هئا ته مان اَڪيلو هنن ٻن کي ڪيئن ٿي رٽي سگهيس! انهي جي اهائي معنيٰ ٿي ته هو اُن ويل ڇپڻ کي ڇنو لڳايو ويٺا هئا ۽ ڪجهه به ڪرڻ لاءِ تيار ڪين هئا، باقي پرپٺ چغلين چلائڻ ۾ حاذق نڪتا! تنهن کان سواءِ جڏهن پيپر ڪيڏائيءَ جو اُجورو حصي رسيءَ جي حساب موجب مون کان ڇڪي ورتو هئائون ته هيئنر پيپر بنسبت شڪايت ڇا جي ٿي ڪيائون!!

شنوائيءَ لي جو سڀ اَچي حاضر ٿياسين ته پڪار پيدڙ پروفيسر کي پڻ سڏايو ويو. اَرمان جي ڳالهه. اها هئي ته هو پڻ سنڌي سڄاڻ ڪنهن مڪاني سنڌي ڪاليج جو اَڏياڪ هو. مان اوچ ڳاٽ ويٺو رهيس ۽ فقط سوال جي جواب ۾ ٿي ٿي زبان چوريم. پر هو شڪايتي اَڳرو اَچي ششدر ٿيو هو جو هر هر پئي بوڪ ڇڏيائين، جڏهن تي وائيس چانسيلر تنبيهه ڪيس ته ”تو تڏهن ڪڇ، جڏهن توکان ڪجهه پڇيو وڃي، نه ته ساڪت ڪري ويٺو رهه.“ مان ڳورو ڳنڀير ٿيو ويٺو رهيس جو خاطري

ڪنھن نرم-دل ممتحن جي حوالي ڪيو ويو. ان ڏين
نہ ڪنھن سان ستم ٿيو، نہ سختي. ھرڪنھن جي
رھڻي آئي: وڏ ڀارتين جي ٽوڙي، ڄاڇيندڙن جي
پر اسانجي خوشي ٻين ڪان سٺي نہ وڻي. سو چغلي
لڳي- الزام مڙھيا ويا ۽ سڏ ٿيو تہ اچي سمجھائي
پيش ڪر تہ تو خلاف ڇو ڪين سخت قدم کنيو وڃي
جنھن مجال وشو ود يالہ جي پنيوالي تھمت جو
مونکي اچي ڏنو، تنھن وٽ مان ڪلاس وٺڻ تي واس
خط پڙھڻ سان ھتان مان جڙ ڪي ڪري پيم. پر ڏير
نہ وڃايم. ٽورونئي وچار ڪرڻ سان چٽو ظاھر ٿي
پيئو تہ مڙھيل ڏوھ بي بنياد ۽ جڙتو ٿي ھئا- ڪنھ
شخصي بغض جو ڪارو ويو چڪائڻ. انھيءَ ڪري
ٿڌي سيني سان وڃي ڪلاس ۾ شاگردن کي پاڙھيم

انھيءَ ڏينھن سانجھن جو ھلياسين الزامن جو ا
ڏيڻ. تھمتنامو پھرين پڙھندي مونکي خاطري ٿي وئي تہ مو
ڪا اھڙي خطا ڪانہ ڪئي ھئي جنھن لاءِ ڏوھاري
ٺھرايو وڃان. ھڪڙي تھمت ھئي تہ جنھن وشيہ ٿي
مون پيپر ڪيو ھو، تنھن تي منھنجو ڪتاب ڇپا
ھو ۽ وشيہ ود يالہ کي مون اھڙو اطلاع ڪين ڏنو ھو
اھا تہ نسوري ڪوڙي ڳالھ ھئي- جڏھن انھيءَ ڪتا
جو پھريون ڀاڱو ڇپجي رھيو ھو تہ وشو ود يالہ جي ما
۾ ضروري ڪاغذ ۾ پھريون ڀاڱو ڪيئن نہ ڄاڻائيندس

٣١. ڪهلا

اُنهيءَ سال اِنٽر آرٽس جي ”سي“ ڪلاس ۾ ٽي ڇوڪريون ٻين کان اَلبت وڌ وڌ پئي نظر آيون. منجهانئن ٻه ڀينرون ٿي لڳيون ۽ ٽين سندن سؤٽ. ڀينرن، سؤٽ کان وڏيون ڪڙيون هيون - ٽِهه ٽِهه ڪري کلڻ، کليو ۽ ڳرائيءَ سان ڳالهائڻ، ڪنهن ڳالهه لاءِ وڙڻ تي ٻين کي موڙا مِڪا ڏيڻ، وغيره. باقي سندن سؤٽ سندن ڀيٽ ۾ چڱي ٺاميل ٿي ڏٺي. سندس مرڪڻ ڀينرن کان وڌيڪ موهيندڙ هو ۽ هوءَ ڪالهه گهڻو ماٺيٺي پڻ هئي. هيون هڪ گهر جون نينگريون، مگر منجهن ڪيڏو نه فرق هو! هيون مڙئي فضيلت واريون، پر ڀينرن جو عجيب مزاج هو. سؤٽ جو سڀاءُ اُهڙو علحدو ڇو هو، سو سمجهه ۾ ڪين آيم. اُٿن گڏ، وهن گڏ، گهمن گڏ، کڏن گڏ، گذارين ٿي گڏ؛ پوءِ منجهن ايڏو تفاوت ڪيئن ٿي ٿي سگهيو! سڀاءُ سڀاءُ جو فرق سمجهي، مون اهو سوال من تان ٽاري ڇڏيو.

پر جلد پنهنجو پاڻ ڳالهه توڙ تي وئي. ڪاليج ۾ ششماهي امتحان چالو هو. مون وديارٿين تي نظرداري پئي ڪئي ته اَچانڪ ٻه ڪڙيون ٽڙيون زالون اَچي ڪلاس جي ٻاهران بيٺيون. سندن اشاري مان سمجهيم ته هنن مون سان ڳالهائڻ ٿي گهريو. مان اُٿي پنهنجي جاءِ تان ڇڙي، ڪلاس جي دروازي وٽ آيس. پنهنجي

هيم ته بيقصور آهيان. سوالن جوابن مان صاف ظاهر هو ته دانهون بنه بي بنياد ۽ بيڪار هيون، ۽ اها چغلي سندي ڪاليجن جي پاڻ ۾ چڙا ڀيٽي ۽ حسد جو ئي نتيجو هئي. اُن سان گڏ هٽندڙ کي سخت ساڙ هو جو مان هڪ ڳڀرو جوان هيڏي جوابداريءَ جي ڪم سنڀالڻ ۾ گوءِ کٽي ويو هوس ۽ سندس عمر ۽ آزمودي جي باوجود به کيس سندس پلون ڏيکاري، درستي ڪرڻ ڪاڻ کيس مجبور ڪيو هوم. ڪتاب جي ذڪر بنسبت وائيس چانسيلر کليو چيو ته آفيس جي اَلغرضائيءَ ڪارڻ اِي مون تي اِهو الزام مڙهيو ويو.

شنوائي خيرن سان ختم ٿي ۽ مان ٻين وانگر ڏيري ڏيري هلڻ لڳس، پر هُو مدعي پڇ پائي لائين کسڪي ويو جڻن ڪاڙيءَ هيٺان ڪانءُ. سچائي اهڙيءَ مان ئي ثابت ٿي ويئي ۽ پت رهجي آئي.

۾ چڙهي، سندن گهر ويس. ڪملا مولڪي ڏسي اُچرج ۾ پئجي ويئي ۽ ٻه وڏي حب ۽ عزت سان ڪيڪاريائين. وقت وهامڻ رهيو هو. ديو لفصالڪار ٿي هئي. الڪري ٻڌا ويوم ڪملا کي چيم، ”ڪملا، هي ڇا! امتحان ڇو ڪين ٿي ڏين؟ اُٿ، تيار ٿيءُ؛ مان ٿو توکي وٺي هلان...“ ڪملا سمجهوُ هئي. مون جيڪي ڪيس چيو تنهن سندس امتحان نہ ڏيڻ جا عذر ڪافور ڪري ڇڏيا. هوءَ هڪدم اُٿي ۽ ڪپڙا بدلائي، مون سان ڪاليج هلڻ لاءِ تيار ٿي ويئي. مون آڻي ڪيس امتحان ۾ وهاريو. هن امتحان ڏنو. اهو سڄو ڪارنامو ٻي قاعدي هو، ٻر اُن ۾ وڏو فائدو سمايل هو، جنهن ڪري جيڪي ڪجهہ مون ڪيو هو تنهن تي ذرو بہ هرج ڪين ٿيم.

ششماهي امتحان جو نتيجو ظاهر ٿيو، ٻر هڪ مسئلو اَڌوُرو رهجي ويو. روزمرهہ موافق ڪلاس پئي ورتم تہ ڪملا جي سڀاجهي صورت ڏسندي اهو مسئلو دل تي تري آيو. ڪملا سان آخر ويڌن هئي ڪهڙي؟ امتحان کان هوءَ هيئن ڇرڪي ڇو ٿي؟ ها، الهيءَ جو ڪارڻ هو. هن جهجهي محنت ڪندي بہ امتحان ۾ هڪ دفعي ڌڪ کاڌو هو. هاڻ هن جي دل تي وهم ويهجي ويو هو تہ هوڪا ڳالهہ سندس وس کان ٻاهر ٿي هئي!! سندس ڏٻل ڏسي کوبہ الهيءَ ڳالهہ تي هولد

سياڻپ ڏنائون. هوءَ ڪملا جون ڳڻيون هيون. هن جو چوڻ هو ته "ڪملا پڙهيو آهي، پر امتحان کان هوءَ هميشه ڊڄندي آهي. هونءَ ته دادا پاڻيهي وٽي اَچيس ها، پر هوءَ هليو ويو آهي ولايت. هاڻي ڪملا اَچڻ کان لاچاري واري ويٺي آهي. پتو پيو اٿئون ته، توهانجو ڪملا تي چڱو پرڀاءُ آهي. سو جي توهين هن کي چوندس، ته هوءَ اوهانجو چيو ڪين موٽائيندي. ۽ هڪواريءَ هوءَ امتحان ۾ اچي ويٺي ته پاڻمرادو سندس امتحان جي اَنڪ لهي ويندي. اوهانجي اَچ وڃ لاءِ آسان موٽر آندي آهي." مان وڏي سوچ ۾ پئجي ويس. مان هيڏن امتحان جي اَڏ مان ٻاهر ڪيئن ٿي وڃي سگهيس! جن ماڻهن سان منهنجو ڪو خاص رستو ئي ڪونه هو، تن جي گهر مان ڪيئن ويندس!! الٽي وري پيو وچار آيم- منهنجي ڌيءَ جو نالو به ته ڪملا ئي آهي؛ جي منهنجي ڪملا کي به ڪا اهڙي اَڻڪ ٿئي ته مان هونئد ڇا چاهيان؟ هيءَ ڪملا منهنجي ڪملا کان ڪري وڏي پري هئي، پر سياڄهڙي ته هئي نه!! پوءِ ڇا، منهنجو اهو فرض ناهي ته پئي ٽائي نه به ڪٽي، منهنجي وديارٿي هئڻ جي ناتي ئي سهين، مان هن جي واهر ڪريان!!!

منهنجي وچار پلٽو کاڌو ۽ منٽ ۾ فيصلو ڪري ورتم. مان خاص موڪل وٺي، هن پن جڻين سان موٽر

پورڻ تي هن چندا ڪٺا ڪري قبوليا، پر پڇاڙيءَ ٽوٽي
هوءَ موٽڪي پنهنجي ناڪاميابيءَ جو چتاءُ ڏيندي ٿي
رهي. تنهن هوندي به مان ڪيس همٿائيندو ٿي رهيس،
۽ هوءَ ڪم کي دل سان جنبي وئي. آهستي آهستي
اوڳر ٿيندي رهي، پر ڪملا کي ڪا به سمڪ نه رهي
ته سندس گڏ ڪيل رقم چڱي آنگ تي وڃي رسي
هئي. هن کي هڪ ٿي ويچار منجهائي رهيو هو ته
هوءَ ناڪامياب ٿي ويندي. جڏهن سيٺي جون رقمون
اچي چڪيون ته بين جا پئسا ڏسي ڪملا جي منهن
جو پنو ٿي لهي ويو! پر جڏهن هر ڪنهن جي رقم جي
ڳڻپ ٿي چڪي ته ڪملا جي ڪني ڪيل رقم ٿي
گهٽي ۽ گهٽي لڪتي!! اُن مهل ڪملا جي منهن تي
هڪ اٽوکي مرڪ ڇانئجي وئي!!

شتابديءَ وارن کي يادگار ڪاڻ اڃا به وڌيڪ رقم
گهربل هئي ۽ انهيءَ لاءِ هٿن رنگ-پون ۽ ڪيل ڪري
رٿيو. اُن لاءِ ڪين استهار، وغيره هٿ ڪري ڪاڻ
والنٽيئر (بنا اجوري ڪارڪن) گهربا هئا. مون ڪملا
کي يقين ڏيارڻ ٿي چاهيو ته هوءَ هر ڪم لاءِ قابل هئي.
تنهن ڪري هن کي ٿي هن فرض اداييءَ لاءِ چيم.
هن پهرين ته آناڪاني ٿي ڪئي، پر جڏهن ڪاليج
جي شان جو سوال اُٿاريم ۽ چيومانس ”تون ڪولابا ۾ ٿي
ته رهين ٿي، تنهن ڪري توکي ڪا خاص تڪليف

اعتبار ڪين ڪري، پر هن جو آتم وشواس ٽٽي چڪو
هو. ڇا آتم وشواس وري قائم ڪين ٿي ٿي سگهيو؟
ڇو ڪين! اهو ڪيئن ڪري سگهبو، سو پڻ سوچيم
ته پيوالو سرڪيولر ڪڍي آيو. سرڪيولر ۾ ١٨٥٧ع واري
آزاديءَ جي لڙائيءَ جي شتابديءَ جي موقعي تي
بمبئيءَ جي آزاد ميدان تي هڪ عمدو يادگار کڙي
ڪرڻ لاءِ چندا گڏ ڪرڻ لاءِ وينتي ڪيل هئي. پرنسيپال
صاحب اوڳو ڪي پشتي ڏيارڻ ڪاڻ گهٽي ۾ گهٽي
رقم ڪني ڪرڻ واري ودياٿيءَ کي لائق انعام ڏيڻو
ڪيو. ڪاليج پاران چندا گڏ ڪرڻ لاءِ مونکي مکي
ڪري رکيو ويو. ڪملا ۾ آتم وشواس واپس آڻڻ لاءِ
مونکي هيءُ سولو وجهه لڳو. اڌياپڪن تي فقط وديارٿين
کي پنهنجي وشيه پاڙهڻ جي جوابداري ڪانهي، سندن
سچو ڪارڻ سڄ پڃ آهي شاگردن کي ڏسڻ لائق،
جنن هوُ پنهنجي جيون جي بيڙي سڌي
هاڪاري، وڃي ماڳ رسن. باقي رڳو پر اڪر پاڙهڻ
مان ته ڪو خاص ڪڙ نيل نڪرڻو ئي ڪونه هو. ڪلاس
پورو ڪري مون ڪملا کي پاڻ وٽ سڏايو، ۽ ساڻس
چندا گڏ ڪرڻ جي ڳالهه ڇوريم. هوءَ اصل نه پيئي
مڃي. مون ڪيس سمجهايو ته هيءُ ڪم ڪيئن نه تمام
سهنجو هو. چندا فقط همڪلاسين کان نه ونڻا هئا،
پاهرين کان ڪا اوڳر توريانئي ڪرڻي هئي! گهٽي زور

٣٢- پروفيسر ته ويسر!

ٻار ويا هئا ناناڻي- ڏيولالي ڪئمپ ۾. اُتان هڪ ڏينهن چٺي آئي. لکيو آهي، ”گوپال کي اُداس ٿي پيئي آهي. لکي اٿئين ته چار مڏي جو ٽپ اَٿس. توهان کي ڏاڍو ياد ٿو ڪري.“ بس، مولکي ويچار وڌي ويا. مولکي ياد ڪيئن نه ڪندو هوندو! اُن ڏيهن مٽان پُٽ چار پئي ورٿو هوم. ڏيولاليءَ وڃڻ جي موڪل ۽ اُلائجي ڪيئن ڏني هئي مائس!! لڏو رو پاڪستان جو ليو، سو سڀ ڇڙو ڇڙ ٿي ويا هئاسين- ڪٿو ڪٿي، ڪٿو ڪٿي. ۾ جڏهن ٿي خبر پيئي ته ڪير ڪٿي آهي ته سياڻپ پنهنجن سان گڏجڻ جي اُڪير ٿي. سس ٻائيءَ ٻه چٺي ڏوڙائي- خود لنڊيڍي ڏيءَ کي چاڙهي موڪليائين ته دادلهن کي ڪيئن ۽ سرچاني، وڏي پيٽ جي موڪل وٺي، ٻارن ساڻ گڏجي اَچج. مون لاءِ ناڪار ڪرڻ ۽ ڏکي هئي. سس ۽ ته ويچاري بيوهه زال هئي. پوڙهيءَ سان گڏجي هوءَ ڪيڏو نه خوش ٿيندي! مون لاءِ موڪل ڏيڻ ۽ البت ڏکي هئي- گهر ٻار کان سواءِ هونءَ ۽ اُپاٽڪو ٿو لڳي، ۾ جيستوڻي بمبئيءَ جي مٽي ٿي ٻاڻ ڏني ليستوڻي جا اَڪيلائي ٿي محسوس ڪئيسين سا بنگلاديش جا پارت ۾ شرنارٿي سمجهي سگهن ته خير، باقي مڪاني ماڻهن ۾ اهڙو احساس ڪٿي! اهڙا ڪُند فهم آهن جو

ڪاڻ ٿيندي،" ٻڌڻ ۾ اچيائين، ۽ اهو ڪار به پڻ
عمديءَ ريت سان ٿيو.

ڪملا انٽر ۾ پهرئين سال پاس ڪئي، پر پوءِ بي. اي
پڻ ٿي. ليڪن اهو ڏينهن پڻ اچي سهڙيو، جڏهن هوءِ
شينهن ڪلهي ٿيٺي هئي. هن، جيجل ماءُ کي مون
وٽ چاڙهي موڪليو. شاديءَ جو جشن پٽيل اسٽيڊيم
Stadium ۾ وڏي پيماني تي ڪيو ويو هو. مان
شاديءَ تي ويس ۽ جڏهن ڪيس واڌايون ڏيڻ لاءِ
سندس سامهون آيس ته سندس منهن تي اهڙي ساڳي
مرڪ ڇانيل هئي، جهڙي يادگار لاءِ وصوليءَ جي پڻ
مهل نمايان ٿي هئي. سندس ليٽن ۾ هڪ الوکي چمڪ
هئي، جا پڻ چئي رهي هئي، "واڌايون اوهان کي به
هجن..........."

مان ڪاليج ۾ هوس ۽ چڱو سڃاتل هوم، انهن ڪري خاطري هيم ته جنهن ويل 'ليليٰ' کي خبر پئي هوندي ته هيءَ مدي جي تپ ۾ مبتلا ڇوڪر منهنجو پٽ هو ته هن جي علاج لاءِ پرگهور ۾ وسون ڪين گهٽايو هوندائين. تنهن هوندي به هيءَ جو حاضر هئڻ ٻارن لاءِ وڏو ڏٻ آهي. انهن ڪانسواءِ منهنجو من جو ڳالهئون ڳالهئون تي رهيو هو، انهن ڪري ضروري هو ته موڪل وٺي هڪدم ڊيولاليءَ روانو ٿي وڃان، خاص طور الهيءَ ڪارڻ جو چٺيءَ ۾ ڇٺو لکيو ويو هو، "ڳالهه اوهان کي ڏاڍو ياد ٿو ڪري."

پر موڪل ملڻ جو امڪان مونکي البت گهٽ ٿي لڳو، ڇو ته ڪاليج جا امتحان ويجها هئا. پيپر ڪڍڻا هئا، وديارٿين جا ڪارا ڪيل ڪاغذ تپاسڻا هئا، وغيره. تنهن هوندي به اسانجو وائيس پرنسپال، پروفيسر گيانچند ڪيولراماڻي، مروت وارو ماڻهو، رڄ چڱو مڙس هو، سو ونس لنگهي ويس ۽ سڄي حقيقت کان واقف ڪيومانس. منٿ به ڪين ورتائين. هڪدم چيائين، "تون پيپر ڪڍي ڏي، پوءِ ڀل هليو وڃ؛ باقي سڀ ڪجهه مان پاڻيهي ڏسي وٺندس." اهڙي دل وٺندڙ ٻـه ڪو هجي! خير. مان پيپر ڪڍي، ڪيس سپرد ڪري، ماءُ کي ساڻ وٺي، ڊيولاليءَ راهي ٿي ويس. ٻخار برابر لٿو هو، پر ٻٽرو بت ۾ چڱو ڀُڙو پئجي ويو

پڇڻ لڳا ته ”آيا ڇو آهيو؟“ اهو به ڪو پڇڻ جهڙو سوال آهي يا جواب ڏيڻ جهڙو! ڪير پنهنجو جهڳو سمېٽي، جنم-ڀوميءَ کي بي سبب الوداع ڪري ايندو!! ٻار آهن جگر جا ٽڪر، ڌيئر ڇا، پٽ ڇا. انهن کان ڌار ٿيڻ جو ويچار ايندي ئي جسم ۾ ڄڻسي وڍ ٿا پون. مون سان ته ائين آهي، ٻين جي خبر ڪين ۽ خاوند کي. ان ڪري ساهميءَ جا ٻئي ٻر ڳورا ٿي پيا. ٻه پنهنجو دک دٻائي، ٻارن کي ناناڻي وڃڻ جي موڪل ڏني هيم.

هيڏي نيڪ نيت رکي، سوارت ترڪ ڪري، هيءَ ڏکيو قدم به کنيم، ته به مٿان هيءَ ماجرا اچي نازل ٿي! خبر پئي ڏاڏيءَ جو هينئون ئي هارجي ويو. پير ٽپائي ڪنيائين ته ”جلد ڪر، مان به هلندس.“ هڪڙوئي سڪيلڌو پٽ، تنهن کي اچي مدي جو ٽپ ورائي، ان ئي منهنجي دل پڻ ڍلجي وئي. خبر هيم ته منهنجي گهر-واريءَ جو خود مامو به ڊاڪٽر هو ۽ هوءَ پڻ ساڳئي ڪئمپ جي ساڳئي بئرڪ ۾ ئي ته رهندو هو. تنهن کانسواءِ چٺيءَ ۾ ائين پڻ لکيو هئائون ته ڊاڪٽر ليلارام ڦيرواڻيءَ جي صلاح سان دوا چالو ڪئي وئي آهي. ان ڪري چڱي تسلي ٿي ته ڊاڪٽري جانچ پڙتال ۽ ديک ڀال ۾ ڪا ڪسر ڪسان ڪان پوندي. ڊاڪٽر ڦيرواڻي ڊاڪٽري ڪندي بي اي پاس ڪرڻ خاطر وري اچي ڪاليج پڙهيو هو جڏهن

چيائين، "بي اي وارن جي پيپر ۾ سوال اهي پڇيا هئا جن نسبت شاگردن کي گذريل سال پاڙهيو هو!!" منهنجا ته تاڪ لڳي ويا، ڪنن مان جهڙي دونهان نڪرڻ لڳا. اَچانڪ واس مان نڪري ويم، "هاءِ ويسر! تون به عجيب آهين!!" تن ڏينهين بي. اي ۾ هو سال اَڌ ڪم ڪرائبو هو، ڇاڪاڻ ته يونيورسٽي امتحان ٻن سالن کان پوءِ يڪو ئي ورتو ويندو هو. منهنجو سارو ڌيان وچين پٽ ۾ ڪتو هو، سو سمڪ ئي ڪانه رهيم ته سوال ڪهڙي حصي مان ٿو ڪيان! منهنجي منهن جو رنگ تڪڙو بدلبو ڏسي وائيس پرنسيپال صاحب فرمايو، "پر سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويو. وديارٿين برابر اَعتراض اُٿاريو، پر جڏهن ڇيومان ته. اتهاس جو اهو حصو اوهين اڳي ئي پڙهي چڪا آهيو ۽ هن سال جي يونيورسٽي امتحان ۾ اوهان کي اَهڙا سوال ڪرڻا ئي پوندا، ته وڌيڪ ڪين ڪڇيائون." اَهڙو ڳرو گنڀير ۽ مان مرجاتا وارو هو اَسانجو وائيس پرنسيپال ۽ اَهڙي ٿيندي آهي پروفيسرن جي وس، پر فقط ڪڏهن ڪڏهن، جڏهن ٿي تنوليون ڪيون وينديون آهن. پروفيسر هرويرو اَهڙا وسورل ڪين ٿيندا آهن؛ ڇبو ٻاٻو اَهڙو اتفاق ٿيندو آهي، جڏهن ڪي پروفيسرن ٿي رشڪ کائيندڙ ۽ حسد ڪندڙ ڪٽي ڳنڍي ٻڌندا آهن، ۽ لائين ولندا آهن پروفيسرن کي بي سوُد خوار ڪندا.

هو. مونکي موڪل ٿوري ملي هئي؛ هن ڏينهن ۾ وڏي موڪل گهرڻ بي سود هئي. 'ليلي' ڊاڪٽر سان صلاح ڪيم. چيائين، 'جي ائين آهي ته پل ٻمبئيءَ وٺي وڃينس. فڪر نه ڪر. هتان مان توکي ڪئمپ جي ائمبيولنس موٽر جو بندوبست ڪري ٿو ڏيان. ويندين اُهين ٿي فرسٽ ڪلاس ۾؛ باقي گهر سنڀالي وٺي وڃجانس." سڀ بندوبست ٿي ويا. ڪئمپ مان اسٽيشن، ڊيولاليءَ کان دادر ۽ اُتان گهر سک سان اچي پهتاسين. ٻمبئيءَ ۾ علاج لاءِ ڊاڪٽر گوبندرام ٻمناڻيءَ سان صلاح ڪيم. هڏڏوکي ڊاڪٽر هو، نهٺو ۽ نماڻو. ڪراچيءَ کان ٿي گهڻو واقف هو. سندس نظرداريءَ هيٺ گلوءُ بهتر ٿيندو ويو. تنهن وچ ۾ جاچڻ لاءِ ٻيڙن جا دڙا لڳي ويا. ٻار جو هاڻي اکين اڳيان ٿيو ۽ لوڻو ٿيندو ٿي ويو ته مان نسچنت ٿي ڪاليج جي ڪم ڪي جنبي ويس. سڀ ڪم سهنجائيءَ سان اُڪلي ويو. مان ڏاڍو خوش ٿيس ته رهجي آئي.

هڪڙي ڏينهن پروفيسر گيانچند ته لوپڪلو وينو هو ۽ مان پڻ ڪجهه قدر واندو هوس، سو وٽس لنگهي ويس. حال احوال ورتائين. ڪڪي جي صحت جو پڇيائين. ائين ڳالهين ڪندي چيائين، "فلاڻا، اهو ڪيئن، پاڙهيو پر، سوال پڇين ٿو هيل؟" مون ورندي ڏني، 'سائين، مون اوهانجي پروليي ڪاله سمجهي.'

معلوم ٿي ٿو وڃي ته آخر وديارٿي لکي ڇا ٿا سگهن،
۽ ٻوءِ پيپر کي قدر نرمائيءَ سان ٿا جاچجن، ڇو ته
ٻيءَ حالت ۾ شاگردن جي صفا پرکي وڃڻ جو انديشو
آهي. ٻنهي پيپرن جاچيندي اَک ٻڻ اَهڙو هري ٿي
وڃي جو ٻوءِ سڄي صفحي تي سرسري نظر وجهڻ سان
هڪ ٿيءِ ويل هتو پڌيو وڃي ته وديارٿي ڪهڙي پائيءَ
۾ آهي؛ وڏي ڳالهه ته شاگردن جون چوکون هڪدم
اَچيون اکين ۾ چڀن! نقص لهڻ ۾ اِڪري آسانيون
اَکيون خاص لکيون ٿيندا وڃن. انهيءَ ڪري ائين
ڪين چئبو ته وديارٿين جي قابليت ان ڪارڻ آسانيءَ
نظر تي اَصل چڙهي ٿي ڪانه! درحقيقت عام ريت
جو رواجي وديارٿي ساڳيو پيا لکن ته ڪٿي به
ڪجهه نئون لکيل هوندو آهي ته اُن ڏانهن آسانيءَ ڌيان
هڪدم ڇڪجي ويندو آهي؛ هرڪنهن نوائيءَ ۽
نرالائيءَ لاءِ، بشرطيڪ اها حقيقت جي لحاظ کان صحيح
هجي ۽ جواب ۾ سهڻي نموني ٺهڪائي بيهاري وئي
هجي، ته اُن کي عمدو داد ڏيڻ کان دل رهي ڪين
سگهندي آهي!! ڪلاوت جي ڪلا ونرت وڃڻ جي
ناهي، پوءِ اها سندس چٽو ۾ نمايان هجي يا سندس
ليکا ۾! سچ ته نقص اَکين ۾ هڪدم اَچيو چڀن ٿا ڇاڪاڻ
ته اَکيون سولهن سوايا لاءِ ٿي واجهه وجهن ٿيون، پر
جي جواب ۾ اَهڙي ڪا خوبي يا حسن آهي ٿي ڪونه،

٣٣- اک جو اِنصاف

اَسانجو گهڻو اڻو واسطو آهي ڏسڻ ۽ ڳالهائڻ سان ؛ اک سان آهي اِنتظام رکڻو ۽ وات سان آهي ڳالهه سمجهائڻي. ان ڪري اَسانجي پيشي ۾ اَک اَکثر طرح تيز رهي ٿي. اَسان کي نه فقط اِنتظام ڪاڻ اَک تيز رکڻ جي ضرورت آهي، پر اِها لرچي نظر پيپرن جاچڻ ۾ پڻ خاص طور ڪتب اَچي ٿي. ششماهي ۽ ساليانن اِمتحانن وارن پيپرن جا ٿها اَچيو گڏ ٿين، جي ڏسي هوند جان ڏکيو وڃي ته آخر اِهي پورا ڪيئن ٿيندا! پر جنهن وارن پيپرن جاچڻ کي لڳبو آهي ته اِئين اَکلي ويندا آهن جو خود پاڻ کي پاڻ تان پيو اَچرج لڳندو آهي!!

منهنجا ٻار پڻ عجب کائيندا آهن ته مان اَهڙو لڪڙو پيپر ڪيئن ٿو جاچي سگهان! هنن کي اِهو ٿي ويچار ويهڻي ويو آهي ته اِئين ود ٻار ٿين سان بلڪل بي اِنصافي ٿيندي هوندي. حقيقت ۾ اِئين اَصل ڪينهي. پيپرن جاچڻ ۾ اَلبت وقت لڳندو آهي ۽ اُنهن سان شايد ڪجهه قدر سختي پڻ ٿيندي هجي. اِنهن جي حالت ۾ جاڪاڻ ته پوجهه ڪالهي ته رواجي ود ٻار ٿين جو وت ڪيترو آهي، تنهن ڪري اُصول جي ني اوت وني، اِهي پيپر جاچڻا ٿا پون ۽ اِنڪري سياوڪ اِنهن سان ڪجهه سختي ٿيندي هوندي. پر جنن تي

ٺاهيون هيون. ڪجهه ڏينهن ٿيا هئا ته منهنجي دوست
ٽئين سال لاءِ تيار ڪيل ٻيون تصويرون فريمن ۾ سينگاري،
ٽنگي ڇڏيون هيون. اُنهن مان هڪ جي، جيڪو ٽي
آڻيو، تنهن خوب ساراهه ٿي ڪئي، ۽ اِهيءَ ڪارڻ
منهنجي دوست کي خاطري ٿي چڪي هئي ته اِها
تصوير مولڪي ٻڻ پسند ايندي. سو هڪ دفعو منهنجي
واٽان پنهنجي تصوير جي ساراهه ٻڌڻ جي آشا سان،
مان جڏهن ڪرسيءَ تي ويٺس، تئن ئي مولڪان اِهيءَ
تصوير بنسبت راءِ پڇيائين. سطحي طرح تصوير وڻندڙ
هئي. منجهس ڪشمير جو دلڪش نظارو پيش ڪيل
هو- پريان برف ڇانيل پهاڙن جي قطار، اُن اڳيان ٻگها
ساوا وڻ ۽ بلڪل اُنءِ اڳيان هڪ سندر ڪشميري
ناري، جنهن جي پٺيءَ تي جهول ۾ ٻار هو. رنگ ۽
نظاري جي وچار کان چتر ڪافي ڪشش- ڀريو هو،
پر تصوير ۾ ڏيکاريل ناري ۽ سندس پٺيءَ تي جهول ۾
ڏيکاريل ٻار ڏي ڀيهر نهاريندي منهنجو راءِ بدلجي
ويو. منهنجي دوست کي منهنجي منهن جي رخ مان
شڪ ڪاٿي ويو ته ڪٿي مڙوئي ڪا کسائي رهجي
وئي ٿي ڏسجي. جڏهن مان تصوير ڏسي رهيس ته
مرڪندي دوست کي چيم، ”دامن، تصوير رواجي
طرح ته ٺاهوڪي ٿي لڳي، فقط اُن ۾ ناري ڪشميري
ٿي لڳي، پر ٻالڪ اَمريڪي! ڇڻ اُن سمي جي تصوير

ته اُن حالت ۾ داغ ۽ دوڙا، وڙون ۽ خاميون ڍاڪڻ کي سرخرو ڪرڻ ڪاڻ اُڇيو آڏو ٻيهن!!

هڪڙي ڏينهن دوست جي پريس ۾ ويٺو هيو. هن جي ڇاپخاني ۾ اڪثر ريت ڪئلينڊرن لاءِ تصويرون ڇپبيون هيون، جي هوسال لکن جي اندازي ۾ ڪاهجنديون هيون. دامودر سيٺ هوسال مشهور چترڪارن کان نوان نوان چتر خريد ڪندو هو ۽ سال بسال نيون تصويرون ڇاپيندو هو. مان به وقت بوقت پيو سندس پريس ۾ ايندو ويندو هوس، جو هوُ منهنجو لنيڪي هولدي کان دوست هو. جنهن ته کيس خبر هئي ته اقص لهڻ ۾ منهنجي اک ڪافي تيز هئي، تنهن ڪري اڪثر ريت هوُ مونکان ڪنهن به تصوير بنسبت رايو ڪين پڇندو هو. هن کي اها پڪ خاطري هئي ته جيڪڏهن ڪا به تصوير مونکي پسند پئجي ويئي ته اُن جي کليءَ طرح تعريف ڪرڻ کان منهنجي دل رهي ڪين سگهندي، جيتوڻيڪ کيس اها پڪ پليءَ پيت جاڻ هئي ته مون وٽان تعريف يا داد حاصل ڪرڻ ڪوسترو ڪم ڪين هو.

ڇاڪاڻ ته پل چوڪ ۾ منهنجي دوست هڪ ٻه دفعو مونکان ڪن تصويرن بنسبت رايو پڇيو هو ۽ مون کيس تلخ، پر تز، رايو ڏنو هو، تنهن ڪري هن وري منهنجي رايي وٺڻ کان بنهه ٻـان ڪري ڇڏي هئي. پر اُنهيءَ ڏينهن جو مان وٽس ويس ته حالتون ڪجهه

٣٤- گستاخي معاف

جون جو مهينو شروع ٿيو مس، ته ڪاليج ۾ داخلا لاءِ ڏڪڙ لڳي ويو. هونءَ ڪنهن کان چار پئسا ڪڍي گهر ته شوم جهڙيون اکيون ڪيو ائين گهوري نهاريندو جڻ ڦس پيس ته هوند آندا گجيون ڪيڏي آٽي ٻيڙي ڪري. پر ڪاليج ۾ داخلا حاصل ڪرڻ لاءِ هرڪو هوند ڪيترو به پئسو هاري ته دل ۾ ڪين ٿيندس، ۽ سو ئي وري جڏهن هند ڪاليج ۾. جنهن کي ٿي داخلا ملي سو هيٺ مان هڙ کوليو، في ڀري، رسيد ۽ ڪاليج ۾ گهڙڻ جو پروانو هٿ ڪري، راهي ٿي ٿي ويو، متان ڪو ڪيس ڏسي نه وٺي! هفتي اندر داخلائون ختم!!

ڪاليج جي ڪلرڪ ۾ اڃا ڪجهه ڏهاڙا پيا هئا ته ڇڙٻولو مچي ويو. جن نون وديارٿين پنهنجي ايس. ايس. سي امتحان ۾ ڪنيل مارڪن جو سرٽيفڪيٽ پيش ڪين ڪيو هو، تن تي پنج رپيا ڏنڊ! جنسي هائيڊوس مچي ويو. هڙو ظلم!! سرٽيفڪيٽ پيش ڪرڻ جو شرط فارم تي نه ڇپيل ڪين هو. في ڀرڻ ويل پڻ انهيءَ بابت ڪي ڪين چيو ويو هو. ڪاليج جي رولن جي يادداشت ۾ انهيءَ بنسبت پڻ ڪجهه ڪين ڄاڻايل هو. پوءِ ٻارن کي خيال ۾ اچي ڪيئن ته مارڪن جو سرٽيفڪيٽ ڪاليج ڪلرڪ کان اڳ- ئي پيش ڪرڻ جڳائي! في ڀري، ڪاليج جو ڪارڊ هٿ ڪري،

ڪيمپبل آهي جڏهن ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ويل آمريڪي سولجر ڀارت ۾ لٿل هئا.“ رايو ٻڌائيندي منهنجي دوست جون تاڙيون لڳي ويون. هوءَ اندر جو اندر ۾ پڇتائڻ لڳو ته ناحق رايو پڇيومانس. پر کيس خاطري هئي تہ مان جيڪي چئي رهيو هوس، سو سؤ ٽڪا سچ هوندو. پنهنجو رايو ڇٽو ڪندي مون کيس چيو، ”ٻنهي جي اکين ۽ مهانڊن ڏي نهارڻ سان سچ پڪي ظاهر ٿيو پيئي.“ جڏهن هن ٽئين نرت سان تصوير کي يڪبارگيءَ نظر مان ڪڍيو ته هوءَ پڻ مونسان شامل راءِ ٿيو، پر اڳتي مونکان رايو وٺڻ جي پڇر ڇڏي ڏنائين.

هوڄ ٻئي ٿيو، پر سخت هدايتن ملڻ سبب هو پڻ لاچار هو. پنج رپيا مون لاءِ بلڪل ئي خسيس ڳالهه هئي، پر اُصولي طرح مولڪي هيءَ ڳالهه اَصل ڪين آئڙي. اَندر وارو اِنهيءَ تي پوسري اُٿيو، ۽ هن ناحق خلاف آواز اُٿارڻ لاءِ ڪڙو ٿي ويو. ٻئي ڏينهن پرنسپال صاحب ڏانهن خط لکي تيار ڪري ويس.

مهربان پرنسپال صاحب،

اَوائل ۾ ئي اهو صاف ڪرڻ ٿو گهران ته، هيءَ ڪا پهل ڏنڊ جي واپسيءَ لاءِ درخواست ڪانهي.

اَوهان جيڪو شاگردن تي پنج رپيا ڏنڊ وڌو آهي، سو ڪنهن به لحاظ کان مناسب نٿو لڳي. شاگردن کي مارڪن جا تفصيل پهچائي ڏيڻ جو اطلاع پوريءَ رپت ڪين ڏنو ويو هو. شاگرد داخلا وٺي، گهر هليا ويا هئا ۽ سندن پويان ئي اهو نوٽيس لڳايو ويو هو. اِنهيءَ ۾ هنن جو ڪهڙو قصور! تنهن ڪانسواءِ مارڪن جي سرٽيفڪيٽ ترت پيش ڪرڻ جي طلب به خاص واجب ڪينهي. اِهي سرٽيفڪيٽ يونيورسٽيءَ ڏي موڪلڻا آهن آگسٽ جي مهني ۾. پوءِ اَهڙي ڪهڙي گهاٽي پيئي هئي جو انهن جي فورن طلب ڪئي وئي! ٿيون ته ايترو ضرور ويچار ڪرڻ گهربو هو ته هي پهرئين سال جا شاگرد، ڪاليج ۾ اَڄا نوان داخل

هرڪو ٽيمنگ ٽپا ڏيندو، گهر هليو ويو. ڪاليج کلڻ
کان اڳ، هو ورِي ڪاليج اچڻ ئي ڇو؟ اچي وري
نوٽيس بورڊ جا لاءِ پڙهڻ!! ڪاليج اڃا کليو ئي ڪين
هو ته نوٽيس وري جا جا!!! پر پرنسپال صاحب
کو نوٽيس هٽائي ڇڏيو هو ته پندرهين تاريخ اندر
هرڪو مارڪن جا تفصيل ڪاليج آفيس ۾ پهچائي وڃي،
نه ته ڏنڊ ڀريا ڏيندا! هرڪو ڪاليج ۾ آيو ويهين تاريخ،
سو ڏنڊ جو نوٽيس پڙهي اپرس ۾ پهچي ويو- جي
ڪاليج شروع ئي ڪيوسين ڏنڊ سان، ته اڳتي هلي
اَلائجي ڪهڙو وئل ڏهندو!!

هو ته نسورو ناحق، پر ڪجي ڪير! حق جا حامي
سڀ روءِ پوش هئا!! ڪلارڪن کي به هن باري ۾ هدايتون
اهڙيون سخت مليل هيون جو هو پڻ لاچار هئا. ڪين
ڪهڙي به ٽيسنگ کي ڏنڊ معاف اصل ڪين ڪرڻو
هو! خود وائيس پرنسپال پڻ هن ڳالهه ۾ دخل ڏيڻ
کان ڪيٻايو!! ويچارا نو سؤ ويهارٽي بي-گناهه قاعدي
جي ڀڃڪڙيءَ جي الزام هيٺ اچي ويا؛ مٿن جرمانو
مڙهجي ويو!! ڪوبه سندن پدر ڪٽڻ جو جگر نه
ٻيو ساري.

مولڪي پڻ پنهنجي پٽ جون مارڪون پيش ڪرڻيون
هيون، جي ديرسان ڏيڻ ڪارڻ مولڪان پڻ ڏنڊ وصول
ڪيو ويو. ويچاري ڪلارڪ کي مولڪان ڏنڊ وٺڻ ۾

خط فلاڻي کي ڏيکاريندس، فلاڻي کي ڏيکاريندس، ۽ تنهنجي فائيل ۾ اٽڪائي ڇڏيندس تہ پل ۾ موڪلان پوءِ جيڪي پرنسيپال تي اچن تن کي پڻ تنهنجي اَفعالن جو پتو پوي. تون منهنجي فيصلي جو پڇاڻو ٿو ڪرين! اهي ڳالهيون تنهنجي آڏو اينديون." 'اها اَوهانجي مرضي. پر منهنجو خط جنهن کي وٺيو، تنهن کي ڏيکارجو.' منهنجو من تہ اُنهن تي چوندو رهيو تہ منهنجو خط پڙهي هرڪو مٿس ٿي عجب کائيندو!!

خير، مان تہ ڪالهہ موڪلائي جلد موٽي آيس. منهنجي خط، صاحب جي خودمختياريءَ واري مزاج کي ضرب رسائي هئي. صاحب جن جا پڻ نالا ورتا هئا، تن مان هڪ کي بہ منهنجو خط ڪين ڏيکاريائين. ڏيکاريائين مورڳو وڃي پروفيسر رام کي، جنهن موڪلي اچي چيو، "ڪهڙي ناگ تي پير پيو هوءِ جو هيٺين جي وڃي تو صاحب کي ڪڙي سچ جي سرڪي وٺائڻ جي همت سازي!" مون ٿهہ پهہ ورندي ڏني مانس، 'ڇو تہ ٻين جي مرضي ظاهر پئي ڏني.'

پر اِلهيءَ مان هاڻي موڪلي پنهنجي مرضيءَ جي پڻ پليءَ پيٽ سڌ پئجي چڪي آهي - موڪلي جو سچ چوڻ سبب پئسي ۽ پگهار جو ڇيهو رسيو آهي تنهن مان اَچا سوڌو پيو سيڪجان، پر اِلهيءَ ڪارڻ موڪلي ترماتر بہ اَرمان ڪولهي ۽ نہ وري اُتم سگوري ٿي. ايم لاءِ ڪا شڪايت. پنهنجي مرضيءَ جو ڪيتو لوڙڻ ۾ هرج ٿي کهڙو!

ٿي رهيا هئا ۽ اَچا اَلڙي هئا، انهن ڪري ساڻن
اهڙي لکڙ ۽ گڏوگڏ ڏاڍ ڏيڻ جي تعدي نه ڪرڻ
گهرجي هئي. هو ڪاليج جا نوان ٻار هئا، جن سان
نرمائيءَ سان ورتڻ ٿي واجب هو. منهنجي اظهار ڪيل
قدم ودپارٿين جي من ۾ ڪاليج لاءِ ڪو وڻندڙ اثر
پيدا ڪين ڪندو.

اَوهانکي هن خط ۾ جيڪڏهن ڪجهه ٻه اگرو لڳي
ته اُن لاءِ آءٌ معافي طلبگار آهيان.

اَوهانجو پنهنجو،

ڄ. م.

خط پٽيوالي کي ڏنم، جو جهٽ وڃي صاحب کي
پهچائي آيو؛ ٻو موٽ ۾ نياپو ٻڻ کڻي آيو- ”صاحب
اَوهانکي سڏي ٿو.“ مان اوڏي ويل والدو هوس،
سو ونس لنگهي ويس. خط پڙهي، صاحب جو منهن
ڏامڻي ٿي ويو هو. ٻو پاڻ سنڀالي، مولکي وهڻ لاءِ
چيائين. مان ويهڻ مس ته مڙس اچي مٿيو: ”ڏاڍو
چالاڪ آهين. سڀ ڪجهه چٽي، مٿان ٿـو لکين
’ڪجهه ٻه اگرو لڳيو ته معاف ڪجو.‘ سمجهين ٿو ته چا
لکيو اَٿيئي!“ مون ڏٺي جواب ڏنو، ’جيڪي سچ
سمجهيم سو ئي نه لکيو اَٿم، پوءِ اُن مان پل اَوهين
کهڙو ٻه اَلومان کيو.‘

”مولکي ته تو مان اَهڙي اميد ڪانه هئي. مان لنهنجو

پڻ دلچسپ هئي، انگري اها چوج سان پاڙهڻ تي
چاڙهيم. عيسوي سنه کان پنج ڇهه صديون اڳ، دنيا ۾
۾ جتي ڪٿي سماج سڌارڪ ڄو ۽ ڪيئن اسريا ۽ هنن
انسان ذات جو ڪيئن ۽ ڪهڙو اڌار ڪيو- انهيءَ تي
ڳالهائڻو هو. وشيه اهڙي نه دلڪش هئي جا هڪدم
مونکي ڪلاس ڏي گهلي هلي. منهنجي اها خوش
قسمتي آهي جو مونکي ڪلاس ۾ انتظام رکڻ جا ڪي
به خاص مسئلا درپيش نه آيا آهن. ڪلاس ۾ گهڙڻ
سان مون اچي پنهنجي جاءِ ورتي ۽ وديارٿين کي
پنهنجين جاين تي ٿيهي ٽڪي وهڻ جو وجهه ڏنم.
اڇا پار آهن: ڪن کي اڳيان وهڻ ۾ مزو اچي ۽ ڪن
کي وري پٺيان وهڻ وڻي، جئن پروفيسر جي مٿن
خاص نظر نه چڙهي! ڪي ڪٿي نه، ويهي پاڻ ٻڌڻ
۾ من لائي سگهن، ڪن کي وري پنهنجو مٿان ضرور
گهرجي، نه نه ڳالهه سندن مغز ۾ وهي ڪٿان ٿي!!
ڪن کي سنگتي ۽ ساهيڙيون ويجهيون کپن، ٻيا الڳ
وهڻ پسند ڪن، جئن پروفيسر جو هڪ هڪ لفظ چٽو
جهٽي سگهن. آهن اهي سڀ پاراٽيون ڳالهيون، ڇاڪاڻ
نه جنهن مهل پروفيسر پاڻ ٿو شروع ڪري تنهن مهل
ٻڌڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارهو نٿي ڪولهين- ٻئي سان
ڳالهائڻ هڏ سهڻو ڪين ۽ انهن ماٺ ڪري وهڻ
ڪنهن کي ايندو ڪين. انهيءَ ٿهي ٽڪي وهڻ ۾

٣٥- چٽ-چور

پاڙهڻ ۾ پنهنجو آنند آهي. جڏهن هيڏا وڏا پارٽي هڪ هنڌ اچي مڙن ٿا ۽ ڪجهه پرائڻ لاءِ هو منتظر ٿا نظر اچن، تـہ ڪين پاڙهڻ لئي دل ڪيئن نہ ٿيندي! هونءَ تہ جواني ديوالي آهي، هـو ماٺ ڪري وهڻ وارا ڪٿي آهن، ڪا نڪا حرڪت ڪين سجهندي ٿي رهي ٿي؛ اهي جي سانت ڪري ائين اچي ٿا وهن چٽڪ جاڳن ٿي ڪين، تن کي ڪجهه سيکارڻ لي دل ڪيئن نہ ورلدي!! وِٽر جو وڏا پاگر جي من ٿي ڪنهن ٻہ قسم جو بوجو ڪيڏهي، تہ هن جي نوچنت هڻ ڪارڻ سوسوائي ديوي سندس مڪان نہ ٻوليندي تہ ٻيو ڪٿان ڪچندي!!! پروفيسر پڻ هڪ پير مثل آهي. هو جڏهن پاشڻ ڪرڻ ڪاڻ پنهنجي مقاهين جاءِ تـي اچي ٿـو ٻيهي، تـہ هو ڏڻ جي ڏٺيءَ مثل دل مان ٻولي ٿو، جو وڏا پارٽين جي اندر ۾ يڪدم پهچو وڃي ۽ دماغ ۾ هڪدم ويهجيو وڃي، ۽ هو ڪيس داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نٿا سگهن. جڏهن اهڙو واهو معبل پيدا ٿئي ٿو، تڏهن پاڙهيندڙ کي پنهنجو لطف پڙي ٿو ۽ پڙهندڙن کي پنهنجو وس ٿو اچي.

مان بہ اهيءَ ڏينهن گهران ساجهر ٿي نڪتس ۽ ڪاليج ۾ پوري وقت تـي اچي پهتس. گهنٽ لڳو تـہ ڪلاس طرف وک کنيم. اهيءَ ڏينهن پاڙهڻ جي وشيہ

اينگر ڏانهن رهيو هو! اها قاعدي جي ٻيڪڙي هئي، انتظام ڪي نوڪر هئي،.......... منهنجو چٽر سڄان آهي سخت خارباز، سو هڙي بيهودي هلت ڪيئن ٿو برداشت ڪري! پوءِ پلا ڇا ڪجي؟ مون پنهنجي اندر واري کان پڇيو. ٿهه پهه اندر واري چيو ته هنکي سندس غفلت کان آگاهه ڪجي. پر سو به ڪيئن؟ جي ڪليو ڪلايو ڪيس چئبو ته جوان بگڙي ويندو- سڄي ڪلاس اڳيان جا سندس پسوُر پڌري ڪبي ته جوُلان نه ونندس!! ڪيو هيئن پنهنجي بيعزتي برداست ڪري سگهندو!!! سوال تي اٽيو ته ٻيو پلا ڇا ڪجي؟ ها، هڪ رستو هو، ته ڪنهن اهڙي اشاري سان سندس ڌيان ڇڪائجي جو سندس عزت به رهجي اچي ۽ پاشڙ م پڻ رخنو نه پوي.

پاشڙ ته چاوُ ني رهيو. هاڻي اشارو ڪهڙو ڪجي، جو هن نوجوان، جنهنجو چت چورائجي چڪو هو، تنهنجو ڌيان مون طرف ڇڪجي. گهڻيئي حيلا هلايم، مخفي ٽيڪا ٽپڻي پڻ ڪيم، پر هوُ هن ليڪر م اهڙو نه مگهن هو، جو منهنجا سڀ اشارا بي سود ٿي ثابت ٿيا. هاڻي ڪجي، سو ڪجي ڇا! مون ته ڦسٽون ڪين گهنايو هو نه هرڪنهن جي رهجي اچي، پر هوُ نوجوان سمجهي ڇو ٿو!! هيڏانهن منهنجو اندر وارو پڻ اڳيان وڌڻ کان پر ڪيڏي بيٺو- هن بي شرم سمجهيو ڇا ٿي؟ اهڙن بيهودن کي وديا ڏيڻ مان ڪهڙو سوُد!

خاص ويرم ڪاڻ تي لڳي، سو جڏهن ٽي ڪلاس ۾ سانت ٿي، تہ مون پنهنجو ڀاشڻ شروع ڪيو.

ٻار ٻڌڻ لاءِ تيار هئا ۽ مان پاڙهڻ لاءِ تيار. اِلڪري ڀاشڻ لس هلندو هليو- دماغ ڊوڙندو هليو، وات ٻوليندو هليو، ڪنُ ٿڙندو رهيو، ۽ هٿ هلندا ئي هليا. اُئين ئي منهنجي چِتر سڄان (اَندر واري) ڪجهہ وڳهن محسوس ڪيو. وڌ پار ٿي ٻنهہ سانت ۾ سڀ ڪجهہ ٻڌي ئي تہ رهيا هئا، پوءِ وڳهن کڙو ٿي پيو! گهڻو ئي پاڻ کي سمجهايم تہ اِهو تنهنجو خام خيال آهي، مگر اِن دليل سان منهنجو اَندر وارو ڪين سرئو ۽ ڀاشڻ ۾ سچ پچ ڀنگ پوڻ شروع ٿيو. جهٽ پٽ اَکيون چؤطرف چڪر لڳائي آيون ۽ ڳالهہ هڪدم لوڙهہ ٿي ويئي- هڪ لينگر جو ڌيان ڀاشڻ ۾ نہ هو، هو ڪنهن ٻئي طرف. هُو ويٺو برابر ماٽ ڪري هو، پر هُو مون طرف ڪين نهاري رهيو هو- هُو ڪنهن لينگر طرف ئي نهاري رهيو هو، جا ڪجهہ قطارون اَڳيان ويٺل هئي. هن جو سڄو ڌيان منهنجي ڀاشڻ ۾ ئي هو ۽ ڪيس اَهڙي ڪاہ سمڪ نڪاڻ هئي تہ سندس ڪو همڪلاسي ڏانهنس پڪ- ٽڪ نهاري رهيو هو!!

پوءِ پلا ڇا، جي هڪ ڇوڪر جو ڌيان ڀاشڻ ۾ ڪين هو؟ هُو نہ ڪو ڪاهل ڇوڪر ڇٽيو. جڏهن هن کي مون ڏانهن ئي نهارڻ کپندو هو تہ هُو نهاري وري هن

٣٦- انوکو اجورو

سنسار آهي مايا جار. هڪ اُڪنا ٿي لهي، ته ٻي جهٽ اچيو ورائي. ڪراچيءَ مان لڏي بمبئيءَ پيرا ٿياسين ۽ ٺهي ٺڪي مس ويٺاسين ته سس ٻائيءَ کي اچي چٽتا ورائو ته سندس لعلي ڌيءَ اُلائجي ڪڏهن شينهن ڪلهي چڙهندي- اُڻ ٽڻ اٿائي ته پنهنجي جيڏري ڌيءَ اُڪلائي وڃان. ڌڻيءَ سندس ٻڌي. هن دل گهريو ليائو ڪلياڻ ڪئمپ ۾ ٻي ڳولي هٿ ڪيو، جتي پاڻ رهندي هئي. مڱڻو ٿيو ته هوءَ خوشيءَ ۾ نه پئي ماپي! الهيءَ لاءِ سبب به هو- ڇو ته سيني سندن لاءِ پاڻ پالڻ اُي ڪافي ڪنن هو، تڏهن ڏسي وائسي ڳچيءَ ۾ ڳٽ وجهڻ وڏي جرئت واري جو ڪم هو! ٻر شادي وهنوار اهڙو منو آهي جو ڏکئي وقت ۾ به ماڻهو شادي مڃائڻ ڪان مٺهن لٽا موڙين- پل ٻمڪولا پيا ٻوسن ته شادي- ڪارڻ ۾ جڻ وڳهن پوئي ڪين. ٻر بمبئيءَ ۾ حالتون هوويرو اهڙيون ڏکيون ڪين هيون. قسمت واري هئي منهنجي سالي، جو ماڻس سندس لاءِ ملوڪ گهوٽ هٿ ڪيو هو- شڪل جو سهڻو، قد ٻت جو ورڀل ۽ وڏي ڳالهه ته ڪسٽم جي عمدي سرڪاري نوڪريءَ وارو. لٿون ٿائي ڏسي، سس ٻائي پيئي نري!!

سڪ ساڻ مڱڻو ڪئہ ٿيو ته سس ٻائيءَ کي اچي ٻيءَ

منهنجو ڳالهائڻ اوچتو بند ٿي ويو. منهنجو ٻچيل
ٻاڻ اِهو ئي هو ته ٻاشڻ ڪٽي بند ڪجي. منهنجي هيٺن
اوچتو ماٺ ٿي وڃڻ تي هرڪو واڱڻ جيان مون طرف
نهارڻ لڳو؛ پر مان ته مرڪي رهيو هوس. هاڻ ته سينئي
جي حيرت جي حد نه رهي؛ هو هڪ ٻئي طرف نهارڻ
لڳا. هو جوان اَچا ٻڻ ٻنهنجي طرف ٻڪ ٽڪ نهاريندو ئي
رهيو. سندس دليا ۾ نه ڪا رنڊڪ يا رخنو پيو ٿي
ڪين هو! هڪ ٻئي ڏي نهاريندي، سڄ پروڙڻ تي
هرڪنهن جي منهن تي مرڪ ڇانئجي وئي!!

منٽ ٻه ٽئين گذري ويا. ڪلاس ۾ سن سناٽو قائم ٿي
رهيو. جڏهن پروفيسر پاڻ شانت هو، ته شاگرد ڪيئن
ڪچن! انهيءَ سناٽي آخر هٽي وڃي هنڌ ڪيو. ماٺ
مڙس ڪي محسوس ڪرايو ته رنگ ۾ ڪجهه ڀنگ پئجي
چڪو هو. طلسم جو اَثر مس ڪري ٽٽو. ڇوڪر ڇرڪ
پري سجاڳ ٿيو. مولڪي مرڪندو ڏسي، سندس
اکيون زمين ۾ جهڪي ويون. ڪلاس ۾ ٿهڪڙو پئجي
ويو. جڏهن ماٺ ٿي ته پاڻ وري چالو ٿيو؛ گهڻ
وڃڻ تي ئي اِهو سماهت ٿيو. اَچا ٽوڪي جڏهن ٻه اِه
ليڊگر مولڪي گڏ ٻو آهي ته. مرڪندو ضرور آهي،
سندس نظرون وري ٻه زمين ۾ کپي ويندي ون آهن.

گھمائڻ جو مقصد ھو ڪيس ٿالھي ٻڌي خرچي ڏيڻ-
سڄي ساري سوني ڪيئي!! اسان ۾ اھا رسم ھئي، ۽
رواج جو آب ڪرٽوئي ھو؛ نہ تہ اڄايا الوهان لڪڻ
جو ئي انديشو ھو. سنڌو صاحب شايد ڳالھہ مون لاءِ
۽ پاڻ لاءِ سولي ۽ ھلڪي ڪرڻ ٿي گھري. پاڻ ۾ گڏيا
تہ ھئاسين؛ آءٌ جي ڪيس انيئي ڪٽي ڪيئي نذرانو ڏيان
تہ اولو ئي لھي پوندو. ھا، ڪيئي ائين ٿي ڏيئي ڇڏيان،
جڻ ڪا ھڪ پائليءَ پالھي ھئي! سس ٻائي ڇا چوندي!!
ڪم ڪڄي شان مان سان. سو ڪيس ڪجھہ قدر وڌيڪ
ربط سان سنڌوءَ گھمڻ لاءِ ھلڻ ڪاڻ مس تاريخ ۽
ٽائيم مقرر ڪيو.

اھو ڏينھن اچي سھڙيو. سنڌو صاحب پڻ سنت ٿي
پھچي ويو. پھرين پھرين ھلياسين ساڌ ٻيلو ڏسڻ. سنڌوءَ
جو چوڻ ھو تہ ساڌ ٻيلو سنڌس اکين ٿي ڏٺل ھو. باز
آئڻ لاءِ چيوماس، ”موسان گڏ جي ھلندين تہ نظارو ٿي
نرالو پسندين. پاڻ امين ٿيج.“ ساڌ ٻيلي پھتاسين تہ مون
دربان کي مھنت صاحب لاءِ ليايو ڏنو. دربان جھٽ
موٽيو ۽ اسانکي مھنت صاحب جي حضوريءَ ۾ ھلڻ
لاءِ آزي ڪيائين. پوءِ، اڳيان پاڻ، پٺيان اسين. ھن
مانائتي مرحبا ٿي سنڌو صاحب کي البت اچرج لڳو.
پر ڪڇيائين ڪين، ۽ اسين ھلياسين مھنت صاحب
سان ملڻ. مھنت صاحب جي ٻينڪ ڏي پھتاسين تہ

ٽاٽ ٽاڙيو - "منهنجي لنڊي ٽانگ ساڻ مردانا سهڪ ڪير
ڪندو!" منهنجو سهرو نه ڪڍهوڪو، ڪراچيءَ ۾ ٿي
گذاري ويو هو. آخر وات سڄهي آيس. نيائو موڪليائين
مون ڏي - "گل جي گهوٽ جي خاطريءَ جي جوابداري
اُتو اُوهان تي." ذميواري جڻ ٻرسر تي ڇڪي. لنگ
نياهڻ جي خيال کان سنڌوءَ ساڻ وڃي گڏيس. چيومانس،
"محب، ڪڏهن هلبو گهمڻ ڦرڻ؟" ڳالهه دل سان
جڻ خاص ڪانه آئڙيس - 'بمبئي نه ڏٺي ٻيئي آهي،
وڌيڪ ڏسڻ جو باقي آهي ئي ڇا!' منهنجي سؤمان
کي جڻ صدمو رسيو - ڪلياڻ جو ماڻهو بمبئيءَ واري
کي چئي، 'بمبئيءَ ۾ رکيو ڇاهي!' منهنجي پيٽيوئي
پڻ ڪراچيءَ ۾ اُهڙيائي اِت هنئي هئي، ٻر جڏهن
ڪئفي گرانڊ جي آئيس ڪريم جي چاٽ چکيائين،
هوا بندر جي رونق پيلارام پارڪ ۾ ڏٺليو ۽ تاج محل
جي ٽازو چالو ڪيل سنيما-گهر ۾ راجا هرشچندر جو
کيل ڏٺائين، تڏهن مجبورن ساک پوڻي ٿي پيس -
"بيشڪ اِهي لطف مون اڳي ڪين ماڻيا هئا" سوهيل
وري ڪيئن پاڻ کي هيٺ ڪندس!! اِنهيءَ ڪري
سنڌوءَ کي هرڪائيم - 'اِهي هند ماڳ، ڏيکاريندو ساڻهه
۽ اُهڙا لطف وٺائيندو ساڻهه، جو اڳي ڪڏهن نه ماڻيا
هوندءِ.' سنڌوءَ صاحب گهڻو ٿي لڌايو، جو اُهڙيءَ حالت
۾ سندس لاءِ گهر اُوٻرو پهچڻ جو امڪان هو. هن

عجب ٿيو ڪائي نه، اسان سان هيءُ وڏن ماڻهن وارو
سلوڪ ڇو ٿئي ڪيو ويو! سنڌس من اهڙو ڀرجي آيو
جو مولڪي ٻاسيرو ٿي چيائين ته ”اوهين به ڏڪڻا طور
ڪجهه رکو نه!!“ مون ورندي ڏنيمانس ته ”تون ڪو
الڪو نه ڪر، مون خاصي رقم اڳي ئي ٻياري ڇڏي
آهي!!! مڙس جي حيرت جي حد نه رهي جڏهن
موڪلائڻ وقت مون مهنت صاحب کي پرڻائين پرنام
ڪيو. هو اڳا سوڌو پاڇڻ ۾ رڌل هو، ته به مولڪي
اشاري سان سنڌوءَ کي ونس موڪلڻ لاءِ چيائين، ۽
جڏهن هو اٿي ٻهتو ته مهنت صاحب ڪيس هٿ ۾ ناريل
ڏنئي، ٻکر ڀرائي!!!! ٻاهر نڪرڻ تي سنڌوءَ پاڪر
پائيندي، چيم، ”دادا، اوهان ٺيڪ ڪئيو.“ هڙئي
مرحبا مولڪي ڪڏهن خواب خيال ۾ به هوند ڪانه
اچي. سنڌس منهن تي هڪ سوال اڀري اچي بيٺو
جنهن تي سوڀتي ڳالهه ڪري ٻڌائيمانس ته ڪيئن
رقم ٻياري هيم، جو اڄ هيڏي آب مان جا پاڳي
ٻڌيا هئاسين.

سال ٿيا ته ڪنهن صاحبلوڪ، جو ڪنهن زماني ۾
سنڌ ۾ ڪليڪٽر ٿي رهيو هو، تنهن پنهنجي هڪ ليک ۾
ظاهر ڪيو ته ساڌ ٻيلي جو اوائلي اتهاس هڪ اڌ-ٻڌ،
من گهڙت ۽ بي بنياد ڏند ڪٿا مثل هو، ڇو نه اُن
۾ جنهن انگريزي ڪليڪٽر جي وڪيندڙي مهراج (جنهن ٿي

هن اسانجو عمدو آڌرڀاءُ ڪيو. مون مهنت صاحب سان
پنهنجي سنڌ وارن جي واقفيت ڪرائي، جنهن لي ڪيس
نهايت خوشي ٿي. آيا خوش خبريافت پوري مس ٿي
ته بجلي گهنڊ ٽيءَ جي سڏ لي مهنت صاحب جو منتري
۽ پنڊاري جهٽ اچي سهڙيا. هڪ ڪي ساڌ ٻيلي جو
سنڌ ڪرائڻ ۽ ٻين ڪي پرساد ورتائڻ لاءِ اک جي اشاري
۽ زباني طرح خاص ۽ چٽيون هدايتون ڏنائين. ٻـ و
مهنت صاحب فرمايو ته جتن ته سنڌس روزاني وياڪا
جو وقت اچي پيو هو، جنهن لاءِ مندر ۾ ماڻهو گ
ب ٿي چڪا هئا، تنهن ڪري هو اسان کان لڪڙو موڪلائي
لاءِ لاچار هو.

ٻيهرين منتري اسانکي ساڌ ٻيلو گهمائڻ لاءِ وٺي هلي
تفصيلوار سڀ سمجهائيندو هليو. اُها ڏُٺهين ته وٺ
هلي ڏيکاريائين جا ويڪنڊي مهراج پارس جو رٿن ڪندي
مهالڪشمي مندر ۾ حاجي عليءَ جي زيارتگاه نزديڪ
سمنڊ جي ڪناري تي، سؤ ڪان پنج سال اڳ، ه
اٿي استاپن ڪئي هئي، جا دڪيل تي قائم هلندي آ
هئي. پوءِ آياسين پنڊاري ۾. هونءَ ته ساڌ ٻيلي ۾
سڪو پيڙو ۽ چٽڻي پرساد طور ملندي آهي،
اسانکي نه فقط پنهنجي لاءِ نج گيهه. سان تيار ڪ
لذيذ پستن بادامين وارو پرساد مليو، پر گهر لاءِ الگ
هڪ ڊڪ- پنجن ڊولو پڻ عطا ٿيو. منهنجو سن

عهدو پڻ جاچايل هو- فوجي ڪئپٽن ۽ شڪارپور جو ڪلڪٽر. صحيءَ بنسبت سمجهاڻي ڏيندي جج صاحب لکيو هو ته هيءَ ڪلڪٽر صاحب جنهنجو نالو در حقيقت ڪئپٽن فرانڪ ويلس هو، سو صحي اِئين ڪندو هو جڏ سندس نالو هو پاڪ ويلس! ساڌ ٻيلي جي اِتهاس ۾ ڪئپٽن پاڪ ويلس جو ئي ذڪر آيل هو، پر اِهو نالو سرڪاري يادداشت ۾ ملڻو ئي ڪوڙ هو، ڇو ته اُنءِ ڪئپٽن فرانڪ ويلس ئي جاچايل هو، جو ئي سندس صحيح نالو هو. اِتهاس جي حقيقت جا اِئين ظاهر ٿي پوي. مون هيءَ ڳالهه پنهنجي اَنگريزي ليک، ”ساڌ ٻيلي جو ساڌو“ ۾ ڏني هئي، جو بمبئيءَ جي نامياري اَخبار 'بامبي ڪرانيڪل' جي هفتيوار پرچي ۾ سنه ۱۹۳۸ع ۾ ڇپيو هو، پر ساڌ ٻيلي جي مهنت صاحب جو ڌيان منهنجي سنڌيءَ ۾ هفتيوار هندستان اَخبار جي آگسٽ ۲۷، سنه ۱۹۵۱ع واري اَنڪ ۾ ڇپيل ليک ئي ڇڪايو هو ۽ هن بروقت ڪاشيءَ مان ئي مونکي اَهڙو اَحوال لکي ڀيو هو. ڇٽيل ٻج جو فصل اِجهو اِئين لڻي رهيو هوس !!

سنڌ وارو ساڌ ٻيلو اَچي وسايو هو) سان ٽڪر جو ذڪر ٿي آيو، اَهڙي نالي سان ڪو به ماڻهوُ سرڪاري دفتر جي يادداشت ۾ نظر ڪين ٿي آيو. اهو صاحب جنهنجو ساڌ ٻيلي جي اتهاس ۾ نالو ٿي آيو، سو هو ڪئپٽن پاڪ ويلس؛ ۽ سنڌ جي ڪلٽرن جي يادداشت ۾ اَهڙو نالو هو ئي ڪونه! مون جڏهن هن صاحبلوڪ جو الزام پڙهيو ته ساڌ ٻيلي جو اتهاس هڪ اَفسانو ئي هو، تڏهن ڳالهه نهايت لگري لڳيم. تن ڏينهن ۾ مان سنڌ جي اتهاس جي ڦولهه ۾ رڌل هوس، جنهن ڪري ڪيترائي پراڻا پستڪ نظر مان ڪڍيا هئم. هڪ دفعي ڪنهن ڪهڙي ڪتاب جا جهونا ورق ورائيندي منهنجي نظر هڪ ورق جي هيٺين حصي ۾ سنهن اَکرن ۾ ڇپيل سٽن تي وڃي پيئي. اهي سٽون هڪ جهوني خطن رستي سرڪاري لکپڙهه جي ڪتاب ۾ ڏنل هيون. تنهن سمي، اَنگريزي راڄ جي بلڪل اَوائلي دؤر ۾، سنڌ جو وڏي ۾ وڏو جج، جج اَيڊووڪيٽ جنرل جي نالي سان سڏيو ويندو هو. هن پنهنجيون سنڌ جون يادگيريون تازيون رکڻ ڪاڻ، جهونا خط گڏ ڪري، ڪتابي صورت ۾ ڇپايا هئا. اُنهن ڏينهن ۾ سنڌ سڄي ئي، پر صرف ٽن ضلعن ۾ ئي ورهايل هئي- ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور! اهو بارڪ چاهي وارو خط شڪارپور جي ڪلٽر، جج صاحب ڏي لکيو هو ۽ صحيءَ هيٺان سندس

هڪ دفعي اسڪول روپي جبليءَ جي جشن ملهائڻ جو فيصلو ڪيو. اهو جلسو لڳاتار چار ڏينهن هلڻو هو. ٽي ڏينهن ته سک جا گذري ويا، تنهن ڪري چوٿين ڏينهن جشن تي گهڻا مهمان ويهجي ويا، ته دروازي جي واڳ، ڪن پرجستن ماسترن ماسترياڻين جي حوالي ڪري، ڪجهه وقت کيل ڏسڻ خاطر مان وڃي ڪرسيءَ تي ويٺس. اڃا ڪجهه مهل مس گذري ته ڇانگ، ڇوڪرن جي هلڙ مچائيندي، هال تي ڪاهي آئي ۽ ماسترن ماسترياڻين کي ڇڙو چڙ ڪري، اندر پيهي آئي. گوڙ جي آواز تي مان هڪدم اٿي ڪڙو ٿيس ۽ اڳيان وڌي، ٻالهن جي ڇلانگن سان زوريءَ اندر گهڙي آيلن کي اتان ڪڪ پن ٿي وڃڻ لاءِ چيم. اتي پروفيسر گلوُ پڻ وڌي آيو، جنهن تي هاڻ ماسترن ۾ پڻ ڪجهه ساهه پيو ۽ انهن اڙٻنگن کي ٻاهر اماڻيوسين. اهي ڇوڪر ۽ جوان، جي اندر پيهي آيا هئا، اُن مان جيئي ٻچي ڪنهري داروڻ جي ڏپ پٺي آئي. پر ڳيچ ماڻهوَ سامهون ٿيندا ڏسي، سندن حشمت ٽٽي پيئي. ٻاهر وڃڻ سان سندن مکيءَ، جنهن تي چڪيءَ جو خمار اَلبت وڌيڪ چڙهيل هو، تنهن دڙڪو ڏياري موڪليم ته "اَج تنهنجو خير ڪونهي."

خير، کيل ته ختم ٿيو. مون پنهنجن ٻارن کي ٻاڙي ۾ رهندڙ پروفيسر هت گهر ڏياري موڪليو، ڇو ته

٣٧- ٻٽي راند

شودا ته هر ڪنهن شهر ۾ ٿيندا آهن، پر بمبئيءَ ۾ سندن ڪاٿو ئي ڪونهي. جيڪو گهر ڪان رسي، سو ٻڄي دادا- ڪو گهر جو دادا، ڪو پاڙي جو دادا، ڪو سنيما جو دادا، وغيره، وغيره؛ پيٽ ئي ڪانهي، جڻ ساري شهر جو ڪارخانو هلي ٿي انهن دادن تي ٿو. انهن سورن سبب ويچارو پرنسيپال گوبند رام اسڪول جو ساليانو جلسو ئي ڪين ڪندو هو. هڪ دفعي چيومانس ته هتي بمبئيءَ ۾ ٿري ٽڪاءِ ڪانسواءِ اسڪول خير ٿا وڌن ويجهن. انهيءَ سبب ئي سنڌي اسڪولن پڻ انهن ساليانن جلسن جي اوٽ ورتي آهي. باقي اوهين ٻٽي ڇو پيا آهيو؟ ورندي ڏنائين، ”هتي جي دادن کي ڪير منهن ڏئي! جلسي تي وزير گهرائڻ جو مرض پڻ وڌي ويو آهي. جي مان ٿو دادن جي نگاهه ڪريان ته مکيه مهمان جي نظرداري ڪير ڪري! جي مان ٿو منتري مهمان جي آردليءَ ۾ رهان، ته ٻاهريون دروازو ڪير سنڀالي!! ٽوڪي ڪولواڊا جي اڙٻنگن جي ته سڌ آهي.“ ڳالهه موٽڪي دل سان ضرور لڳي. جڏهن ته پروفيسر بڻجڻ کان پهرين هڪ سال پرنسپل هئس اسڪول ۾ (ڪراچيءَ ۾) ماستري ڪئي هيم، انهيءَ ڪارڻ هن اسڪول لاءِ البت هڏ ڪڙ ڪندو هوم. تنهن ڪري دل ٻڌي چيومانس، ”چڱو، دو مان سنڀاليندس.“ انهيءَ آڌار تي اسڪول ۾ جلسا ۽ جشن شروع ٿي ويا.

ٻاريو. منجهن کي ٻنهه ٽول پئي لڳا ۽ کي سنوان سڌا
ٻراڙا ٻاهيون پئي ڏنا. اُنهن مڙني مان هڪ مولڪي هڪدم
سڃاتو. مولڪي ٻالڪ ڪاليج ۾ پڙهندڙ وديارٿيءَ کي قدر
سڃاڻپ ۾ آيا. پوءِ هن اوپرو جوان جو يڪدم اشارا ڏيڻ شروع
ڪيا ته سڀاويڪ منهنجو ڌيان ڏانهنس ڇڪيو. هڪدم ته
چئي نه سگهيس ته هو ڪير هو. ٿورو سوچڻ تي ھري
آيم ته هو منهنجو ڦوٽو دادر جي ڪنهن سنڌي هاءِ
اسڪول جي مڏرن جي ساليانيءَ اُتسو ۾ شيواڌاري
شاگردن ۾ ڏٺو هو. پر سوال هو ته هن مولڪي ڪيئن
سڃاتو! وري دماغ ڊوڙايم. ليڪن سچ سچ هي آيو-
هيءَ اُهو ئي جوان ته هو جنهن اسڪول جي جبلي
جشن جي آخرين ڏينهن ئي مولڪي دڙڪو ڏياري
موڪليو هو ۽ پوءِ جلسي ختم ٿيڻ تي ٻين سان ميڙاڪو
ڪري، مولڪي ڏسي ونڻ لاءِ، سيڻو ساهي اچي ٻيٺو
هو!! ها، هاڻي ته چڱو سڃاتو مانس، اُهو ساڳيو شاهينگ
شرئي هو. پر هيئنئر ته شرافت جي ساکيات صورت
پئي لڳو- ٻلماٽسائيءَ جڻ سندس منهن مان ڇٽي رهي
هئي. اشارن سان اها ئي پيو ڏيکاري ڏئي ته هو راهه
ويندي ئي ڦاسجي ويو هو! هو ته ڪاليج پڙهندو ئي
ڪين هو!! اُن مهل سندس آزي نيزاري ڏسڻ وٽان
هئي- ميز هينان هٿ ٻڌي پيو ٻاڏائي، ”سائين، هيءَ
دفعو سو گناهه بخشيو، منهنجو ٻاچو ۽ وري هن طرف

موڪلي ڇڏ. شايد هو دادا لوڪ هٿ نه ٻه لائي سگهن ها، جو مان الهيءَ ٻاڙي ۾ خاص ايندو ويندو ڪونه هوس؛ پر هو جي منهنجن ٻارن کي مولسان گڏ ڏسن ها ته هنن ويچارن لاءِ ته وڏو آزار ٿي پوي ها، ڇو ته هو هرروز اسڪول ويندا ئي هئا. مون بنسبت هنن گهٽي ڪچهه پيا ڳاچا ڪئي، پر خاص ڪو سبب ملي ڪونه سگهين! مون پرنسپال کي پوليس واري کي ترسائڻ ۽ مون لاءِ ٽئڪسي آڻڻ لاءِ چيو. ٻاهر ٻارهان چوڏهان جوان تيار بيٺا هئا، پر جئن ته پوليس وارو ۽ ٻيا گڏج ماڻهو حاضر هئا، تنهن ڪري مان بي فڪر ٽئڪسيءَ ۾ روانو ٿي ويس.

ڪيترا ڏينهن لنگهي ويا ۽ قصو جڻ صفا ميسار جي ويو. هڪ ڏينهن مان ڪاليج ۾ جئن ڪم پورو ڪري هيٺ لٿس ته پرنسپال صاحب، وائيس پرنسپال ۽ ٻه ٻيا مربي پروفيسر پڻ آفيس مان نڪري رهيا هئا. وائيس پرنسپال موڪلي ڏسي، سڏ ڪيو ۽ چيائين، ”چوڪرن جي ڪمري ۾ جوئا ٿي رهي آهي. تون پڻ اسان سان گڏ جي هل، ته پتي رانڊ ڪندڙ کي پڪڙيون.“ سو هليا سون جوئاري جهلڻ.

چوڪرن جي ڪمري ۾ جو گهڙياسين ته اسان کي ڏسندي گڏج شاهمنگ ته ڊڙي نڪري ويا، باقي جوئاري سڀ سٽي سگهي سان جهلجي پيا، جو هو ته رانڊ ۾ ٿي محو هئا. پرنسپال ڏاهن سخت نفرت جي نظر سان

آهي!!!" مولکي موت ۾ هُو، اها ئي صلاح ڏيندا هئا ته "ڪا مهل نه، ڪنهن جهڙي، ڪنهن ڏينهن ڪنهن ٻوهي ۾ وڃهندءِ، تڏهن پاڻيهي پتو پوندءِ. تنهن کان بهتر آهي ته، منهن ئي نه ڏينس." هنن جو منطق مولکي اَصل دل سان نه لڳي. هُو ڪهڙو نه هو، ڇڱن جو اَولاد هو، جتي ۽ جڏهن نه، گڏبو هوم ته مرڪندي فضيلت سان سلام ڪندو ۽ ڪيڪاريندو هو. انهن ٻرابر آهي ته رستي تي تماشبين سندس هن هلت تي اَچرج کائيندا هئا ته، هيءُ درلدو هيئن امائيءَ ۽ نهنائيءَ سان ڪيئن ٿي پيش آيو! هُو، جو ڪنهن جي ونڻ جو نه هو، ڪنهن کي پاڻ جهڙو مور ڪين ٿي سمجهائين، سو ڪنهن سان ڪيئن ٿي حليم ٻڻجي سگهيو، انهيءَ تي هُو حيران ۽ وائڙا ٿيندا هئا. پر انهيءَ ۾ منهنجو ڇا! مون سان جيڪو سٺو ٿي هليو، تنهن سان هروڀرو وڃي ڦتايان ۽ ڦڪت ڪريان، سو مولکي هرگز پسند ڪين ٿي آيو.

پر هڪ ڳالهه منهنجي اَندر ۾ هرڪو ضرور پيدا ڪئي ته سني ڪٽب جو بار هيئن ڪالٿو ڦيرائي ويو هو! ڇو هرڪو ڪالئس ڪنارو ڪري ۽ ڪيس نفرت جي نظر سان ڏسڻ لڳو هو!! اَنگريز جي راڄ ۾ انهن سو ڏسبو هو ته، گورنر يا وائسراء جي سواري لنگهندي هئي ته رستا صاف ٿي ويندا هئا، ماڻهوُ ڪٿي ڪٽب

٣٨- پريم دادا

پريم دادا هو. ڇوڪيٽ ايراضيءَ ۾ هو جيڪي چاهيندو هو، سو ڪري سگهندو هو- ڪنهن جي ڇا مجال جو ڪجهه ڪڇي سگهي! هو ڊگهو قداور، شڪل جو سانورو، پر روش ونڊڙ هئس، جنهن ڪري ڪن جو چت ضرور چورائي ڪيو هئائين. هر ڪو ڪلاس ڪوُ ڪائيندو هو، پر مان مٿس ترس ٿي ڪائيندو هوس هوُ آڪاهتي گهر جو هو. بينل گهر جو بار هيٺن. ڪڙجي پوي، الهيءَ ٿي مولڪي حد اُرمان ٿيندو هو. هوُ اُسان وٽ ڪاليج ۾ پڙهندو هو. ڪاليج جا پروفيسر پڻ پيا ڪلاس ڇوڪندا هئا، سندس پاڇي پر ۾ پيا ڊڄندا هئا. ڪير ٿا ڪلاس ڪنارو ڪندو! اڄ ڪي. سي. ڪاليج جي پروگرام ۾ وڳهن وجهڻ، سيان جڻ هند ۾ مجلس ڦٽائڻ- ڪوبه ماڻهوُ اُهڙي ڦيٽاڙوءَ سان ڏسبو هو ته اُهو پين جي اظون ۾ هڪدم ڪري پولدو هو. ان ڪري منهنجا ڪاليج جا دوست مولڪي پيا جهليندا هئا ته ڪنهن سان ٿو رستو رکين! هن ڪان ڪنارو ڪرڻ ٿي صلاح پري اُٽيئي!! ڪنهن ڏينهن ڪنهن آهيءَ ۾ اُچي وينديئن!!! مان ڪين اهائي ورلدي ڏيندو هوس، "اُوهين ۾ حد ٿا ڪريو. ڪو ماڻهوُ اُوهان کي ڪمڪاري، ۽ موت ۾ هن کي ته. ڪيڪارجي ته اهو ڪهڙو ته پيڙو لڳندو!! ڪنهن سان راسست ڪرڻ ۾ آخر ڪناهه ڪهڙو

”ها سائين، مان ته اُتي هوس ئي ڪونه“، ٻوام
مرڪندي چيو.

’شيڪسپيئر ڪين چيو آهي ته، مرڪڻ سان ٻڙ
شيطان ظاهر ٿي پوندو آهي. تون نه، ته تنهنجو ٻاچو.
هوءُ چيندو، تنهنجو جوڙيوال، تنهن ئي ته ٻار ٿيءُ ۽ قيناڙو
وڌو، ٻوءِ ٻه، ڇمين ٿو ته، توکي ڪڏهن به، قسم جي
خبر ڪانهي!‘

”سائين، اِهيءَ ۾ منهنجو ڪهڙو قصور. اِهو ته،
ڇيڻي جو ڪم آهي.“

’هوءُ جو توسان هميشه جت آهي، ته، هن لاءِ ٻڙ
تون ئي ٿلاهي ليکبين نه.‘

”سائين، مون نه اَڳي ئي سمجهايو ٿي ماس، ٻيو
جيئن چئو، تيئن ڪريان.“

’واهه واهه! بس!! ٻار ٿي قتائي، فقط سکڻي سمجهائڻ
مان ڇا وريندو؟‘

”مون ته اَوهانکي چيو نه، ته جيڪي ٻيو ڪجهه
چئو، اُهو مان ڪرڻ لاءِ حاضر آهيان.“

’ٻيو نه، ته پروفيسر صاحب کان معافي ته وٺي اَچو
نه، ۽ ڪيمس يقين ڏياري اَچو ته اَڳتي ورِي ڪڏهن
به اِئين نه ٿيندو.‘

”حاضر، سائين. سڀاڻي اِئين ئي ڪبو. بس، ٻوءِ
ته اَسان سان ناراض نه ٿيندا نه!“

پاسيرو ٿي ويئي پيهندا هئا. پر جيئي چرچگيٽ جي ”اي“ روڊ تي پريم دادا جي پير رکڻ سان رستو صاف ٿي ويئي، ته اها حيرت ڀري ڳالهه. ڪين ڇنڊي! پروفيسر جو هوش ته سمجهڻ ٿي گهريم نه. هيءُ اسرار ڪيئن ممڪن ٿي سگهيو هو. پروفيسرن کي ڪنهن غلطفهميءَ جو شڪار بڻجڻ جو حق ڪونهي، ڇو ته هرڳالهه کي سمجهڻ ئي سندن مرڪ آهي. سو مون سمجهڻ ٿي چاهيو هيءُ پريم دادا جو اسرار!!

هڪڙي ڏينهن انهيءَ لاءِ موقعو ٺهي آيو. ڪاليج ۾ ڪم پورو ڪري گهر ٿي ويس، ته منهن ۾ پريم گڏيم. منهن گهنڊائيندي، حجت مان چيومانس، ’پريم هيءُ ٺهي ٿو؟‘ هڪدم چيائين، ”سائين، ڇا؟“ ’جڻ خبر ئي ڪانه اٿيئي! منوُ نڪـــ.‘ ”سائين، پرولين ۾ پيا ڳالهايو، مولڪي ته سمجهه ۾ ڪجهه ڪين ٿو اچي. وري ڪهڙي اَربع خطا ٿي ويئي اٿم؟“ ’سمجهه ۾ اچي به ويءَ، ته به پيو پڇين.‘ ”سائين، ڇا؟“ ’نه، ڪا خطا ڪئي اٿيئي!‘ ”نه، سائين، منهنجي ته ملائڪن کي به ڪا سڌ ڪانهي ته اهڙو ڪجهه ٿيو آهي، جو مولٽي هيئن ڏمريا نظر پيا اچو.“

’ڪالهه جو پروفيسر آلوءَ جي پارٽي ڦٽائي آيا، سا سهڻي ڳالهه آهي!‘

ٽا!! مان ته پڻ وڏي مصيبت ۾ اَڙجي ويس. حال ٻه ڪنهن سان اوري نه پيو سگهان- گهر وارن سان ڳالهه ڪرڻ ۾ پنهنجي گهٽتائي پئي سمجهيم ۽ ٻاهر جيڏن مان سات ملڻ جو آسرو خير ٿي نظر آيو. ٻه سال ته جئن تئن ڪري لائين ڪاٽيم، پر وڌيڪ جالڻ مون لاءِ محال هو.

”مون هنن کي ڪجهه وقت لاڪر جاچيو هو- ڪين ڪا پنهنجي خاص مڙسي ڪانه هئي، هو ٻاهرئين ڏکي سان ئي ٻين کي ڪاٽي ويندا هئا. ليڪن هڪ ڏينهن ٻاڻ سان فيصلو ڪيم- ”ڪڻ ڪلو ته تئيئي پلو.“ پئي ڏينهن کان، ڪر موڙي، سندن سامهون پوڻ شروع ڪيم. شروعات ۾ هو ڪجهه قدر ڪامياب ويا، پر جلد مون پڻ قد ڪنيو ۽ بدن ۾ ٻوڻ وريس ۽ ٿوري گهٽي ٻاهرين مدد پڻ هٿ ڪيم، تڏهن سيگهه ڪري هو هٽي پاسيرا ٿي ويا. مس جند آزاد ٿي.

”ٻانهن ۾ جا طاقت آئي ته ٻاڻ کي ٻاٽيءَ وارو مڙس سمجهڻ لڳس، ۽ اهيءَ مجاز مان خود ’دادا‘ ٻڻجي پيس! سائين، سچ پڇو ته هاڻي پنهنجو ٻاڻ مان ڦاڙجي ويو آهيان. دنگو فساد ٿيو ڪريان ته پڻ آرام ڪين ٿو اچيم. ماڻهو جي مون نسبت جيڪي گوٺون ٿا ڪن، تن کان اڻواقف ناهيان. پر وس ڪين ٿو هلي. خود منهنجن مائٽن کي منهنجو فڪر ورتي ويو آهي.

'پر پريم، ڇالاءِ نہ ٻڌ- تون ههڙي شريف گهر جو ٻار، سو هن ڪيچل ۾ ڪيئن اچي پيو آهين؟"

"سائين، رستي تي اهو ڪيئن ٻڌايانءِ؟ والدا هجو تہ هوٽل تي هلي چانهہ ٻہ پيئون ۽ اهو قصو پڻ سڻايانءِ."

سو وٺي هو ٽي ڪنهن هوٽل ۾ لنگهي وياسين ۽ ڪنڊ پاسيري ميز وٽي والاريسين. چانهہ ٻہ جلد اچي وئي. چانهہ مان جڏهن ٻاڦ جي لاٽ اُسري، تڏهن پريم پنهنجي ڪهاڻي شروع ڪئي:

"سائين، مان نہ جڏهن ڪاليج ۾ داخل ٿيو هوس تڏهن گهڻو ٻالو ڀولو هوس. شاهوڪار گهر جو نہ هوس ٿي سو مولڪان جو گوپال، گوردن ۽ گلاب هڪ سال مٿي پڙهندا هئا، تن مولڪي تاڙيو ۽ اچي منهنجي ڪلي پيا. ور ور ڪري اچيو مولڪي وٺندا هئا ۽ ستائيندا هئا. تڏهن مان قد جو ڪچهہ لاغرو هوس ۽ ڏيرو پڻ هوس، سو هو مولڪي هلاڪ ڪري لڳا. مان منجهي پيس نہ هنن مان جند ڪيئن ڇڏايان! هو قد جا سپ هئا ۽ گهيرڙا، ڪلها پيا مچڪائيندا هئا، جنهن ڪري هرڪو ڪانئن ڊڄي پيو ڀڄندو هو- مان ڪريان، سو ڪريان ڇا! ليڪن ٻيو ڪو چارهو نہ ڏسي، گڏجي ڪٽي ڪوليم. پوءِ نہ شيطان جي جڻ پيگهي مچي وئي. مفت جي مال تي مڙس مچي پيا. ههڙو سٺيو لڳمو هو هاڻ هٿن مان ڇڏائڻ ڇو

۳۹- ڪندن

مان جو ڪاليج ڪئنٽين ۾ چانهه پيئڻ ويس ته روزمره موافق ڪندن پڻ ڇانگ ڇوڪرن جي ونيو، اُتي ويٺو هو. پر اڄ هو هميشه وارو ڪندن ڪين ٿي لڳو. ڇرچ گهڻي ئي ڪليائين برابر ٿي، پر اڄ هو گهڻو ٿڪل ۽ ملول ٿي لڳو. هونءَ جو هو سڀ ڳالهه کليءَ طرح، پڌري پٽ، بي ڊڙڪ ۽ بنا حجاب جي ڪندو هو، سا رونق اڄ ڪندن ۾ نظر ڪانه ٿي آئي. اڄ سندس مُنهن ۽ مزاج گهڻو ڦريل هئا. مونکي عجب لڳو ته هن کل-مک ۽ خوش مزاج جوان کي اڄ ٿي ڇا ويو آهي! هو سڀ ڪجهه اَلمئيو ٿي ڪري رهيو هو- سندس کلڻ، ڳالهائڻ ٻولڻ ورتڻ مان اهو سڀ صاف ظاهر ٿي ڏنو.

ڪندن هاڻ ڪاليج جي چوٿين سال ۾ هو. هو هر طرح ڪامياب ويو هو. سڀ امتحان سال به سال پاس ڪيا هئائين. راندين، ٻوڙي ناچ ڳائڻ، وغيره ۾ پڻ چڱو پاڻ موکيو هئائين. وڻندڙ سڀاءَ سبب هو هر هنڌ محفل جو مور ٿي رهيو هو. پراون کي پنهنجو ڪرڻ ته سندس چٽڪين جي راند هئي. سندس روش ۽ ٻول ڪيس ڇوڪرين ۾ خاص طور پيارو ڪيو هو. نه رڳو ايترو، پر هن ڪيترين نازنين جي پيار جي موٽ پيار ۾ ٿي ڏيئي ڇڏي هئي. تنهن هوندي به ڇوڪرن

ڪوشش پيا ڪن مولڪي هتان ڪڍي وڃڻ جي. آفرين ۽ اَوهان کي هجي جو ٻين جي نفرت هوندي به اَوهين مولسان هميشه عمدي اصولن تي هليا آهيو. سائين، اَوهين ڪا دعا ڪريو ته پاڻ کي پاڻ کان اڄاس ڏيارڻ ۾ ڪامياب ٿيان!!”

جلد پوءِ ٻڌم ۽ پريم کي پٽس ٽنڍي سالگي اميريڪا موڪلڻ جي پرٻند ۾ آهي. سالن لاڪر پريم ڏسڻ ۾ ڪين ٿو اچي. پيو چيو ته هن پنسبت ڪٽي چنجي ۽ ٻه ايترو ٻاسڻو ٿي پوندو ته پريم اَلدر جو وڃل ڪين هو. ان ڪارڻ دل مان اهائي دعا ٿي نڪري ته هوءَ جتي به هجي، شل شاد هجي.

لاءِ ڏينهن راس هڪ ڪيوسين، پر موٽ ۾ اسان کي
بي - مالو ڪيو ويو آهي!! ڪاليج ۾ ناچ گانا، کيل تماشا،
جلسا جشن ڪنهن ڪيا؟ اوڏيءَ ويل ’ڪندن‘ ’ڪندن‘
پئي پيٽي، ۽ هاڻي ڪمند جي چوڻ موافق ٻهاريا پيا
وڃون. سائين، ڪاليج ۾ اَنڌير آهي اَنڌير چڱائيءَ
جو اَصل قدر ڪونهي!“

انهيءَ تي مون چيومانس، ’آخر ڪهڙو وئل وهي
چڪو آهي؟ هيٺين سڪٽا هٿ ڇو پيو ڇنڊين؟ ٻوليين
۾ ڇو پيو ڳالهائين؟ چٽيءَ طرح ڳالهه ڪر نه! آخر ٿيو
ڇا آهي؟‘ هاڻ مٿس ڪجهه قدر مانُو ٿيو. تڏي سيني
چيائين، ”سائين، هيٺن نه وڃ ڪين ونيو آهي! ڇاڪاڻ
ته مون کوله باسيو ته آزاديءَ اُتسؤ جي موقعي تي باسي
پيدا ڪنهن اُچلايا هئا، تنهن ڪري مون لاءِ ناموس
جا سب دروازا بند ڪيا ويندا!! حق نه هرڪنهن کي
پلئه پوڻ گهرجي نه! ماڻهو مرڪي تو مان کي. سڄي
راجيه جي درياهي سيڪرائن Sea Cadets ۾ مونکي اَول
نمبر ڏنو ويو آهي ۽ اُساڻي ڪمائيءَ ڪاليج وارن
کي لکيو آهي ته منهنجو ڪاليج وارا جيڏو شان ڪن،
اوڏو ٿورو. ڪاليج وارن منهنجو مان ايڏو ڪيو آهي،
جو هر هنڌ منهنجي اَچڻ تي بندش وڌي وئي
آهي! هاڻي دنيا ۾ مان ڪهڙو منهن کڻي گهمندس!!“
ڪندن جي ليڪن ۾ ليو تري آيو. مون ڀاڪر پائي، کيس

سندس سنگ پسند ڪندا هون هيون. اڄ ٻڌڻ ڇوڪرن جو جهنڊ ساڻ هوس. ٻڌءِ ڪيس ڪهڙي ماجرا سڻائي رهي هئي! هيءَ ته عجيب اسرار ٿي لڳو.

مون ڪندن کي ٻاڻ وٽ سڏيو ۽ ڪالهس سندس ملوُلائيءَ جو ڪارڻ ٻڇيو. ٻهرين ته هوُ گس گساءَ ڪرڻ لڳو- ”سائين، اوهين ٻڇو ٿـا، موسان ڪابه ويڌن ڪانهي.“ منهنجي زور ڀرڻ تي اڳڙو عذر ڏنائين- ”رات آرام ڪجهه قدر گهٽ ڪيو اٿم، شايد ان سبب ڇهرو ائين ٿو لڳي؛ نه ته ٻيو سڀ خير آهي.“ ٻر مولڪي ڳالهه دل سان نه ٻيٺي لڳي، سو ڇيوماڻس، ”هاڻي استادن جو استاد ٿيڻ ٿو چاهين!!“ ته ٻه هوُ نه ٻيو: ”سائين، مان ته ساڳيو ئي آهيان. اُلائجي ڇو اوهان کي اهو خيال اچي ويٺو آهي.“ هاڻي مون ٻهنجو آخرين داءُ لڳايو، ”تون ٻاڻ کي اهڙو سياڻو ٿو سمجهين، جو استادن کي ٻه منجهه لٿو ڏين. مون کي سڀ سڌ آهي؛ مون فقط اهو سڀ تنهنجي واتان ٿي ٻڌڻ چاهيو.“ ڪندن وڌيڪ لڪائي نه سگهيو ۽ اچي ٻلٽيو- ”سائين، چڱائيءَ جو سمو ئي ڪونهي. سڄا سارا چار سال ڪاليج سان وهياسين ۽ الهيءَ جو اجورو اهو مليو جو اڄ مولڪي خارج ڪري ڇڏيو اٿن! جنهن هند ڪاليج جو نالو ڪڍيو شاگردن، ڪي استادن! انعام ۽ ٽرافيون ڪير کٽي آيو؟ ڪاليج کي مٿي چاڙهڻ

نه ڪاليج مخزن ۾ اهو ڪيئن ڇپجڻ لاءِ ڏنو ويو هو ته ان تي ڪو ڪُڏو ڇاپو ۽ درج ٿئي.“ ڪندن
وائڙن جيان چيو، ’سائين! هاڻي وري ڇا ٿي سگهندو؟
ڪاليج مخزن ڇپجڻ سياڻي ٿي ته ورهائجڻي آهي، پوءِ فوٽو
ڇا ڪندا؟‘

”ڏس ڪندن! منهنجي ڪم ۾ دخل نه ڏي! جئن
چوان تو تئن وڃي ڪر.“

’جئن اوهانجي مرضي. فوٽو هيٺئين ٿي تو آڻي
ڏيان ٿو“- پو سندس وساهه اچا سوڙ و جميو ته ٿي.

تصويرن جو آخرين صفحو اچا اُهي ئي ڏينهن ٿي ته
ڇپجڻو هو. فون ڪري اهو روڪايم ۽ ڪندن جي فوٽي
جو بلاڪ تڪڙو تيار ڪرائي ورتم. باقي بچيل فوٽن
جي صفحي جي سيني بلاڪن کي ٿورو سرڪائي،
ڪندن جو بلاڪ صفحي جي بنهه وچ ۾ ٿي ٺهڪائي
بيهاريم. مخزن سا هڪ ڏينهن دير سان نڪتي، پر
جڏهن نڪري نروار ٿي، ته ڪندن ڦوليو نه سمايو! خود
پرنسپال صاحب پاڻ هن جو فوٽو ڏسي گد گد ٿيو ته
آخر سڀ رهجي آئي!! ڪندن منهنجا شڪرانا مڃي
ٿو پيو، پر مون لاءِ اها ڪافي خوشي هئي ته ڪنهن
ڪارگر شاگرد جو شان رکڻ ۾ ڀاڱي ڀائي ٿيو هوس.

دلداري ڏني: 'ڪندن دنيا ۾ هرويرو اَلڳ ٿو ڪينهي، دٻو شايد پوندي هجي، اهو ٿي سگهي ٿو.' ورندي ڏيندي ڪندن چيو، "سائين، هاڻي ڇا ٿيندو! ساليانو جلسو به ٿيڻ ويو. پرنسيپال صاحب جي مک مان ساراهه جا ٻه اکر به ڪين اُڪليا. ويل ويئي، سا وري ته ڪين ايندي!!"

ڪندن دلدار شاگرد هو؛ هن کي هن ريت ٽُوڪتا ڪرڻ واجب لڳي لڳو. اَهڙا اَلرٽ ٿيي شاگردن کي پرڪائين ٿا ۽ بدانتظاميءَ جو ڪارڻ بڻجن ٿا. ٿوريائي دلڪشاديءَ ڪري جي ڪڻي شاگرد جي حقي ڪاميابيءَ جو اظهار ڪجي ها ته ڪهڙو نه شاندار ٿئي ها! لاشڪ وديارٿي ڪاليج ڏانهن بلهار وڃي ها!! هاڻي ڪندن جو زهر اَڄ مون اَڳيان ظاهر ڪيو هو، سو هوُ هرهنڌ ولندو پکيڙيندو ۽ ڪاليج بدنام ٿي ٿيندو رهندو. ان ڪري مولکي اَلبت اَرمان ٿيو. اِلي مولکي هڪ رمز سجهي آئي، جنهن دواران سمجهيم ته ڪاليج جو شان پڻ برقرار رهندو ۽ ڇوڪر جو به لائق مان ٿيندو.

ويچار ايندي ئي مون ڪندن کي چيو، "هروُ ڀروُ دلگير ڇو ٿو ٿين! ويل اَڃا ويئي ڪينهي. تو خلاف پرنسيپال صاحب مولکي ڪي به هدايتون ڪين ڏنيون آهن. توُن مولکي درياهي سيڪرانن جي پوشاڪ ۾ پنهنجو فوٽو آڻي ڏي، باقي مان پاڻيهي ڏسي وٺندس

اُن سال مان ايس ايس سي امتحان ۾ ماڊريٽر هوس
۽ هيءُ جو پرنسپال جي قد بت جو مشهور معروف
ماڻهوءَ هو، سو منهنجي 'سنڀال' هيٺ رکيو ويو. مون تي
اُن جو ڪو خاص اَثر ڪونہ پيو، جيتوڻيڪ اِڪري
جوابداري ڪجهہ قدر جاستي محسوس ڪيم. پر اِهيءَ
تي تہ منهنجا ڪلها گنا ٿي پيا آهن، ۽ ڪنهن کي
پوري راهہ تي آڻڻ جي طرز ڏٺيءَ جي پاڻ تي رحمت
ڪري سمجهندو آهيان. رسم موجب سينٽر پيپرن
جا جاچيندڙن کي، جن کي منهنجي نظرداريءَ هيٺ ڪم
ڪرڻو هو، تن کي چٺيون لکيم، جن ۾ ڪين جاچڻ لاءِ
ڪهڙا ڪهڙا پيپر ايندا، اُنهن جا تفصيل ۽ ضروري
هدايتون موڪليم. هن صاحب کي ڪٿي ٿي ڪوُنس، سو
جواب ۾ پنهنجي هٿ سان لکيل ٻہ وڏا صفحا خط جا
پري موڪليائين، جن ۾ ڏيڍ صفحو پنهنجي ساراهہ جي
ٻڪن پرڻ ۾ صرف ڪيو هوائين ۽ باقي اَڌ صفحي ۾
ڏک ڪيو هوائين تہ سندس جهڙي آزمودگار پيپر
جاچيندڙ ڏانهن موڪلي موڪليل هدايتون تہ ڪيڏي گهربيون
هيون! اهڙيون هدايتون موڪلڻ لازمي آهي ۽ اُنهن
جي اَپنار ڪرڻ بي سوُد ۽ فضول آهي. پر هن پرنسپال
شايد سمجهيو هو تہ اِئين نيڪائپٽيءَ سان 'ماڊريٽر کي
ڪانئي وينديس'، سو مونتي رعب جمائڻ جي ٿي ڪيائين.
پر هوءَ بلڪل ٿي پليل هو! مون بہ پري خط لکيو ماس تہ

۴۰- اجائي هوشياري

ٻچڙن جا چوڻ ۾ ڏاڍو لطف آهي ۽ ٻچڙن جا چيندي ڳاڻ مدي سالن جي نه گذري چڪي آهي، پر الهيءَ مان اُچا ٻيزار ڪين ٿيو آهيان، ڇاڪاڻ ته ٻچڙن مان ٻڌن لکندڙن جون اُنوکيون هستيون ۽ ڪارناما ٻيا ليڪا پائيندا آهن ۽ ٻڌري ٿيڻ جي ٻيا ڪوشش ڪندا آهن. منهنجي اَندر واري ڪي هن لڪ-ڇپ راند مان خاص ذائقو ايندو آهي. تنهن ڪالسواءِ بي-لغام شاگردن ۽ ڇاڇيندڙن جو هوش جاءِ آڻڻ ۽ ڪين ڏنهنجي ٻوري جاءِ محسوس ڪرائڻ ۾ وٽندو اٿم. سمجهندو آهيان ته جي ذٽيءَ قد ۾ فوت اَڌ جي ڪس لائي اَٿم ته قطرو عقل ۽ جرئت جو وڌ ڪ بخشي ڏنو اٿائين، ته وت ٽسينگن جي ٽڪ مان ورلاهيندو، ۽ هميشه ڦهميندي لمولي ۾. تازو جڏهن ڊاڪٽر چيرلن Cherian چيم ته ”هيل هن ٻونسيپال جي ٻچڙن جي جاچ اوهين ڳاڻ هموار ڪرڻو“، (جيتوڻيڪ ٻه دفعا اَڳ، ڊاڪٽر چيرلن ٿي هن جي ٻچڙن جاچ جي نظرداري ڪئي هئي، ۽ هوءَ شايد اِنتظام ۾ اَڇڻ ڪان ڏکيو هو، ڇو ته ٻولسيپال هو،) ته مون هڪدم ”ها“ ڪئي، جو ڪجهه سال اَڳ، هڪ اُهڙي جيري ٻچڙن جاچيندڙ سان ڪم ٻيو هوم ۽ هن جا اَهڙا ٽين ڪڙڪائي ڇڏيم ۽ ڪيس هميشه لاءِ ٿپي ڇاهي ڇڏيم، جو اَچا سوڌو وليم ٿو سلام ورانيندو.

هرهڪ تي ٽيڪا ٽپڻي ڪندو هليس - "مارڪون اَجهل ٽا ڏيو؛" 'پهريون هڪڙو ڄڻو تو جاچي ۽ مارڪون ٻيو ڄڻو تو درج ڪري،' وغيره، وغيره. مڙس منهنجا خط پڙهي جنسي باولو ٿي پيو. هن لکت-چٺي تي عذر-بازي ڪندي انگريزيءَ ۾ خط لکيائين ته "پياڙيءَ وارو جاچيل پيپرن جو پارسل مان پاڻ کڻي ايندس." ته به تسلي ڪانه ٿيس، سو هڪ ڪنڊ ۾ سنڌيءَ ۾ لکيائين - "منهنجو ٻيڙو ٻوڙڻ تي سندرو ٻڌو اٿو ڇا!" جواب ڏيندي مون کيس آٿت ڏنو ته "اهڙي ڪا خاص ڳالهه ڪانهي جنهن لاءِ اوهين ڀولي ڪاهي اچو." منهنجو خط کڻي وڃي منهنجي ڀقات کي پاڙهيائين، جنهن پڻ چيس، "مون اوهان کي چيو ڪين ته منهنجو ماروت ڏکوئيندو سو آهي، مگر ڪنهنجي هاڃي ڪرڻ مان هوءَ ڪين ڇاٽي."

پر ته به مڙس باز نه آيو؛ سو لکي موڪليائين: "مان ضرور ايندس. خرچ ۽ اهنج جي ڪهڙي ڳالهه آهي!" مقرر ڏينهن، گاڏيءَ جي وقت تي مون سندس انتظار ڪيو. پريان ڏٺم ته هوءَ پيرين پنڌ، پارسل بغل ۾ ڪيو، ڌم ڌم ڪندو پيو اچي! ۽ منهنجو ڀقات سندس ڀيلهه ٿي آيو!! اچڻ تي خوب ڪيڪار ڪئي مان. ڀقات کان پڇيم، "تو ڪيئن پنڌ ڪيو آهي؟" جواب ڪي نه ڏيندي، مرڪندي چيائين، "لاس نه ٻڌايانءِ ٿو."

ٻن مان ڏيڍ صفحو پنهنجي ساراہ سان سينگاريو اٿو، ٻيو ٻہ ٽي ڇٽو ۽ پنهنجي ساراہ ڪاڻ ٿو ڪريان!! تنهن ڪانسواءِ هدايتن جي باري ۾ لکيو مانس تہ هدايتون هرڪنهن لاءِ ضروري آهن سيڪڙائن لوڙي آزمودگارن ڪاڻ، خاص طور آزمودگارن لاءِ، تہ مٿان هوءُ پنهنجي ٿي خمار ۾ ڪٿي شاگردن سان ناحق نہ ڪري ويهن! ”اُوهان جيڪي اُوهانکي هدايتون ۽ موڪلڻ لاءِ دليل پيش ڪيا آهن تن مان مونکي ڪوبہ دل سان ڪين لڳو، باقي هڪ سبب سمجهي آيم جو شايد ڪارگر ٿئي ها، سو آهي اُوهانجي ٻزرگ عمر، جنهن جي ڄاڻائڻ کان اُوهان ڪنارو ڪيو آهي.“ آخر ۾ ذهن نشين ڪرايومانس تہ ”اُوهانجو آزمودو تہ اُوهانجي خط مان ئي ظاهر آهي- لفافو اهڙو وزندار هو جو مٿس لڳايل ٽڪليون اُن جو ملهہ ادا ڪري نہ سگهيون ۽ لاچار ٽپاليءَ کي مونکان جرمانو وصول ڪرڻو پيو!!“ خط جو مليس تہ مٿس جا تپ ئي ٽري ويا. ڦڇي منهنجي ڀقات (جو سنڌ اسڪول ۾ سيڪنڊ ماستر هو) وٽ رڙائين- ”تنهنجو ماروٽ آهي، ڪين مصيبت.“

ڳالهہ ڪٿي رهي. ماستر جي لوڪ لي تي آسمان ڪٽي ڏاو هٽائين، تہ اڳتي هلي، الائجي ڇا ڪندو! ٻر مونکي تہ پنهنجي جوابداري سنڀالڻي ئي هئي. جڏهن وڏانس جا چيلن پيپرن جا پارسل ايندا ويا، تن مان

ڇوڪرن پورڻ وارن جي ڏيهان تي آڻيان، تنهن مس
پنو. پر ڪلاڪ ڪن جي موڪل ڏني، ويو شهر مان
ڪم ڪار لاءِ. موٽڪي ۾ آندل پارسل جاچڻ جو وجهه
مليو. سو پقات جي منهن سامهون پارسل کوليو، ويٺس
جاچڻ. مارڪن جي لسٽ مان ڏٺم ته، ڪنهن شاگرد
کي هڪ سوال تي ٻه ٻڙي مارڪ ڏني ويئي هئي.
پيپرن جاچيندڙن کي منهنجي خاص هدايت هوندي
آهي ته جيستوڻي شاگرد جو جواب صفا غلط نه هجي،
تيستوڻي هن کي هڪ اَڌ مار ضرور ڏيو. سو چڪاس
ڪرڻ خاطر اهو پيپر ڪڍي کوليم ته ڏسان ته ڇوڪر ڇا
لکيو هو جو هڪ مارڪ به نصيب نه ٿي هيس. پڙا
ورائي جڏهن گهربل سوال جي جواب تي آيس ته منهنجي
حيرت جي حد نه رهي! جواب عاليشان ڏنل هو،
جنهن تي پرنسيپال صاحب شاگرد کي سڄين سارين ڏهن
مارڪن جي نوازش ڪئي هئي، پر ٽوٽڪڙن پيپر جي
ٻاهرئين پاسي ٽوڙي مارڪن جي يادداشت ۾ هڪ جو اَلگ
ڏيڻ وسري ويو هوس! ڇوڪر جو جڻ گهڙو ئي پڪو؛
حق حلال جون ڏهه مارڪون ٿي ويون خاڪ!! پقات
کي ڪاغذ ڏيکاري پڪ ڪيم ته مان ته ڪا ڀل ته ڪين
ڪري رهيو هوس. هن کي پڻ حد اَرمان ٿيو. مون
ڀل سڌاري، پيا پيپر اظر مان ڪڍي، سارو ڪم اُڪلائي
رکيو ۽ انتظار ۾ رهيس وڏي ماستر جي، ته اچي ته
رسوئي ورتاهون.

پرنسيپال ڪرسيءَ واري مس، ته اچي ڏوراپن ۾ پيو؛ "مڇيءَ مان ڪنڊا ڪيندا آهيو...." عادت جي مجبوري ٿي ڪيس ٻولائي رهي هئي- هوشياريءَ کان هوءَ باز نه آيو، نه آيو. پر مان پڻ مڇڏ آهيان، سو ٺهه پهه ورندي ڏنيماس- "ماستر صاحب، مڇيءَ مان ڪنڊا ڪڍڻ کان سواءِ اُن مان سواد ڪهڙو ايندو! هيل توڙي ته لمن ڪنڊن ڏانهن ٿي اوهانجو ڌيان ڇڪايو اٿم، ته ٻهرجي ويا آهيو؛ هاڻي ونو هيءَ ڇيندڙ ڪنڊو- فلاڻي شاگرد فلاڻي ٻن مارڪن واري سوال ته ١٨٥٨ع ۾ انگريز سرڪار ڀارت ۾ راڄ جون واڳون ڇو ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کان ڇڏرائي پنهنجي هٿن ۾ آنديون، جي جواب ۾ سبب ڄاڻايا آهن اهي جن ڪارڻ انگلنڊ جي پارليامينٽ سنه ١٧٧٣ع ۾ ريگيوليٽنگ ائڪٽ پاس ڪيو. اوهان انهيءَ جواب کي ٻن جدا هنڌن تڪ مارڪ ڪري، شاگرد کي ٻنهي غلط جواب تي سوَ سيڪڙو ٿي مارڪون عطا ڪيون آهن!! هاڻي ڇئو. پهرين ته مون وٽ ٿي آهن؛ ڇئو ته ڪيئي ڏيکاريانو." مڙس جا جنسي ڇيهه ٿي ڇڏي پيا! منهن جي مهڪ ٿي اڏامي ويس!!

ڏوهه ته ڪڏهوڪو معاف ڪري ڇڏيو هوماس، سو چيوماس ته منجهند جي ماني هتي گڏ ورتائينداسين. مڙس ميڇي ته پيو، جڻ مون کا ارب خطا ڪئي هئي. جڏهن ڏڙڪو ڏنوماس ته "پلا مان اوهانجون ڪيل

۴١- قدر-شناسي

مون وٽ پرنسيپال ٽي ايم آڏواڻيءَ جو هٿ لکيل خط آهي، جو مون سانڍي رکيو آهي. سٽون صرف ٽي لکيل آهن، پر مون لاءِ اهي پڻ ڪافي آهن. مول سنت ۾ لکي ٿو، ”تون ئي اهڙو ڪارڊ ان طرز سان نباهي ڄاڻين.“ اها چٺي هن مونکي سندس جنم-ڏڻ تي موڪليل واڌاين جي ڪارڊ جي موٽ ۾ لکي هئي. ڪجهه سالن کان ڪاليج جي پروفيسرن ۾ اچي شوق جاڳيو هو ته ”صاحب“ کي سندس جنم-ڏڻ تي مبارڪون ڏجن. بس، پوءِ جنم-ڏڻ آيو ناهي ۽ هنن جي هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ جي سرجوشي شروع ٿي ناهي! مونکي اهڙين چٺاڻين ۾ ٻهرو وٺڻ نه آئڙندو آهي ۽ نه وري ڪو اهڙو اُرئي اُٿم، جيتوڻيڪ اِهيءَ سبب ’صاحب‘ جي چيت تي گهڻو اٺو چڙهڻ جو شوف حاصل ڪين ٿيم ۽ هن جي اِيامڪاريءَ ۾ خاص وڏيس دلچسپي ڪونه. پر اُن سال مان هوس ٻوڙي ۾ مادريٽر، سو عمدن ڪتابن جا دڪان پيٽيندي، هڪ تي واڌاين جا ڪارڊ ڏٺم. دل جا اُٿم ٻاراڻي، سو هڪ تصوير وڌي ويم- ٿڌن رنگن ۾ سبز فضا ۾ هڪ وڻ جي ٿار تي ٻه پکي ۽ وچ ۾ سندن ٻه ٻچڙا وينل هئا. اندر واڌايون پڻ سهڻي انداز ۾ درج ٿيل هيون. تڏهن اچانڪ دل جي ناڪيءَ تي تڏي ٽپڪي وڃي- ياد آيم ته

آخر هوءَ آئي. وڃڻ مس ته چيومانس، ”سائين، اوهان ڏک ڪيو ته مان مڇيءَ مان فقط سنها ڪتابا ڪڍي رهيو هوس ۽ هان، ونو، هيءَ ڪنل ڪرنگهو ڪڍي رکيو اٿم.“ پڇيو ڏسي، اکين اڳيان آنڌي اچي ويس ۽ مڙس پگهر ۾ شل ٿي ويو. ڏٺم ته هن حالت ۾ هن کان هڪ گهڙي به ڪين ڳيسندو ۽ ماني اجائي زيان ٿيندي! سو مون کيس سڀ سهوليت ڪري ڏني، ته هن آندو ۾ سانجهيس ۽ روئي ورتائين. ڪجهه آرام ڪري، شام واري گاڏيءَ ۾ هوءَ ماڳ موٽي ويا، پر پرنسيپال صاحب منهنجو سانس ڪيل سهج اڃا تائين نه نه وساريو آهي، ۽ هوءَ اهو مورم وساريندو.

جنهن ڪري لفافي بند ڪرڻ تي ڪؤنر ٻاهر وهي آيو ۽
لفافو بدزيبو ٿي پيو. هيڊ ڪلارڪ لفافو آڻي موڪلي
ڏنو. هن سمجهيو ته حڪم جي اَکَري عمدي پيروي
ڪئي اٿم جو 'صاحب' آفرين ڏيندو! موڪلي ته مورڳو
مٿيان ٽلي ويئي ۽ خوب چنبا ڪڍي ماس!! هنن کي
ڪوبه ڪم سهڻي نموني نباهڻ بدران ڪين ٿو اچي-
آهن ٿلهي چمڙيءَ وارا، سو هوءُ ڪائين به ٿلهو، اُڪلائين
به ٿلهو ۽ ٿلهو بدڻ ۾ پڻ اَرچڻ ڪانه ٿئين! هيڊ ڪلارڪ
ٽوڙو ٿي ته ڏيان ڏني ها ته آخر خط ڪنهن ڏانهن
وڃي رهيو آهي ته شايد سندس دماغ تي اُنجو ڪجهه
اَثر ضرور ٿئي ها. پر نوڪي هنن ڳالهين جو ڏاڍو ڏانءُ
آهي، اِنڪري هيءُ ڪم هاڻي توتي ٿو رکان. آميريڪا
جي واٽومل فائونڊيشن وارن اڄ ڪٿي هٿي، پنجاهه
هزار رپيا اَسانکي ڏيڻ جي، الهيءَ شرط تي ڪاليج
هال تي نالو سندن مرضيءَ مطابق رکيو ويندو. مان
اِها اڄ موٽائي رهيو آهيان- اِلهيءَ لاءِ پيو نه، ته لک
رپيا ته ضرور اَچڻ کپن. پر جيڪڏهن پنجاهه هزارن
جي اڄ ٿـي، جا اَسين قبول ڪرڻ لئا چاهيون، تـه
اِلهيءَ جو مطلب ڪينهي ته جواب غير-زيبائتو موڪليون-
'نه' ڪجي، سا به نزاڪت سان. تنهن ڪري ٿي هن
ڪم جي نوڪي پارت ٿو ڪريان. دل ۾ نه ڪجانءِ."
موڪلي به ڳالهه دل سان لڳي. هڪدم خاطري ڏني ماس

'صاحب' جو جنم-ڏن سياڻي ئي نه آهي. هيءُ ڪارڊ ساڻس واهه جو ٿي نهڪيو- گهوٽ ڪنوار جي وچ سنڌن ۾ پيار؛ ڪيس ۾ ئي نه پت هئا. بس ڪارڊ خريد ڪري، سرنامو لکي، بروقت وڏي ٽپال آفيس جي دٻي ۾ لفافو داخل ڪري آيس، جنهن مهل سر وڃي ڪيس ملي. ڪارڊ پهچڻ شرط جواب ڏنائين- جيڪي ڪجهه دل ٻولايس، سو ڪٺي درج ڪيائين- گهڻي ساراهه جي نه ضرورت هئي ۽ نه مهل.

پولسيپال ٽي ايم آڏواڻيءَ جي اها خوبي هئي- هُو سولهن ۽ نزاڪت جو ڪوڏيو هو، ۽ اهڙن ڳالهين جو ونس وڏو قدر هو. هڪ دفعي پٽيوالو چاڙهي موڪليائينم ته ”مون وٽان ٿي وڃ.“ ويوساس ته هڪ خط ڏنائينم- ”هن خط لاءِ خاص لفافو تيار ڪرائي، خط هن سرنامي تي ٽپال رستي روانو ڪر.“ عجب لڳم. هُو جهٽ ڳالهه ٻروڙي ويو. چيائين: ”پائي، تون دل ۾ چوندو هوندين ته 'صاحب' پٽيوالن جو ڪم مونکان ٿو وٺي. سچ ته پٽيوالا توڙي ڪلارڪ ٻئه بيڪار آهن- سمجهن ئي ڪجهه ڪين ٿا. لفافو هوم- هيڊ ڪلارڪ کي تاڪيد ڪيم ته خط سهڻي نموني بند ڪرائي، ٽپال ۾ روانو ڪرڻ کان اڳ ــ موکي ڏيکارج. هيڊ ڪلارڪ بوجو لاهي وڌو هيڊ پٽيوالي تي. هن وري لفافو پڪو بند ڪرڻ خاطر اُن تي ڪؤنر جي خوب ورکا ڪئي،

٣. پرنسيپال، ٤. وائيس چانسيلر ۽ پنجين صفحي تي
لکيم- ”اچا ۽ بخت ڀلا جي تصوير لاءِ.“ جڏهن ڏٺهن
پرنسيپال ٿي ايم آڏ واٽيءَ کي وڃي وائيس چانسيلر
جي ڪرسي والاري هئي، تنهن ڏٺهن سعيو ڪري
ساجهڙ ٿي ڪاليج ۾ پهچي ويس ۽ بعد ڏيڍ پٽيوالي هٿ
اهو تنيو پارسل 'صاحب' ڏي ڏياري موڪليم. منٽن
۾ پٽيوالو موٽي آيو. هوُ حد سرهو پئي لڳو. ايندي
شرط چيائين، ”صاحب تو سڏيو.“ منهنجو 'صاحب' جي
مڪان ۾ پير رکڻ ۽ هنجو موٽي چڪي ڪٽي ڀاڪر پائڻ-
”لاشڪ تون ٿي سچي ڪي شهه ڏئي ويئين. موکي
تو مان اها ٿي اميد هئي. گلدستا ۽ گل آخر ته
ڪومائجي ويندا، مٺايون پيٽ وهٽيون ٿينديون،
هڪڙيون تصويرون ٿي آهن جي هميشه چٽيون رهنديون
۽ هر هميشه تنهن لوهه سان ياد تازي ڪنديون
رهنديون.“ گد گد ٿيندي چيائين: ”هي ۽ فوٽا ته
مون وٽ ٻه ڪيئهن. تنهنجو آلبم ڏسندي، جهٽ
سرسوتيءَ کي سڏيم. پهريون صفحو کوليندي پڇيومانس،
'هي ۽ ماڻهوُ سڃاڻين ٿي؟ گانگٽ مڇين واري سان تون
هوند شادي ڪرين؟' ڪجهه قدر شڪ ڪائي ويس، پر
پڪ وري ۽ ڪاڻ ٿيس. وري ٻيو صفحو کوليم- مڇون
چٽ، پر سر تي لمبي ڪاري ٽوپي سوار! هاڻي سمجهي
وئي. ڪلي پيئي. جڏهن ٻيو پرت ورائي تنهن تي آيا سين

نه ڪم سنڌس دل وٽان ئي ٿيندو. اُهيءَ ڏينهن ئي اهو لفافو عمدي انداز ۾ امريڪا روانو ٿي ويو!

پوءِ ٿيو پرنسيپال ٽي ايم آڏواڻي، بمبئي يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر. خبر سا ڪاليج ۾ آئي، بس، خوشامد جو آبشار ڇڙي پيو. دل منهنجي به سڙڪي، پر پاڻ کي پرچايم- توُن جيتامڙو، لهر ۾ لڙهي ويندين!!

پر صاحب کي سوڪڙي ڏيڻ ڪان دل نه رهي- پر سوڪڙي سانديڻ جهڙي! پرنسيپال ٽي ايم آڏواڻي، منهنجي گرو- پتا، پرنسيپال ڊي ٽي ماڙيوالا جو همڪلاسي هو ۽ ساڳئي ئي ڪراچيءَ جي ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ ساڳئي ئي سال پڻ نوڪريءَ تي چڙهيا هئا، منهنجو گرو- پتا البت ڪجهه مهنا اڳــ ئي، ۽ پڻ انيئي وڏيا ويجهيا هئا. ان ڪري مون وٽ جام فوٽا هئا جن ۾ پرنسيپال ٽي ايم آڏواڻي منهنجي گرو- پتا سان گڏ نظر اچي رهيو هو. انهن مان به چوُنڊي ڪڍيم- هڪڙو تنهن زماني جو جڏهن هوُ بي اي پاس ڪري ڪاليج 'فيلو' بڻيو هو، ۽ ٻيو جڏهن هن پروفيسر جو پد حاصل ڪيو هو. ٻيا به فوٽا جڏهن هند ڪاليج ۾ سنڌس اڳامڪاريءَ جي سمي جا چونڊيم. هڪ ننڍو، پر سهڻو آلبم هٿ ڪيم. ڀوريون پرت نالي، وغيره لاءِ ڇڏي، چار فوٽا چئن الگــ، پر لاڳيتن صفحن تي چنڊڪايم ۽ هرهڪ کي لائق سرو پڻ ڏنم- ١. شاگرد، ٢. استاد،

٤٢- ونود جو جنم

جيئن آهي چيل- هڪڙو ٻُڍو ٿو لهي، ته نئون ٻيو ٿو چڙهي. جيجل ماءُ جڏهن مون ڏي نيڻ کڻي نهاريندي هئي ته سندس آشائن جو گهڙو ٽمٽار ٿي ويندو هو، ۽ آشائن سان گڏوگڏ آسيسون پڻ هونديون هيون. اهو وقت آيو جڏهن اهو رڙهيون پائيندڙ گوڏ ٻولو نينگر سامائجي، پنهنجي ونيءَ وٺي گهر آيو! نئين پيڙهيءَ جي جڙ پيڙهه پيئي. ماءُ جيجل خوشيءَ ۾ جهڙي ڦولي ڦٽي سمائي! سندس آشائن نئون موڙ حاصل ڪيو- شال هن سڪيلڌي مان ڪي ڪيچ ٿين! بس، ماءُ چئي ۽ پٽ ٻڌي پوي. پوري ٻارهين مهني مولا ڄايم. ماءُ سور ڪاٽا، پوءِ جيڪي جهڙي- پٽ پيا ڏيءُ. ٻهراڻ ڏيءُ، پٽ سمان ٿي ته ليکجي آهي!! اسان وٽ هونءَ ٻه پڙن ڏيئن جو پيڊ ڪولهي. سو چنڊ جهڙي گول مٿهن واري مولا سيٺي جو ڪيلوُٽو ٻٽجي پيئي. جيڪو ايندو هو، سو کيس کڻي کيلائيندو هو، ۽ سندس کلڻ تي ڏاڏو ۽ ناڻو، پيءُ ۽ ماءُ، عزيز جا نيڻ ٺري پوندا هئا.

اهڙا ساڳي مولا جڏهن مشڪي آئي تڏهن ماڻس جا پير جهڙي ڇپي پيا- ”توهين ته ڏڏو مانجهاندو ڪيو وڃنا آهيو. مولا ڪيڏو نه قد ڪڍيو آهي، ته به اڃا ڪا ڇڻتا! نياڻيون آهن پرائو وکر، تن کي جيترو ترت

۽ هڪدم چيائين، 'اُوهان مونکي ڇا سمجهيو آهي؟' شاباس هجي تنهنجي سمجهه کي- ڪٿان هونا ڳولي ڪڍيا آڻيئي، اُهن مان منهنجا اَلڳ- ڪرائي، ترتيب وار اِهي اَڻڪائي، هرهڪ کي عمدو سرو ڏنو اَٿيئي. ٻيو ڪوبه اُهڙي جاکوڙ ڪين ڪندو ۽ نه وري اِهيءَ طرز سان سوکڙي سينگاري ٻيهاريندو. اون ٿي هيءُ ڪم نباهي ڄاڻين."

هن مبارڪ ڏينهن ملاقي، صاحب سان ملڻ لاءِ منتظر هئا. ان ڪري راٻدڪ نه روڙڻ ڪاڻ جلد ئي ڪيس پرڻام ڪيم ۽ موٽ ۾ هن منهنجي پٺي ٺپڙي. اِهيءَ ڪان وڌيڪ هاردڪ قدر- شناسي ڪهڙي ٿي ٿي سگهي!!

ڏيندي، چئي ڪڏي موڪلڻ لاءِ ويٺي ڪيم. ٻه خط ٽپال ۾ في الحال ڪين وڌا. ويچار هوم ته شام جو جڏهن ٻار مولا وٽان ٿي موٽندا ته مان پاڻ خود اهي ٽپال حوالي ڪري ايندس.

ٻار پاٽيھجو ڏسڻ ته ويا، پر موٽيا ئي ڪونه. ٽپال ٽڪڻ جو ٽائيم به اچي ويو، مگر سندن پتو لادارد. مون کي سمجهه ۾ نه پيو اچي ته هو ڇو ڪين آيا هئا، جڏهن ڪين خبر به هئي ته سندن اچڻ ڪان پوءِ ئي مان ٻاهر ٽڪڻ وارو هوس! من ۾ غوطا پئي کاڌم ته ٻريان ٻارن کي ايندو ڏٺم. ويجهو اچڻ تي سيني جا منهن لٿل نظر آيم. پڇيومان، ”خير ته آهي؟ ڇو ڪملا، جا توهان سان گڏ هلي هئي، سا ڇو ڪونه موٽي آهي؟“ منٽ اڌ ته اکر به ڪين اُڪليو. منهنجي اُڻ تڻ ڇوٽ چڙهي وئي. ليت ڏيري وملا سڀ ڪجهه ٻڌايو: ”مولا جو صبوح کان سور جي دانهن پئي ڪئي، سو سندس تڪليف ايتري قدر وڌي وئي هئي جو آخر وهم واري ڊاڪٽر پاٽيءَ رايو ڏنو ته ’ڪيس مولڪان زور آهي؛ ڪيس يدا دير ڪنهن وڏي اسپتال ۾ وٺي وڃو.‘ اهيءَ تي ڪملا سرجوشي ڪري ڊاڪٽرن سان فون تي ڳالهايو. جيتوڻيڪ آرتوار هو ته به ماهر سرجن ڊاڪٽر لريش پاريک، جو اُن ويل ساهري گهر ويٺو هو، تنهن ڪملا کي چيو ته فون پوڻ کي اَئمبيولنس ۾ ڪڻارائي جي. جي. هاسپيٽل ۾ اچ ته مان آيو رهيس......“

پرائو ڪجي، اوترو پلو." پر منهنجي ڪنڌ کي نه هو وهائڻو. منهنجا وڏا وينا هئا، وڏي اون نه ڪين لڳڻ ڪپندڙي هئي. آخر اِها اون به لٿي- مونا مڱائيسون! شيواجي پارڪ واري لئين جاءِ ۾ وڃي وياسين ته شاديءَ جي لٽ تاريخ مقرر ڪري ڪيس ڇوچ سان پوڻا يوسين- لاڏا، آتش- بازي، مونروون، بين باجا، سرپلا سنسڪرت سلوڪ، اگني ديوتا کي پرڪرما، سوڪڙيون، سهج- چوڪري شيمهن ڪلهي چاڙهي ڏنيسون. اڄو مون لاءِ لاشڪ وڏو ڏينهن هو.

پر اِهيءَ کان به وڏي ڏينهن اُچڻ ۾ ويرم ڪين ورتي. ورلدي سال لينگر هئي پريل مهنن سان، سو ناني جو شرف پڻ اچي درتي سهڙيو. پڇاڙيءَ جا ڪجهه ڏينهن مونا خاص مزي ۾ ڪين هئي ۽ ولود وقت کان ڪجهه ڏهاڙا ساجهڙ ٿي جائو. چؤطرف واڌايون وري وييون. مؤر کان هونءَ به وياج وڌيڪ مٺو لڳندو آهي، تنهن ڪري ڏوهٽي جي جنم تي خوشيءَ جي حد نه رهي. ڏاڏاٽمس وٽ جيڪي ڏهيو واپريو، تنهن جي مولڪي سمڪ ڪاڻهي. باقي مان ته جنمي ويس مائٽن کي خطن لکڻ ۾- پاپوءَ ۽ اميءَ کي تہ بروقت تار رستي واڌايون ڏنيم، جو پڙ پيو هون- پوٽيءَ کي پٽڙو جائو هون! پين مٽن مائٽن کي چٺيون لکيم ۽ پنهنجي براهمڻ کي جنم جي پوري وقت جو اطلاع

ساڳي منڙي مونا وڃي واڳن وهيڻي ٿي هئي!! اُهڙو ويچار ايندي حواس جهڙي گم ٿيڻ لڳا- هاڻ مونا جو ڇا ٿيندو؟ اُها مونا جنهن لاءِ اوجاڳا ڪيا هئاسين، پنهنجا سک تياڳي ڪيا سين، جنهن جي خوشيءَ ۾ پنهنجي خوشي سمائيسين، جنهن کي ڇوچ مان سنڀرائي سينگاري گهوٽ پرڻو ڪيوسين ته هوءَ پل وڃي سکن جي سيجا ماڻي، سا وڃي اسپتال پيري ٿي هئي!! هيءَ هيڏي پرورش سڀ وئرٿ ويندي- ائين پور پڄائيندي پگهر نڪرڻ شروع ٿي ويا! مان بنهه اڌ پر ٺڄي ويس!!

اتي اَچانڪ من تي ويچار تري آيم ته اي بندا، تون ڇو ايترو پاڻ ولوڙين! تون ڇو ايڏو وڏو سوچ ڪرين!! آسرو اَلک جو وٺ، جنهن کي نئين هر ڳالهه جي لک ٿي پوي. اتهيءَ نئين پرميشور جي نام جون پنج پؤڙيون جي ڪنٺ هيم، سي پريم سان پڙهيم. وڏو ڌيرج اَچي ويم- اُها سگهه ۽ شڪتي، جنهن جي زور تي اَتاهه اسپتال ۾ نه رڳو مونا کي ڳولهڻ آسان ٿڻجي پيو، پر اُهي دوائون جي ملڻ مشڪل هيون، سي سوليون هٿ اَچي ويون، جيڪا جاکوڙ ۽ جفاڪشي ڪنهن جنگ جوان کي پڻ هولد ڏيري ڪري وجهي، جنهن ۾ ڏينهن رات جهڙي هڪ ٿي ويا هئا، سا سڀ سهنجي نئين لڳي ۽ ڇهن هفتن جي سخت پورهيا بعد

ڳالهہ ٻڌي، منهنجي هٿن مان جنسي ڪي ڪري
پيو! منهنجي لنڊڙي موڙي! جي. جي جھڙي اَجگر
اسپتال ۾ مولڪان ڪيئن ڳولي ليندي!! وهم وچائڻ
جو نہ وقت ئي ڪونہ هو. ٽپال جا خط اُئين ئي ڇڏي،
ڪپڙا بدلائي، مان لڪتس مولا جي فڪر ۾.

مان نہ وڏي مواجھاري ۾ اَچي پيو هوس. هاڻي
ڇا ٿيندو، اِهو خيال ڪندي ئي من وسامڻ لڳو.
لنڊي هوندي کان هيل توڻي مولا جي تصوير اَکين
اَڳيان تري آئي نہ ڪيئن نہ ڪيس لاڏ ڪوڏ سان پاليو
تاتيو هوسين، ڪيئن نہ ڪيس گھمڻ وَٺي ويندا هئاسين،
ڪيئن نہ لنڊي هوندي اَڌ رات جو جاڳي وٺي رئڻ
شروع ڪندي هئي ۽ تہ ترم بسترو ڇڏي، ڪيس ڪلهي
تي ليٽائي، ٻني ٽپڙي، ڪيس لنڊ ڪرائبي هئي؛
ڪيئن نہ اَجا هوءِ پورو وهڻ بہ ڪين سکي هئي تہ
سندس فوٽو ڪيائڻ لاءِ ڪيس فوٽيگرافر جي دڪان
تي ڪٽي ويا هئاسين؛ ڪيئن نہ هن مولا جي ڇنڇلتا
کي ڏيهي ڏڄي، مدت کن هڪ هنڌ ٿامائي بيهاري،
سندس عاليشان فوٽو ڪيڇيو هو؛ ڪيئن نہ هوءِ اسڪول
وڃڻ کان ڪيبائيندي هئي؛ ڪيئن نہ ٻوءِ ايس ايس
سيءَ جو امتحان ڏنو هئائين؛ والديڪن ٿاهڻ جي هنر
۾ سندس حرص وڌيو؛ ڪيئن نہ سندس مڱڻو ٿيو هو
؛ آخر وچي شيهن ڪلهي چڙهي هئي! هاڻي اَها

٤٣- ويهين صديءَ جو معما!

هڪڙي ڏينهن پنجين ماڙيءَ تي پيريڊ پاڙهي آيس تہ پروفيسرن جي ڪمري ۾ خشڪيءَ ۽ تشنگي دور ڪرڻ لاءِ، جو ڏيڏر واري 'ٽان ٽان' جو پولاءُ ڪن تي پيم. چوٿين ماڙيءَ تي علم حيات جو تجربي گهر آهي، سو سمجهيم تہ متان اُتان ڪو ڏيڏر ڪا صدا ڪندو هجي ڪنهن شاگرد کي تہ، "سيکهہ ڪر، جهٽ لاءِ سهي ڪي پنم ساهہ، تہ هيءَ اون ۽ انتظار لهي، هڪ هڪاٽي ٿئي تہ لهي ٽانگهہ." پر اهڙي ڪا ڳالهہ تہ هيائي ڪا نہ. ڏيڏر جو آواز ڪجهہ هيٺيرو پئي ٿيو. تڏهن پڪ ٿيم تہ ڪو شاگرد ئي ڏيڏر وڄائي رهيو هو. چيم تہ مار! ٻارن جي ساڃهہ ٻاراڻي هلي اچي!! پر نہ ٻيلي، هيٺين سالن ۾ ڪجهہ ڦيرو ضرور آيو هوندو!! سو دل ٿيم تہ اهو تماشو ڏسان.

اَسين جڏهن ننڍڙا ٻار هئاسين، تڏهن ٽين جا ڏيڏر وڄائي، ٻاڻ ولڊرائيندا هئاسين. سالن کان پوءِ جڏهن مان پروفيسر ٿيو هوس تہ ڏيڏرن جو لٿون روشو ڏسڻ جو وجهہ مليو هوم- ڪاليج جي شاگردن کي ڪنهن پروفيسر جي گفتار پسند نہ پوي، تہ هو ڏيڏرن جي 'ٽان ٽان' شروع ڪيو ڇڏين. اُهيءَ ڪي ٻہ ڪيترا سال ٿي ويا. هاڻ ضرور ڪجهہ سڌارو، ڪا ترقي ٿي هوندي، ڪين اَچا سوڌو پروفيسرن کي تنگ ڪرڻ جو اهو سولو نمونو هلندو پئي آيو!

ڇوڪر کي ساهري پرڻو ڪري آياسين ۽ ائين ٿي
سمجهيوسين ته لڳن مان ڪي ڪين لهي ويو هو.
پرميشور ٺاهه رکي، نه ته بندي جي وس آهي ڇا!
سهارو سائينءَ جو ڪافي آهي، جو ڪک ڪاري ۽
ڪوهه پوڙي ٿو. ويساهه سو ڪو رکي، پوءِ سندس
ٻيڙائي پار!!

ڳولي لهڻ شروع ڪين هو. پر منهنجي اندر وارو اڃا ڳالهه ڪٿان ٿو پڌي! ڪن سولا ڪري، ڏاڪا لهندو آيس. ايندڙ آواز مان سڃاتم ته ڏيڍر ڏائي طرف وڌي رهيو آهي. تمام سٺو! پروفيسرن جو ڪمرو پڻ ايڏانهين ته هو. ڏيڍر وڌي پروفيسرن جي ڪمري جي دروازي جي ٻنهي پاهران اچي ٿامجي ويو. شايد هُو پروفيسرن جي ولدر ڪارڻ ئي اچي اتي سهڙيو هو، جئن پولڙن وارا بازيگر اچي ويهندا آهن ته من ڪنهن سٺي گراهڪ جي سڌ ڪيل ئي دل سڪي! پر نه، سامهون لئبرريءَ جو دروازو به ته هو!!

الهيءَ هند ئي شاگردن جي پهه پڻ ڏاڍي هئي. جون والگر مس ٿي وڪ ڪٽي سگهياسين. ڇپي ڇپي ئي شاگرد گلو ۽ جهنڊ لڳايو بيٺا هئا، جنهن ڪري جتان ڏيڍر وڃڻ جو آواز اچي رهيو هو، اتي پهچڻ ۾ البت وقت لڳو. الڪو اهو ئي هو ته متان ڪٿي ڇرڪو نه پهچان ته هيءُ بازيگر ڪنهن ٻئي طرف نه ٽڪي وڃي! نه بيلي. هوُ پنهنجو رنگ رچائي ئي رهيو هو ۽ اُن ۾ ئي مڳوُ هو!! هن کي دنيا جي ٻيءَ ڪنهن به ڳالهه جي سمڪ ئي نه رهي. رهي به ڇو! ڇوڪريون ڇوڪرن ئي ته ساڻ هنيس!! مان جو اتي پهتس ته بمبئيءَ جي پوليس واري والگر مون به وڌو هٿ. نه سڌس ڏٺو ۾، پر هٿ جي ڪرائيءَ ۾، جنهن ۾ ڏيڍر هوس. مڙس

پروفيسر هونءَ ته ڪنهن سان سلڻ وارا نه آهن نه
شاگرد ڪلاس ۾ ساڻن ڪهڙا وٺل ٿا وهائين، ڪهڙا
ڪلور پيا ڪڍيون ٿا ڪن؛ پر هيءَ جي ڏيڏر جا آواز
ڪلاس کان ٻاهر ٻڌڻ ۾ ٿي آيا، سي ضرور ڪڏهن
ڪڏهن ٿي سهين، ڪلاس ۾ پڻ ضرور ٿيندا هوندا.
اهي خيال پچائيندو مان چوٿين ماڙي تان لهي ٽئين تي
پهتي آيس ته ڏيڏر جو آواز چٽو ۽ ٺڪو ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳو.
هاڻي خاطري ٿيم ته ڏيڏر ٽئين ماڙي تي ئي هو. پر
اُن کي ڳولي لهڻ محال هو. تازو گهنڊ لڳو هو. پيريڊ
جو پورو ٿيو هو، ته سڀني ڪلاسن مان شاگرد نڪري
ٻاهر ٿيا هئا. مس ڪري ٻند خلاص ٿيا هئن. پروفيسر
پڻ اَلائجي ڪهڙي معجون کائي ٿا اَچن - پيريڊ جا
پنجيتاليهه ئي منٽ ڳالهائيندا رهن، جي ڪٿي ٽڪجن
پيا ڪٿي هٽڪن، سو اَصل ڪين. ڳالهائين وري اِئين
جڻ سندن سامهون دنيا جا مڙيئي فيلسوف اَچي پيڙا
ٿيا هئا!! ويچارا اَج جا وديارٿي هلن رڳو ڪوڪاڪولا
تي، پائين سنگين ۽ بنا استري ٿيل چولا، سندن هڏ ٻانهون
پيئون ڏسجن، سي ويچارا ڇا سمجهندا پروفيسرن جي
صاف گوئي! سو پيريڊ پوري ٿيڻ تي جو هربلو ٿيو
مچي، سو سنڌ جي جمعي واري ملاخري کان به گوءِ
کڻيو وڃي. هڪڙي پيڙ ۽ گپا گيهه، پيو ڇوڪرن ۽
ڇوڪرين جي پاڻ ۾ ڳالهائڻ جي چنايپٽي، تنهن ۾ ڏيڏر

پتو لڳائي آيو هو ته آخر مان هوس ڪير، تنهن ڪري جوش گهٽو پئجي ويو هوس، ۽ ڪارڊ موٽائي ڏيڻ ڪاڻ هوءَ منٿون ڪرڻ لڳو. مون کيس سڀاڻي تي اچڻ لاءِ چيو، پر هن کي ڪنهن چيو ٿي ڏنو ته جي ڪارڊ اَج ئي واپس هٿ ڪري نه سگهندين، ته خير ڪونهيئي! انهيءَ ڪري ڏاڍي التجا سان آزي نيزاري ڪرڻ لڳو. مون کيس سمجهايو: ”ڏس، تو ٻه گناهه ڪيا آهن - هڪڙو ڏيڍر پٽي وڃائڻ، ٻيو ڪارڊ بنسبت ڪوڙ ڳالهائڻ. مولڪي ان ڪري تو ۾ سخت ڪاوڙ آهي. اَج ڇڏ، ڳالهه سڀاڻي اوله ڪنداسين؛ انهيءَ ۾ تنهنجو ئي ڀلو آهي. جي گهٽو تنگ ڪندين ته پرنسيپال صاحب وٽ نيئي هلندوسانءِ ۽ انهيءَ جو اُگرو نتيجو ڀوڳي سگهڻ گهرجي.“ ڇوڪر سمجهي ويو. باقي رهيا پروفيسر. هنن جي مرضي هئي ته ڇوڪر کي سخت سيڪت ملڻ گهرجي. هن شايد سندن ڪلاس ۾ ڏيڍر وڄائي کين سخت هلاڪ ڪيو ٿي ڏنو! پر هن کي هوءَ پڪڙي نه سگهيا هئا. مون کين دلاسو ڏنو ته فيصلو سڀاڻي ڪبو ۽ سندن صلاح کي خوب وزن ڏنو ويندو.

صبوح ساڻ ڇوڪر اچي سهڙيو. مون ته فيصلو اڳيئي ڪري رکيو هو. هوءَ ويهين صديءَ جو شيام ئي ته هو! هن پاس جي مرليءَ بدران ٽين جي ڏيڍر سان بندرابن جي گوپين بدران ڪاليجي ڇڪين جي ئي

منجهي ويو. ترڻ تابڙتوڙ لڳو. ڪاليج جو ڪارڊ گهربوماس ته ڪوڙ ڳالهايائين - ”اهو لئبرريءَ وارن وٽ آهي!“ مداريءَ جو کيل ڏسندڙ ليڪچررن پڻ ٻسري ويون - ”ڪاليج ۾ توروني هيٺن ٿيندو آهي!“ 'ٻو هيءَ آهي ڪيئن، أسان ته ڪڏهن ڪيس ڏٺو به ڪينهي!!' ”هيڊرو بندرو، پاڻ کي ڏس ته کهڙي نه چيز پيو سمجهي!!! وڏي ڪا ڪيمپ ڪٽي أٿائين!!!“

لئبرري ۾ ته سامهون ني ته هٿي. جوابدار کي اوڏاهن وٺي ويس. پڇا ڪئيسين ته لئبرريءَ وارن چيو، ”أسين ڇو هن جو ڪارڊ پاڻ وٽ رکنداسين!“ هاڻي ته ڇوڪر جي منهن جو رنگ ئي اڏامي ويو. ٽڙي ڪيڻ تي نهه پهه ستر جي ڪيسي مان ڪارڊ ڪڍي ڏيکو ئي پيس! هو پنهنجي ڪلاس جو چوائبل عيوضي هو. جي ڪاليج جي جنتا جي عيوضين جي ههڙي درگتي ٿي ڪٽي وٺي ته خود جنتا جو ڇا ٿيندو هوندو؟ جوش ۾ مڙس ويو ”وڏن“ سان صلاح مصلحت ڪرڻ.

مان پروفيسرن جي ڪمري ۾ آيس ۽ اچي ڏوگهو چاڙهيم. منهنجي هٿ ۾ ڏيڍر ڏسي، لنڊا پروفيسر ڏايا سرها ٿيا ته ليٽ شاهينگ ڦاٽو هو! جنهن ئي جوابدار ڇوڪر ڪارڊ واپس هٿ ڪرڻ ڪاڻ منٿن ۾ موٽي آيو ته هيءَ پروفيسر پڻ ميڙاڪو ڪري اچي بيٺا. ڇوڪر

٤٤- راشٽرپتيءَ جو ٽالي ٿاني

مان انهيءَ سال اتهاس جي خاص اَيپاس واري پيپر ۾ ماڊرن پيپر مقرر ڪيو ويو هوس. جڏهن مونکي پيپرن جاچيندڙن جي يادداشت ملي، جن کي منهنجي زير نظر پيپر جاچڻا هئا، تڏهن اُنهن ۾ هڪ نالي منهنجو هڪدم ڌيان ڇڪايو ۽ دلچسپي وڌائي- اُهو نالو هو پروفيسر راڌاڪرشنن جو. اَڙي! هن جو نالو اَساڻي راشٽرپتيءَ جهڙو ئي ته هو!! ڊاڪٽر ايس. راڌاڪرشنن کي اَول مون ڪراچيءَ ۾ ڏٺو هو ۽ سندس ڀاشڻ مونتي گهرو اَثر ڪيو هو- دماغ جون دماغ سان ڳالهين جو پهريون دفعو آزمودو مليو هوم. سو جڏهن ڏٺم ته مون وٽ جيڪو پيپر جاچيندڙ هو سو اَساڻي راشٽرپتيءَ جو نالي ياڻيوار هو، ته سياويڪ اُتڪنٺا اُتپن ٿي ته ڇڪاس لهجي ته منجهس ۾ راشٽرپتيءَ واري ڪا مٽيا هئي، ڪين فقط نالي ۾ لهال هو.

پيپرن جاچڻ جو ڪم چالو ٿي ويو. راڌاڪرشنن وٽان پڻ پيپرن جا پارسل باقاعدي ايندا رهيا. سندس ڪم بلڪل ئي دلپسند هو، جنهن ڪري منهنجو بوجو ڪافي جهڪو ٿيڻ جو جهجهو امڪان ٿيو- گهٽ ۾ گهٽ هڪ پيپر- جاچيندڙ جو مٿي جو سور ته گهٽيو! پر جهٽ ڏٺم ته راڌاڪرشنن فقط پهرين سو واهه جو جوهر ڏيکاريو، پر سندس پويان پارسل وڌو مٿي جو

۽ راس رچائي هئي!! اُن کي سيڪنڊ ڪهڙي ڏني!!!
هوُ پنهنجي ڪئي تي پشيمان هو- اَکيون ڏرايءِ ۽ ٿي
ڪتل هُئيس. ٻال ڪرشن وانگر هوُ چرُ ڇُٽي رهيو هو-
'مون نهين ماکڻ کاڌو.' مون کيس ٻنهه معاف ڪري
ڇڏيو- پشيمانيءَ ڪان وڌيڪ ٻي ڪهڙي سيڪنڊ ٿي
سگهي ٿي!! ڪارڊ کيس موٽائي ڏنم، باقي جڏهن
ڏيڍر لاءِ واٽ وڌائين تڏهن سو چيومانس: ”تو هيڏي
ساري وٽ اهو سونهين ٿو! مونکي لنڍڙو ڏوهنو آهي،
اهو هن کي ٿي ڏيندس!!“ ڇوڪر نينگ ٽپا ڏيندو،
روانو ٿيءُ ويو.

ڪونہ پيو. پنجين ڏينهن منجهند ڌاري هو اچي پرگهٽ
ٿيو. ٻائيءَ کي جا پنهنجي سڃاڻپ ڏنائين تہ هوءَ تہ
هڪدم ڍرجي ويئي. مان ان وقت ويو هوس گهر،
مائي ڪائي ڪجهہ آرام ڪرڻ. شڪر جو ٻائيءَ کي عقل
اچي ويو ۽ کيس منهنجي گهر جو ڏس پتو ڏنئي،
في الحال تہ ٻلا ٽاري ڪيائين. پر ٻائي اهڙي تہ هيٺڀري
ٿي ويئي هئي جو جڏهن مان راڌاڪرشنن کي وٺي
موٽي ونس آيس تہ بہ زرد و رنگ اچا ڪجهہ قدر
مٿس چڙهيل هو!

پروفيسر راڌاڪرشنن ڏس پڇائي، منهنجي مڪان
تي آيو ۽ جڏهن ڏيڻ ويٺ ڏنئي بس ڪيائين تڏهن
مون کيس ٽڏي سيني آڻ پاڻ ڪري وهاريو، جنن پل
تہ هو ڪجهہ قدر ٺري! سندس ڳالهہ ٻولهہ مان ظاهر
ٿيو تہ هو ولائت جي ڊگريءَ وارو هو. مولڪي الهيءَ
تي البت اچرج لڳو تہ ولائت پڙهيل پروفيسر هيءَ صرف
اڍائي سئين جو ڪم ڪيئن سوڪار ڪيو هو!! جڏهن
ڏٺم تہ هاڻ هو ڳالهہ سمجهڻ لاءِ تيار هو، تڏهن سندس
هڪ جاچيل پيپر کيس هٿن ۾ ڏنم. هن پيپر تي مٿاڇري
نظر ڊوڙائي، ۽ جيستائين مان کيس ڪجهہ سمجهايان
ٿي سمجهايان، ان کان اڳــ ٿي هن ڳالهائڻ شروع
ڪري ڇڏيو. چيائين تہ ”اوهين جيڪي بہ مولڪي
ڇوڪرا گهرو، اهو سڀ مولڪي سمجهي ٿو. هونءَ تہ

سور ثابت ٿي پيا. هڪدم پوءِ ڇٽي ڊوڙائيمانس- سندس ڪم ۾ جدا جدا قسمن جي خامين ۽ نقصن ڏانهن سندس ڌيان ڇڪائي، کيس خبردار ڪيم. پر مڙس سڌري ڪين سڌريو. شايد سڄو ڪم اڳيئي اڪلائي چڪو هو ۽ درستي ڪرڻ ڪانئس يا نه پڳي ڪين ٿي، يا نه کيس اِئين ڪرڻ ۾ خطرو ٿي ٿيو!! لاچار مڪ-ماڊريٽر کي دانهن ڏنيم. پوءِ ٿي مثال ڪڍي ڏيکاريامانس ته ڪيئن راڌاڪرشڻ اُجهل مارڪون ڏيئي رهيو هو. هوءَ بائي (مڪ-ماڊريٽر) مثال ڏسي ڏمرجي ويئي ۽ چيائين ته تار ڏيئي فورن پولي گهرائينس ته پيپر هٿي لٿين سر اچي جاچي! تار جهٽ رواني ٿي ويئي. مان وري اچي ڪم ۾ ويٺس ته بائيءَ جو خيال اُچي ڦري ويو- چوڻ لڳي ته فقط ٻن ٽن مثالن مان ڪين ورندو، تار ڪرڻ ٿي نه گهرجي هئي! اُبهرائي ڪيائين پاڻ، ۽ دوش مُڙهڻ ويٺي مولتي!! زنانو نمونو شايد ٿيندو ٿي اِئين آهي. شام ٿوٽي، جيسين ڏينهن جو ڪم ختم ڪري اُٿون، تيسين سندس سر ساڳيو ٿي هلندو آيو- هن کي تار ڏيئي نه گهرائڻ گهربو هو. سندس پريشاني دُور ڪرڻ ڪاڻ آخر مُون کيس آٿت ڏنو، ”پل ته هوُ اچي، مان کيس ڀاڪيهي مڻهن ڏيندس؛ اوهين شانتيءَ سان ويهي لقاءُ ڏسجو!“

خير. چار ڏينهن گذري ويا، پر راڌاڪرشڻ جو پتو

پيپر سڪتيءَ سان جاچيا هئائين يا جن کي اُڪلاسيون مارڪون ڏنيون هئائين، اُنهن جي حالت ۾ ڪانئس ضروري درستيون ضرور ڪرايم.

پوءِ گڏجي آياسين مک - ماڊريٽرياڻيءَ وٽ. پهريان ته هن کي ڏسي ٻائيءَ جي منهن جو رنگ بدلجڻ لڳو، پر جڏهن ٻڌايومانس ته راڌاڪرشڻ پنهنجيون سڀ ڪميون پيشيون محسوس ڪيون آهن، تڏهن مس منهن ۾ پاڻي آيس. قصو ان ريت ناهي، راشٽرپتيءَ جي ٽالي پاٺيوار کي راتوواهه بمبئيءَ روانو ڪري ڇڏيم، جو هن جو چوڻ هو ته هوءَ حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو ٻولي آيو هو ۽ جنهن ته هن جي هٿي ڪاٻ واقفيت ڪانه هئي، تنهن ڪري هڪدم گهر ڀيرو تيڻ تي گهرايائين.

جڏهن سڀ پيپر جاچجي چڪا ته مڙني ماڊريٽرن جي حيرت جي حد نه رهي جڏهن مارڪن مطابق پهريان پنجن نمبرن جي اچڻ ڪندي ظاهر ٿي پيئو ته اُنهن مان ٽي نمبر اُهي هئا، جن جا پيپر پروفيسر راڌاڪرشڻ، پارس جي راشٽرپتيءَ جي ٽالي ٽاليءَ ئي جاچيا هئا ۽ جن لئي مون پنهنجي پاريڪ نظر ڦيرائي، سڀني ڪنڊيل مارڪون حقي ٺهرايون هيون!!

مان اَهڙو خود-دار آهيان، جو ڪنهن جي وٺ جو نه
آهيان. مولکي منهنجي ولائتي ڊگريءَ تي وڏو فخر
آهي. پر اوهان جيڪو پهاڙيءَ وارو خط مون ڏي
لکيو آهي، جنهن ۾ ثابتين ۽ سنڌن سان منهنجا نقص
۽ خاميون ظاهر ڪري، مونتي اوهان تهمتون مڙهيون
اَٿوَ، تنهن مولکي پشيمان ۽ پريشان ڪري ڇڏيو آهي-
مولکي اَهڙو دسي وڏو اَٿوَ، جو پاڻ سامهون پڻ ڪند
ڪڍڻ جهڙو ڪين رهيو آهيان. اوهين جيڪي چوڻ
گهرو ٿا سو سؤ نڪا سچ آهي. آءٌ اوهانکي آفرين ٿو
ڏيان جو اوهان منهنجو هٿ پيءِ مولکي سڌي واهه
ڏيکاري آهي. اوهان جهڙو سؤلهون مولکي جيڪڏهن
نصيب نه ٿئي ها ته مان هٿ ڪان اَصل هيٺ ڪين
لهان ها، ۽ آخر پاڻ کي اَلائجي ڪهڙي بوهي يا اوڙاهه
۾ ڪاهي وجهان ها. آءٌ اوهانجو نهايت ٿورائتو آهيان
۽ منهنجا اوهانکي سلام آهن. مون سنڌس هستي نوڙڻ
نه ٿي چاهي. انڪري ڪيس وڏيڪ ليچو لوائڻ کان
روڪيم، ۽ هن ريت ڪني تمام چوٽ ۽ ڪني بلڪل
ڏي ٿوريون ماڪون ڏيڻ جو ڪانئس ڪارڻ پڇيم. هن
مولکي سچ ٻڌايو ۽ ڏنم ته حالتن ڪيس جهڪيءَ وچان
بيهون جاچڻ لاءِ مجبور ڪيو هو. مولکي سنڌس حالتن
تي ترس آيو. مون ڪيس دلداري ڏني ته مان ڪيس
ڪوبه ضرر ڪين رسائيندس. باقي جن شاگردن جا

۾ هوليءَ جو دل ملهائڻ شروع ڪيو. پهرين دل
ڪولوابا جي گورو نانڪ اسڪول جي حاطي ۾ ملهايو
ويو، جتي فقط ٻه سؤ ماڻهو آيا، جن کي لماڻي لمولي
۾ وندرايو ويو ۽ گهر ۾ تريل پڪوڙن ۽ بازاري ڊبل روٽين
جي ڇهر ونائي ويئي. وقت گذرڻ سان ماڻهن جو
هن ميلي ۾ چاهه ويو وڌندو، جنهن ڪري گورو نانڪ
اسڪول هال مان تامل سنگم هال ۽ پوءِ دادر جي
ڪشادي ٻاسلوا اسڪول هال ۾ اهو شغل ٿيڻ لڳو.

ورهاڱي ڪانپوءِ اسان جي ماڻهن لاءِ وندر ورونهه ۽
هڪ ٻئي سان گڏجڻ ملڻ جا وسيلا اڪثر ڇڏا ٿي
وڃي رهيا هئا، ۽ انهيءَ ڪارڻ ماڻهو هوليءَ جي دل
ڏي وڏي چاهه ۽ چوج سان اچڻ لڳا هئا. دل ۾ شريڪ
ٿيڻ ڪاڻ چندو بلڪل ٿي گهٽ رکيو ويو هو، جئين
غريب توڙي شاهوڪار دل ۾ ٻارين ٻچين اچي سگهن.
وندر جي پروگرام سان گڏ ڪاڌ خوراڪ جو پڻ خاصو
بندوبست ڪرڻ ۾ آيو، ۽ خرچ جو پورائو خاص اڳارڻ
چندن مان ٿيڻ لڳو. پر وقت اچڻ سان نظر آيو ته ڪن
پنچن هن ڪارڻ ۾ پنهنجي من-ماني ڪرڻ ٿي چاهي.
دانهون اچڻ لڳيون ته ڪيترن کي، خاص طور ڪئمپ
۾ رهندڙن کي دل جو لوتو ٿي ڪونه ٿو پهچي! ڏورايا
ملڻ لڳا ته دل شايد شاهوڪارن لاءِ ٿي آهي- ”ڪلباٽيءَ
جا وچائت ۽ مند جا جابلؤ، شهر جي عالم سان شرڪت

٤٥- هوليءَ جو دل

اِهيءَ ڳالهه کي ڏهاڪو ورهيه، تــه واهه جهڙا ٿيا هوندا جو وڏالا اسڪول جي پرنسيپال "منگهي" ٻمپاڻيءَ هڪ ڏينهن دادي راميءَ کي ٻهاري چيو، "دادي، هيءُ پروفيسر جـو اسڪول جـو هال سيوهاڻين جي هوليءَ جي شغل لاءِ ڪري ويو آهي، سو ايڏا سيوهاڻي ايندا ڪٿان؟ خـود گوپال گربخشاڻيءَ پڻ عجب پئي ڪاڻو ته پروفيسر صاحب هال ۾ هزار ڪرسين وجهڻ جو آرڊر ڪيئن ڏنو هو! هزار جو ٻه ڪو پيٽ ٿيندو آهي!!" دادي ويچاري منجهي پئي. ته ٻه پاڻ سنڀالي، ورندي ڏنائين ته "سائين، سيوهاڻين جو هوليءَ جو دل سنڌ کان وٺي هاڪارو آهي. سيوهڻ ۾ اهو شغل شهر کان ٻاهر اسٽيشن جـي پرينءَ پار لال (لعل شهباز قلندر) جي باغ ملهايو ويندو هو ۽ ڪراچيءَ ۾ اهو ميلو پولس باغيچي ۾ لڳندو هو. باقي هتي جي مونکي خاص خبر ڪانهي. پروفيسر صاحب پڻ اندازو لڳايو هوندو، هوُ پئسا وٺڻ وڃائڻ وارو ڪينهي. بس باقي چار ڏينهن تــه آهن. پاڻ اَچـي ڏسجو نَه!" هوليءَ جـي ڏينهن اسڪول جي هال ۾ ڪا ڪت خلق اَچي پلٽي! ٻج چڙهڻ جي جاءِ نه رهي!! گوپال آهي سيوهاڻين مان پرٽيل. قبولڻو پيس ته بيشڪ سيوهاڻين پاڻ ملهايو هو.

سنڌ مان لڏي اَچڻ کان جلد پوءِ سيوهاڻين ٻمبئيءَ

خاطري هئي ته ايڏو پئسو ڪامورن پاڻون وٽان چندن چيرن دوارن ڪٺو ڪرڻ ناممڪن هو. لکي پئسا مڙن، لکي دل ٽٽي!!

خاص ڪاميٽي نه ٺهي، پر ڪاميٽيءَ وارن مونکي چيو، ”توئي نه دل جو ريگت ڪاهي وڌو. هاڻي تنهنجو مٿو، تنهنجو ڪٿو. سڀي ڪاريه ڪي تون وڃي منهن ڏي، اسين فقط توسان ’ها‘ ۾ ’ها‘ ملائيندا سين.“ مون اڳي اهڙي ڪنهن ڳالهه ۾ ڪڏهن به هٿ نه وڌو هو. سو ڀورن الٻتي منجهيس. پر پنچات جي عهديدارن جي للڪار جا قبولي هئيسين، سو دل ڪري ٿي ڏيکارڻو هو!!

مان ڇا جاڻان ماڻهن وٽ هٿ ٽنگڻ مان! سو لاڪ کي ڪنيم ساڻ ۽ سندس پيچاڻ وارن ٻن ٽن سڄڻن وٽ لنگهي وياسين. هاڻ منهنجي آنٽي ٽٽي. ٽويو ڪٿي اڪيلو ئي لکري پيس پنڇن ۾. مونکي هرويرو ايڏي اميد ڪانه هئي. شاٻس هجين - فقط ٽيهن جڻن جهت ۾ سڄا سارا پندرهان سؤ روپيا ڪڍي ڏنا! ۽ دل ۾ شڪ ٽيڻ جا ڪوپن الڳ ڳڌائون!! پئسا ته اچي سهڙيا، پر منجهه ڪنهن کي ڪين ڏنم ته آخر اوڳر ٿي ڪيتري هئي يا مڙئي سڀ ٿي هئي، جنهن عهديدارن ٿي چاهيو.

پوءِ ورتم ڪيل تماشي جي ڪاريه کي. اُني پڻ

ڪرڻ جي لائق ئي ڪٿي آهن. انڪري جاڻي ٻجهي
ڪين ڏيٺو ٿو وڃي." آخر هڪ هنڌ سس پس ٻڌيم ته
اُن سال مورڳو دل ملهائڻ ئي ڪين ويندو!! مان الهيءَ
تي اَلبت پسري ويس. ڪير هو جنهن کي دل بند
ڪرڻ جي سمرٿي ٿي هئي! منهنجي زبان بند ڪرڻ
جي خوب ڪوشش ڪئي ويئي، پر جنتا جي آواز کي
ڪير ٿي ٻوساٽي سگهيو!! ڪاروباري ڪاميٽيءَ ۾
پنچايت جي ڪاروبارين سچ پچ دل نه ڪرڻ جي رٿ
آندي- واهه جي زوراوري ڇنڊي! ان لاءِ ڪاروبارين
طوفان وڏا عذر پيش ڪيا ويا- بهانو ڏيڻ لڳا ته پنچن
جا چونڊيل مڙيئي عهديدار اُن ويل واندا ڪين هئا،
جيتوڻيڪ چونڊ مهل ڪين خبر هئي ته هوليءَ جو دل
ڪرڻو ئي هو! پيسا ڪٺا ڪرڻ پڻ مشڪل هئا، ڇاڪاڻ
ته ماڻهن سڀ پيسا لڙائيءَ جي چندن چيرن ۾ چاڙهي
ڇڏيا هئا. ان ڪري اُپت کان وڌيڪ خرچ جو پورائو
ڪرڻ محال هو!! هاڻي ڏي منهن! اهڙيون اَڙڪون
اَڳيان آنديون ويون، جن جو مقابلو ڪرڻ ئي مشڪل!!
پر هوليءَ جو دل بند ڪيئن ڪيو ويندو؟ ڪاروباري
ڪاميٽيءَ جي ٻين ميمبرن جو رخ ڏسي، ڪين ليڪو
لوائڻ ڪاڻ، پنچايت جي عهديدارن پاڻ ڇڏائي،
هوليءَ جي دل ملهائڻ لاءِ هڪ خاص ڪاميٽي ڪڙي
ڪرڻ جي رٿ ئي خاص اَعتراض ڪين ورتو. ڪين

ممڪن ٿي سگهندو آهي. پر ڪوبہ هتان ڪٿي! ۽
ڪوبہ ڪان سواءِ اندر گهڙڻ جي اجازت هئي ڪانہ.
بي مانا ٿي موٽي وڃڻ پڻ سندن لاءِ ڏکيو ٿي هو.
منٿون شروع ٿي ويون. "پئسا وٺي، اسانکي اندر تہ
اچڻ ڏيو نہ. پل چپو چورو نہ، مليو تہ بہ هلندو، پر
پائون سوا تہ ٿيڻ ڏيو نہ؛ ساڻن گڏجڻ ڪان تہ. اسان
کي نہ واجهيو!" سندن ليڻن جي بيزاريءَ هٽي وڃي
هنڌ ڪيو. ڪين اندر آندو ويو نہ. سهين، پر ماڻهو
جنسي ڳاهت ٿيڻ لڳا.

ڪيل شروع ڪرڻ جو وقت اچي پيو. مان ۽ منهنجا
ساٿي عارضي طور ٿي تہ ڪم ڪري رهيا هئاسين.
جڏهن سارو مانداڻ منڊ جي چڪو، تہ مون وس جون
واڳون پنهنجن جي چونڊيل عهديدارن کي سوانپي ڏنيون.
ڪين بہ ڪا اهڙي حيرت وٺي وئي جو هوُ پاڻ تہ
شهہ-نشين ٿي چڙهي وڃي وينا، پر اهو حوصلو جاءِ
نہ رهين نہ. جنهن هيءَ سارو نڪساڻ تيار ڪيو هو،
تنهن کي پڻ ساڻ متي وٺي هلي وهاريون! مان پنهنجي
جاءِ هيٺ وٺيو ويٺو رهيس. پر قدر وارن متي منهن
ڪرڻ بدران مون طرف ٿي پٺي لهاريو!! محنت جو اهو
اجورو ڪافي هو. اهڙو ٻيڪيدار دل ڀاسلوا حال ۾
سيوهاڻي وري ڪين سنڀرن!!

آناڪانيءَ شروع ٿي وئي؛ سهڪار ملڻ بدران مقابلي کي منهن ڏيڻو پيو. پر هاڻي مان منجهان ڇو ٿو! جيڪي آڏو آيا تن کي ڪٿو چيم ته جيڪڏهن منهنجو سهڪار ڪرڻ نه ٿا چاهيو ته پاسيرا ٿي بيهو. وائڙا ٿي ويا، پر مشهوري ڪنهن کي ڪين گهرجي! تنهن ڪري لاچار ڪڙ ڪائڻو پيون، ۽ جهٽ ۾ پاڻهين پيلي تي اچي بيٺا- ڏٺائون ته نيات جا ڪلاڪار جي هولڻ ساڻن ماڻا ڪندا هئا، سي سڀ منهنجي سڪڻي ليلاڻي تـي اچي سهڙيا هئا!

پوءِ موڪلڻ شروع ڪيم نوٽا. مون وٽ غريب ساهوڪار جـو پيد ٿئي ئـي ڪوڙ. سو هرڪنهن کـي سندس سرنامي تي ليٽيل-پتر ٽپال رستي موڪلي ڏنم، ته مار! سڀ ڪوٺن هٿون هٿ وڪامجي ويا!! هونءَ ڪوٺن اپترا ته ٻچيل رهندا هئا جو هال ۾ گهڙڻ مهل په په سو کن اٿي نيڪال ڪيا ويندا هئا.

ڪاڏي پيٽي جو عمدو بندوبست ٿـي ويو ۽ آخر هوليءَ جو ڏينهن اچي سهڙيو. هال ۾ جو اچون ته حيرت جي حد نه رهي! سڄو هال ٽمٽار پريو پيو هو- ڪوٺن جو خلاص ٿي ويا هئا!! تنهن کان سواءِ اڪيچار ماڻهو هال ٻاهران بيٺا هئا- ڪين ڪوٺن هئا ئي ڪين! ويس وڳا ۽ نيل قليل ڪري نهي نڪي آيا هئا، انهيءَ آسري تي ته ڪوٺن هلي هال ۾ وٺنداسين، جڏهن هرسال

هلائڻ جي فرصت نه هجي، جڏهن اوهان هوليءَ جي دل پيري ظاهر ڪيو هو، ته پڻ جاءِ خالي ڪريو؛ اهڙي حالت ۾ آءٌ اها جوابداري کڻڻ لاءِ تيار آهيان. پر مولکي ڪيئن به ڪري جو ڪيرائڻو هون، سو پاڻ پاسيرا ٿي ويا ۽ نين چوائين ۾ مان سيڪريٽري چونڊيو ويس. ڪاروباري ڪاميٽي پڻ تنهن سر چونڊي ويئي.

هيءَ تنهن جوابداري جا سر تي نازل ڪئي هئم، سا مون لاءِ ڪافي ڏکي هئي- هڪ ته ٻيا ڪم ڪار ٻون اڳـــ، ۾ ٿـي جهجها هئم، جنهن ڪري فرصت خاص هئي ڪانه؛ ٻيو ته ماڻهن کي پنچايت جو ميمبر ڪرڻ ڪاڻ وات وجهڻو ٿي پيو ۽ اُن لاءِ پڻ پيرا ڪرڻا ٿي پيا، جيتوڻيڪ ساليانو چندو هو فقط ٻه روپيا! اهي پتر ۽ اُٿنيون، منهنجي ڪٽنب جي پرم پرا ڪان پري هيون- منهنجي پيءُ، چاچي توڙي ڏاڏي انهيءَ ويچار کان ٿي ته گوشه-نشيني ڪرڻ ٿي واجب سمجهي هئي!! ٽيون ته جهجها پئسا گڏ ڪرڻ جي درڪار هئي، جيڪڏهن پنچايت جي مڙُ مراد پر ثواب ڪرڻي هئي، جا هئي پنچايت لاءِ ڪو نجو هال يا گهر ميسر ڪرڻ. انهيءَ لاءِ ٽوپو کڻي در در ڀٽڪڻو هو ۽ ٻه ڳالهيون پنڌ ٽيون پڻ هيون، پر ورچڻو اصل ڪين هو. اهي سڀ ڳالهيون منهنجي طبيعت جي خلاف هيون. پر هڪ دفعو ”ها“ جا ڪئي هيم، سو پنتي هٽڻ وارو مان به ڪين هوس.

٤٦- ماڻهُو اچي مُون مان ڪڪ ٿيا!

هوليءَ جو دل جو عمدي ريت ٿي گذريو، ۽ ربن ڇهه سؤ ٻاڇين پڻ ڀڄيا، ته اُرڪا جي آڳ پنچايت جي چوليڊيل عهديدارن کي ڀڄرائي ڇڏيو، ته هيءَ ڪير جو اُسانجي مرضيءَ خلاف هوليءَ جو دل ڪري وڃي، ۽ سو ٻه. هن ڪامياب ٿولي! هيءَ ڪير جو پنچايت مان ڪوڏي ڪڻڻ سواءِ ايڏي اوڳر ڪري، جو خرچ لئي سوين جي بچت ڪري وڃي!! هنن جو پنچايت ۾ پنهنجي آپيشاهي قائم ڪئي هئي، جي پنهنجي هٿ تان ڪين لهندا هئا ۽ اُئين ٿي سمجهي ويٺا هئا ته سڄ چڙهي لهي سندن چوڻ تي ٿو، تن اُئين ڄاتو هو ته پنچايت هلائڻ ۽ اُن جو ڪم سنڀالڻ ڪو اُهڙو سٿرو ڪم آهي ڪيئن! هوليءَ جو دل پڻ ڪري ويو، ڏيُولس واڳون پنچايت جون ته ڪ ڍهي پولدو!! ڪجا پروفيسر، ڪجا پنچايت!!! سو آچ ڏياري موڪليائون ته جي پنچايت جو سيڪريٽري ٿيڻ چاهين ته پهريون حق تنهنجو. موڪلي پنهنجا پيا ٿي ڪم ڪافي هئا، سو مان پنچايت جي پڳ ـــ ٻهرڻ لاءِ اُهڙو تڪڙو تيار ڪين هوس، پر جيڪڏهن هنن هيئن للڪاري، پنهنجي ساري سر ڪرڻ ٿي گهوري ته پوءِ هنن کي پليل ثابت ڪرڻ ڪاڻ مان ٻه ڪمر ڪشي بيٺس. ڇوائي موڪليومان ته جي اُوهانکي پنچايت جي ڪاريه جي بافضيلت

چوندا: "آخر پنچات آسان لاءِ ڪري ڇا ٿي؟" منهن ان ڏينهن مان ٿي ڇا سگهندو، سو ڪڏهن پاڻ کان پڇيو اٿن! سو ڳوٺاڻن کان چندي اڳاڙڻ ۽ ڪين پنچات جو ميمبر ڪرڻ ڪاڻ ڪڙهي ٿپايم. شاباس هجين جو ڪنهن به پئسن ڏيڻ کان انڪار ڪانہ ڪئي، رڳو ڪن جزوي جڻن ڪا اٽلڪي آناڪاني ڪئي. ڀلا تازو جو هوليءَ ۾ غريب شاهوڪار کي پنهنجن هٿن سان ليندي- پتو روانا ڪيا هئم، سو سڀ ڦوليا ٿي سمايا- پوري پنچات ڪين ياد ڪيو هو، سو هاڻي اُن "وڏي اماڻ" کان ڪنڌ ڪيئن ڪيرائين! سوا چار سؤ گهرن مان ٽي سؤ ته پنچات جي ڏوريءَ ۾ اچي ويا. شايد اچا به وڌيڪ ميمبر ٿي سگهن ها، مگر بمبئيءَ ۾ ايڏو وقت ڪنهن کي ٿو ملي جو ڪولاٻا کان ڪلياڻ ۽ چرچگيٽ کان ڏهيسر تائين هرڪنهن کي رسي سگهي! اها به ڏٽيءَ جي نظر هئي جو اهي ٽي سؤ ميمبر ٿي ويا.

وڏي مراد ته هئي حال ۾ جاءِ هٿ ڪرڻ جي، جنهن لاءِ جهجهي رقم گهربل هئي. انهيءَ لاءِ منهنجي جوان دوست الميند مينگهراج پنچات جا "مربي" ۽ "دائم ميمبر" ڪرڻ جي صلاح ڏني هئي- 'دائم ميمبر' کان هڪ سؤ ۽ 'مربيءَ' کان اڍائي سؤ رپين جو مٺو وصول ڪرڻو هو. جڏهن انهيءَ ٻاري ۾ پنچات جي پوري سيا ۾ ٺهراءُ بحال ڪرايو هوم ته. گهڻن ئي مونتي

منهنجي آئي لهندي برابر ڏيڍ سال آهي، پر هڪ دفعو اِها لتي سهين، جو هر ڪو اُن جي جلال تي اَچرج پيو کائيندو! منهنجو اُتساهه ٽڪڙو يا سڙو اصل ڪين جاڳي، پر هڪ دفعو ڪنهن ڪاريه لاءِ سو شوق جاڳيم سهين، جوءِ اُن کي پهاڙيءَ جي منزل تي رسائڻ کان سواءِ ساٿ ئي ڪين ايندي!! سو پنچائت جي سيڪريٽريءَ جو عهدو جو سوڪار ڪيم، سو ڪم کي هڪدم جنبي ويس. "لتيءَ ٽڌيءَ ڪاهه، ڪاٺهي ويل وهڻ جي،" اِها ويڌن ڪري پاڻ ئي هموار ڪيم.

پنچائت کي زور وٺائڻ کان پهرين ته ضروري هو پنچ ميڙڻ. رواجي ۾ پهرو وٺڻ لاءِ ته هر ڪو حاضر آهي. ان ڪارڻ ئي هوليءَ جي ڏل ۾ هر ڪو اَچيو شريڪ ٿئي. پيلا جتي هوليءَ لاءِ چندي جي نرخ کان ملبيدو وڌيڪ ملهه وارو ملي، ۽ ٻنهن کان سواءِ کيل تماشو رواڳ ۾، ۽ ڏيک ويک مفت، ته اُن ۾ ڪير ڪين اَچي پرگهٽ ٿيندو! اڄو ٿوتو ته ويندن ته وڏا ڏوراپا ڪي ٿيندا- "غريب وسريا پيا آهن، اَڄ ڪالهه پيٽن جي ئي پوت- پالش ٿي ٿئي." باقي پنچن کان پنچائت جو چندو ڪٺي گهر، ته پيا ته منهن صفا موڙي ويندا، پيا هٿڻا پيلا پيا ٿيندا ته ڳنڍ ڪين ڇوڙيون، جيتوڻيڪ ڏيڻا ٿلها ۾ ٿي پين! ويتر جن ۾ بمبئيءَ جي بي-حيائيءَ جو رنگ چڙهي ويو هو، سي ته موڙهو منهن چاڙهي

جو مونکي پنهنجي ڪابه سمجهه ڪانه رهي. مون لاءِ ٿڌيون تيليون لڳيون، مون تي ڇهڪنا ٿي ويا، مونکي ٿڪڙا مچڻ لڳا، مگر مون لاءِ سرور ئي آنند رهيو.

هڪڙي ڏينهن رستي ۾ جهونو دوست گڏجي ويم. ڪيتري عرصي کان پوءِ هن سان گڏجڻ ٿيو هوم. هڪ ٻئي کان خوب خبرچار ورتيسين. ڳالهيون ڪندي هن چيو: ”تو بنسبت خبرچار پيئي ملندي آئم ته تون ڪيڏو نه پنهنجن جي ڀليءَ ۽ پنچات جي بهتريءَ ۽ بهبوديءَ خاطر پاڻ پتوڙي رهيو آهين. شاباس هجيئي. اڄ ڪلهه ڪير تو ڪنهن لاءِ هڏ ڏئي! پر خبر آئيئي ته ماڻهو توکي سڀ ڪجهه ڏين برابر خوشيءَ سان ٿا، پر هوءَ هاڻ تو مان ۽ تنهنجي چندن واري چوليريءَ مان لنگ اچي چڪا آهن. چون پيا: ’جتي ڏس، اتي چيتن ۽ سندس چندن اڳارڻ واري چوليري پيئي وسي.‘ ان مهل ئي مون فيصلو ڪري ورتو ته ميڙو مٿو ڇڏجي- هاڻي وڏڪ وقت سيڪريٽري ٿي نه رهندس. ان ڪري ٽين ساليانين چونڊن ۾ ڪنهن ٻئي کي ئي وارو ڏنم.

ٽٽوليون ڪيون ۽ هيون اُڏايون- اُسانجا گهڻا ٽڙا ماڻهوءَ
نوڪرين وارا، سي ڪٿان ايڏي رقم پرائيندا! هر سچو
مدار دل تي ٿي آهي. ڪنهن اهو ڪم هٿ ۾. ٿوري ئي
عرصي ۾ ماڻهن جو مون ۾ ايڏو نہ ايمان ٻڌجي ويو،
جو جلد سؤڪان سرسيرا 'دائم ميمبر' بڻجي ويا! منهنجن
"دوستن" جا نہ جنسي ڏند چپن سان لڳي ويا- هي ۽
نينگرڙو ديوان ڪٿي نہ پهچي ويو هو!!

پر پنچات جي وڏي ۾ وڏي گهرج هئي گهرجائو
ڪٽنبن جي سهائتا لاءِ جهجهي رقم. ان لاءِ درمهني
سوَن رپين جي درڪار هئي. ڳالهہ ڏاڍي مشڪل پئي
لڳي، پر آڻ ٿورڻائي ميڙي هئي! قدم اڳتي ئي وڌائڻو
هو. سو ڪنهن وک وڌي. جنهن وقت ۾ ويس ٽنهن واهہ
جو سهڻو سواگت ڪيو. شايد ڪارڻ اهڙو هو يا شيواداري
اهڙو هو! ماڻهن تي ماهيانا چندا مڙهي آيس، ۽ مڙئي
مرڪي اهي ڏيڻا ڪيا. ڪيگل ناڻي جا درمهني اچڻ
شروع ٿي ويا- اهڙو گهرجائو ڪٽنب نہ رهيو جنهن
وٽ وڏو ۽ ڪيس مالي مدد کان انڪار ٿي.

سچا سارا ٽي سال گهٽيون ڪڇيندو ۽ گهر پيٽيندو
رهيس. ڪنهنجي ڪان پٽام- پار، جيءَ جهڙڻ جي
ڳالهہ ڪرڻ لڳا، دوست مون لهڪارڻ جو ذڪر
ڪرڻ لڳا، دشمن 'ڍهڻ' جي آشا رکندا رهيا، پر مان
هلندو ئي هليس- پنچائي ڪارڻ ۾ اهڙو مڙو رهيس

ٻوءِ چؤطرف نهارڻ سان هڪدم خيال ۾ آيو تہ هيءَ ڪم ڪملا جو ئي هوندو!! ولائت ۾ جنم-ڏن کي وڏي اَهميت ڏني وڃي ٿي. هوءَ جا تازو اَمريڪا مان ٿي موٽي هئي، تہ اهو رواج ڪانئس سٿرو وسرڻ جو ڪين هو. ولائت مان ٻڻ هوءَ بروقت ياد ڪري هرهڪ کي سندس جنم-ڏن تي شڀ اِڇائن جو سهڻو ڪارڊ ضرور موڪليندي هئي.

سوفا تي ويهندي مون چيو، "ها، ڪريو خبر ؛ مون بنسبت ڪهڙو بحث هلي رهيو هو؟ ڇا ڇئي......" ڪملا مولڪي اَڌ ۾ ڪپيندي چيو، "ٻهراڻ جنم-ڏن جو ڪيڪ تہ ڪٽيو. سڀ الهيءَ لاءِ ئي تہ ترسيا ويٺا هئاسين." ڪيڪ ڪپيندي، مون چيو، "اَوهان کي سڌس ڪيئن پيئي تہ مان اَڄ جلد واپس اَچي رهيو آهيان؟" اتي گوپال بہ اُٿي آيو. هوُ چوڻ لڳو، "مون تہ ڪين چيو تہ دادا اِئين جلد موٽڻ وارا ناهن. اَسين سويو جا ٻالڙي، سو 'سويل سمجھي، سويل اُٿجي' واري بيت جي پيرويءَ طور مان تہ آسرو پئي، وڃي بستري تي ليٽيو هوس ؛ چيو هو مان تہ جي دادا جي اَچڻ تائين اند ڪٽي وڃڻ، تہ منهنجو ڪيڪ جو حصو رکي ڇڏجو. ڪملا واهہ جو لذيذ ڪيڪ ولي آئي آهي. ڏسندي ئي وات پئي پاڻي ٿيو."

ڪيڪ جو مهورت ڪندي، مون ڳالهہ جو سلسلو

٤٧- ٻاڙ ٻُوڙين ڪوءِ!

اَلانجي چوَ مان اِهيءَ ڏينهن هميشه کان ڪجهه سويل-سوير گهر موٽي آيس. گهر ۾ گهڙيس تہ ڏٺم تہ ٻار ڪمر ڪيو ويٺا هئا. منهنجي گهرواري پڻ گهر جو ڪم ڪاج سوگهي اُڪلائي، پڻ اَچي اُتي سهڙي هئي. مونکي سويرو آيو ڏسي ٻارن کي ڪي قدر عجب لڳو. سڀني منهنجي خاصي مرحبا ڪئي. موهنءَ چيو، "دادا کي اُنيءَ ڪيڪ جي سرهاڻ پهچي وئي، لڳهن تہ اَڄ جهٽ ۾ گهر موٽي آيا آهن! هونءَ هن کان اَڃا ٻہ ڪلاڪ اَڳ ڊيوسان ٿي تہ ايندا آهن." اِتي ڪملا چيو، "دادا کي پڪ اَڳ پيٽ ۾ ياد آيو هوندو تہ اَڄ سندس جنم-ڏن آهي، اِنڪري ئي اَڄ جلد گهر موٽي آيا آهن." مٿان وملا چيو، "دادا، وهوءِ اُوهان جي ئي تہ ڇوڙا ٿي رهي هئي." مان اَلبت وائڙو ٿي ويس تہ ٻارن آخر سڀيو ڇا آهي! اِهو تہ برابر ياد آيم تہ اِنهيءَ ڏينهن منهنجو جنم-ڏن هو. پر اَڳي تہ اِهو ڪڏهن ياد ڪين ڪيو هو. هرڪنهن کي پنهنجو ئي جنم-ڏن ياد رهندو آهي ۽ مال مڃايون، سوکڙيون سوغاتون، ميٺيون سڀ هنديون آهن؛ اَڄ منهنجو جنم-ڏن ٻارن کي ڪيئن وچار ۾ آيو ۽ ڪيڪ اَڄ ڪيئن اَچي سهڙيو هو! اِها ڳالهہ مونکي بروقت سمجهہ ۾ ڪين آئي. ٻارن جو ڀاڀوهہ ڏسي، اِندر وڃڻ بنا، ساڻن ئي ويهي ويس.

ڇھڙيو ھون. ٻڌن ۾ ڪيڏو نہ ھٿي وڏا آھن، تنھنجو نہ ڪين ڦڪر ٿي ڪرائي." ھاڻ ڳالھہ ڇڏ ھٿن کان ٿي ويٺي، ان ڪري الزامن جو آئر ڏيندي چيم: مولکي نہ عجب ٿو لڳي! ڪنھنجو پلو ڪندي لڳن مان ڪي لھي ٿو وڃي ڇا!!"

ڪملا: دادا، پلي ۾ برابر وڏي پلائي آھي، پر سڀ ڳالھہ وس آھر ڪرڻ ۾ سيٺي ڪان وڏ يڪ پلو آھي. ممي اڳـــ، ۾ ٿي گھر جي ڪم ۾ ڳيٽي پيئي آھي، مٿان جي اوھالجي ڇيتا جو بوجو مٿس پوندو تہ ھوءِ نہ ڪٿي لھي پوي!

نمو: پر ايڏي ڳھڻ جي ضرورت ڪھڙي آھي. ٻين جي ڪمن ڪرڻ جو دادا ٺوروئي ذمو کنيو آھي!

اني وري موٽيءَ تب پڙھيو: دادا کي ڪپي ناموس. الھيءَ لاءِ ئي نہ ھيڏي ھڻ پچار ٿا ڪن!!

مان: ھا، ھونءَ پڙھين ڪـي سچاٽي ڪيرا! تون ٻـ، منھنجن شعرن والگر ٿو سمجھين. تنھن ڏينھن ڪين ھڪڙي خط رستي لکي موڪليم: 'تون اھو سارو ڪم ٻين جي شاباس ڪٽڻ لاءِ ئي نہ ڪرين ٿو.' اوھين ھڪ ڳالھہ اصل ڪين ٿا سمجھو. ٻين جي سھائتا ڪرڻ ۾ ڪيڏو نہ آنند اٿي ٿو- جڏھن ڪنھن وديارٿيءَ کي پستڪ پلي ھون ٿـا، جن جي خريد ڪرڻ جي ھوءُ سمرٿي نٿو ساڙي؛ جڏھن ڪنھن اپلا يا انامت کي ڪا

جاري رکيو: ”ڇو، گوپال، تون آسرو ڇڏي، ڇو وڃي سمجهين ٿين؟ مان وقت تي سويلي ڪين موٽي ايندو آهيان!“

”توهانجا ڪم ڪي ڪٽا آهن، جو سويلي موٽي اچو. ورلي سو ائين ڪندا آهيو، سو به ٿڌهن، جڏهن طبيعت ڍلي سمجهندا آهيو. هونءَ توهان جا ڪم ڪي پورا ٿيڻ جا آهن به!“ ڪملا: ’دادا، اوهانکي پنهنجو ڪجهه خيال ضرور ڪرڻ گهرجي. اڄ اوهان پنجونجاهه ورهيه پورا ڪيا؛ هاڻي هيڏي هل-هلان ڪين هلندي.‘ مهنجي گهر-واريءَ لاءِ جڻ سولو وجهه ٿي آيو. نه ٻه چيائين، ”اهيءَ جي ڪين گهڙي چنتا يا پرواهه. ڏسين نه، ٻڌن ۾ ڪيڏو نه لهڪارجي ويا آهن! ٻه ڪنهن جي ٻڌن ٿورو ئي ٿا!! نو، ولائت واريءَ جو ڪو قدر ڪن، باقي گهر جا هليلا ته آخر ۾ ڪينهن.“

ڪملا: دادا، ممي سچ ٿي چوي. لاڳيتي جاکوڙ ۽ جفاڪشي ڪنهن ڏينهن جيءَ جهوڙي وجهندي. اوڏيءَ ويل ڪير به اڳيان ڪين ايندو. اوهانکي پنهنجي چنتا ڪانهي، پر اسان صدقي من ۾ رکيون خيال ڪريو.

گهرواري: ”سندن سرڳي وڏو ٻقات ڀڻ ڪين اها ساڳي ڳالهه چئي ويو، پر هو ڪنهنجي ٻڌن ٿا ڇو!! جيڪا ڳالهه ٿا هٿ ۾ ڪڻن، تنهن کي ڏينهن رات

اهي ڳالهيون مون کان پڇيءَ لٿيون وسرن. اوهين ٿي
نہ ڇوندا آهيو تہ ماڻهن کي جڏهن خبر پوندي آهي تہ
اوهين منهنجا يار آهيو تہ، هوءَ ڪيڏي نہ ڀابوهہ مان
اوهان سان ورتندا آهن، اوهانجي ڪيڏي نہ خاطري
ڪندا آهن! اها ٿوري ڳالهہ آهي!! اهڙو ڀاڱوان ٻڻجڻ
هرڪنهن لاءِ ٿوروئي رٿيل آهي. ان ڪري مونتي
ٿيل پلاڻون مونکي ڀين جو پلو ڪرڻ لاءِ آياڙن ٿيون.
مان ڪيڏو نہ ڪٺي ڀاڳ پتوڙيان ٿو، تہ ٻہ الله ۾ اهو
ارمان رهجيو وڃيم تہ پلاڻن جو ڪي عيوض ڏيڻ ۾ ٻہ،
اڄا جڻ ڪامياب ڪين ٿيو آهيان.

هاڻ بارن کي وڏيڪ ڇوڻ جو جڻ ڪجهہ نہ رهيو
ءَ انين ڀيڻڪ برخواست ٿي.

ٽويائي مالي مدد ملي ٿي؛ جڏهن ڪنهن پوري ساري ڪٽنب کي لنڊي چنڊي پرڻ سان هوليءَ جي دل ۾ ٿالي شريڪن سان گڏجڻ مسجڻ جو ۽ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ويهڻ جو وجهه ملي ٿو، تڏهن سندن منهن تي جا مرڪ اَچي ٿي، سا سڀ ٽڪڪن ۾ لاهيو ڇڏي! ٻين لاءِ ڪجهه ڪرڻ ۾ جيڪو آنند سمايل آهي، سو ٻين کان ڪجهه حاصل ڪرڻ ۾ ڪينهي. ڪو ڪنهن لاءِ سو ڪجهه ڪري ڏسي!

ڪملا: مان اِئين ڪين ٿي چوان ته ٻين جو ڀلو نه ڪريو؛ منهنجو رڳو ايترو چوڻ آهي ته پاڻ پٽوڙيو، پر ڪنهن حد اَندر.

وملا: ٻين جي سهائتا ڪرڻ سان جيڪي اوهان کي آنند پراپت ٿئي ٿو ته اوهان اهو حاصل ڪيو ۽ دل پوري ڪيو نه! هاڻ جڏهن اهڙو پاڻ پٽوڙڻ مان هاڃي رسڻ جو انديشو آهي، ته اهڙو ڪم ڪجي ئي ڇو! آنند ماڻڻ جا ٻيا مارگ ڪي ڪٿا ٿورائي آهن!!

مان: هيءَ جو مان پاڻ پٽوڙيان ٿو، اهو ۾ مولکي اَڃا گهٽ ٿو لڳي. ٿس پڇيم ته اَڃا وڌيڪ ڪجهه ڪريان. سو اِهيءَ ڪارڻ نه، ته لاچار ڪيم ٿي، نه اُن مان فقط آنند ٿو پرائيم. اُن جو ڪارڻ ڪو ٻيو ئي آهي. مون سان ڏکيءَ جي پال پلايا آهن، ڪوڙيءَ مان ڪيچ ڪيا اٿس، هر ڳالهه ۾ سوڀارو ڪيو اٿائين،

ڪٽنب پروار ۽ ٻار جو اُچي ذڪر ڇڙيو. ٻار اِلهيءَ راءِ
جا هئا ته هيءَ جو سرڪار ”ننڍو ڪٽنب، سکي
ڪٽنب“ جو پرچار ڪري رهي هئي، سو واقع ئي
ٺيڪ هو، ڇو ته ڪٽنب ۾ ٻار مقرر انداز ۾ محدود
هئڻ ڪارڻ هر ڪنهن کي سکي جيون ڪاٽڻ جو وجهه
ملي ٿو ۽ ٻارن کي مائٽن جو پيار پڻ نصيب ٿئي ٿو.
مان ٻارن سان سهمت راءِ نه هوس، خاص طور پيار جي
ڳالهه ۾. منهنجو اهو دريڍ ويچار آهي ته پيار جو هڪ
اَڪٿ ڀنڊار آهي، جو وڌندو ئي رهي ٿو، نه رڳو پنهنجا
ٻار وڌڻ سان، پر سڌورن ٻارن جي سنگ ۾ اچڻ سان
پڻ. مون کين سمجهايو ته اَهڙو ڪو ڇڙو ٻار ليندو،
جنهن کي مائٽ نه گهرندا هوندا! ٻيءَ الهيءَ ويچار
کي هڪدم رد قد ڏنو، ڇو ته هوءَ هينئر تازو ئي ته
ٻي اي ٿي هئي. چوڻ لڳي، ”رستن تي هيڏا ريل ڇيل
ٻار اَلڳ اُگهاڙا، پيٽ پڪيا، هٿ ٽنگيون ٻينا ئي آهن.
هنن جا پيءُ ماءُ جي ڪين پالينديا هجن ته هوءُ ڇو جيڪر
هيئن پنڪندا رهن؟“ مون کيس ورندي ڏني ته،
”اَهڙا مائٽ سيٺي ٻارن کي اِئين ريل ڇيل ڇڏي
ٿا ڏين- ڪنهن کي پٺي ڪان وڏي ڪين ٿا گهرن.
مائٽن لاءِ ته ٻار ساڳيا ئي آهن، ۽ هو هر ڪنهن سان
ساڳيو ۽ هڪجهڙو ئي ورتاءُ ٿا ڪن. غريب مائٽ ٻارن
کي گود ۽ گهر وساڻ ڪان ٻاهر رکندين ٿا ۽ پو اها روش

٤٨- ”اوهين ڪملا ڪي وڏيڪ ٿا ڀانيو“

اُهو موڪل جو ڏينهن هو. سڀ والدا هئا، سو اَچي وهڻ واري ڪمري ۾ ڪٺا ٿيا هئا. شايد سپتاهڪ سنڌي پروگرام ٻڌڻ ٿي دل هين، ڇو ته اِها پروگرام جي مهل هئي. ڪملا ڪي ولائت کان آئي مهنو کن گذري چڪو هو. هوءَ جڻ نئين پراڻي ٿي چڪي هئي. جيتوڻيڪ سڄا سارا پنج سال اَميريڪا جي اُن شهر نيويارڪ ۾ گهاريا هئائين، ته به سياهه اُنوسار هوءَ پنهنجي ۾ پنهنجي ٿي هئي. ولائت جي وَڏوُنهن جو مٿس خاص رنگ ڪين چڙهيو هو، جنهن ڪري جهٽ لئين پراڻي ٿي وئي هئي. اَج اوڏيءَ وٽ هوءَ گهر ۾ ڪانه هئي- ڪنهن سنڌ ساهيڙيءَ وٽ لڪري وئي هئي. بمبئيءَ ۾ عام ريت ڪنهن سان گهرو گڏجڻ موڪل ڪانسواءِ خير ڪو ٿو ٿئي. ڪملا ڪي في الحال ته فرصت ٿي هئي، پر ساهيڙيس ڪي موڪل جي ڏينهن کان سواءِ فرصت ڪٿي!

جيستائين آل انڊيا ريڊيو تي سنڌي پروگرام چالو ٿئي ٿي ٿئي، ليستائين واٽ جو ريڊيو شروع ٿي ويو. ايشور، انسان ٻڻ ڪنهن خاص مٽيءَ مان ٺاهيو ٿو ڏسجي! هن جو مغز هلي ٿي هلي پيو ؛ اُن ۾ جا ويچار ڌارا اُٿين ٿئي ٿي، تنهن ۾ اُهڙي ڪا لڪ رهي ٿي، جو اِها واٽ دوران چليو پوي. اُهيءَ ڏينهن

آهيو ۽ مون لاءِ ٻار سڀ هڪ سريکا، پوءِ مان ڇو ۽ ڪهڙي ڪارڻ ويڇا وجهي، ڪن کي ٻين کان وڌيڪ ڀائيندس؟"

هاڻي ٻارن کان سنڌي ريڊيو پروگرام ته صفا وسري ويو ۽ هو پنهنجي ئي پروگرام ۾ رڌل ٿي ويا. هاڻي ته، سيٺڻي اَچي ڪُليا، ڏوراهن جي ڳچ شروع ٿي وئي. هرڪو پنهنجو پاسو بچائيندو رهيو. ڪنهن ڪپڙن بنسبت دانهن ڪئي، ڪنهن خرچيءَ تان دانهن ڏني، ڪنهن پڙهڻ بنسبت شڪايت ڪئي، ڪنهن ٻيو ڪجهه وچتر ٻوليو، ۽ مون ڀڻ وچ ۾ ڪجهو اصل ڪين - وگهن ٻنهه ڪين وڌم. دل ۾ ڇيم ته پل ته سڀ غبار ڪڍي ٻاهر ڪن ۽ هيٺئون ٿاريان ۽ مولکي ٻه پتو پوي ته سندن من ۾ ڇا پيو وهي واپري. مان ته، انهن ئي سمجهندو هوس ته مان سيٺڻي کي هڪ جهڙو ۽ هڪ جيترو ٿو گهران، ڇو ته هو سڀ منهنجا ئي ته آهن. پر انسان خطا جو گهر آهي، پل ڇوڪ هرڪنهن کان ٿي سگهي ٿي ۽ جيڪڏهن اَهڙو ڪجهه مولکان ٿي ويو هجي ته ٻارن جي دانهن تي سرسري نظر وجهي، پنهنجو لمولو بدلايان، جنن اَڳتي ڪين دانهن يا پاسخاطريءَ جو سبب نه رهي؛ ڇو ته جڏهن منهنجي من ۾ اَهڙو ڪو ويچار پاڻ هوندي ڪوله، ته ٻارن جي من ۾ اَهڙي شڪا اَچڻ ٿيڻ ۽ رهڻ ڏجي ئي ڇو!

هوءَ سڀني ٻارن سان نئين ٿا اختيار ڪن. باقي ٻيا، ٻارن کي لاڏ ڪوڏ سان لپائين ٿا ۽ کين اپڙلڊو اُسولڊو ڏسي ڪيڏو نه گڏ گڏ ٿا ٿين! پنهنجو ئي ڪٽي مثال وٺو نه. اوهين ٻاڻ ۾ ست ڄڻا آهيو. اوهان مان ڪنهن کي ڪا ڪس لڳي آهي ڇا، ڪنهن کي گهٽ گهريو ويو آهي ڇا؟"

بس، اهڙي سوالي وجهه لاءِ نه هوءَ ڄڻ سيڙيا وينا ٿي ڏٺا. ٻيءَ چيو ته "اوهين ٻه تفاوت رکندا آهيو." ٽيءَ، پيڻ جو مطلب ڇڻو ڪندي چيو، "اوهين ڪملا کي ئي گهڻو پائيندا آهيو." موتڪي نه. ڪڏهن خواب خيال ۾ بہ ڪين هو ته مان ڪن ٻارن کي ٻين کان وڌيڪ ٿو گهران! مڙني کي سندن مرضيءَ مطابق تعليم حاصل ڪرڻ جو وجهه ميسر ڪري ڏنو هوم، خرچي کين سندن درجي پٽاندڙ ڏيندو هوس، ڪپڙي لٽي، کاڌي خوراڪ، هر ڳالهه ۾ ۽ هر ڳولي هر ڪنهن کي پنهنجو حق نصيب ٿيندو هو. ايتري قدر جو ٻولي ۾ هر روز جي کاڌي جو پروگرام مقرر ڪرڻ جو پڻ واري وٽيءَ تي هر ڪنهن کي حق سونپي ڏنو هوم. تنهن هوندي ٻہ ٻاسخاطريءَ جي دانهن! مان سمجهيو نه پيو سگهان ته ٻارن کي پيار ڪيئن نه ڪبو آهي ۽ هڪ کي ٻئي کان گهٽ يا گهڻو ڪيئن ۽ ڇو گهربو!! الهيءَ ڪري مون کين وراڻي ڏني ته اوهين الهيءَ ۾ بلڪل پليل

شيون دادا جي ڪم آڻڻ کان ٻاهر آهن، تنهن هوندي
به چوي ٿي ته. اهي ملڪ دادا جون آهن، جنهن کي
وڏين تنهن کي ڏنا هن. اهي ئي ڳالهيون آهن جي ٻارڻ
وڏائين ٿيون. مائٽن لاءِ ٻار هڪ سرڪا ئي آهن، هو
هر ڪنهن کي هڪجهڙو ئي چاهين ٿا، پر سياڻا اوسار
هوڪو ٻار پنهنجي اُنوکي لموني ٻارڻ وڏائي ۽ پيارو ڪري
ٿو. ٻار، جي ٻارڻ کي پنهنجي نرالي طبيعت مطابق اهڙو
پيارو ٻڌائي لتا سگهن، سي انهن ئي سمجهڻ لڳن ٿا ته
مائٽ ٻين ٻارن کي ڪانئن گهٽ ٿا گهرن. اوهين سڀ
اسانکي ڪملا جهڙا ئي پيارا آهيو، ته ته جڏهن پيٽ ٻار پتيءَ
لنڊي هوندي ئي لموءَ جي ٻالهن گهري هٿي ته ڏنهي
ته چڏ پالس ها! اهڙي حالت ۾ ته فقط سندس ليپاج ئي
منهنجو خرچ اڇي هوي ها، پر سندس ڏهيج جو بوجو
ٻڻ وڃي پيٽ لي هوي ها، ۽ اجوڪو ڏک ڏوراهو به نه
ٻڌ ٿو پوي ها! ٻار آهن جگر جو ٽڪر، ان کي ته پالڻو ئي
رهيو. دل ٻڌائڻ جي ئي لـ آهي، هوءَ پل هوءَ ڪيترا
به ڪٽي هجن. گومي ڪهن چوندي آهي، 'جيڏا ويا
اوڏو هنياءُ.' آهي رڳو ٻارن جي اک جو ڦيرو!"

جڏهن سڀ شڪايتون پيش ٿي چڪيون ته ڪنهن وڏي سوچ ۽ دوستيءَ جي ڪا ضرورت ئي ڪانه پيئي. مون قصو ٻڌڻ کان سمجهاڻي ڏيندي ٻارن کي چيو، ”سچ ته توهين ٻه صحيح آهيو ۽ مان ٻه صحيح آهيان. اوهان ۾ حسد ۽ سوارٿ آهي، جو ڪملا ۾ اصل ڪونهي. اوهان ۾ ساڙو پڻ ڪو آهي، جو هن ۾ صفا ڪونهي. مون هن کي هاسٽل ۾ وڃي رهڻ جي موڪل ڏني ڇاڪاڻ ته ڊاڪٽريءَ لاءِ ڪجهه سمو لڳاتار پڙهڻ بلڪل ئي ضروري هو، پر ولائت وڃڻ لاءِ ناڪار ڪئي مانس جيتوڻي ڪيس ڪا اسڪالرشپ ملي نه پيئي هئي! پر هن نه ڪڏهن لڪ ڇپ ڪيو ۽ نه ٻيءَ ڪنهن ريت ناراضپو ڏيکاريو، يا ڪا دانهن ئي ڪئي. اهڙو ٻار، جو حال پاڻي تي هلي، ان ڏانهن دل ڪيئن نه ورندي. پر لموءَ کي بي ايس سي پاس ڪرڻ تي وڌيڪ پڙهڻ لاءِ رڳو فيصلو ڪجهه ڏينهن ترسي ڏيڻ لاءِ چيم ته ڇوڪري ناراض ٿي پيئي ۽ اڄ سوڌو پيئي ڪڏهن ڪڏهن ڏک ڪيلندي آهي، جيتوڻيڪ کيس ايم ايس سي پڙهڻ جي آخر، پر وقت سر، موڪل ڏنيم ۽ اهو امتحان پاس پڻ ڪيو اٿائين!! تنهن کانسواءِ ڪملا، جا ولائت کان موٽي آهي ته سيدي لاءِ الڳ، الڳ، سوغاتن کانسواءِ پيو جيڪي ڪجهه ڪٺي آئي آهي سو ڇئي ٿي ته سڀ دادا جو آهي. جيتوڻيڪ سمجهي ٻه ٿي ته اهي سڀ

علميت، عبارت ٺوڙي صورتخطي، ڪنهن ۾ به ڪنهن قسم جي ڪسائي ڪانهي ۽ آءٌ هولڊ ڪيس سؤ سيڪڙو ئي مارڪون ڏيان ها، پر شاگرد ۽ اُستاد جي سنڌي جي لحاظ کان بياني سوالن جي جوابن ۾ لاچار هر هڪ تي هڪ مارڪ ڪٽڻي آئم، ته متان ماڊريٽر صاحب هيڏيون مارڪون ڏنل ڏسي، جوش ۽ ڏپ وچان ڪٽي نااِنصافي نه ڪري وهي!!

هن مان اِئين اَلومان ڪيڻ ته سڀ پيپر جاچيندڙ سخاوت جا صاحب هوندا آهن، سو اِئين آهي جڏهن ٻيو مان ٻين جي اُميد رکجي. ڪي ممتحن ته اَهڙا نحس ٿيندا آهن، جو ڏٺي ٻاهه ڏئي! شل ڪنهن اَهڙي منحوس وٽ ڪنهن جو پيپر نه وڃي هٿ چڙهي!!

پر سال مان هوس يونيورسٽيءَ جي اِتهاس جي پيپر جو مکيه ماڊريٽر. دستور موجب ٻين ماڊريٽرن جيان منهنجي نظر هيٺ ٻڻ چار پروفيسر پيپر جاچيندڙ هئا. اُنهن مان هڪ هو پروفيسر ٽنڊو. هن کي مون ڀاڻ وٽ رکيو، جو هو منهنجي گهر جي نزديڪ ئي رهندو هو. هو هفتي ۾ ٻه ٽيرا سنجها ڏاٺي جاچيل پيپر منهنجي چڪاس ڪاڻ کڻي ايندو هو ۽ ڪيس هر دفعي لازمي هدايتون ڏيندو رهندو هوس. ٻن چئن دفعن ۾ مون اِئين پروڙيو ته هن جا پير مڙيو ئي زمين کان ڪجهه قدر مٿي هئا- هو ڦليو ٿي هوا ۾ اُڏامندو، ۽ منهنجي هدايتن تي عمل

۴۹- نجس ڪنجوس

سنڌ ۾ هوس ته مئٽرڪ (اَجوڪي ايس ايس سيءَ) جا پيپر جاچڻ لاءِ ملندم. اڃا ٽي سال مس ٿيا ته ٿيو ڏيس جو ورهاڱو. هونءَ ته فقط امتحان سانگي بمبئيءَ جو ديدار نصيب ٿيندو هو، هاڻي ته مورڳو بمبئي هميشه لاءِ اچي وسايسين! پيو به هڪ فرق پيو. خود پيپر ڪڍڻ جو شرف سنڌ ۾ رهندي، البت ڪافي عرصي پڄاڻان نصيب ٿيو هو، پر بمبئيءَ ۾ ڏيڍ ڏهاڪن سان اهو وجهه سال اندر ئي پلئه پيم! حوصلو ڏاري پيپر اهڙو ڪڍيم جو اهو اڃا تائين نموني طور پيو ڪتب اچي!! ان ڪري هاڪ پڻ چوطرف پکڙجي ويم. اڃا چاليهين ۾ ئي هئس ڪين پاڻ ته بمبئي يونيورسٽيءَ جي اتهاس وڀاڳ جي بورڊ آڌياپڪن ۾ شمارجڻ جو شرف حاصل ٿيم.

پر هيڏي قدر جو پيو پڻ ڪارڻ هو- مان مارڪن ڏيڻ کان ڪيٻائيندو اصل ڪين هوس! هڪ دفعي مئٽرڪ امتحان ۾ اتهاس واري پيپر ۾ هڪ وديارٿيءَ کي سٺ مان چاليجاهه مارڪون ڏيڻ ۾ به ڪين هٻڪيس! نه رڳو ايترو، پر جڏهن ته خبر پيم ته منهنجي مٿان جو ماڊريٽر هو، سو بنهه ئي جهڙو ڪنجوس آهي، تنهن ڪري اُلهيءَ هوشيار وديارٿيءَ جي پاري ۾ هن جي پيپر تي خاص نوٽ چاڙهي موڪليم ته شاگرد جي

'ايڏو فرق ڪيئن ٿيندو؟' ڪيترو ئي سمجهايومانس، پر مڙس مڙي ڇو ٿو؛ هٽ تان هيٺ لهي ڪيئن!! ڏنم ته جوان چڙهيو آهي اَٽ تي، سو سولو باز نه ايندو. ڪيس ٿڌو ڪرڻ جي خيال کان چيومانس، "اٺهيءَ تي ٻئي واري تي وري ويچار ڪنداسين. في الحال ڳالهه کي اٿي ئي ڇڏيون."

پڙهُ نه ويو هليو، پر مسئلو ٻاڻ پيچيدو بڻجي ويو. امتحان جي قانون موجب ماڊريٽر کي فقط هدايتڪاريءَ جي اختياري آهي، پر هدايتون عمل ۾ آڻڻ ۽ مارڪن ۾ درستي ڪرڻ پيپر جاچيندڙ جي ئي وس ۾ آهي. ممتحن ۽ ماڊريٽر جي وچ ۾ متڀيد ٿيڻ جي حالت ۾ مکيه ماڊريٽر کي ئي آخرين فيصلي ڏيڻ جو اختيار آهي. هاڻي پڙهءَ جو ماڊريٽر به مان ۽ مکيه ماڊريٽر به مان - سندس ضد تي ٻيهڻ جي حالت ۾ هو اپيل جي وجهه کان جڪ وائجهيو ٿي ويو! مان ته قانون موجب پنهنجي هليو، پرمڪ - ماڊريٽر جي حيثيت ۾ مارڪون مرضيءَ مطابق وڌائي ٿي سگهيس؛ پر ڪيس جا پٽ هٿيءَ ۽ لنهن ڪالسواء هو جو مڪاني رهواسي ٻڻ هو، سو هو سولائيءَ سان متي اختياريءَ وارن وٽ شڪايت ڪري، ڊپر دوس جي الزام هيٺ منهنجي خلاف مونڻ مچائي ٿي سگهيو. خواهه مخواهه پنهنجي خلاف ڪنهن کي چيڙڻ، عقل جي ڪوتاهي ئي ڇئبي؛ پر

ڪرڻ ٻڌران اُنهن جو اُلڪهن ڪندو! مولڪي سندس روش ٻنهيءَ پسند نہ آئي. اُهڙن تسيڪن ۽ ٽالپرن سان منهنجي اَصل ڪين پوي. سندن ٽڪ مان ور لاهڻ جو جنسي جڏون اَٿم. هن کي پوري پير تي آڻڻ ڪاڻ اِهو سمجهڻ ضروري هو تہ هوُ کهڙي ڪارڻ هٽ ۾ ٽي چڙهيو! پڇا مان پتو پيو تہ هوُ وڏي پهچ وارو هو- سندس ماءُ پنهنجي ڪاليج ۾ انگريزي ڪاٽي جي سرڪردي هئي ۽ تنهن کان سواءِ هوءَ يونيورسٽيءَ جي ڪاروباري سڀا جي ميمبر پڻ هئي. رتيو ويو هو تہ هن ڳڀرو جوان کي يونيورسٽيءَ جي اِتهاس وڀاڳ جو سرمور بڻائيو!! اَهڙن آسرن سان ڪنهنجو من نہ وڌندو!!! پر انهيءَ ڪارڻ مان سندس مزاج برداشت ڪرڻ لاءِ هرگز تيار نہ هوس. ويچار هوم تہ وجهہ ٿهي اَچڻ تي سندس مغز ٺڪاڻي آڻيندس- پل تہ ياد ڪندو وتي تہ ڪو مرد مؤلاني مليو هوس!!!

ٽرلدي دفعي جو هوُ جاچيل پيپر مون وٽ کڻي آيو تہ سندس اَڳي جاچيل پيپرن مان ڪيس هڪ ڏيکاري، چيومانس، "پڙ، هيءَ پيپر نہ واهہ جو لکيل آهي، پر اُن جو ملهہ پنجاهہ مان ٽو فقط اوڻويهہ مارڪون ڪيو آهي! اِهي تہ تمام ٿوريون مارڪون آهن. اِهو پيپر ٽيهہ مارڪون تہ واهہ جون لهي!" منهنجو اِهڙ چوڻ ۽ مڙس جا ڪن ڳاڙها ٿيڻ. هڪدم وراڻيائين

مون کان زوردار تقاضا ڪيائون ته ٻڌاءِ ته اهو سمت - دل پيپر جاچيندڙ ڪير هو. ٽالو ته مون ڪين ڪيو. ٻڌايو، پر هاڻ مون پنهنجا هٿ وڌيڪ پختا سمجهيا، جو هيئنر مون کي واهه جو هشيار هٿ اچي چڪو هو.

ٻئي دفعي جو پٽُو مون وٽ آيو ته هن پيپر جو تنهن سر ذڪر ڇيڙيو. مون ڪيس ٻڌايو، مان سمجهايو ته هُو شاگرد سان نسورو ناحق ڪري رهيو هو. پر پروفيسر پٽُو ٻڌهه پنڌ پهڻ نڪتو. بس هاڻ آڪڙي - ٻاڻ ڇوڙڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چاڙهو ٿي ڪيو هو. مون پٽُو صاحب کي اپيل بورڊ جي ڪراءِ فيصلي کان واقف ڪيو. هاڻ مس ڪري ڳالهه ڪي قدر سندس دماغ ۾ ويٺي. پر مڙس ته قڏو! چوڻ لڳو ته ڇهن پنجن مارڪن جي ٻل تي سگهي ٿي، جو هن پيپر کان اڳ ــ ڪيترا لاڳيتا پيپر ٻڌهه جدا هئا، جنهن ڪري ممڪن آهي ته اُنهن جي بدتاثير کان هن پيپر کي ڪجهه ڪس لڳي هجي - پر هيءَ پيپر پنجويهن کان، ڪنهن به حالت ۾، وڌيڪ مارڪون ڪين لهي! پنجويهن مارڪن تي ناهه ڪرڻ لاءِ مان به تيار ڪين هوس. هڪ دفعو سا ٻل ٻاسيائين سهين، پوءِ ته مان به ڇڏڻ وارو ڪين هوسانس!! پڇيومانس، ”سوالن جي جوابن جي وچُور توکي لکت ۾ ڏني وئي آهي. پيپر تنهنجي هٿ ۾ آهي. هاڻ ٻڌاءِ ته وڌ پار ٿيءَ ڇا ڪين ڏنو آهي، جو تو فراخ دل هوندي به هن

ڀڳوءِ کي سڌي پيو لڳي آڻڻ لاءِ ٻو وقت ٻي ڪا واهه ڪانه ٿي ڏٺي. انڪري وڏي سوچ ۾ پئجي ويس.

ليڪن هڪ وات سمجهه آئي. پئي ڏينهن ٽي سب ماڊريٽر هئي جو واءِ سڻائڻ ڏيڻ خاطر مون وٽ آيا هئا. هو جڏهن آيا ۽ حال احوال ڏيئي پورو ڪيائون ته مون کين چيو، "مان اوهانکي اج اهو شرف ڏيڻ ٿو گهران جو اوهانکي جيون-ڀر ۾ شايد وري نصيب نه ٿئي. هڪ وديارٿيءَ جو پيپر منهنجي نظر ۾ ڇهه سئو مارڪون لهي، مگر ممتحن ان کي فقط اوڻويهه مارڪن جي ئي لائق ٿو سمجهي. انهيءَ لاءِ مون ۽ منهنجي وچ ۾ وڏو متڀيد ڪر کڻي بيٺو آهي. هونءَ ته پومک-ماڊريٽر جي حيثيت ۾ آخر ريت فيصلي جو مونکي ئي اڌڪار آهي، پر انهيءَ سبب پيپر جاچيندڙ کي ماڊريٽر جي فيصلي خلاف جو اپيل جو حق مليل آهي، اهو مارجي ٿو وڃي. پر مان ڪيس انهيءَ وجهه کان وانجهڻ نٿو گهران. انڪري آءٌ اوهان سڀني جو هڪ اپيل بورڊ ڪڙو ٿو ڪريان. اهو پيپر آءٌ اوهانکي پڙهي ٿو ٻڌايان- اوهين امين ٿيو ۽ ڪٿ ڪريو ته هيءُ پيپر ڪيترن مارڪن جو حقدار آهي." انهيءَ تي مڙني ماڊريٽر ڪڙا ٿي ويٺا ۽ خاص ڌيان سان پيپر ٻڌائون. پيپر پوري ٿيڻ تي هنن ٻڪراءِ فتوى ڏني اهو پيپر بيو نه، نه پنجيهه مارڪون نه ضرور لهي

ڪانسواءِ جواب نہ ڏيندي هن هڪ بہ وزندار تفصيل کين
وساريو آهي، پوءِ بہ حقيءَ مارڪن کان ڪيس وانجهيو
اُٿيئي!!!" ڳالهہ نہ دل سان لڳيس، پر دل جو جو تنگ
هو ۽ طبيعت جو لڇس، سو جڻ ڪسندي پنجوڙهن
مان رڙهي، مس پنهنجن لائين پهتو. اُس اُڳتي وڌڻ
کان بنھہ لاچاري واري ويٺو، جڻ اپيل بورڊ جي فتويٰ
موجب هلڻ ڪري سندس عزت ۾ خلل ٿي پيو! مون
پڻ ڪيس پاڻيءَ کان ٻاهر ڪڍڻ کين ٿي چاهيو، سو
پنهنجن لي سؤدو پڪو ڪيوسين. مولڪي خوشي ٿي تہ
ڪنهن وڏيارتيءَ سان ناحق ٿيڻ کي روڪڻ ۾ گهڻي
قدر ڪامياب ويو هوس. شل نہ ڪنهن اڏوري سان
پلؤ اُڙجي!!

ڪي ٻري ڏيڻ ٿي سندرو ٻڌو آهي؟" وڏيرو ٻهرين ته
وسميءَ ۾ پئجي ويو، پر جلد پاڻ سنڀالي، چيائين،
"هن وديارٿيءَ سوالن جي جوابن جا فقط ٽپ جاٽايا آهن،
باقي اُنهن جو وستار خير ڪو ڪيو اٿس. اهي ٽپ
شايد هُو برزبان ياد ڪري آيو هجي! اُنهن جو وستار
جو نٿو ڪري، اُن مان اهو ٿي اَنومان ٿو لڳي ته هن
ڳالهه سچ پچ سمجهي ڪانهي، فقط طوطي واري ٽڪوار ٿي
ڪئي اٿس، جنهن لاءِ پنجاهه سيڪڙو مارڪون
سرسريون ٿي ليکبيون." پنوُ واهه جو ڏاهو لڳتو. پر
مان پڻ ميڇڏ هوس. رد قد ڏيندي پڇيومانس، "پنوُ
اهو ته ٻڌاءِ ته هرهڪ سوال جي جواب ۾ هن شاگرد
فقط ٽپ جاٽائيندي گهڻا صفحا لکيا آهن؟" ورندي
ڏنائين، "چار پنج صفحا ضرور لکيا اٿس." تڏهن
چيومانس، "هاڻ تون ٿي اَمين ٿيءُ. هرهڪ سوال جي
جواب لاءِ وديارٿين کي فقط اَڌ ڪلاڪ ٿي ته ڏنو ٿو
وڃي. خود تون اَڌ ڪلاڪ ۾ اهي ڏکها صفحا هوند
گهڻا لکي سگهين؟" جواب ڏنائين، "ها، پنج صفحا
ته واهه جا لکي وجان." بازي جڻ هارائي چڪو.
چيومانس، "جتي تون وستار سميت ايترا ٿي صفحا
لکي سگهين، اُتي جي وديارٿي ايڏي مقدار ۾ فقط
ٽپ ٿي جاٽائي ته هُو ڇا نه جاٽندو هوندو! قدر، قدر
جي ماڳـــ، مورڳو مٿس ڏنڊ مڙهي آيٺي!! تڏهن

ڏٺومانس ته جلد لڙهندو ٿي ويندا ئن. پر ڪيس پوڻ پيا
پئي ته هاڻ ڪا جواني نه ڪانه هئي جو جل ڦٽاڪي
جيان اُڀري اٿيو، جي پنهنجي سر هلي چلي سگهجي
اِها ٻه ڏٺيءَ جي وڏي مهر ڇٽي. چوي پيو، "آسيس
ڪر ته اُٿي ويهي پاڻيهي سگهان." منهنجو من پڇي
آيو- هيڏو شير مڙس هيئن دل هاري وهي، ساڻس
ضرور ڪا وڏي ويڌن هوندي! بمبئيءَ ۾ بيمارين جو
ڪاٿو ئي ڪونهي. شهر ۾ ايندي ويندي ڪي ماڻهو
ڏسجن ٿا ته جنسي سيات ونيو وڃي. ماڻهو پيءَ دنيا
۾ سوڳ، لوڳ، جون ڳالهيون ڪندا آهن، پر لوڳ
ته لڳي پيو نه هتي، هن دنيا ۾ ئي آهي. بيمارين
وگهي هجي، ڪاڻي ويل ماڻهو ڏسي پڪ ٿيو وڃي ته
لوڳ ۾ به ته ساڳي ئي پيڙا نه هوندي!! رت جو دؤرو
بمبئيءَ ۾ نه، چڻ هر ڪنهن کي آهي. هر پچار ۾ پيو
ڇا ٿيندو. صبوح جو اُٿڻ سان هڪ نه ٻي ڳالهه جي
اُڻ تڻ لڳي ئي پيئي آهي، پوءِ به، رت جو دؤرو نه
وڌندو ته پيو ڇا ٿيندو! پر مولڪي اِها ڪل ڪانه هئي
ته رت جي دؤري ۾ ڪي هيءُ حال ٿيندا آهن!! سالي
جو حال ڏسي حد اَرمان ٿيم. هونءَ نه خيال ڪيو
هوم ته سالي وٽان ٿي، گرانٽ روڊ تي ڪتابن جي
دڪان تي ڪجهه نوان ڪتاب نظر مان ڪڍندس. پر
سندس هيٺين حالت تي اَهڙو ته قياس آيم، جو ساڻس

٥٠- هيڏانهن، هوُ ڏس!

عام طرح چوندا آهن ته ساليون شيئن کي پڻ پياريون ٿينديون آهن، پر هيءَ ته سالي جو سوال هو. مهنجو سوا ٽيهو هو ته سالو ڪوله گڏيو هوم. اڳيئي لاچڱائيءَ جي دانهن پئي ڪيائين، سو هيترو وقت جو ڪوله ڏنو هوماس، ته اُلبت خيال ٿي پيو. پر رهيو پيو هو پري، سو وٽس ڪهي وڃڻ کان اڳ سوچيم ته ساليءَ کان چو ڪين سڌ لهان ته پاڻس جي هيتري وقت کان نه گڏجڻ جو ڪارڻ ڪهڙو هو. تنهن ڪري لنگهي ويس هن وٽ. اُتان پتو پيم ته رت جو دٻرو وڌي ويو هوس، ۽ ڊاڪٽر گهر ۾ آرام وٺڻ جي هدايت ڪئي هيس. اِهيءَ خبر پوڻ تي وٽس وڃڻ ضروري ٿيو.

هڪڙي ڏينهن وقت ڪڍي، لڪري ويس سالي وٽ. سالي کي ڏسي مونکي اعتبار ئي ڪين آيو ته هوُ ڪو ايتري ۾ ايڏو ڀرو ٿي ويو هوندو! مڙس ساڻو ٿي ويو هو، منهن مان رت صفا ڇڻي چڪو هوس، ۽ وائڙو پئي لڳو. شڪر جو سڃاتائين سهين، پر آواز اُڪليس نه پيو. ڏوراپو ڏنومانس ته ليلايو ۽ ڪين ڪيءَ ته ٺيڪ نه هئين. ورندي ملي، "مڙس ٿي هٿن مان ويو، سو منجهي پياسين. جڏهن ڪجهه مٿو ٿي نه پيو لڳي ته ڪڏهن کي ليليو موڪلڻ خيال ۾ چو ٿو اچي."
خير. آهستگيءَ سان حال احوال ورنومانس ۽ ڏب

سي اُسانجي سڄڻ ڇو ٿا!! ٽئڪسيءَ جا واڇوڙي مثل
هلئي رهي هئي، تنهنجي رفتار اوچتو پوري ٿي وئي،
ڇو تہ پريان ٽانا چوڪ وارو ڳاڙهو سگنل روڪ ڪڙو ٿيو
بيٺو هو. خار ڏاڍا لڳم ۽ آلدر جو آلدر ۾ خوب حرف
پڙهيا مانس، پر ٽئڪسيءَ جي رفتار پوري ٿيندي ئي
رهي. سگنل کي جو ڳالهايم، تنهن مان ورتو برابر ڪي
ڪين، پر آلدر جو غبار ڪي قدر ضرور گهٽيو.

جئن ئي ٽئڪسيءَ جي رفتار پوري ٿيندي وئي
تہ مون بہ خيالو ڪٽي ڪاٻي طرف نهاريو. اوچتو منهنجي
نظر هڪ موٽر سائيڪل تي چڙهي، جنهن تـي هڪ
جوان جمال لينگس پيلهہ ويٺي هئي. مون وانگر ڇوڪري
پڻ ڪٻي نهاري رهي هئي، جنهن ڪري سندس منهن
مونکي ڏسڻ ۾ ڪين ٿـي آيو، پر ڊؤل ڍنگ مان
اِئين پئي لڳو تہ هوءَ سڃاتل هئي. جي منهنجي ٽئڪسيءَ
رفتار گهٽائي هئي، تہ هن موٽر سائيڪل پڻ پنهنجي
وک پوري ڪئي هئي. اَلائجي ڇو، ڇوڪريءَ کي
ڪهڙو خيال آيو، جو منهن ڪري وراڻائين. هڪ پئي
تي نظر پوڻ ۾ دير ئي ڪانہ لڳي. هن مونکي هڪدم
سڃاتو ۽ موٽر سائيڪل هلائيندڙ کـي منٺي ڇهنڊڙي
پائيندي، چيو ۾ چيائينس، ”هيڏانهن، هوُ ڏس!“
هوُ وائڙو ٿي چوطرف نهارڻ لڳو، پر ڪيس ڪجهہ بہ
آلوکو نظر ڪين آيو. تنهن تي ڪنڌ ورائي پڇيائينس،

ڳالهيون ڪندي وقت جي سمڪ ئي ڪانه رهي. اوچتو جو واچ تي نظر پيم ته مار! دڪان جي بند ٿيڻ ۾ باقي ڪا ٿوريا ئي مهل هئي. مان اٿي ڪري تڪڙو اُٿيس، جو هڪ ڪتاب ضرور ڪڍندو هوم. جهٽ ۾ سالي کان موڪلايم. ڇڏي ئي نه پيو. سو پيهر اچڻ جو انجام ڪري پاڻ ڇڏايم، ۽ پوءِ هيٺ اچي بس تي بيٺس. ڪڏهن ڪفايت جو ويچار اچي ورائيندو آئم، نه نه هونءَ نه مون جهڙو هٿ-قار ڳوليو لڀي. سو اڄ پڻ انهيءَ ويچار جي جنون هيٺ بس لاءِ ترسيس. پر ڪڏهن ائين پڻ ٿيندو آهي ته جنهن ڳالهه جي اڻ تڻ هوندي آهي ۽ جنهن لاءِ اُتاولائي ڪبي آهي، تنهن ۾ دير ئي پوندي آهي. هونءَ نه انهيءَ مهل بسيون جلد جلد ايندڀون رهنديون آهن ۽ اڪثر ريت خالي ئي هونديون آهن. پر اڄ بسين کي ۽ اهڙو ڪو چٽو لڳو هو، جو سندن واٽ نهاريندي نيڻ سور ڪرڻ لڳا جي ڪري ڪا هڪڙپاڻي بس ڪٽي پيدا ٿي! موڪلي ۾ هئي تڪڙ؛ ڏنم ته بس لاءِ ترسڻ هاڻي بي سُود هو، تنهنڪري ٽئڪسي ڪيم. ٽئڪسيءَ واري کي پڻ ٽئڪسي تڪڙي هلائڻ لاءِ تاڪيد ڪيم. هن ويچاري نه سڏ اوناڻيو، پر هوُ جي چوسوُلن تي بي-جان بجليءَ وارا سگنل هڻيا آئن، تن سان ڪير پڄي! هوُ ته ڪهڙي ۾ ٽسينگ جي پڌڻ وارا ناهن،

سندس سويمور تان ڪٽجي ويو هو، ٻنهجي لئين جيون
آڻڻ خاطر. هيءُ سڄو وقت ڇوڪر مرڪيو ٿي، ٿئي ؟
شرمايو به ٿئي، شايد اِهيءَ ڪارڻ جو ڪجهه ڏينهن
لاڪر هن ڪاليج پيگ ڪري، هن لئين سنگ جو
لطف ٿئي ماڻيو، جو ڪيس هاڻ ڪڪي رهيو هو.

”ڇا، ڪٿي آهي؟“ وري بہ ڇپن ۽ اکين جي اشارن سان سمجهايائينس، ”هوُ...... هيڏانهن...... ٽئڪسيءَ ۾...... منهنجو پروفيسر!“ هن دفعي هن معنيٰ ڀرئي نگاهن سان منهنجي طرف نهاريو. هيئنئر پڻ سندس ڪوشش ڪامياب ڪانہ ٿي، ڇو تہ ٽئڪسي فقط هڪ تہ ڪانہ هئي، لکي ڪي اوڏي مهل پروفيسر ڪو ڪڙو ٿي پاسڻ ڏٺي رهيو هو، جو هن کي هڪدم ڪڍي سڃاڻجي! ڇوڪر انڪري ڇوڪريءَ کان اڳ پيچ پيچ ٻئي ڪٿي تہ سگنل ڳاڙهي مان بدلجي نارنگي ٿيو ۽ هڪدم نئين منجهي هرو ٿي ويو، جنهن ڪري ٽئڪسيءَ توڙي موٽر سائيڪل پڻ وک کڻي ۽ ٻئي هڪ ٻئي جي نظرن کان دوُر ٿي ويون.

ڪرالٽ روڊ جي پل لهي، هيٺ ٿي ٿياسين تہ وري ٽئڪسيءَ جي رفتار ڍري ٿيڻ لڳي ۽ منٽ اڌ ۾ موٽر سائيڪل منهنجي ڪٻي طرف اچي سهڙي. هن دفعي هوءَ ليڊنگر مون طرف نئين نهاري، ڇوڪر کي ڪن سڻ ۾ ڇٽي رهي هئي، ”هوُ ڏس...... هن ٽئڪسيءَ ۾...... منهنجو پروفيسر.“ هاڻي ڇوڪر کي مولڪي سڃاڻڻ ۾ دير ڪين لڳي ۽ هن مولڪي ڏسي مرڪيو. بس، ڪاٻي طرف وارو سگنل جهٽ ۾ نئين مٽيو ۽ هوُ جوان، ڇوڪر کي لئمنگٽن روڊ ٽان لوجيون سوسائٽيءَ طرف اڏانئين اڏائيندو ويو، جٿي پرٿوپراج سمپکتا کي

مڙس زالون ڏيندي به ٿي پيو. چاڪاڻ ته ماستر جو پٽ هو، تنهن ڪري پيءُ جو پرماڻ ڏيڻ لڳو ته ڪيترن هنڌ زالن جي ضرورت ناهي. لاچار ڇيوماس ته ڪتاب لکيل منهنجو، تون ڇپائيءَ جي حق ڳنهڻ جو حقدار، تون ڪيئن ڪا قيرقار ڪندين؟ توکي حق ٿي ڪهڙو آهي فيصلي ڏيڻ جو ته زالن ڪٿي ڏجي يا نه! باقي رهيو درستين جو سوال - سو ته سياه جو سوال آهي. آڇارن جو آهيان؛ سو ڪن هنڌ سڌارو سجهندو ٿي رهندو. ڪمپازيٽر انهن درستين ڪرڻ کان ورنءَ ويندا آهن ۽ خفي ٿيندا آهن، چاڪاڻ ته اها ڳالهه سندن مزاج جي خلاف آهي.

انهن جو ته سڀ ڪمپازيٽر ۽ پريس وارا سڪٽيءَ ڪنيءَ ڪارڻ پيا اُپامندا آهن، سا فتوي ساڻن سراسر بي انصافي آهي. مولکي کي اهڙا ڪمپازيٽر به مليا آهن، جن پنهنجي آزمودي جي آڌار تي سڌاري جون صلاحون ڏنيون اَٿم، جي بلڪل ٿي جائز ۽ درست هيون ۽ مون اهي سويڪار ٿي ڪيون آهن. شايد انهيءَ ڪارڻ ٿي آخر ريت منهنجو ڪم راس ٿيندو رهيو آهي. جڏهن به ڪنهن بينل ماڻهوءَ جو ڪم روڪجي وڃي، ته سندس ڪاهه مون تي. سرڳي هاسيمل جي زال جي لمت اَٿم واٽين جي چؤلپري وقت سر ڇپجي ٿي نه پيئي سگهي! ڏس مليس ته هلي آيو مون وٽ ۽

٥١- گُورو ۽ آچاريہ

هر ڪنهن هنر واري کي پنهنجو پنهنجو مزاج آهي؛ تنهن ۾ سنڌي پريس وارن کي وري پنهنجو انوکو. اهڙيءَ نرالي طبيعت ڪارڻ ٻهبٽيءَ جي ڪنهن پريس واري کي ڪن تي سماءُ سو پوي ته ڪنهن سنڌي ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ منهنجو هٿ آهي تہ پورين تہ اهڙيءَ ڪتاب کي هٿ ۾ کڻڻ کان نٿي ٿهندو. پر اهڙيءَ ڪري منهنجو ڪم ڪڏهن بہ رڪيو ڪينهي؛ ڪتاب ٽڪري نروار ضرور ٿيندو آهي. پوءِ ڀلا منهنجي ڪم کان ڪمپازيٽر ڪيئائين ڇو ٿا؟ چاڪاڻ تہ ڪتراڳي آهيان- هڪڙو تہ مان زبر زير ڏيڻ تي زور رکندو آهيان، ۽ ٻيو تہ پڇاڙيءَ سوڌو درستي ڪرڻ کان ڪين ٿهندو آهيان. زبر زير آهن مصالحن مثل؛ انهن کانسواءِ پڙهڻ جو لطف ٽڪريو وڃي- ڪڏهن ڪڏهن، خاص طور تنهن ٿهيءَ وارن لاءِ پڙهڻ ئي جنسي آزار بڻجيو پوي. پوءِ ڀلا ڪمپازيٽر اهي لشاليون ڏيڻ کان ٿهن ڇو ٿا؟ چاڪاڻ تہ اهيءَ ۾ محنت آهي ۽ اَج ڪالهہ جاکوڙ يا جفاڪشي ڪنهن کان پڄي ڪالہ ٿي. سڀ جو ٿالهر ٿي ويا آهن! سڀ ٿي ويا آهن رئيس، تہ گڏهہ ڪير هڪلي؟ هڪ دفعي ڪنهن ناتو چڙهيل پريس واري کي ڪتاب جو دستخط ڏيکاري، ڪانئس ڇپائيءَ جو اَگهہ پڇيم. جيڪي ڇپائين، سو ڏيڻ قبوليم، تہ بہ

ويو. پهرين ته هوءَ ماٺا پيا ڪن، ۽ ڪين جا خبر هئي
ته پروفيسر سان رد بدل مان ورندو ڪين، تنهن ڪري
جلد اَگهه، وغيره، طئه ڪري ورتوسين. پنو پڻ گهرايو
ويو ۽ ڇپائيءَ جو ڪم شروع ڪيو ويو. پهريان اٺ
صفحا ڇپجي پڻ ويا ۽ ٻين اٺن پنجن جا پروف مون
ڏسي، ڏالن کي نظر ثانيءَ لاءِ موڪليم. پر پروف موٽي،
ڪين موٽيا. مور ڳوليايو آيو ته "اَسين اُوهان سان گڏجڻ
ٿيون چاهيون- اَسين اوهان وٽ اَچون ها جي اوهان
کي تڪليف نه ٿئي ته اوهين ورالا هليا اَچو."

مون ئي ورالا وڃڻ واجب سمجهيو. مان جو اُتي
پهتس ته ٻئي ساهيڙيون ڳوڙهي فڪر ۾ ٻڏي ڏٺيون.
سندن شڪلين مان بي آرامي ۽ پريشاني بکي رهي
هئي. مون وهڻ سان ڪانئن پڇيو: "آخر ٿيو ڇا آهي؟
اَهڙي ڪهڙي ڳالهه ٿي آهي جو هيئن سوچ ۾ پيئون
نظر اَچو؟" پهرين ته ڪانئن ڳالهائڻ ئي نه پيو اُڪلي-
سخت بڏڙ ۾ هيون تـ. ڳالهه سرسٽيءَ ريت ڪجي
ڪين نه؛ پر پوءِ آهستي سندن مک ڪجهه
ٻولڻ لڳو. شروع ۾ ته مونکي سمجهه ۾ ڪجهه ڪين آيو،
پر آخر ڳالهه صاف ٿي بيٺي- هبڪندي چيائون،
"سواميجن پروف واپس ڪرڻ نٿا چاهين......" مون
تهه پهه ورلدي ڏني، ته "پوءِ ڪتاب ڇپائڻ جي پچر ئي
ڇڏي ڏيو." منهنجو اِئين چوڻ ۽ سندن منهن ٿـي

چؤاپري ڇپجي تيار ٿي!! ماسترن جي گائيڊ Guide ۾ ٻه اکر رولو ڪاهجي پيو. شڪليون ئي لهي ويون. وات وڌم ته قصو لهي ويو.

هن سبب هڪ ڏينهن ڪي زالون مون وٽ ڪهي آيون. هڪ جو ويجهڙائيءَ ۾ ڏٽي گذاري ويو هو. سندس مرضي هئي ته ڏٽيءَ لمت ڪجهه ڌرمي شيءِ ويچار ۽ ڪرم جو ڳٽڪو ڇپائي پڌرو ڪريان- ان دوران جنتا جو پڻ ڪلياڻ ٿيندو. پنهنجي گوروجن سان ڳالهه ڪيائين، جن خود ڪجهه درشٽانت لکرائي ڏيڻ جي ذميواري پاڻ تي هموار ڪئي. ڪتاب جو دستخط تيار هو. باقي هئي ڇپائيءَ جي مشڪلات. اها جوابداري هنن مونتي مڙهڻ ٿي چاهي. ڪتاب سهڻو ڪري ڇپائڻ جو ڪم مون هيج پاڻ تي هموار ڪيو، ڇو ته ڌرم بلي پيو ڪجهه خاص نه ڪين ٿا ڪريون؛ ٻه شبد سينڌي جي ڀلي خاطر ڇپائي ڏيڻ جو سڳورو ڪم ٻه نه ڪبو، ته جيون جڻ وئرٿ ويئي. تنهن ڪان سواء منهنجن لڱن مان ڪجهه لهي ٿورو ئي ٿي ويو. هيءَ هڏ ۽ چم ڪنهن ڏينهن آخر بيڪار ٿيو پيو رهندو، پوء ڇو نه اهو ڪنهن جي ڪم لائجي! مون جو هيءَ ڪم ڇوج پاڻي پاڻ تي ڪنيو، سو زالن کي نهايت خوشي ٿي ۽ اڳواٽ ئي منهنجو آڀار مڃڻ لڳيون.

خير. پريس وارن سان ڇپائيءَ جو بندوبست ڪيو

پريس لاءِ ڇپڻ سر تيار ڪيل دستخط، سواميءَ جن کي
اڳ مان ڪيڻ لاءِ پڙ ڏنو ويو هو. هنن کي اها
خاطري هئي ته سندن وچن ۾ ڪنهن کي به ڪا ڪمي
اڳ ڪين ايندي ۽ ڪنهن به خاص سڌاري يا ڦيرڦار
جي ضرورت نه ٿيندي. پر جڏهن پروف سندن سامهون
آيا ته گوروجن فرمايو، ”منهنجي وچن ڦيرائڻ جي
ڪنهن کي جرئت ڪيئن ٿي؟ اهڙو ڪتاب ڇپجڻ ٿي
نه گهرجي.“ آچاريه ته پنهنجي خوشيءَ اهڙيءَ فيصلي
سان اڳي ئي سهمت ٿي چڪو هو.

سوهائيءَ جو چالاڻجي وڃڻ. پر مدنُ ۾ ڪنهن ڪارڻ وري سندن شڪل ٿاڻجي ويئي- "اُوهان کي هيڏي تڪليف ڏنيسين. هاڻي خريد ڪيل پنو ڪيڏانهن ڪبو......" مون کين دلداري ڏيندي چيو، "اِلهيءَ جو اُوهين ڪو اُلڪو نه ڪريو. پنو سولائيءَ سان نيڪال ڪري ڇڏبو. منهنجو بوجو پاڻ گهٽبو، نه ته ڪتاب پوري ٿيڻ تائين ڳهڻو پوندم ها. اَرمان رڳو ايترو اٿم ته اُوهان جي من جي منشا پوري نه ٿي ۽ ڪجهه اَجايو خرچ ٿيو." اِلهيءَ ئي وڏيڪ ڳڻتي ۽ چنتا جو ڪو وڏيڪ ڪارڻ ڪونه رهيو، ۽ اُچي ڳالهين ۾ پياسين.

هيءُ جو قصو اوچتو اُلٽو ٿي ويو هو، سا ڳالهه جهٽ سلجهائجي ويئي. سواميءَ جن کي شروعات ۾ ٻڌايو ويو هو ته پريس جو ڪم مولڪي سواپيو ويو آهي. کين اِها ڳالهه پسند آئي جو سندن مراد پٺ، جو مون وٽ ڪاليج ۾ پڙهي ويو هو، تنهن کين يقين ڏيارايو هو ته "ڪم قابل هٿن ۾ سپرد ڪيو ويو آهي." سواميءَ جن پنجاب جا رهاڪو هئا، جنهن ڪري درشنالن جي ٻولي ڳر ڳرڏاڻي لڳي پيئي هئي. منهنجو دستور آهي ته ڪنهنجو به ڪم ڪٽان، ته اهو سني ۽ سهڻي نموني نباهيان. اِلهيءَ ڪري مون دستخط ۾ ضروري ڦير ڦار ضرور ڪئي، جا زالن کي لهايت وڻي. آهڙي ئي خاطري سواميءَ جن جي فرزلد اَرجمند ڪي پڻ هئي.

پنچائت جي ڪارڻ ۾ ڪا ڪمي ڪانہ ٿي ھئي، اڪي ڪي الھيءَ ڪري ڪنھن کي ڪا ڪس نہ اڳي ھئي. پنچائت جو ڪارڻ باقاعدي ھلندو نہ آيو ھو.

سالياني ميڙ ۾ عھديدارن جون چونڊون ٿينديون ھيون. مون تہ ڪل - ڪلاڻو ظاھر ڪيو ھو تہ مونکي جيڪا پائرن جي شيوا ڪرڻي ھئي سا مون لاڳيتو ٽي سال سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ ڪئي ھئي ۽ منھنجي صحت وڌيڪ وقت ھڻ پت ڪرڻ لاءِ ڇنو ڪين ٿي ڪيو، انڪري آءٌ وري سيڪريٽريءَ جي چونڊ لاءِ ڪين بيھندس. پر الھيءَ جو اِھو مطلب نہ ھو تہ توڙ توڻي لباھيندس ڪين ۽ عھدو ڇڏڻ ڪارڻ پنھنجي جوابداريءَ کان منھن موڙي ڇڏيندس. مان، پنچائت جو ساليانو ميڙ، پريزيڊنٽ جي آب مان جو ميڙ ڪري ليکيندو آھيان. ان ڪري پريزيڊنٽ صاحب جو عھدو سواگت ڪرڻ لاءِ ھيل مون مخمل جي ڪرسي گھرائي ھئي- جا اَڪثر ريس شاديءَ جي موقعي تي گھوٽ راڄا لاءِ ئي گھرائي ويندي آھي- تہ پل تہ ھوُ شد مد سان سالياني ميڙ جي ڪارروائي ھلائي ۽ صحيح معنيٰ ۾ ميڙ جو مور ٿئي! عام رت مکيءَ لاءِ ڪا خاص ڪرسي ڪين ڪين گھرائي ويندي ھئي. مون پريزيڊنٽ صاحب جي عزت ڪرڻ ڪارڻ ئي ائين ڪيو ھو. حقيقت ۾ پريزيڊنٽ ھڪڙي جي پڻ مون ئي کيس آڇ ڪئي ھئي،

٥٢- محفل جو ميڙ

کين سان ٻيو هڪ سال پورو ٿيو. اڄ پنچائت جو ساليانو ميڙ هو. هيءُ سال اڳين سالن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سوڀارو ويو هو. ميمبرن کان ساليانا چندا وقت سر اڳاڙيا ويا هئا، ۽ ماهياني مدد ۾ پڻ ڪنهن وٽ ٻقايا رهجي ڪان ويئي هئي. معزز ميمبرن جو تعداد ڏيڍهون پوءِ وڌندو ٿي رهيو هو ۽ ماهياني مدد ٻلي رقم اڳي کان وڌيڪ ٿي اڳري رهي هئي. گهرجائو گهرن کي سهائتا وقت سر موڪلي پئي ويئي ۽ ڪاروباري ڪاميٽيءَ جون ميٽنگون باقاعدي ٿينديون ٿي رهيون، جن ۾ پنچائت جي بهبوديءَ نسبت خوب سوچ ويچار چالو رهيو. هوليءَ جو ڏل ڀيڪي سان ملهايو ويو ۽ سالياني پڪنڪ شد مد سان ٿي گذري هئي. پنچائت هر حالت ۾ هري ڀري رهي، ۽ پنچن ۾ پنچائت جي ڪارن نسبت ڪافي دلچسپي رهي. سڄو سال پنچائت جو ڪارڙ هر طرح عمديءَ ريت هليو ۽ ان ڪارڻ سرهائيءَ جو سبب هو ٿي هو.

پر هڪ اڌ خامي رهجي ضرور ويئي. پنچائت جو ساليانو ميڙ هونءَ ڪان چڱو اوڙو سڏايو ويو هو- فيبروريءَ بدران جون ٿي ويئي هئي. پر الهيءَ ۾ مولڪي ڪا به ارمان يا اعتراض جوڳي ڳالهه نظر ڪين آئي- ساليانو ميڙ برابر ڏير سان ٿي ٿي رهيو هو، پر ان ڪارڻ

لاءِ توسيل آهيان." هن اُنهيءَ تي عجب مان پڇيو، "مکي صاحب اَڇڻو آهي ڇا؟" هاڻ خيال ۾ آيم تہ کي سچڻ کجهہ مڙيو ئي سڀئي آيا هئا. تنهن هوندي بہ مون چيو، "پريزيڊنٽ جو سيڪريٽر مولکي گڏيو، تنهن تہ مولسان کا اَهڙي ڳالهہ کانہ ڪئي. مون تہ کيس برف جي بندوبست لاءِ موڪليو آهي." جواب مليو "هوُ سامهون ئي تہ اَچي رهيو آهي، پڇي کري پڪ کريوس." هن جي ويجهو اَچڻ تي کانئس پڇيم- "چيو، دادا کين ٿا اَچن ڇا؟" اُن جي ورنديءَ ۾ سندس منهن تي معنيٰ ڀري مرڪ ڇانئجي وئي ۽ کيسي مان خط ڪڍي، کڻي ڏنائيم. چڙ ضرور آيم تہ- منهنجي شاگرد پڻ مون سان کيڏ ڪئي! پر جهٽ پاڻ کي پلي ورتم، چو تہ خيال آيم تہ جنگ ۽ جهيڙي ۾ سڀ کجهہ مباح آهي- پٽ ضرور پيءُ جو ئي پدر کڻندو، اُستاد جو درجو نرالو ئي آهي. هاڻ صاف ظاهر ٿي بيٺو تہ پريزيڊنٽ جا حمايتي مولکي کيرائڻ جو ئي سندرو ٻڌي آيا هئا، چو تہ کين شايد خاطري نہ هئي تہ مان کو پنهنجو پد ڇڏيندس، جيتوڻيڪ مان اَهڙو اعلان پنهنجي خوشيءَ کري ڇکو هوس. خير. منهنجي دل لڏي اَصل کين، جيتوڻيڪ هن اوچتي حملي کري کجهہ لغار ضرور لڳي.

مينڊ جو عارضي مکي چوُندي، کارروائي شروع

جو هو ڪيترا سال پنچات جو وائيس پريزيڊنٽ ٿي رهيو هو، پر جڏهن وائيس پريزيڊنٽ جو عهدو رد ڪيو ويو، ته ڪنهن به سندس قدر ڪري کيس پريزيڊنٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪا نه ورتي هئي، جا ڳالهه مونکي اصل ڪين ٿي آئڙي.

مخمل جي ڪرسي پيئي رهي، مگر مکي ڪين آيو، ڪين آيو. پنهنج ايندا رهيا، هونءَ ڪان به سرسيرا- اهي مهاندا جي ڪڏهن ساليانې ميڙ لئي ڏسبا به ڪين هئا! ته به مونکي ڪنهن سٽاءَ جو شڪ نه جاڳيو. ها، ڪجهه ڏينهن ٿيا ته پريزيڊنٽ صاحب مونسان ساليانې ميڙ جي ڏينهن سڏائڻ جي باري ۾ خط و ڪتابت شروع ڪئي هئي ۽ مون سندس خطن جا بروقت ٿي خاطريءَ جهڙا جواب ڏنا هئا ته ساليانې ميڙ جي ڏينهن سڏائڻ لاءِ منهنجي وس ڪان ٻاهر حالتون ٿي جوابدار هيون، ۽ مون سمجهيو هو ته اهو قصو اتي ختم ٿي چڪو. مان ڪيڏ ۽ چالبازيءَ مان خاص طور ڪين ڄاڻان، جنهن ڪري وروڌين جي پکش پاٽن جي جهجهي انداز ۾ اچڻ تي پڻ منهنجي من ۾ شنڪا ڪين جاڳي. جڏهن هو سڀ اچي چڪا ته منجهائڻ هڪ سعيو ڪري اچي مونکان پڇيو ته ’ميڙ جي ڪارروائي ڇو ڪين ٿا شروع ڪريو؛ ڪافي دير ٿي چڪي آهي!‘ مون کيس ورندي ڏني: ”مکي صاحب

وڪ وڌايل ڏسي ٻنهي خوب خوش ٿيا. خلاف ڌرڪي
جوڌا عهديدار چونڊڻ لاءِ ٻهه ٻهراڻي آئي هئي، پر
اُنهيءَ تي پاڻي ڦري ويو، جو پنچات جو ڪاريو، جنهن
نموني هلايو ويو هو تنهن مان ثابت ٿي چڪو ته مڙهيل
ٿهمتون ۽ اعتراض فقط ٺڪر ڀڃڻ لاءِ ئي اُٿاريا ويا هئا.
منهنجي قدر شناسيءَ جي اعتراف ۾ مونکي ئي جهجهن
ووٽن تان مڪي ڪري چونڊيو ويو! محفل جو مور ٿيڻو
هڪڙو هو، پر ٿي اُهو ئي ويو، جنهن کي ٻاهڻ جو
سڏاءُ سڻيو ويو هو!! رنگيءَ جا رنگ جي اِهي آهن!!

ڪئي ويئي. مخالفتي، جي منهنجو ترو ڪڍڻ لاءِ تيار ٿي آيا هئا، سي بي تاب ٿيڻ لڳا. مولڪي هڪل ٿي ته ”ٻهراڻ خط پڙهيو وڃي ته پريزيڊنٽ صاحب ڇا ٿو چئي.“ اُن جي جواب ۾ مون چيو، ”هرڪا ڳالهه قاعدي قانون موجب ڪئي وڃي ته سڀني لاءِ بهتر ٿيندو. سڀني منهنجي ٻٽ-پرائي ڪئي. مان جهٽ جهٽي ويس ته پريزيڊنٽ پنهنجي خط ۾ مولڪي ٿي لويو هو ۽ اِن ريت مولڪي اُڏائڻ جو ساڀاهو ڪيو ويو هو. اِن ڪري خط جو موزون جواب ڏيئي، خلاف ڌر جي مراد مٽيءَ ۾ ملائي، من ٺارڻ جي دل ٿيم. پر انهيءَ لاءِ ڪجهه ويرم گهربي هيم. سو ٻهراڻ گذريل ساليانى ميڙ جي ڪارروائيءَ جو وچور ٻڌائيءَ لاءِ بلند آواز ۾ پڙهيم. تنهن ڪان پوءِ سال اندر گذر ڪري ويل ٻنڌڻن بنسبت غم-خواهيءَ جو ٺهراءُ پيش ڪيم، جو ٻڪراءِ بحال ٿيو. تنهن وچ ۾ منهنجي من جي مالداٽي گهٽي پوري ٿي ويئي ۽ مان حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ هر طرح تيار ٿي ويس.

هاڻي پريزيڊنٽ صاحب جو خط پڙهڻ کي چيئي آواز ۾ پڙهي ٻڌايم ۽ سندن اجازت سان مون تي مڙهيل الزامن ۽ مون خلاف اُٿاريل اعتراضن جو مون ٿڌي سيني جواب ڏنو. پنهنج منهنجي جواب مان پروڙي ويا ته گنگا ڪهڙي طرف وهي رهي هئي. اُن ڪالپوءِ سال جو پوتاميل پيش ڪيم. پنهنجات جي هر ڏس ۾

۽ ميرا مهانڊا پيا نظر اچن!! ڀل وارن ۾ جوانڙن ۽ ليکڙن ڀيڻون سڀ ۽ سڀ ڪائين، پر ڇا مجال جو جوان ۽ جوانڙيون ڪڏهن فئشن ڦيرائين!! انهيءَ ڏينهن وارو اظهارو ڏسڻ وٽان هو. هڪڙو پيرڻ پاڙهيو هوم ۽ ٻئي پيرڻ لاءِ پيو ٿي ته ڪلاڪ ترسڻو هوم، سو ڇيڻ ته دادا ڪيولرام وٽان ٿي اچان. تاج محل هوٽل واري سڙڪ وٽ اڳتي هليس ته هڪڙو ڀولڙي وارو ڏٺم. ڀولڙي واري جي پاسي ۾ هڪ آميريڪن هپي بيٺو هو. ڀولڙي کي گلي ۾ سنهي زنجير پيل هئي، جنهنجو ڇيڙو ڀولڙي واري وٽ سوگهو هو. ڀولڙو هپيءَ جي ڪلهي تي ويٺو هو ۽ هپيءَ جي وارن مان جونئون ڪڍي رهيو هو! هاءِ ري فئشن هاءِ!!

هونءَ ته جيڪي جنهن کي وڻي سو پيو ڪري، هو پنهنجي مرضيءَ جو مختيار آهي، پر هڪ ڳالهه جا هولشٽهار طبقي وارن نه سوچي ۽ نه ورڻ ويچاري آهي سا اها ته سنڌن نئين رنگ ۽ ڍنگ جو سنڌن ويچار ڌارا تي وڏو اثر پئجي رهيو آهي- هو جنهن نموني هلن ۽ ڳالهائين ٿا سو ڏهه فضيلت پريو ڪينهي، هو جنسي خطري جي نشاني بڻجي چڪا آهن!! ڇاڪاڻ ته وار وڏا، جي هر ڪنڌ- ڌوڻ سان پيا سنڌن اڳيان جهومين، ۽ ٻ گهيڻ ڪرڙن سان بوٽ پاٿي جو قد ڪڍيو آئن، سو هنن جي ٻاڙن ۾ ڪٽ نئين جان اچي وئي

٥٣- آسانکي مٿان هٿ لاٿو اٿوَ!!

وقت بوقت فيشن ڦرندا ٿي رهن ٿا. هيئنر فيشن چالو ٿيو آهي ٻُوزن ڀٽڪڻ جو- وار وڌا، ڪڙيون ۽ گهيون ٻاچا ويڪرا... ! ڏسندي جنسي هيبت وٺيو وڃي!! ڪڏهن ڪڏهن ته ائين پيو لڳندو آهي ڄڻ پهڻن وارو زمانو واپس وري آيو آهي!!! انهن وڏن وارن ۽ ويڪرين پتلونن تي هولد اچرج نه ٿو، وني ۽ نه وري ڪو اعتراض ٿي ٿئي، پر هر ڳالهه لاءِ پوچار ڪجي، جا هاڻوڪن لٽولٽن نوجوانن ۽ ليڊگرين کان پڇي ڪٿي ٿي! ڇٺيو ڪين هو، ”وار ته ڦٽي، نه ته ڪوُڙاءِ ڪٽي.“ هيئنر وار ايڏا ته وڌا رکايا ٿا وڃن جو ڦٽي ٿي ٻيڪار ڀٽڪي چڪي آهي! وارن کي هوڪو مڏجهن آڱريون وجهيو پيو لساري، ۽ جي وار ليٽيو مٿهن تي اچيو پون، ته وجهندي ٿي جهٽو، ڇلانگ ماري، ڌڪي ڪٽيو سر مٿان اڇلائين!! هزارها سال اڳ، ٻڻ وار وڌا رکايا ويندا هئا، انهن جي وڏي ديک ڀال ٿيندي هئي- ميٽ مري، اُن سان وهنجبو هو ۽ وار سڪڻ بعد تيل مک ڏيئي، سينڌ ڪڍي هئي. ائين ڪرڻ سان هرڪو سهڻو سٺيو پيو لڳندو هو ۽ هرڪنهن کي پيو وڻندو هو. ٻـر هيئنر فرصت ٿي ڪٿي آهي وارن سنوارڻ جي! سڀان ٿي هرروز ڪين ٿـو ڪري سگهجي، سو وڌيڪ ڪجهه ٿي ٿي ڪين سگهندو!! جيڏاهن اهار اوڏاهن اُٺيا مٿا

ڪلاڪاريءَ ۾ اُني مصروف هئا. پر هيءَ بي-انتظامي مونکان سٺي نه ٿي ۽ مان سڀني طرف وڌي ويس. مونکي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي، سڀني منهن تان مرڪ هڪدم موڪلائي ويئي- هوءَ منهنجي آدر ستڪار لاءِ گنڀير ٿي بيٺا. نزديڪ ايندي کين ساڌارڻ لوءِ ۾ چيم، "هيءَ هلت ٺهي ٿي! پرنسپال جي ڪمري ٻاهران بيٺا مشغول بازي ڪريو!!" هنن هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو، پر منهنجي چوڻ جو مٿن ڪو خاص اثر ڪين ٿيو. هنن جي ذهن تي جا منهنجي ڳالهه ڪانه ويئي ته مون پنهنجي آواز کي ڪي قدر بلند ڪيو: "هتي اچا بيٺا ڇا ٿا ڪريو؟ وڪ کڻو، اڳتي وڌو." اها ڳالهه ڪي قدر سڀني دماغ ۾ ويٺي، پر سڀني سردار ڀسري ويو- "آواز کي ايڏو مٿي ڇو ٿا کڻو، اَسين وڃون ٿا." چيائون ته سهين، پر بيٺا اُتيئي رهيا. هنن کي جو هيلتو ٿي ڪنهن ٻه ڪڏهن ڪجهه ڪين چيو هو، سو هنن ڪان هيل پڻ ڇرڪ ڪين پيو. عادت جي مجبوريءَ ڪارڻ منهنجي حڪم ۽ صلاح جي ٻجاوري جا ڪانه ٿي ته کين وڪ کڻائڻ خاطر منهنجون ٻاهون ڪجهه قدر ڪڄي ويئون. سڀني سردار کي هيءَ ڳالهه اَصل ڪانه آئڙي- هوءُ مرضيءَ جا مختيار، تن تي هيءُ ڪير هو جو حڪم هلائڻ هليو هو! اَهڙي ڪا بي ناجائز هلت ۾ ڪا ٿي سگهي ٿي!! سو ٺوڪي چيائين، "مٿان اَسان کي هٿ لاتو اَٿوَ!" مونکي ڪاوڙ اَچي ويئي ۽ مون پڻ هڪل

آهي؛ هو ڪنهن کي به پاڻ جهڙو ڪين ٿا سمجهن- هلن ته ڪلها پيا مٽڪائين، ڳالهائين ته ڄڻ نرڳهت کان وٺڻ ٿا چاهين!! سندن ڪاپا ڪارڻ سندن ڪلا ڪانئن ڄڻ صفا موڪلائي ويئي آهي. "جهڙو تن، تهڙو من"، واري ڪار ٿي ويئي ٿي نه سمجهين.

سندن جهنگلي هلت ڄڻ ڇيهه ڪري ڇڏي آهي- جانورن جيان جيڪي ڄمي ٿو وٽين، تيئن ٿا ڪن، ڪين اهو ويچار ئي ڪين ٿو اچي ته هر ڳالهه وقت سر ۽ پنهنجي پنهنجي جاءِ سونهندي آهي، ۽ چالاڪ ته ڪين پنهنجي وحشي طاقت جو گهمنڊ آهي، تنهن ڪري ڪوبه ڪين ڇوي ڪجهه ڪين ٿو، جنهن ڪري مورڳو وڃن ٿا مٿي تي چڙهندا.

تازو هڪ اهڙو لقاءُ ماڻڻ جو وجهه مليم. تنهن ڏينهن ڪاليج جي لفٽ مان هيٺ اچي لٿس ته ورانڊي ۾ پرنسپال جي ڪمري جي ٻهه ٻاهران ٽي جنگ جوان بيٺل ڏٺم. البت عجب لڳم ته هيءُ هتي هيئن ڇو بيٺا آهن! پر بيهڻ تي ته ڪا بندش آهي ئي ڪانه. تنهن ڪري خيال ڌار ڏنو پيو. انهن ٽي مڇهالن هڪ، هٿ بوٽ تي رکي، سيٽي وڄائي- اها سيٽي بيشڪ انهن طرز واري هئي، جا ٻڌي، وڄائيندڙ جا جوڙ پداڙ نهايت خوش ٿيا- سندن مهاندا ئي ٽڙي پيا. ٿي سگهي ٿو ته هنن موالڪي ڪوله ڏنو هو، ڇو ته هو پنهنجي

٥٤- ٻٽ تي ٻرڏايم

جيئن سان گوپال پوليءَ مان انجنيري پاس ڪري آيو ۽ جهٽ ئي نوڪري مليس. جنهن ئي نوڪريءَ ۾ پڪو ڪيائونس ته ماءُ جي ممتا منهن ڪڍيو- ٻاڦي وٺي ويٺي ڏٻائس! ٻار ويهارو ٿو ٿئي نه، ماءُ جي آشا ۾ قدم وڌرا وڌيو وڃي، پر هيٺ نه، مورڳو ٻين کي اچي نات ورايو- 'گوپال کي ڪڏهن ٿا مڱايو'، "ڪڏهن ٿا ڏهن گهر ۾ آڻيو؟" 'هاڻي ٻار وهاري ڇڏڻ جو زمانو نورو ئي آهي!' "هيڏا سال گوميءَ گولگي منهن گهر ٽئي هلايو آهي، ونئي ڏيوس ڪا سٺي سقري ڏهن ته، ڪا ولدر نه ٿئيس ۽ ڪم ڪاج ۾ پڻ ڪا سهنجائي ٿئيس." دل ۾ چوندو هوس، "مان ته ويندي پس پيڪي، مون ته اهندي سگهي"، ۽ مرڪي ڳالهه ٽاري ڇڏيندو هوس. پر ماڻهو ڪٿي ٿا مڃن ڪن؛ ڪي نه ٻه ڇهٽي پيا- "پٽ ڪري، ڪي ڪانئيندا؛ جيڪي طلبيندا، سو ملندو." اچرج لڳم ته پٽ منهنجو ۽ ڳالهه لڳي آهي ٻين کي! سوچڻ لڳي سمجهيم ته اهو پڻ ڪي قدر سياڻپ هو. نياڻيون ته ڍر عند آهن ئي آهن. ويتر جو ڪاڏ ڪ خوارڪ، پڙهڻ ڪڏڻ ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين جو ٿي ويو آهي ساڳيو ۽ ڏيڪ ويک ويو آهي وڌي، ته ڇوڪرين جي قد ڪڍڻ ۾ وارم ئي ڪين ٿي لڳي. حق نه ٿي ماڻن کي فڪر ونيو وڃي ته ڇوڪريون ترت شيئهن ڪاڻهي ڪريون.

سان چيو، ”جڏهن چيومانءِ ته هتان هليا وڃو، ته اڃا بيٺا ڇو آهيو!“ ترت ورائيائون، ”وڃون ٿا پيا.“ ”بيٺا ائين آهيو ۽ سمجهو پيا ٿا، اڳتي وڌي رهيا آهيو. عجيب روش ڇٽي اوهان جي! پوءِ به زور ڀريءَ لي ته ”متان هٿ لائو اٿوءِ،“ ائين چوندي مان اڇي ڪل ۾ پيس. مان ٿڪ ۾ ان ڪري اچي پيس جو ڇيم ته مهاتما گانڌيءَ جي سڄي محنت جڙ وٺرت ويٺي هئي - هڪڙن اڇوتن جو ئي اڃا سوڌو پورو اڌار ٿي ڪين سگهيو هو ته متان هيءُ پيا اڇوت اٿي ڪڙا ٿيا هئا - ’متان اسانکي هٿ لائو اتوءِ!‘ منهنجي ڪل ڪين منجهائي حيران ڪيو. سنڌن سودار الڪري ڏاڍي حليمائيءَ سان مولکان پڇيو، ”سائين، ڪلو ڇو ٿا؟“ ورلديءَ ۾ جيڪي خيال ۾ آيو هوم سو ڪين ٻڌايم. ڳالهه ٻڌندي، هوءُ ڀڻ اچي ڪل ۾ ڇنڪيا ۽ سٽ ڪٽي اتان رواڻا ٿي ويا.

منهنجا وڏا مائٽ ۽ ڇوڪريءَ وارا، ٻئي هٿا ڏهلي ۾، سو پڪ جي رسم ڏهليءَ ۾ ادا ڪرڻ واجب سمجهيم. ڏهليءَ ۾ رهندڙ ويجهن عزيزن، وغيره کي "مصريءَ" تي اچڻ جو ڏل گهريو اٿو ڏنم ۽ ٻاءُ کي ڪم جي سرانجاميءَ لاءِ تاڪيد ڪيم. باقي رهيا ٻمبئيءَ وارا متر- اهي انداز جي لحاظ کان جي هٿا جهجها، سو انهن کي ڇپيل ڪارڊ رستي خوش-خبري ٻڌائي ڏنيم. سگهڻي اطلاع مان اڄ ڪلهه پيٽ ڪٽان تو پرچي! سو واڌايون ٻڌڻ "اسيون" ئي مليون!!

رڳيون لکيون واڌايون ملن ها، ته ٻه ٺهيو- ٽيڪا ٽپڻي ۽ سوال الوهان سانوڻي ميڻهن مثل اچي نازل ٿيا- "شاديءَ جا ڪارڊ سي ڏنا پڌا آٿون، باقي هيءُ مگڻي جا ڪارڊ ته ٿون نئرو آهن؛" 'اسانجو ماسات انهيءَ ڪري ئي ته مڙئي کان نيارو آهي.'

واڌايون ڏيندي ماسيءَ پڇيو، "ڇو، مصري ڏهليءَ ۾ ورتي اٿيئي؟ پوءِ روڪ ورتي هوندءِ!" ورندي ڏنيماس، "ڇو، ڏهليءَ ۾ مائٽ ڪيڏهن ڪيٿن! تنهنجا ٻاٽيجا ٻاٽيجيون، منهنجا امي بابو، سؤٽ ڀڳات، گوميءَ جون مائٽياٽيون ۽ ساهيڙيون؛ پوءِ روڪ ڇاجي؟ ڪڇي ٻڪي مصري سڀ هڪ هنڌ ۽ هڪ ئي وقت؛ اجايو خرچ ۽ ٻاڻ پنوڙ نهي ٿوريائي ئي. ٽوڪي سڌ هڻڻ گهرجي ته مان، گوميءَ ۽ گلوءَ ڏي-ون جي خلاف آهيون. باقي رهيو ٻمبئيءَ ۾ رهندڙ متن مائٽن جو

ٻيو ڀيڻن کي ورهي پنهنجا حساب لڳائڻا ٿا پون. اَڄ ڪلهه جون ڇوڪريون اَڪثر طرح آهن نازڪڙيون ۽ نخريليون - چاهين ته گهر به هوند ڪو ٻيو آڻي وات ۾ وجهين! گهر جي سهڻ ۽ ڪم ڪاج جو سندن شان وٽان ئي ڪينهن. مائٽ ٻئي سڀ سوچين ٿا- پٽ پالي پاڙهي وڏو ڪيوسين صرف پرائي ڄائيءَ جي سک سهنج لاءِ ڪيئن! اَسان به ته ڪجهه لهڻو ڪين ڌ!! مائٽن جي ٻڌ ڪجهه وقت رڳو ٽاري ڌ! شاديءَ کان پوءِ ڇا ٿيندو، سا ته خبر خاوند کي!!

پر مون وٽ ته اَهڙي ڪا ڳالهه هئي ئي ڪانه. گلوءَ سان سندس شاديءَ جي ڳالهه ڪيم ته چيائين، ”دادا، ٽڪڙ کهڙي پيئي آهي. ڦهي ويئي ٽوڙيائي آهي؛ پهرين پاڻ ته ڪٽان.“ مونکي سندس حجت بلڪل ئي واجب لڳي، جنهن ڪري مان ڪنڌ کي وهاڻو ڏيئي ويهي رهيس ۽ ماڻهن کي جيڪي چوڻو هو، سو هوُ چوندا ئي رهيا. ڪجهه وقت پڄاڻان پٽ کان ورهي ٻڌم ته آناڪاني ڪانه ڪيائين. ماڻس سان ڳالهه ڪيم ته جنسي ٺري پيئي، جنهن ڪري مان ٻڌ ڦوليو ته سماڻس! هاڻي خاص دير ڪانه لڳي- ڇوڪريءَ جون هوهند لڳيون پيون آهن ڇالگون، سو گلوءَ لاءِ ڪنوار چونڊڻ ۾ ڪهڙي دير لڳڻي هئي! گوپال کي جهٽ ڪڻي مڱايوسين.

'ڀائي، اها نہ ٿي اوهان جي پسند پئي. اسان جي وچ ۾ اڻهيءَ ڀاري ۾ اڃا سوڊ و ڳالهہ چري ٿي ڪانهي. مون نہ ڀاڻ گوپيءَ کي چٽو ڪري لکيو هو تہ، خود مڱڻي جي مصري پڻ واجبي لهوني هٿڻ گهرجي - اڌ مٻر ۽ ڏيکاءَ جو نہ سوڊ آهي ۽ نہ سبب. مان شادي هڪ سؤد و ڪري ڪين ٿو سمجهان. ڪنوار پتا سڀئي ساري ڏيءَ ڪڍي ڏين، اها ڪافي ناهي ڇا! اُنهن سان ٻي ٻول چول کهڙي ڪبي!! اوهان جو مت ئي شايد اهو ٿو ڏسجي تہ ڪنوار پتا الڏ بہ ڏين ۽ لڏائي بہ!!!'

''ڀائي، تون عجيب انسان ٿيئين! سيٺن کي سمجھ ڪرڻ کان بہ ٿو روڪين!'' 'اوهين تہ ڳالهہ ڪري ويا. هڪڙو اڳلو ناٽو هاري، ٻيو آءٌ پاڻ پٽيان! سڀ شيءِ مان تہ ڪين ڏهيندس؛ ضرور مٽن مائٽن ۾ اهـا وراهٽي پولدي. ڪو مائٽ ڪولا يا تہ، ڪو ڪليانڻ- ڪو اولد-پر، ڪو سؤلد پر. اها ڳهل بہ گهوري، پر تنهن هولدي بہ ڪير ڪٽي سرچي! اڪ موڙ پيٺي پولدي - ڪنهن کي وزن نہ لکائيندو، ڪنهن نہ کي جنس نہ مکانيندي. راهہ گناهہ تي ڪنهن جي هڙ ڦرانڻي ۽ پاڻ کي پڻ هلاڪ ڪرڻو!!'

ٻين پڻ گهڻو ڪجهہ چيو، پر اهو ڪين ٿي ليکهہ؛ باقي اسين پنهنجي سر خوش ۽ ڪنوار وارا پنهنجي پر پوسن.

سوال. سو مائٽ آهن منهنجا، ان جو وات منو ڪرائڻ جي ذميواري منهنجي ئي آهي! الهيءَ لاءِ جي پنهنجي هڙ ڦوريم ته اُن ۾ حرج ئي ڪهڙو! اهو پڻ ڪدوار وار ڇو پڙين!!"

ماروت وري چيو، "ڏاڍو ڳجهڙو نڪتين! نڪا خبر نڪا چار. اَسان کان ته سڀ ڪجهه ڪوئي پڇندو آهين!!"

'پائي، اُوهين تـه سڀڪا ڳالهه پاڻيهي تـه موسان ڪندا پيون آهيو. ڇاڪاڻ ته مون ۾ پڇ پڇ جي عادت ئي ڪانهي ته اُوهان کي اُڻ تڻ ٿي پيهندي آهي ۽ جڏهن ته اُوهين مونکي پنهنجو خير خواهه ئي سمجهندا پيون آهيو، تڏهن ڪري موسان ڳالهه ڪرڻ ۾ وايوم ڪين لڳندي اٿو.'

"اها تـه ڳالهه ٿـي ٺاهي. پر آخر ڇوڪري ڏٺيءَ ڪٿي ۽ پسند ڪيئن ڪيوَ؟ ڪا پڇا ڳاڇا بـه ڪيوَ، ڪين سڀ شب ۾ طئه ڪري ورتهُ؟"

'پائي، پيت جايون هر ڪڏهن وت وينيون آهن، پوءِ ڏسڻ جـو ڏيک تماشو ئهي ٿو ڇا! باقي رهـي پڇا ڳاڇا. ڇوڪري آهي دادي پوڄيءَ جي ڏوهٽي، تڏهن لاءِ ڪهڙو پڙهو گهمائڻو هو؟"

"پقات، تون ايشڪ مڙني کان گوءِ کڻي وئين!"

ماميءَ جـي پيڻ وري چيو، "روز شيءِ ايندي هوندءِ، نت نئين! اَسان ۾ ته اَڪ ڏينهن سالدهه ٽولن جي ٽم لڳي پيئي هوندي آهي، سو ٽنهنجي گهر ۾ ته ٽوڪون ۽ منائن جا پير لڳي ويا هوندا!!"

"هوٽل ۾ محفل ٿيندي." هيءُ ٻُڌون اندرو ڏسڻ وٽان هو؛ سو ٻاروت کي چيم، "حاضر، گهر ۾ شاديءَ تي ته ضرور اچبو، باقي هوٽل ۾ ٻهچڻ کي ڏسي ونبو." منهنجي اڏوري هاڪار تي ٿي راضي ٿي گهوٽ ڪنوار اٿي ڪڙا ٿيا، جو ڪن ٻين کي به، تو ضرور ٿي ٻهچائڻو هون؛ ٻوري به اچڻ لاءِ زور ڀريندي، منهنجي "ها، ضرور اچبو"، تي وک کڻي لڪري ويا.

گوريءَ مولکي گهر ۾ شاديءَ تي اچڻ جو لوتو ته ڏنو هو، پر ماءُ جي موڪل کان سواءِ!! هونءَ ته اُهيءَ ۾ هن ڪا اريع خطا ڪانه ڪئي هئي، پر ٻمبئيءَ جا گهر ۽ جايون آهن ڪٻڏڙيون، جتي جهجها مهمان مايائي سگهجن! سو شاديءَ جو لوتو ڪن چڊن مائٽن کي ٿي ڏنو ويو هو. شاديءَ تي ته مولکي وڃڻوني هو، پر اهيءَ لاءِ ملپل ليدي رکيم ٻمت ۾، ته ڪٿي حسد ۽ ايرکا نه پڙڪو کائي اٿي- هيءُ ڪهڙو وڏو مائٽ اچي لٿو هو، جو اسالکي والجهي، هن کي لوتو ڏنو ويو هو!! ڪکر ۾ ڪڙو نه وجهڻ جي خيال کان ٻمهنجي انج نولي جي ڳالهه ٻهه ڪنهن سان ڪين ڪيم.

شاديءَ واري ڏينهن ساجهرئي منڙي لند ڪري، سهي سنيري آيس لالاٽي گهر. ويڏي پڙهجي ٻوري ٿي هئي ۽ هري ۽ سندس مگـــ، اگني ديوتا کي ٻرکوما ڏئي، گهوٽ ڪنوار ٻڌڻ جي ٻونين ڦيري ۾

٥٥- ساک جو سُوٽ

الهيءَ ڏينهن گوري ۽ گهوٽس، ليلا-ٽنڊو هٽن ۾، اَچي اَسان وٽ لٿا. گوريءَ جي ڀاءُ هريءَ جي شادي هئي. ناناڻن وٽان شاديءَ جو نوتو اَچي ته ناڪار نه ڪرڻي ڪا هئي؛ سو هڪدم ڪارڊ پڙهيم ته ڪڏهن ۽ ڪٿي ڀيڄڻو هو. شادي ڀرين تاريخ تي هئي ۽ شاديءَ جي شان ۾ شغل ٿيڻو هو ڪوهه. ڪاف آي- هوٽل ايبراءِ-شيراٽن ۾! پر مهني جي ٻنهي ڀرين تاريخ پورا پنجٽيهه رپيا پيلي- ڪاري موٽر تي ڪير سهسائي! مان ته الهيءَ لاءِ تيار ڪونه هوس!! سو نهه ٻهه چيو مان: ”ڀائي، جي موٽر موڪليندا ته حاضر اَچبو، باقي ڀرين تاريخ پنجٽيهه رپيا ڪوڙا ڪرڻ جو نه في الحال ويچار ڪونهيم“ گوري سمجهُو لڳي؛ هڪدم چيائين، ”واهه ڀڦات صاحب واهه! ڀرين سچو نوتو ولي ته پورو ڪريو. فقط ڪارڊ پڙهي، ڇُوٽ مان ڪٽي ”ٺ“ ڪيو. شادي ڏينهن جو اَپائي ٽي ٻجي گهر ۾ ٿيندي، اُتي ته سولائيءَ سان اَچي سگهندا- گهر ويجهو ني ته آهي.“ الهيءَ تي پڇيومانس، ”گوري، ڪوٺي ته ڪرستان آهي، سا ڀائيڙ جي وڏيءَ واري شادي سوڪار ڪندي؟“ هڪدم وراڻي ڏنائين، ”ڀرين گهر ۾ هندو وڏيءَ اَنوسار ولڏي پڙهبي، پوءِ ديول ۾ ڪرستان ڪريا موجب شادي ٿيندي ۽ پوءِ ني

توکان پنهنجي شادي پلجي وئي آهي ڪيئن!! گهوٽ ته تنهنجي گهر تي منهنجي پر ۾ مرڪي رهيو آهي!!!

هاڻي ڏيڍ مهيني جو وارو آيو- ٻانڀڻ ڏکڻا وٺندو وڃي ۽ سلوڪ اُچاريندو، سلوڪ جي آرتا ڪندو وڃي. پر هرڪو جيڪو رُپئي وارو نوٽ رکندو وڃي، سو اَڳئين کان وڌيڪ ميرو! "مهراج، هيءَ نوڳي نوٽ ڪارج ڪيئن سڌ ڪندا!!" "سائين، بزار ۾ اِهي به هلندا. اَج ڪالهه نوان نوٽ اُلٽ اَچن ڪٿي ٿا- اِهي ته پئين نمبر وارن نوابن ٻاڻ وٽ قبض ڪيا ٿا ڏسجن! اَسانجو ڪم رقم سان، پوءِ اِها ڪهڙي به رنگ ۾ ڇو نه ڪين ڪٽي هجي!!" هاڻي گهوٽ جي اَهنڙ جو وارو آيو. هن ڏيڍ ته مهنو شروع ڪيا، پر بنا ڏکڻا رکڻ جي! اِهيءَ تي مون ٻانڀڻ کي هڪل ڪئي، "مهراج، چست ٿيءُ؛ ڇو ٿو ٻاڻ کي ڪس لائي- و. ڏکڻا پهرين وصول ڪريو. وقت- سر وصولي نه ٿي ته اَوهانجو حق ڇٽو." اَهنر اَڳي ئي ڪو تتل هو، مٿان جو مون ٽيڪا ٽپڻي ڪئي ته، منهن ڳاڙهي هٽي ويس ۽ جهٽ ۾ رڌيو ڪڍي ڪيائين ٻاهر.

مولکي ديول ۾ شاديءَ جو رولشو ڏسڻ جو نه چاهه هو، نه ويچار. سو گهر ۾ شاديءَ جي سماپتيءَ تي جڏهن ٻيا ديول ۾ وڃڻ جي تيارين کي لڳي ويا ته مون پنهنجي گهر ڏاهن وڪ ڪئي. رستي تي آيس

هئا. جهٽ ڦيرو پورو ڪري، جايون مٽائي، جوڙو اَچي وهانوءِ واري سيج تي ويٺو- ڇوڏاري واڌايون وري ويئون ۽ ٽاڙين جو ڦهڪو ٻيا پير جي ڳچ دير تائين جاري رهيو. شاديءَ جي باقي هڪ ٻه رسم ادا ڪرڻ لاءِ وڃي رهي. ٽاڙيون پوريون ٿيون ته براهمڻ ڇوڪريءَ جو هٿ ڇوڪر جي هٿ ۾ ڏيئي، اهو سندس ڪرم تي رکارايو- فوٽو نڪري ويا، لاڏا ڳائجي ويا، پر ڇوڪري واتڙن جيان نهاريندي ئي رهي!! انهيءَ تي مون ٻانيڻ کي ڪڙو ڪيو- ”مهراج، ڪنوار کي سندس ٻوليءَ ۾ سمجهايو نه، ته آخر هن ڪارنامي جو پريوجن ڪهڙو آهي.“ تڏهن براهمڻ ٽڙيل ٽاٻڙيل انگريزيءَ ۾ ڇوڪر کي ٻڌايو ته- گهوٽ سوامي توکي چوي ٿو ته ”تون جهڙي ۽ آهين آءٌ توکي اگني ديوتا جي حاضريءَ ۾ ۽ مٽن مائٽن جي ڏٺي پنهنجي خوشيءَ ۽ رضا سان پنهنجي اَرڌ- انگني ڪري سويڪار ٿو ڪريان ۽ سوڳند ٿو کڻان ته آءٌ توکي انهيءَ پد تي سديو قائم رکندس ۽ هر هميشهه توکي سکي ۽ خوش رکڻ جو يتن ڪندس.“ ٻانيڻ، گهوٽ جو هيءُ سوڀشت سنديش ڪنوار کي سمجهائي، باقي رهيل رسم پوري ڪرڻ شروع ٿي ڪئي ته پريان ويٺل ڪنهن مائٽياڻيءَ هڪل ڪئي ته ”مهراج، ڇو ڪنوار کان اهڙو قول ڪين ٿا ڪرايو؟ انهيءَ تي مون دخل ڏنو، ”فلاڻي، توکي ڇا ٿيو آهي!

ته ڇوڪرن ٻنهي ٻٽ پال راند ڪئي. ٻار چڱا وڏڙا
هئا. مولڪي نزديڪ آيل ڏسي هنن منٿ ٻه راند مهمل
ڪئي، ته ڪٿي هن 'بزرگ' کي ڪو ڪاٻار وارو ايذاءُ
نه رسي. مان جڏهن وٽائن تي لنگهيس ته منجهائن
هڪ، ٻئي کي چيو، "ڏس، ڏس، هن ڪئي چوريءَ
آيل ولائتي ڪپڙي جو سوٽ پيو آئٿي! ڏس، ڪپڙو
ڪٿن نه پيو چلڪي!!" اهو ٻڌندي منهنجي منهن تي
مرڪ مڙي آئي. ديش جي دشا اهڙي ڦري چڪي
هئي جو ديسي شيءِ پرديسي تي ليکي وئي! مولکي
ته هٿ اُٽيل ابج سلڪ جو سوُٽ پيل هو، پر انهن
ٻنهيءَ وارن جو ولائتي ٽيريلين پيل ڪپڙو عام جام تي
وپرايو، ته ڪين منهنجي سلڪ جو سوُٽ نرالو ٿي لڳو ۽
پڪ هين ته اهو ضرور ٻاهر جو ٿي هوندو. ويتر جو
وپجهڙائيءَ ۾ سرڪار لڪچوريءَ مال آڻيندڙن خلاف
ڪاٽ ڪهاڙا ڪنيا هئا ۽ اهڙين خبرن ۽ گرفتارين جو
اَخبارن ۾ هرروز ڦهڪو پئي پيو، سو ڇوڪرن انهن
ٿي سمجهيو ته هيءُ نرالي وستوُ ولائتي ٿي هوندي ۽
پڪ ٿي پڪ لڪچوريءَ آندل هوندي!! پر شڪر جو
تازو ٻمبئي پوليس ان لڪچوريءَ آندل مال ڪم آڻيندڙن
تي ڪن نؤ-سو ديشيءَ جي شيدائن جي ڪيل عقوبتن
خلاف نوٽ ۽ ڏڪا قدم کنيا هئا، نه ته هوند منهنجو
سوُٽ نه کهه پيو، شايد خود آءٌ به سڄي لڱين سالم، گهر
موٽي ڪين سگهان ها!!